انٽرويو ۽ تقريرون

انور پيرزادو



انٽرويو

۽

تقريرون

انور پيرزادو

ڪتاب: انٽرويو ۽ تقريرون
ڪمپوزنگ ۽ پيج ميڪنگ: عمير علي ميمڻ
0314 - 2580057
ڪيليگرافي: راز ناٿن شاهي
ٽائيٽل: عميق پيرزادو
پريس: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيءَ جو سال: جنوري - 2011ع
تعداد: هڪ هزار
قيمت: 225 رپيا

ڇپائيندڙ: انور پيرزادو اڪيڊمي
A-64 فيز -1، گلشن
حديد- ڪراچي
فون:021-34718481
0334-3007566

سَنُاءُ

■ پنهنجي پاران 5

■ جديد ڀٽائيسٽ ۽ سنڌ جو عاشق ..... (حسن مجتبيٰ) 7

<u>انٽرويو</u>

■ ڀٽائيءَ جي فڪر جي موجودگيءَ ۾ سنڌ کي ڪنهن ٻئي فڪر جي ضرورت ناهي 13

■ سنڌين کي هينئر مايوس ۽ ڪرپٽ ڪيو پيو وڃي 49

■ هر دور جا حڪمران سنڌ جا ملزم آهن 73

■ بنگال خلاف آپريشن جمهوريت جو قتل هو 77

■ هڪ اهڙو جديد نظريو جوڙڻو پوندو، جنهن جو محور ڀٽائيءَ جو پيغام هجي 98

■ سنڌ جي تاريخ سان اهڙا ماڻهو ڇيڙ ڇاڙ ڪري رهيا آهن جن کي سنڌ جي جاگرافيءَ جي به خبر ڪانهي 103

■ سائين جا پوئلڳ پيو سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا - پر پيو جي ايم سيد پيدا نٿا ڪري سگهن 110

■ اڄ جي دور ۾ سنڌي ادبي سنگت کي اين جي او جي صورت ۾ هلائڻو پوندو 114

■ جيڪڏهن سنڌ جا مسئلا حل نہ ٿيا تہ ذاريون 121

قومون هتي پنهنجيون ڪالونيون ٺاهينديون
- منهنجو وس هلي ته ڀٽ شاهه کي ”يونيورسٽي ٽائون“ ۾ تبديل ڪري ڇڏيان 126
- اياز ڪانپوءِ به سنڌي ٻوليءَ جا وڏا شاعر موجود آهن 130
- ڪاروڪاري: عورت تي مرد جي بالادستي، داداگيري ۽ سماجي دهشتگردي جو اظهار آهي 133
- ڀٽائيءَ جي فڪر کان آگاهي منهنجي زندگيءَ جو يادگار واقعو آهي 137

تقريرون

- شاعر هڪ اهڙي دنيا ٺاهيندا آهن، جيڪا رهڻ جي لائق هجي 144
- هدايت منگي ۽ تاريخ جا انڌا ماڻهو 150
- نذير عباسي جي بهادري 157
- لائيندس لڱن کي ملیران ميندي 161
- جيڪڏهن مون وٽ اختيار هجن ته مان سڄي دنيا کي سنڌ ٺاهي ڇڏيان 168
- سنڌ جاگرافيائي ۽ تاريخي طور پنجن يونٽن جي هڪ فيڊريشن آهي 177
- سنڌي صحافت ۽ ان جا مسئلا 182
- سنڌ ۽ شاهه 185

درِ حضور: ڀٽ ڌڻي 189

- ڀٽ شاهه تي رڪيل وزيٽرس بڪ ۾ لکيل تاثر ۽ ايف آءِ آر

پنهنجي پاران

انور پيرزادو اڪيڊميءَ پاران مختلف اخبارن ۽ مئگزينن ۾ ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل انور پيرزادي جي تحريرن کي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ وارو سلسلو جيڪو سال 2007ع کان شروع ٿيو آ سو انتهائي ڪاميابي وچان جاري آهي. اسانکي اهو محسوس ڪندي بيحد سرهائي ٿي رهي آهي تہ ڇئن سالن اندر انور پيرزادي صاحب جو هيءُ ستون ڪتاب اڪيڊميءَ شايع ڪيو آهي.

هيءُ ڪتاب نالي مان ئي ظاهر آهي تہ انور پيرزادي جي انٽرويوز ۽ تقريرن تي ٻڌل آهي ۽ اسان انور پيرزادي جي ڪتابن تي موضوع وار نالا رکڻ جي روايت کي برقرار رکندي هن ڪتاب جو نالو بہ انٽرويوز ۽ تقريرن جي صنفن کي آڏو رکندي رکيو ويو آهي. البت اُهي عنوان جيڪي انور صاحب پاڻ پنهنجن ڪالمن يا تحريرن کي ڏئي ويو آهي تن کي جيئن جو تيئن برقرار رکيو ويو آهي. مثال طور ڪتاب "متان وساريو"، ڪتاب "ممبئي ياترا" جا نالا انور صاحب پاڻ لکي ويو هو البت پتائي، سنڌ، مهين جو دڙو، جديد سنڌي ادب، انٽرويو ۽ تقريرون وارن ڪتابن جا نالا انور پيرزادو اڪيڊميءَ پاران صلاح مصلحت بعد موضوعن جي مناسبت سان رکيا ويا آهن.

هن ڪتاب ۾ شامل انور پيرزادي جا انٽرويو ۽ تقريرون ڪجهہ اخبارن ۽ مئگزينن ۾ ڇپيل آهن تہ ڪجهہ وري آڊيو ۽ وڊيو ڪئسٽن تان لاٿا ويا آهن. ريڊيو لاڙڪاڻي لاءِ هدايت منگيءَ کي ڏنل هڪ يادگار انٽرويو محمد علي پٺاڻ صاحب انتهائي محنت، پيار ۽ احترام وچان ڪئسٽ تان لاهي انکي لکت جو روپ ڏنو آهي. اسان عنايت ميمڻ صاحب جا بہ ٿورائتا آهيون جن ان انٽرويو جي ڪئسٽ ڏئي ڪري هن ڪتاب لاءِ اهو انٽرويو مُهيا ڪيو آهي. جڏهن تہ آڊيو ۽ وڊيو ڪئسٽن تان انٽرويو ۽

تقريرون لاهي انکي لکت ۾ آڻڻ جو باقي سمورو پيار جو پورهيو امر پيرزادي ڪيو آهي.

انور پيرزادي جي ڏنل انٽرويوز جي خاص ڳالهه اها آهي ته اهي انٽرويو ساڳي وقت انور پيرزادي جي چئن ته آتم ڪٿا ب بڻجي آڏو آيا آهن. انور پيرزادي انهن انٽرويوز ۾ ڪافي تفصيل سان پنهنجي زندگيءَ جي مختلف دورن تي ڳالهايو آهي. انهن انٽرويوز ۾ انور صاحب پنهنجن شخصي، ادبي، سياسي، صحافتي ۽ تحقيقي شعبن تي ۽ انهن دورن جي سياست، ادب، صحافت، تاريخ ۽ سماج تي جيڪي رايا ڏنا آهن تن هن ڪتاب کي ساڳي وقت تاريخي ڳٽڪو پڻ بڻائي ڇڏيو آهي.

هن ڪتاب جو ٻيو ڀاڱو انور پيرزادي جي يادگار تقريرن تي ٻڌل آهي. انهن سدابهار تقريرن جي اهميت ۽ ضرورت کي محسوس ڪندي اهي ب مختلف آڊيو ۽ وڊيو ڪئسٽن تان اتاريون ويون آهن. انور پيرزادي جي هڪ وڏي خوبي ۽ سڃاڻپ هن جي ڳالهائڻ جو حُسن ب هُيو. گهڻن دوستن جي اها خواهش هُئي ته انور جون "انفارمل ڪچهريون ۽ "تقريرون" جيڪڏهن اُتارجن ته اُن ۾ انور جو اِهو منفرد پهلو جنهن کي Art of Oration چيو وڃي ٿو سو پڻ تاريخ ۾ محفوظ ٿي سگهي ٿو. ان حوالي سان سندس تقريرون هڪ اهم دستاويز ثابت ٿينديون.

جڏهن ته هن ڪتاب جو ٽيون ۽ آخري ڀاڱو ڀٽ شاهه تي مور فقير جي آستاني مورنگر تي رکيل "وزيٽرس بڪ" ۾ لکيل انور پيرزادي جا مختصر ۽ انتهائي دلچسپ تاثر آهن. اهو وزيٽرس بڪ انور پيرزادي صاحب پاڻ ئي مور فقير جي اوتاري ۾ رکرايو هو جنهن ۾ ڀٽ شاهه تي اينڌڙ ڀٽائي جا عاشق پنهنجا تاثر قلمبند ڪندا رهيا آهن. انهيءَ وزيٽرس بڪ ۾ انور پيرزادي صاحب ايف آءِ آر جي شڪل ۾ پنهنجن پيارن جي لاڏاڻي تي در حضور ڀٽ ڌڻي پنهنجا سور ب اوريا هيا ته هڪڙيون فريادون، دانهون ۽ شڪايتون ب درج ڪيون هيون.

اسانکي اُميد آهي ته انور پيرزادو اڪيڊمي پاران ڇپايل پوين ڇهن ڪتابن جيان انور پيرزادي جي هن ڪتاب کي ب وڏي پذيرائي ملندي.

انور پيرزادو اڪيڊمي

مهاڳ

جديد پٽائيسٽ ۽ سنڌ جو عاشق

سنڌ، موهن جو دڙو، ڀٽائي، سوڀو گيانچندائڻي ۽ شيخ اياز جو ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ انهن شين گڏجي انور پيرزادو ٺاهيو هو. بلڪل فراق گورکپوري چواڻي:

"مت سہل ہمیں جانو پھرتا ہے فلک برسوں
پھر خاک سے پردے سے انسان نکلتا ہے"

سنڌ ملڪ جي خاڪ مان نڪتل هي افتادگ خاڪ يعني ”مٽيءَ هاڻو ماڻهو“ جنهنکي ”انور پيرزادو“ سڏين ٿا ٿهڻ ۾ صديون لڳنديون آهن.

موهن جي دڙي جي مٽي مان نڪتل اهو ماڻهو جنهن جو نالو محمد پريل (انور پيرزادو) هو، مٽي هاڻو ماڻهو هو ۽ مٽي هاڻن ماڻهن ۾ بلڪل ايئن آيو هو جيئين ڀٽائي چيو هو:

ماڻڪ مٽ سندوم اونداهي ۾ سوجهرو

هي سنڌ جي اونداهي ۾ سوجهرو ڦهلائيندي ڦهلائيندي اونداهي ۾ گم ٿي ويو پر پنهنجي ڇڏي ويو آهي روشني سندس ڳالهين جي، شاعري جي، لکڻين ۽ تخليقن جي، تقريرن جي، انٽرويوز جي، ڪچهرين ۽ رولاڪين جي، کوجنائن ۽ ڏسڪورن جي، عشق ۽ يارن جي، مهم جوئين جي ۽ محبتن جي. دلين ۽ دل وارن جي نندبن پٺيان ڪڇي جي پڪي چورن جيان، ۽ سنڌ ۽ انهيءَ جي ماڻهن سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين جي ووڙ پٺيان ڪنهن پيروڏي جيان. انهيءَ روشني جي هڪڙي ننڍڙي ڳنڍ انور پيرزادو

اڪيڊمي پاران هي تازو ڪتاب "انٽرويو ۽ تقريرون" اوهانجي هٿن ۾ آهي.

انور پيرزادو هڪ ڏگهي عرصي پڄاڻان ٻه هزار هڪ ۾ مونکي واشنگٽن ۾ مليو هو ۽ اسين ورجينيا رياست ڪان پوٽامڪ ندي پار آمريڪي گادي واري شهر وچي رهيا هئا سين تڏهن هن پوٽامڪ ندي ۽ ورجينيا جي ساوين پنين ۽ اڪثر تماڪ وارين پوڪن ڏانهن ڏسندي چيو هو "ابول هي آمريڪي پَٽ چڻ ته سنڌ جهڙا آهن؟!" ۽ ڪجهه دير تائين انهن لينڊ اسڪيپس ڏانهن نهاريندي گم ٿي ويو هو ۽ اکيون بند ڪندي هڪ ننڍڙي ٽپي هٽي پٽائي جي هن بيت سان موٽي آيو هو:

سچو جي سائيهه، ته ٻه ونهيٺان ئي وترو،
گهوريو سو پرڏيهه، توڙي قلن چانئيون.

پر جي اوهين انور جي هن ڪتاب کي پڙهندا ته اوهان کي لڳندو ته سنڌ ديس پنهنجي سچائي مان نڪري سچو قلن چانئيو بڻجي ويو آهي گهٽ م گهٽ انور وٽ ته اهڙي سچي ديس کي پاڻ وهيٺو ۽ وترو بڻائڻ لاءِ ڪيئين خواب ڪيئين گيت ۽ ڪيئين ڳالهيون يا مشاهدا هئا جيڪي هن ڪتاب ۾ جا بجا ملن ٿا. ڪيئين ڳالهيون انور ۽ انور جي زندگي ۽ سنڌ يا ملڪ بابت تجربن ۽ مشاهدن بابت مون لاءِ پي نيون ۽ يا عمر توٽي پيڙهين تائين سانڍڻ جهڙيون آهن.

مون اڳي ٻه چيو هو ۽ هاڻ پيهر چوان ٿو هو سنڌ جو عاشق ۽ ان جي هر نڪر پتر، لاڙ وچولي، ڪڇي، ڪاڇيءَ اتر ڪوهستان، ڪراچي جي سر سر سان پيار ڪندڙ ۽ ان لاءِ مهاڏو اٽڪائي بيهندڙ ماڻهو هو. هو روشني جو سفير هو انڪري هنکي هر قسم ۽ هر سطح جي جهالت، ڪٽرپڻي پوءِ اهو مذهبي هجي يا نظرياتي، ساڃي هجي يا کابي، نسلي هجي يا ذاتي يا قومي، انور انکي هڪ وڏي نانهن سان ٽڙيندو هو ۽ هن ڪتاب ۾ ٻه انجو اظهار ڳائي وڄائي ملي ٿو. هو چڻ ته پنهنجن وِيچارن ۾ هوا جي سخت مخالف ڏيئو ٻاري ويٺل شخص هو بلڪل شيخ اياز چوائي:

ڏيئو پار ڏيئو پار
تنهنجي ڌرتي ديپ ڌڪاريا
تون نہ ڌڪار
ڏيئو پار

هن ڪتاب ۾ انور جا ٽي انٽرويوز اصل ۾ هن جي زندگي ۽ انهيءَ جي مختلف دورن مان چا لڌو چا وڃايو تي گهڻن ئي سوالن ۽ جوابن تي ٻڌل آهن. خاص طور انور جو ڳوٺ ٻلهڙيجي جنهن کي غلط طور ڌر ڏٺين جي ترديدن باوجود "لٽل ماسڪو" ڪري پئي سڏيو ويو (جيڪو نانءُ انور هڪ هنڌ لکيو آهي تہ اهو نانءُ انور واري لڏي جي داناءُ دشمن ۽ جماعت اسلامي جي سنڌي همدرد قربان علي بگٽي رکيو هو) ڏاڍي دلچسپ پڙهڻي آهي. اهو ڳوٺ جيڪو سماجي ۽ سياسي شعور جي حساب سان سنڌ چا سموري پاڪستان ۾ بہ شايد هڪ اڌ اهڙن هنڌن مان هڪ يا "واحد هو لاشريڪ" ڳوٺ هجي. خاص طور اتي گذاريل انور جو ننڍپڻ، صوفياڻو ماحول، انور جا ماءُ پيءُ، انور جو قبلو سوپو گيانچنداڻي، استاد غلام رسول منگي، هدايت منگي، اڳوڻو ۽ هاڻوڪو پيارو گلاب پيرزادو، پرپور فقير، انور جو وڏو ڀاءُ فقير يار محمد ۽ ٻيا صوفي ڪردار ۽ موهن جو دڙو ۽ ان تي ڪم ڪندڙ جڳ مشهور آثار قديما جو ماهر ڊاڪٽر جارج ايف ڊيلس، عبدالرحيم پيرزادو ۽ سندس ڳوٺ جي اسڪول ۾ ٿيندڙ ڊراما، پيون ڪيئين ڪهاڻيون تن تي هن ڪتاب جي هڪڙي پڙهندڙ جي حيثيت سان منهنجي تہ سئي ڪڏهوڪو اٽڪي پيئي آهي. انٽرويو وٺڻ وارا بہ ڪي وڏا استاد آهن پر اڳيان بہ انور آهي جنهن هڪڙي ڪليل ڪتاب وانگر پنهنجي زندگي ۽ خيال سندن پڙهندڙن لاءِ سدا وانگر کولي ڇڏيا آهن پر پوءِ بہ الائجي ڇو انٽرويو وارا، گهڻا انور کان سندس هر هر عشق بابت پڇندا رهيا. انور وٽ هر شيءِ " نان ڪلاسيفائيڊ" ٿي سگهي ٿي سواءِ هن جي عشق جي جيڪو سندس ئي لفظن ۾ پتائي جي ڪنير جيئن آويءَ ۾ پوريل ۽ پچندڙ ٿانءُ وانگر هيو. پاهر ڀاڦ نہ نڪري. انور جا انٽرويوز چڻ تہ انور جي زندگي تي ڪنهن ناول جي

ڪجهہ پنن جهڙا آهن. مان انور جي پڙهندڙن، چاهيندڙن ۽ نہ چاهيندڙن تي پنهنجي راءِ ٿتو مڙهڻ گهران. وڌيڪ وئو ڪم اڪين ڪان.

انور پنج هزار سالن جو پراڻو سنڌي ۽ ويهين توڻي ايڪويهن صدي جو ماڻهو هو. ڪتاب ۾ ڏنل انٽرويوز هنجي تقريرن يا بحثن ۾ هڪ پراڻي سنڌ جي مستند ڪٿا ۽ نئين سنڌ جو ويزن آهي جنهن جو سرچشمو هو بنيادي طرح ڀٽائي جي شاعري کي سمجهي ٿو. هڪ اهڙي سنڌ جو ويزن جيڪو عورت جي مڪمل آزاديٰ کانسواءِ اڻپورو آهي ۽ انور اهڙن آدرشن ۾ ويساهہ جو عملي مظاهرو پنهنجي گهر ۽ پنهنجي ڳوٺ مان ڪيو، هن جي ڳوٺ ۾ عورتن جو تعليم سان چاهہ ۽ جاڳرتا ۾ انور جو ئي وڏو هٿ هو ۽ هن ڪتاب ۾ ڪيئين هنڌن تي سنڌ جي سمورين عورتن کي هن ڊاڪٽر زبيده پيرزادي ڏسڻ پئي گهريو. هو عورت مٿان تشددُ ڪندڙ ۽ ڪارو ڪاري ڪندڙ سنڌي مرد ۽ سنڌ مٿان مستقل قومي مصيبت، ڌاڙيل کي مڙس ماڻهو تہ ڇا پر غيرت جي غين جي ويجهو بہ ٿتو سمجهي.

مونکي لڳندو آ انور سنڌ ڇائو ۽ سنڌ جي کوجنا واري رل پن ۾ هڪ بيو رچرڊ برٽن هو. اوهان ڀل رچرڊ برٽن کي سٺو نہ سمجهندا هجو پر هو شخص بہ پنهنجي دور جي سنڌ بابت پنهنجن مشاهدن جو "انور پيرزادو" هو. پر انور سنڌ کي رچرڊ برٽن نہ پر سڀئي تي ڪري جهاڳيو هو. انور ۽ انور جي لکئين جي جيڏي اڄ لوڙ آهي اوتري شايد اڳ بہ هئي ڇو تہ هو ڀٽائي جي سر رامڪلي جهڙو، موهن جي دڙي جو ماڻهو، اڏوتي، اڙٻنگ، صوفي، لاڪوفي، مذهبي انتهاپسندي ۽ بنيادپرستي جو ڪٽر مخالف سنڌي ليکڪ ۽ انسان دوست فنڪار هو. حيرت ڪو نہ ٿيندي جو ڀٽ شاهہ تي صوفي يونيورسٽي وارو انور جو لکيل خواب ۽ ويزن واري ڳالهہ هاڻوڪي پي پي پي حڪومت چورائي ورتي هجي.

هو هڪ جديد ڀٽائيسٽ ۽ سنڌ جو عاشق هو، هو خطرناڪ سنڌ پرست نہ هو. سنڌو درياءُ جي ڪروڙن سالن جي ڪٿا ڪانوڻي سنڌ جي فاتحن جي گهوڙن، ٽنڪن، لانگ بوٽن توڻي قلم هٿان لوئجڻ خلاف هو لاڳيتو ويڙهہ ۾ هو ۽ سندس اهڙي ويڙهہ ۽ داستان گوئي جي پڇار هن ڪتاب ۾ پڻ آهي. انور تي مون لاءِ زمان ماضي ۾ ڳالهائڻ ڏکيو آهي. هو

واحد سنڌي شاعر ۽ صحافي هو جنهن اڳوڻي اوير پاڪستان (هاڻوڪي بنگلاديش)، بلوچستان ۽ سنڌ ۾ فوجي آپريشنن خلاف لکيو، پاڪستان ۾ جمهوريت جي بحالي واري سنڌ مان تحريڪ جي رپورٽنگ ڪندي ۽ جيل قبوليا اهو هن ڪتاب ۾ به هُن ٻڌايو آ. " زندان جون ديوارون ڳوليون ڪالهه ڇڏي گهر گهاٽ اسان- چوڌاري چمڪاٽ اسان ".

سنڌ جي هن عاشق، شاعر ۽ رولاڪ جي ديار دل ۽ داستان محبت سمجهڻ لاءِ هيءُ ڪتاب گهڻو ڪجهه ٻڌائي ٿو.

—— حسن مجتبيٰ
نيويارڪ
ڊسمبر اٺويهه ٻه هزار ڏهه

انٽرويو



هندستان جي دور درشن ٽي وي چئنل کي انٽرويو ڏيندي

پيٽائيءَ جي فڪر جي موجودگيءَ ۾ سنڌ کي ڪنهن ٻئي فڪر جي ضرورت ناهي

انٽرويو: انور ابڙو

جيڪڏهن سنڌ ۾ آيل ڪو پرڏيهي ماڻهو مون کان پڇي ته، “سنڌي ماڻهو ڪيئن ٿيندا آهن؟” ته مان ڪيس سڌو محترم انور پيرزادي صاحب وٽ وٺي وڃان ۽ ڪيس چوان ته، “اجهو سنڌي ماڻهو هيئن ٿيندا آهن.”

سنڌي ماڻهوءَ توڙي سنڌي ادب ۽ صحافت جي حُسن جي علامت بڻجي ويل هيءُ “پريو مڙس” جهڙو ڏسڻ ۾ ڳالهائڻ جو حسين آهي، اهڙا سندس ويچار ۽ تحريرون خوبصورت آهن.

هيءُ ذهين شخص جڏهن ڳالهائيندو آهي ته احمد فراز جي هڪ شعر وانگر “پهول جهڙتي هين” ۽ جڏهن لکڻ ويهندو آهي ته، سندس دماغ جي چار مان خيالن جا هنجڙا ڪاغذن تي اڏرندي نظر ايندا آهن. پنهنجي مِٽي ۽ ماڻهن سان ديوانگيءَ جي حد تائين عشق ڪرڻ هِن جو ايمان ۽ هر اهو مورچو سنڀالڻ هِن جو فرض آهي، جيڪو سنڌ جي ڪنهن ٻه ميدان تي خالي پيو آهي. هن شخص جي زندگي ٻه عجيب ڪهاڻين جو مجموعو آهي. هن پائلٽ بڻجڻ چاهيو هو. هن کي جيل ۾ جاءِ ملي، هن يونيورسٽيون پڪڙڻ چاهيون هيون. هن کي سياست جي صحرا جي صحبت ملي. هن جواني ماڻڻ چاهي پئي ته ڪيس 17 سالن جي عمر ۾ شاديءَ جا زنجير وڌا ويا. هن رُلڻ پتڪڻ چاهيو هو ته هن کي پيٽ جي مسئلن ۾ قيد ڪيو ويو. هن “گيت اجايل مورن” جا لکڻ چاهيا هئا ته هن کي صحافت جي گود ملي. هن پنهنجي محبوبا جي هنج ۾ سالن جو ٿڪ پچڻ چاهيو هو ته هن

ڪي سنڌ ماءُ جي اوسارن ۾ جاڳ ۽ جاکوڙ ملي. هن ڪارن وارن جي ڪڪرن هيٺ جيئڻ چاهيو هو ته هن کي مهين جي دڙي ۽ پٽائيءَ جي عاشقي ملي، پر چگو ٿيو جو هيءُ پائلٽ نه بڻيو، پائلٽ ته ڪو به سنڌي نوجوان بڻجي سگهي ٿو، پر انور پيرزادو ڪير به نه بڻجي سگهي.

انور پيرزادي صاحب جي ذهن جي ميوزيم ۾ سنڌ جو سمورو حُسن محفوظ آهي ۽ سندس دل جي دربار ۾ هر وقت پٽائيءَ جو راڳ ٿيندو رهندو آهي. هي ڳالهه ٻولهه سنڌ جي حُسن ۽ پٽائيءَ سان عشق جي هڪ مختصر ڪٿا آهي.

سوال: "محمد پريل پيرزادي" کان "انور پيرزادي" بڻجڻ تائين واري ڪهاڻيءَ بابت اسان کي ڪجهه ٻڌائيندؤ؟

انور پيرزادو: ماءُ پيءُ منهنجو نالو "محمد پريل" رکيو هو. ان نالي وارو هڪ پٽ اڳ ۾ فوت ٿي ويو هو. ان ڪري امان ۽ بابي اهو نالو ٻيهر مون تي رکيو. نالي جي معني مان ظاهر آهي ته هنن جي خواهش هئي ته مان اڇن وارن وارو ٿيان (پريا معني اڇا وارا – پريا ڪريا به اصطلاح آهي، پريو مڙس ڪراڙي مرد کي چوندا آهن). سو اها خواهش منهنجن خالقن جي پوري ٿي. اڄ مان اڇن وارن وارو ٿيو آهيان. "پريل، پَرن واري پکيءَ کي به چئجي ٿو." ڇمڻ ڪانپوءِ پرن ڇمڻ تائين واري حياتي اهڙي پکيءَ کي ملندي آهي، جنهن کي ڪو پکي – مار جانور ڪائي ڪپائي نه وهندو آهي.

"بهرحال، "انور" نالو مون تي منهنجي ماءُ پيءُ جي مرشدن جي حويليءَ اندر هڪ اهڙي بيبيءَ رکيو هو، جيڪا مريدن لاءِ دعائون لکندي هئي. پاڪ پوتر هئي ۽ مرڻ گهڙي تائين سندس شادي ٻي نه ٿي سگهي هئي. سندس نالو اهو هو جيڪو ڪرشن ڀڳوان جي ڀڳتياڻيءَ جو هو. سو هاڻي جڏهن سنڌ ۾ اڪثر جاين تي مون کي ماڻهو "انور" جي نالي سان سڃاڻيندا آهن ته مان سوچيندو آهيان ته ڇا اهو انهيءَ بيبي جي جو ڪمال ناهي، جنهن منهنجو اهو نالو رکيو هو. نه ته امان *Imagination* ابي طرفان رکيل، محمد پريل، واري نالي سان ته مون کي ڪو به ڪو نه

تو سچائي سواءِ منهنجي ڳوٺ جي هڪ مسبت همراهه جي جيڪو مونکي ٻئي ڪنهن به نالي سان پڪاريندو ئي ناهي!

"ڪرشن ڀڳوان جي ڀڳتياڻيءَ جو نالو هوڻ ڪري به مقدس آهي ۽ مان ذاتي طور به ان نالي کي عبادت جي لائق سمجهندو آهيان. بهرحال "انور" وارو نالو مون تي تڏهن رکيو ويو. جڏهن مان ايترو ننڍو هوس، جو اجا سانپر به ڪا نه هئي، ان ڪري خود مون کي اها خبر ورهين کانپوءِ پئي ته ڪو منهنجو اصلي نالو "محمد پريل" آهي. ـ

سوال: انور پيرزادو گهڻين شخصيتن واري هڪ شخص جو نالو آهي، هو شاعر به آهي، ڪهاڻيڪار به آهي، سياسي ۽ نظرياتي پرچارڪ به آهي، مهم جو به آهي، محقق به آهي، آرڪيالوجسٽ به آهي، دانشور به آهي، صحافي به آهي، اوهان جي پنهنجي نظر ۾ ڇا انور پيرزادو اڄ به انهن مڙني شخصيتن جو نالو آهي، يا صحافيءَ وارو صرف هڪ حوالو آهي؟ جي انور پيرزادو صرف صحافيءَ وارو حوالو ناهي ته پوءِ ڇو سندس شخصيت جون ٻيون صورتون گم ٿي ويون آهن؟

جواب: مان سمجهان ٿو ته، صحافي وارو اڪيلو حوالو ئي زندگيءَ جي انهن مڙني پهلوئن کي Cover ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهي، ڇاڪاڻ ته صحافي هڪ رائيٽر آهي ۽ رائيٽر هڪ حساس ماڻهو آهي، جيڪو شاعري به ڪري ٿو، نثر به لکي ٿو ۽ ڪهاڻي به لکي ٿو. پر صحافيءَ جي حيثيت ۾ جڏهن لکڻ ماڻهوءَ جو پيشو ٿئي ٿو ته هو گهڻو لکي ٿو ۽ اڪثر لکي ٿو. انگريزيءَ ۾ لکجنڊڙ نيوز کي اسان اسٽوري چئون ٿا، جنهن جي معني ڪهاڻي آهي، ته انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ شاعري ٿي ٿئي، انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار نگاري آهي (*Characterization*) ان ڪهاڻيءَ ۾ نظرياتي مسئلا آهن، ان ۾ سڀ مهم جوئي واريون ڳالهيون آهن، ان ۾ ريسرچ آهي، ۽ ان ۾ سچي دانش (*Intellectualism*) موجود آهي. رهيو سوال اهو ته ڪل وقتي طور تي اهي ڪم جيڪي منهنجي زندگيءَ ۾ آيا، اهي ظاهر آهي ته هڪ وقت ۽ جوانيءَ جي تقاضا هئا، نظرين ۽ پوءِ وري پنهنجي مستقبل جي رٿابندي ڪري ٿو، انهيءَ ڪري نظرين ۽ خيالن ۾ تبديلي به جدلياتي

طور تي (Dialectics) به صحيح آهي، وقت جي تقاضا موجب اهي سڀ شيون ڪُل وقتي ڪيون ويون، پر هن وقت مان As a party of my life ۾ هڪ پروفيشن جي طور تي جيڪو ڪجهه ڪريان پيو، يعني پروفيشن واري نوڪريءَ جي ڪڙي جيڪا شيءِ ضروري ڪرڻي هوندي آهي، اها Writing activity (لکڻ) آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته، زندگيءَ جا هي سڀئي پهلو رائيٽنگ جي هڪ دائري جي اندر اچي وڃن ٿا، يا وري صحافت انهن جي دائري جي اندر آهي، مون کي انهن سڀني شين ۾ هڪ وحدت الوجود نظر ٿو اچي.

"هڪ تاريخ دان به ٿئي ٿو، جيڪو صحافي پنهنجي وقت ۾ جيڪا اسٽوري فائيل ڪري ٿو، جيڪا خبر لکي ٿو، جيڪو رايو ڏئي ٿو، ڪنهن صورتحال (Situation) تي جيڪو تبصرو (Comment) ڪري ٿو، اها هڪ تازي (Current) تاريخ لکي رهيو آهي، ان قوم، ان قوم جي ماڻهن، ان جي سماج جي هڪ جديد تاريخ قلمبند ڪري رهيو آهي، مون کي ياد آهي ته ايم آر ڊيءَ جي هلندڙ تحريڪ دوران، جڏهن مان سکر ۾ ڊان گروپ جي اسٽار اخبار جي لاءِ ڪم ڪندو هيس ته، مون اتان اسٽار کي هڪ انتهائي مختصر نيوز موڪلي هئي، ته، "اڄ صبح ٿيندي ئي روهڙي شهر جي برف ڪپي ويئي آهي ۽ روهڙي شهر مان گذرندڙ نيشنل هاءِ وي تي، ڏکڻ کان اتر ڏانهن فوجي ٽرڪون گذري رهيون آهن ۽ هر ٽرڪ جي پويان رت جا ٽيپا روڊ تي ڪري رهيا آهن." ان وقت رپورٽنگ ڪرڻ به تمام ڏکيو ڪم هيو. جاڪاڻ ته تمام سخت مارشل لا لڳل هئي. ان جي خلاف وري سخت کان سخت عوامي هلچل (Public movement) پئي هلي اها اخباري خبر پر جا اها جديد تاريخ جي قلمبندي ناهي؟

سوال: "سائين، جيئن انگريزي ۾ جرنلزم کي Rough History چوندا آهن؟

جواب: بلڪل اِها Rough History آهي، پر اصل تاريخ جي سورس مٽيريل اهو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته، اها خبر موڪلڻ منهنجي پروفيشن جي تقاضا هئي ۽ مون کان اها شيءِ هڪ پروفيشن ڪرائي، جنهن کي مان هڪ سروس سمجهان ٿو، ان تحريڪ جي ڪري پوءِ ڇهه مهينا سکر

جيل ۾ وياسين.

“صحافي انهن سيني ڳالهين سان گڏ تاريخ دان ب آهي. هو هڪ پرچارڪ ب آهي، پوءِ ڪڏهن هُو نظرياتي پرچار ڪري ٿو، ڪڏهن سياسي ت ڪڏهن ادبي پرچار ڪري ٿو. باقي جيڪڏهن رپورٽر مهم جوءِ محقق نہ ٿيندو تہ هُو ڪا سٺي اسٽوري آڻي ڪو نہ سگهندو. اهڙي طرح، توهان، صحافت جو جيڪو اڪيلو حوالو چئو ٿا، اهو منهنجي خيال ۾، منهنجي لاءِ ڪافي آهي.”

سوال: “تہ پوءِ انور پيرزاڌ جون ٻيون شخصيتون ڪٿي گم ٿي ويون آهن؟

جواب: مون کي تہ ٿو لڳي تہ، اهي شيون گم ٿي ويون آهن!!

سوال: منهنجو مقصد آهي تہ، “شاعر انور” ڪٿي آهي؟

جواب: اوهان ڪان ٿو ليي تہ اوهان ڪيس پلي ڳوليو، پر مون وٽ سينڊس انڊريس آهي.

سوال: اهو ٻڌايو تہ، اوهان ڪڏهن ۽ ڪهڙين حالتن ۾ شاعري شروع ڪئي؟ ۽ اوهان ڪٿي اِهو ب چيو آهي تہ، اوهان جڏهن جيل ۾ هئا تہ، اتي هوچي منهہ جي شاعري پڙهڻ سان اوهان تي قيد جي تنهائيءَ واري اِذيت گهٽجي وئي؟

جواب: ها، هوچي منهہ جي شاعري مون 1983ع واري ايم آر ڊي هلچل دوران سکر جيل ۾ پڙهي ۽ مون کي حيرت لڳي تہ هن جي شاعريءَ ۾ عشق وڏيڪ ۽ انقلاب گهٽ هو. هو مون کي هڪ فطري درديلو شاعر لڳو. جنهن جو ڪو ب نظم *Surplus Value* تي لکيل نہ هو. مون 1970ع ۾ پاڪستان ايئرفورس مان ڪورٽ مارشل ٿي. ست سال سزا وئي جڏهن ڪراچي جيل جي ديوارن اندر اداسائي واري سانت ۾ اڪيلو ويٺس تہ جيئن وليم وردس ورٿ جي *Vacant mind* تي *Daffodils* وارن گلن جي ناچ جا عڪس ايري آيا هئا، اهڙي طرح منهنجي من جي تارن کي منهنجي ڳوٺ جي صوفين وارن مٺخانن ۾ يڪتارن ۽ چپڙين جي جهانجهہ ۾ ڳاتل ڀٽائي جي عظيم شاعري جا ٻول ڇيڙڻ لڳا ۽ پوءِ جڻ رت چڪ ڪئي ۽ مون شاعري لکڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ ردم ۽ پختگي، بحر توڙي وزن جي

پڪائي ڏسي بعد ۾ امداد حسينيءَ مون کي شاعري ڪندو رهڻ جو اتساهه ڏنو. منهنجو شاعر ٿيڻ فطري هو. ڇاڪاڻ ته سنڌو درياءَ ڪونگو ٿارا، سرن ۽ لوهيڙن جو ڳيچڻ، اتر لڳڻ ۽ ڪسر نسرجڻ توٽي پتائي پڌڻ منهنجو خمير هو.

سوال: اوهان جي ادبي جنريشن ستر جي ڏهاڪي جي پيداوار ليکجي ٿي، جڏهن ته اوهان کان اڳ (ورهاڱي کانپوءِ) شيخ اياز ۽ ان کانپوءِ تنوير، شمشير ۽ پوءِ قمر شهباز، امر جليل، امداد ۽ تاج بلوچ جون جنريشن اچن ٿيون، اوهان پنهنجي اڳيئن جنريشن کان جيڪڏهن ڪا انسپائريشن ورتي ته اها ڪهڙي نوعيت جي هئي؟

جواب: مون اياز کان لفاظي ۽ ردم جو اتساهه ورتو، امداد حسيني کان مون اهو سکيو ته، طاقتور خيال لفظن جو محتاج نه ٿيندو آهي. شمشير جو آزاد نظم وارو گهاڙيتو مون کي ڏاڍو وڻيو (جيڪو مون بعد ۾ ميران جي شاعري ۾ ڏٺو) ۽ پوءِ هر درد پري دانهن پڌي، مون سوچيو ته اصلي شاعري درد مان ڦوهارا ڪري نڪرندڙ ڪا امرت رس آهي. اهڙي طرح مون سينيئر شاعرن جي خوبصورت ڪلام مان رهنمائي ورتي ۽ اياز کان وٺي انور تائين سيني شاعرن جي بي سُري لفظي ترتيب کي ڪوتاهي ڄاڻي مون پنهنجي اصلاح ڪئي.“

سوال: ستر جو ڏهاڪو جيڪو ملڪ جو پهريون جمهوري دؤر ليکجي ٿو. اُتي اِهو سنڌي ادب لاءِ هڪ وچٿرو دؤر ليکجي ٿو. جڏهن ته سنڌي ادبي پبليڪيشنس جي لاءِ اونداهون دؤر تصور ڪيو وڃي ٿو. اوهان ان ڏهاڪي واري سنڌي ادب بابت ڪهڙي راءِ ڏيندؤ؟

جواب: ستر وارو ڏهاڪو پبليڪيشنس لاءِ اونداهو دور ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته مرحوم پٽي ”سنڌ ٿرو دي سينچريز“ واري تاريخي سيمينار ڪرائي ۽ پوءِ جڏهن پنجابين ۽ مهاجر ادبي حلقن سچا مسلمان ۽ پڪا پاڪستاني ٿيڻ جي غير ادبي ڪوشش ڪندي هن تي جُلهون ڪيون، تڏهن پير علي محمد راشدي جيڪو پٽي صاحب جو انفارميشن جو ائڊوائيزر هو. يعني پٽي صاحب جو مشاهد حسين هو. (اها ست مان افورڊ

ڪري سگهان ٿو. تاج بلوچ نہ ڪري سگهي تہ پلي ڏنگين اندر لڪيل ڳالهہ ڪڍي ڇڏي). تنهن راشديءَ جملي سنڌي رسالن ۽ پريسن تي پابندي وجهي ڇڏي. ”ان جي باوجود مان ستر واري ڏهاڪي کي ادب لاءِ اونداهو دور نہ چوندس، ڇاڪاڻ تہ پٽي صاحب نيپ تي بندش وجهي جڏهن مينگل، بزنجو مري خلاف جبلن تي بمباري ڪئي ۽ بلوچ ويڙهاڪن مزاحمتي جنگ شروع ڪئي تہ ان موضوع تي مون پنهنجي شاعري جون ڪي اهڙيون سٽون لکيون. جيڪي اڄ بہ پڙهي منهنجي لونءِ ڪانڊارجي ويندي آهي ۽ اهڙي طرح ٻين شاعرن بہ ان دور ۾ ڀرپور شاعري ڪئي. جيڪا قانوني، غير قانوني طور ڇپندي رهندي هئي.

سوال: اوهان سنڌي صحافت، ادب ۽ تحقيق کي پنهنجي زندگيءَ جا لڳ ڀڳ اڌ سال ڏنا آهن ۽ اڄ اوهان، جڏهن سنڌي ٻوليءَ ۾ لا تعداد اخبارون نڪري رهيون آهن، تڏهن انهن کان ٻاهر ويٺا آهيو. ڇا اوهان کي ڪڏهن اهو هلڪو احساس ٿيو آهي تہ، اوهان کي اها مڃتا ناهي ملي، جيڪا اوهان جو ڪلهہ بہ اڻ ڳهريو حق هئي ۽ اڄ بہ آهي. مان هيءَ سوال ان پسمنظر ۾ پڻ ڪري رهيو آهيان تہ هڪ پيري شيخ اياز هڪ ملاقات دوران اسان کي ٻڌايو هو تہ، ”مان سنڌ ۾ چو چايس، پٽي هنڌ ڇمان ها تہ، مون کي وڏيڪ مڃتا ملي ها.“ مان ان *Content* ۾ اوهان کان پڇڻ چاهيان ٿو؟

جواب: مان هن وقت جيڪو ڪجهہ ڪري رهيو آهيان، اهو مان سمجهان ٿو تہ پريس لائيف دوران ٿيل منهنجي ٽريننگ جو هڪ ايڊوانس پيرڊ آهي، مثال طور“ اخبار جي ايڊيٽر يا نيوز ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ماڻهو پراڻين خبرن، ٻين رپورٽرس جي اسٽوريز کي *Shape up* ڪري، انهن کي ٺاهي جوڙي سُرخيون ڏيئي ڇپي ٿو، جنهن ۾ ان شخص جي پنهنجي ڪا بہ *Creativity* نہ ٿي هجي. *Creativity* تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن ماڻهو پاڻ نيوز رپورٽنگ ڪندو. جيڪا بہ مون ڪئي ۽ جڏهن کان مون خبرن جي ان جهان کي ڇڏيو آهي ۽ جڏهن کان مون فري لانسنگ شروع ڪئي آهي ۽ جنهن ۾ مون ڪتاب لکڻ (*Book Writing*) جو ڪم شروع ڪيو آهي، مون کي محسوس ٿيو آهي تہ هيءَ تمام سنجيده ڪم آهي، جيڪو

صحافت ۾ داخل ٿيل نئون ماڻهو نه ڪري سگهندو. هن ڪم ڪرڻ جي لاءِ به جرنلزم جو چڱو خاصو تجربو درڪار آهي ۽ جڏهن ان پروفيشن کي 27-26 سال ڏينھن ڪانپوءِ مون کي اهو تجربو ٿيو آهي، تڏهن هاڻي اسان کي ٿورڙو ڏکيو ۽ سنجيده ڪم ڪرڻ کپي. ڪتابن جو ترجمو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي ۽ سي به ڪتاب وري فلاسافيڪل گربخشاڻي گرهوڙي صاحب، علامه دائود پوٽي يا ڀٽائي صاحب جي حوالي سان هجن ته اهو ڪم اڃا به ڏکيو ۽ سنجيده بڻجي وڃي ٿو.

"صرف 1998ع ۾ مون اختر بلوچ جي قيدياڻيءَ جي ڊائريءَ جو سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، جيڪو هڪ اين جي او "شرڪت گاهه" وارن مون کان ڪرايو هو. ٻيو شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي وارن جو ڀٽائيءَ تي ڪتاب *"Social content in Shah Jo Risalo"* انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. ٽيون اردو بازار ڪراچيءَ جي هڪ اردو پبلشر ڀٽائيءَ تي هڪ گفٽ بُڪ ٺهرايو آهي، جنهن ۾ ڀٽائيءَ جي سنڌي بيت سان گڏ ان جو، انگريزي ۽ اردوءَ ۾ ترجمو ڏنو ويو آهي. ڀٽائيءَ جي بيتن جو انگريزي ترجمو ايلسا قاضي ۽ اردو ترجمو شيخ اياز وارو ڏنو ويو آهي. اهڙي طرح "ٻه ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جا ڪتاب ۽ هڪ گرهوڙي صاحب جو، جيڪو "ابيات سنڌيءَ" جي شرح آهي ان ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر دائود پوٽي جو لکيل آهي ۽ ان ۾ اڏ لنواري شريف واري بزرگ جي شاعري شامل آهي، جڏهن انهن شين کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪجي ٿو ته، چڻ نوس علمي شين کي، انگريزيءَ ۾ آڻجي ٿو.

"آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس لاءِ مون هڪ درسي ڪتاب لکيو، اهڙي طرح بُڪ رائيٽنگ واري سلسلي دوران جڏهن مون ٻين جا ڪتاب لکيا آهن، جنهن ۾ ڪمپيوٽر منهنجي ڏاڍي مدد ڪئي آهي ۽ مون ۾ اهو *Confidence* به پيدا ٿيو آهي ته هاڻي مان پنهنجا ڪتاب به لکي سگهان ٿو ۽ مون پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ فائيل کولي ٻه ڪتاب لکڻ به شروع ڪري ڏنا آهن، پر انهن کي مڪمل ٿيڻ ۾ ٿورو وقت لڳندو. انهن ۾ هڪ ڪتاب *"Commune of Jhok"* آهي، جهوڪ جي ڪميون ۽

شاهه عنايت جي شهادت تي سنڌ ۾ هن وقت جيڪو مواد موجود آهي. ان کي پڙهي مان انگريزيءَ ۾ پنهنجي *Analysis* ڏيڻ چاهيان ٿو. جيڪا "Commune of Jhok" جي عنوان سان هوندي. ان ڪتاب ۾ پيرس ڪميون جو ذڪر هوندو. جنهن جي حوالي سان دنيا کي اهو *Introduce* ڪرايو ويندو ته، پيرس ڪميون، جنهن کي لينن "سوشلسٽ انقلاب جي پيڙهه جو پٿر" (*Corner stone of Socialist Revolution*) ڪوٺيو هو. جنهن ۾ به *Militancy* هئي ۽ جنهن جو دنيا تي تمام گهڻو *Impact* (اثر) پيو هو، پر پيرس ڪميون کان 154 ورهيه اڳ جهوڪ ۾ "جو کيڙي سو کائي" (*Land to the tiller*) جي نعري ۾ هڪ هاري هلچل (*Peasant movement*) هلي جنهن ڏاڪئي سنڌ تي چڻ ته قبضو ڪري ورتو هو. ايستائين جو مغلن ۽ ڪلهوڙن اهو محسوس ڪيو ته، هيءُ علائقو ته سندن قبضي مان وڃي پيو، تنهن ڪري فوج ڪشي ڪري اهو واپس ورتو وڃي.

"..... ته پيرس ڪميون ته تمام پوءِ يعني 1871ع جو هڪ واقعو هيو. جڏهن جمهوريت (*Democracy*) اچي ويئي هئي. *Westernization* ٿي چڪي هئي، نيون فلاسافيز اچي چڪيون هيون، پر جهوڪ ڪميون 1717ع جي تحريڪ آهي، ان ڪانسواءِ پيرس ڪميون مارچ ۽ مئي جي وچ ڏاران *Crush* ٿي ويئي هئي، پر جهوڪ ۾ هيءَ لڙائي ڇهه مهينا هلي هئي، اِن ۾ جهوڪ ڪميون ۽ پيرس ڪمين جي پاڻ ۾ مقابلي ڪرڻ جي ڳالهه ناهي، ڇاڪاڻ ته، پيرس ڪميون، اڻوهين صديءَ جي جديد زماني جو واقعو هو، جڏهن ته جهوڪ ڪميون ارڙهين صديءَ جي ابتدا جو واقعو هو، ٻنهي ۾ هڪ اهو فرق آهي، پر فلاسافيڪل *Content* ۾ ۽ *Conceptually* ٻئي تحريڪون هڪجهڙيون هيون ۽ مان سمجهان ٿو ته، دنيا جي دانشورن جي اها بدقسمتي آهي، جو، انهن کي جهوڪ ڪميون متعلق معلومات (*Information*) ناهي ۽ اسان جي بدقسمتي وري اها آهي، جو اسان دنيا جي تاريخ جي اِن تمام وڏي سياسي واقعي کي دنيا سان روشناس نه ڪرايو، دنيا کي ان کان واقف نه ڪيو، اسان ان کي دنيا جي

وڏين ٻولين ۾ ترجمو ڪري ۽ موڪليوسين جو دنيا وارن کي جهوڪ ڪميون متعلق خبر پوي ها.

"... سو هڪ اِهو ڪتاب لکان پيو ۽ ٻيو ڪتاب انڊس ايڪسپيڊيشن تي آهي، جيڪا اسان 1989ع ڪئي هئي، چاڪاڻ ته ان ايڪسپيڊيشن دوران مون وٽ مختلف ماڻهن جا 40 ڪلاڪن جا انٽرويو رڪارڊ ٿيل آهن، ان جا ڪافي نوٽس به آهن، تنهن زماني ۾ مون ڊان ۾ ان تي ٽي قسطون به لکيون هيون، پر It is my craze, that I should write a book on it. بدر به ان ساڳي ايڪسپيڊيشن تي لکيو آهي. مڪيه واقعا ته اسان ٻنهي جا شايد ساڳيا ئي هوندا، پر سنڌو درياءَ جهڙي درياءَ جي سيني تي 1500 ميل سفر ڪرڻ سان ماڻهو ان کي جنهن به Perspective ۾ ڏسي ٿو، اهو هُن جو پنهنجو نقطه نظر (View Point) ٿيندو. يا انڊس جي حُسن کي هڪ ٻئي عاشق جي اک سان ڏٺو ويندو.

"... ارنولڊ ٽوائن به هڪ ڪتاب لکيو آهي، From Oxus Jamna آڪسس افغانستان ۾ ۽ جمنا هندستان جي ندي آهي.

"هينئر مان هڪ بايوگرافي لکڻ جو پڻ تجربو ڪري رهيو آهيان. ٻي اسائنمينٽ ملي آهي ۽ مان لکي رهيو آهيان.

اهڙي طرح ڪتاب لکڻ سان منهنجي جيڪا مشق ٿي رهي آهي، ان مان اِها اميد ڪري سگهجي ٿي ته مان پنهنجا ڪتاب به ڏيندس ۽ هاڻي ته، منهنجو هڪ انفرا اسٽرڪچر به ٺهي ويو آهي. مان پنهنجي ڪمپيوٽر کي اڃا وڌيڪ اپ گريڊ ڪري رهيو آهيان، جنهن کان پوءِ منهنجي Out put به وڌي ويندي. ته ان ڪم، جيڪو هن وقت مان ڪري رهيو آهيان، ان ۾ مون کي جيڪو Solace (سڪون) ملي ٿو، اهو ورڪنگ جنرلزم واري نوڪريءَ کان سئو دفعا بهتر آهي. هن ڪم ۾ آمدني سٺي آهي، هڪ اخباري نوڪريءَ جي ڀيٽ ۾ هيءَ ڪم مون کي گهٽ دٻاءَ وارو لڳي ٿو. دٻاءَ (Stress) ماڻهوءَ جي صحت لاءِ ڏاڍي خوفناڪ شيءِ آهي ۽ هن وقت مان پاڻ کي ان کان ڏاڍو آجو محسوس ڪريان ٿو. وري خاص ڪري ڳوٺ وڃي مان ڪچي جيڪا پنهنجي

زمين آباد ڪرائي آيو آهيان، ان ڪانپوءِ هاڻي جيڪڏهن مان پٺي ڏئي ٽئين مهيني اوڏانهن چڪر ته ڏئي اچان ته، ماڻهوءَ جي چئڻ ته حياتي وڌي ٿي وڃي. پٺاڻيءَ چيو آهي نه ته:

سنڌي سنگهارن جُوءِ جيئاري جڏڙا.

”..... ته، سنگهارن جي جوءِ جيڪا آهي. اُها ماحولياتي اعتبار کان Environmentally ايڏي ته صاف آهي، ايڏيون ته Purities آهن، ايڏيون ته Nicetics آهن، جو Even in, the old age one feels young (جو ماڻهو پوڙهپ ۾ به پاڻ کي جوان محسوس ڪري ٿو) انهيءَ جي ڪري مون کي قطعي پريشاني ناهي ته، جيڪي اخبارون نڪرن ٿيون، مان انهن ۾ ناهيان، جيڪي اخبارون نڪرن ٿيون، انهن ۾ هاڻي ته ڪافي اُهي دوست ويٺا آهن، جيڪي اسان جا Trained ٿيل آهن، ڇاڪاڻ ته جرنلزم ۾ هاڻي اِها سيڪنڊ جنريشن هلي پئي. ٻي ڳالهه ته، اسان جن دوستن گڏجي ڪم ڪيو آهي، اهي مختلف اخبارن ۾ آهن، ته اسان انهن جي حال کان واقف آهيون، اُهي اُتي ڪنهن به لحاظ کان خوش ناهن، نه انهن کي سٺي پگهار ٿي ملي. هو هڪ وڏي ۽ Bloodshed واري شهر ۾ ٽا رهن، نه وري سندن ڪاروهنوار يا ڪم ڪار واريون حالتون سٺيون آهن.

”مون کي اهو به محسوس ٿيو آهي ته، فري لانسنگ جي مارڪيٽ ۾ ورڪنگ جرنلسٽ جي پيٽ ۾ ڪم جي وڏيڪ گنجائش آهي، توهان، جيڪڏهن هينئر ڪنهن اخبار ۾ نوڪريءَ جي لاءِ ويندؤ ته، توهان کي چوندا ته، جاءِ خالي ڪانهي، پر هن فيلڊ ۾ جاءِ آهي ئي آهي، بشرطيڪ ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو هجن ۽ هو فيلڊ ۾ انويسٽيگيشن ڪري اچن. هاڻي ته، مون کي اهو محسوس ٿئي ٿو ته، مان پنهنجي ڪا اسائنمينٽ مڪمل ڪري سگهان ٿو. مثال طور تي Commune of Jhok يا انڊس ايڪسپيڊيشن وارا ڪتاب، ڊان ۾ لکيل ”سنڌي پريس ڊائجيسٽ“ يا اسٽار اخبار ۾ لکيل ”سنڌ سينريو (Sindh Scenarios) وارا Pieces، جيڪي سياسي به آهن، جيڪڏهن انهن کي ڪتابي شڪل ڏئي، انهن جي مارڪيٽنگ ڪجي ته، اخبارن مان ملندڙ

پگهارن کان ماٺهو وڌيڪ ڪمائي سگهي ٿو ۽ وڏي ڳالهه ته ان سان پين ڪمن جي پيٽ ۾ ٿوس، ڏکيو ۽ سنجيده ڪم ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو...."

سوال: ته ڊان گروپ آف پبليڪيشن کي ڇڏڻ جو به اوهان کي ڪڏهن هلڪو افسوس نه ٿيو؟

جواب: "نه، مان کو به افسوس يا مسئلو محسوس نٿو ڪريان، انگريزي جرنلزم ۾ منهنجو ايترو سنهو ٿلهو ڪئريئر آهي، جو اڄ به جڏهن ڊان وارن کي رورل سنڌ تي ڪا شيءِ لکائڻي هوندي آهي ته، مون سان اچي رابطو ڪندا آهن، ته ان فيلڊ ۾ مون ٿوري محنت ڪئي آهي، ٿورو بيڪ گرائونڊ حاصل ڪيو آهي ۽ هنن (اخبارن جي) جيڪا ڊمانڊ آهي، اها مان پوري نٿو ڪري سگهان، ڇاڪاڻ ته، هاڻي مون کي، ڪتابن کي وڌيڪ وقت ڏيڻو پوي ٿو. سو مان سمجهان ٿو ته *I am much better now* ۽ مزو تڏهن ٿيندو، جڏهن منهنجا ڪتاب ايندا ۽ ان ڪانپوءِ مون کي اجا وڌيڪ *Inspiration* ملندي."

سوال: اوهان ڪابي ڌر جي سياست ۾ خاص طور تي ادبي ۽ صحافتي فرنٽس تي هڪ جذباتي لڳاءَ سان ڪم ڪيو آهي. هينئر جڏهن گهڻو ڪجهه بدلجي چڪو آهي ته، ڇا اوهان کي به پنهنجي ماضيءَ واري ان ڪردار تي ڪو پڇتاءُ آهي، جيئن اڪثر پيا اظهار ڪن ٿا، يا پنهنجي ان ڪردار تي اڄ به اوهان کي ناز آهي؟ يا ان کي ماضيءَ جي هڪ دور جي ضرورت سمجهي ان کي نظر انداز ٿا ڪريو؟

جواب: منهنجو خيال اهو آهي ته، ماضيءَ ۾ مون جيڪو ڪجهه ڪيو، انهيءَ ۾ مون جيڪي ڪامرانيون حاصل ڪيون، انهن تي مون کي ناز آهي ۽ سياسي طور تي جيڪي غلطيون ڪيون سين انهن تي پڇتاءُ آهي، باقي ان دور ۾ جيڪو ڪجهه ڪيوسين، اهو وقت جي هڪ ضرورت هو، ڇاڪاڻ ته، ماڻهوءَ کان وقت ۽ سندس شعور ئي ڪم ڪرائيندو آهي. سو اُهو وقت ۽ شعور جڏهن پاڻ ۾ متفق هئا، تڏهن اها *Development* ٿي. منهنجي خيال ۾ ايئن نٿو چئي سگهجي ته، رڳو پڇتاءُ، رڳو ناز يا اهو

ڪم ماضيءَ جي رڳو ضرورت هئي، ان ۾ اهي نئي شيون موجود آهن.“

سوال: ويڙهه جو ٻه هڪ رومانس ٿئي ٿو ۽ اُوهان ٻه هڪ دؤر ۾ ان رومانس مان گذريا، پنهنجي ان ويڙهه جي حُسن ۽ رومانس بابت اسان کي ڪجهه ٻڌايو؟

جواب: ويڙهه واري رومانس جو حُسن ڇا ٿيندو آهي، ان سوال جو جواب ڏاڍو ڏکيو آهي. ٻڌائي ان سوال جو جواب ڪجهه هيئن ڏنو آهي:

جنهن چوريءَ ۾ چوهڻ،
سا پٽون ٿيندي پير تي.
يا
مَرُ مرين، آءُ رُئين، موتي آءُ مَرَ ڪانڌ،
ڪچين وڏا پلاند، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا.

ڏڙ ڊونديان، سرَ نہ لهان، سِر ڊونديان، ڏڙ ناهه،
هٿ ڪرايون آگريون، ويون ڪپجي ڪانهه،
وحدت جي وهانئن، جي ويا سي وڍيا.

ديڳئين دوڳ ڪڙهن، ڪڙئين ڪڙڪو نہ لهي،
تتي طبيبن، چاڪ چڪندي چڏيا.

ويڙهه واري رومانس مان رت جي ڦڙن جيان ٽمندڙ حسن جي اپٽار جا ٻڌائي ڪئي آهي، ان کي ڏسي مون کي پنهنجي شاعري ڦڪي ٿي لڳي، شايد اهو ئي سبب هو جو اياز چيو هو تہ مان ٻڌائيءَ کي ان ڪري پڙهڻ ڇڏي ڏنو آهي، تہ جيئن هن جي اثر کان آجو ٿي پنهنجي ڪا شيءِ لکي سگهان.

بهرحال مون ٻہ بلوچستان جي ويڙهه جي پسمنظر ۾ ڪجهه نظم لکيا هئا، جي سهڻي، روح رهاڻ، تحريڪ ۽ هفتيوار برسات ۾ ڇپيا هئا، مون کي هونئن ٻہ پنهنجي شاعري گهڻو ياد نہ هوندي آهي.

سوال: اوهان سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان ٻہ ڏاڍو سرگرم ڪردار

ادا ڪيو آهي. اوهان ڪنهن دور ۾ سنگت جي مرڪزي چونڊن ۾ پڻ حصو ورتو هو، پر ڪجهه ڌرين اوهان کي پنهنجو "سخت نظرياتي دشمن" سمجهي، هڪ رٿابنديءَ تحت چونڊن ۾ هارايو هو، سنڌي ادبي تحريڪ جي ان تاريخي واقعي جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟

جواب: مون زندگيءَ ۾ جيڪو به ڪم ڪيو آهي سو عشق سان ڪيو آهي، سنگت کي به مون پاڻ ايئن ارپيو هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته مرحوم رشيد ڀٽي جي سيڪريٽري جنرل واري مدي پوري ٿيڻ ڪانپوءِ نون سالن تائين جيڪي نيون چونڊيون نه ٿيون هيون، سي ٻيهر ٿيون. 1983ع ۾ خيرپور ميرس ۾ ٿيل انهن چونڊن جي نگراني (مرحوم) رشيد ڀٽي ڪري رهيو هو ۽ تاج بلوچ به موجود هو. چونڊون هلندي اهڙا ووٽر به آيا، جيڪي "علي نواز"، الف انب سان لکي رهيا هئا ۽ جڏهن نوڙي ٻئلٽ باڪس ۾ ووٽ وجهي رهيا هئا ته پاسي ۾ لٽڪندڙ پستول ظاهر ٿي رهيو هون، ان وقت سيني جي سامهون مرحوم رشيد ڀٽيءَ مون کي چيو ته، "انور! هيڏي ڌانڌلي تي تون چونڊن جو بائيڪاٽ ڇو ڪرين" مون چيو سائين، "اوهان نوَ سال چونڊون نه ڪرايون، مان ڪرائڻ چاهيان ٿو ته جيئن ڊيموڪريٽڪ ٽريڊيشن (جمهوري روايت) کي جنم ملي، پلي پوءِ مون کي عهدو نه ملي، انهيءَ وچ ۾ جيئي سنڌ، پليجي صاحب جي پارٽي ۽ سنڌ جون سڀ قومپرست ڌريون گڏيل محاذ ٺاهي تاج جوئي کي منهنجي خلاف کڙو ڪيو، پر ڌانڌلين ڪرڻ جي باوجود هن مون کان صرف 24 ووٽ وڌيڪ کنيا هئا. منهنجو تعلق ان وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ سان هو، جنهن جو اثر سنڌي قومپرست ليکڪن ۽ اديبن ۾ پورو سارو هو. ان جو قومي سوال تي موقف اڻ چٽو هو، اسان جي اڳواڻن کي سنڌ، سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي ٻوليءَ کان وڌيڪ پاڪستان، پاڪستان جو پورهيت عوام ۽ اردو ٻولي قومي ٻولي لڳندي هئي. اهڙي طرح اسان وٽ هڪ اڻ هوند ۽ ٻيو افعال بجڙا واري ماجرا هئي. ان ڪري چونڊن ۾ جيڪي نتيجا آيا سي مون سيني جي آڏو قبول ڪيا ۽ تاج جوئي کي سيڪريٽري جنرل ظور چونڊجڻ جي مبارڪ پهريائين مون ڏني.

”ان ڪانپوءِ منهنجي مخالف دوستن کي به احساس ٿيو ۽ خود جيئي سنڌ جي ڪيترن اهم ليڊرن تجويز ڏني ته توکي بنا مقابلي سيڪريٽري جنرل چونڊيون ٿا ۽ اِن هائوس تبديلي آڻيون ٿا. پر مان ان لاءِ تيار ڪو نه هوس، ڇاڪاڻ ته مون کي عهدي ماڻ واري ڪامپليڪس شروع کان نه هئي.

”اهو ئي سبب هو جو پٽ شاهه تي ٿيندڙ چونڊن جي نگراني ڪندي مون جڏهن جيئي سنڌ جي اميدوار مختيار ملڪ جي شڪست جو اعلان ڪيو ته ان تي ڪنهن به دوست ۽ خودمختيار ملڪ به اعتراض نه ڪيو. باوجود ان جي ته مختيار ملڪ ۽ ڊاڪٽر شمس سومري جا ووٽ هڪجيترا (175) هئا. ان ڏينهن مختيار ملڪ پُڪا پوڻ ڪري هارايو هو، پر ڇا ڪجي سنگت جي آئين جي پوئواري ڪرڻ مون ۽ بدر ابڙي لاءِ ضروري هو.

”۽ هاڻي جڏهن مختيار ملڪ سيڪريٽري جنرل چونڊجي آيو آهي ته تڏهن مون چيو ته اهو هن جو پراڻو حق هو، جيڪو اڄ کيس مليو آهي.“

”سو سنگت سان عشق هاڻي به آهي ۽ عهدي سان عشق نه اڳي هو ۽ نه هاڻي آهي، بهرحال سنگت کي جيڪڏهن جيئي سنڌ وارن سياسي طور استعمال ڪيو ته اسان به ڪين گهٽايو هو. انڊر گرائونڊ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ سنگت جو هڪ سيل هوندو هو، جنهن ۾ سنگت جا معاملا لاڳيتو بحث هيٺ ايندا هئا. هاڻي ته خير اهو وقت گذري ويو آهي ۽ ان وقت جو *Classified material* هاڻي *Non-classified* ٿي ويو آهي، ان ڪري مان ان خيال جو آهيان ته ڪميونسٽ پارٽي توڙي جيئي سنڌ تحريڪ کي گهربو هو ته سنڌي ادبي سنگت کي فتح ڪرڻ لاءِ مهاڀارت جنگ نه وڙهن ها ان کي آزاد ادبي پليٽ فارم ڪري هلائين ها ته سنگت جي اڄ واري صورتحال نه ٿئي ها.

”هاڻي به سڀ ڌريون متفق ٿي سنگت کي سياسي رساڪشيءَ کان آجو ڪن ته چڱو ته جيئن ان جي پليٽفارم تان خالص ادبي ڪم ٿي

سگهي. اوهان اندازو لڳايو ته پتائي کي انٽرنيٽ تي موڪلڻ سنگت کان وڌيڪ ٻيءَ ڪهڙي اداري جي ذميواري آهي.“

سوال: هن وقت ڪجهه حلقا سنڌي ادبي سنگت تي اها تنقيد ڪري رهيا آهن ته اها هڪ روايتي ۽ جامد تنظيم بڻجي ويئي آهي، جڏهن ته، سنگت جنهن دور ۾، جن مقصدن جي لاءِ قائم ٿي هئي. اُهي هينئر تبديل ٿي چڪا آهن. اوهان جي نظر ۾ سنگت ڪهڙي انداز ۾ پنهنجو وري موثر ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

جواب: هاڻي ته سنگت کي NGO ٿاهي غير سياسي طرح هلائڻ لاءِ ڪافي موزون ماحول موجود آهي ۽ خود يونيسڪو توڙي ٻيا ادارا ان مد ۾ لکين ڊالر ڏئي سگهن ٿا ته سنڌو ماٿري جي ديسي ماڻهن يعني INDIGENOUS SINDHIS ۽ انهن جي ٻوليءَ کي بچايو وڃي. اهڙو ماحول خود گڏيل قومن اندر جڙي چڪو آهي. ضرورت ڪجهه ڪرڻ جي آهي ۽ جي ايئن ڪري سگهجي، انٽرنيٽ ذريعي ورلڊ سنڌي ڪانگريس، سانا توڙي ٻين عالمي سنڌي تنظيمن سان رابطا ڪجن، جيڪي هينئر تمام ٿوري خرچ سان ڪري سگهجن ٿا ته هوند بيمار سنڌي اديبن جي سهائتا لاءِ سنڌ ڪلچر کاتي آڏو پنڻ وارو ڪشڪول کڻڻ جي به ضرورت نه پوندي ۽ خود سنگت جي بيروزگار ميمبرن کي به اجرت سان لڳائي سگهجي ٿو.

“سنگت جي معاملي ۾ سنڌي اديبن جا اندروني اختلاف هاڃيڪار ثابت ٿيا ۽ ٻيو وري ايم آر ڊي تحريڪ دوران گرفتاري ڪانپوءِ فوجي آفيسرن مون کان جيڪا آڏي پڇا ڪئي، ان مان مون کي اندازو ٿيو ته پاڪستان جي حڪومت گهٽ ۾ گهٽ ان وقت ۽ شايد هاڻي به سنڌي ادبي سنگت کي ڪميونسٽ پارٽي کان به وڌيڪ خطرناڪ تنظيم سمجهي رهي آهي، اهو به هڪڙو غور طلب پهلو آهي.“

سوال: ڪم جي وڌڻ سان ماڻهوءَ جي اندروني ڪائنات ۾ به وڏيون تبديليون اچن ٿيون. اهي تبديليون ڪن شخصيتن کي ٿاهن ته ڪن کي ڊاهن ٿيون، ڇا اوهان به پنهنجي اندر ۾ ڪا اهڙي تبديلي محسوس ڪيو ٿا؟ ۽ جيڪڏهن ها ته اُها اوهان کي ڪهڙي رخ ۾ وٺي وڃي رهي آهي؟

جواب: عمر جي وڌڻ سان برابر ماڻهوءَ جي اندر واري ڪائنات ۾ بہ وڏيون تبديليون اچن ٿيون، برابر اهي تبديليون ڪن شخصيتن کي ٿاهڻ ۽ ڪن کي ڊاهن ٿيون.

”مون پڻ 54 ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي اندر ۾ ڪافي تبديليون محسوس ڪيون آهن، انهن تبديلين ليکي لٽي پٽي مون کي شعوري سڪون ڏنو آهي. مثال مون هاڻي محسوس ڪيو آهي تہ زندگيءَ کان بيجا مطالبا ڪرڻ، زندگيءَ کان وڏيون ۽ گهڻيون توقعات رکڻ انسان کي بيچين ڪن ٿيون. ان ڪري ٻئائيءَ جا ڪي ڪردار ”ٿوري قوت قراريا“ هوندا هئا.“

”پيو، ننڍي هوندي شادي ٿيڻ (17 ورهين ۾) سبب مان جوانيءَ ۾ بيحد ناراض هوس، اها ناراضگي بعد ۾ شعوري بغاوت ۽ انقلابيت ۾ پڻ تبديل ٿي، پر هاڻي جڏهن مون کي چار پٽ، هڪ ڌيءَ، هڪ پوٽي ۽ ٽي پوٽا ڇاوا آهن تہ مان اهو سوچي اڳي کان گهڻو مطمئن آهيان تہ منهنجيون ذميواريون Share ڪرڻ لاءِ هاڻي ڪوڙ ماڻهو موجود آهن. وري گرئنڊ چلڊرن ۾ جيڪو لطف ۽ مزو آهي، ان جو اندازو بہ وڏي عمر ۾ ئي ٿي سگهي ٿو“.

”ٿيون، عمر گذرڻ سان، مان سمجهان ٿو تہ، ماڻهو زندگيءَ کي وڏيڪ صحيح پسمنظر ۾ سمجهڻ جي صلاحيت حاصل ڪري ٿو، ان ڪري غلط فهمين واري ذهني انتشار مان نڪرڻ ڪري ماڻهو وڏيڪ سڪون محسوس ڪري ٿو.

”... ۽ چوڻون جيئن چيو ويندو آهي تہ:

Forty is the old of youth,
While fifty is the youth of the old age.

سو مان اڄڪلهہ وڏي عمر واري جواني ماڻي رهيو آهيان، انهن مڙني رومانس وارين لذتن سميت جيڪي جواني لاءِ جنسار هونديون آهن.“

الا ڪَرَ جئن مديون جن جي من ۾،
اسان ۽ پرين جون اميدون پسن،

تــئــان پــوءِ مـــرن، ســڙي انـــهـــيءَ سُــورَ ۾.

سوال: شيخ اياز صاحب هن وقت اسان ۾ موجود ناهي رهيو، پر هُن جي شاعريءَ جي پسمنظر ۾ ڇا اوهان هن کي ڀٽائيءَ کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر سمجهو ٿا؟ جيئن هُن جي وفات کانپوءِ اڪثر سنڌي اديبن ڪيس ڀٽائي کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر قرار ڏنو آهي؟

جواب: اياز کي اوهان ويهين صديءَ جو وڏو شاعر چئو ته، چئي سگهو ٿا، ڇاڪاڻ ته، وڏي شاعر جو مقصد آهي ته موجود شاعرن ۾ وڏي ۾ وڏو شاعر اڄڪلهه مون وري هڪ نئين *development* ڏٺي آهي، جڏهن ڪراچيءَ ۾ استاد بخاريءَ وارو پروگرام ٿيو ته، ان ۾ ڪيترن تقرير ڪندڙن جي اها ڪوشش هئي ته، هُو اِهو چون ته، ”ڀٽائي کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر استاد بخاري آهي“ ۽ اياز جي جيئري ۽ سندس لاڏاڻي کانپوءِ به اوهان ڪڇهرين توڙي اخبارن ۽ رسالن ۾ بار بار اهڙي ڳالهه ٻڌي ۽ پڙهي هوندي.....

”ڪجهه ڏينهن اڳ تاجل بيوس مون کي هڪ خط ڏيکاريو، جنهن ۾ ڪيس هڪ خط لکندڙ لکيو هو ته، ”ڀٽائيءَ کانپوءِ اوهان سنڌ جي لاءِ عظيم شاعر رهيا آهيو.“

منهنجو خيال اهو آهي ته، اسان جي ٿـهيءَ وارن دوستن توڙي نوجوان نسل کي ٽڪڙ ۾ عظيم ٿيڻ جو شوق پوروڻ نه ڪرڻ کپي، ڇاڪاڻ ته، جڏهن هو عروج ماڻيندا ته پوءِ باقي شاعري ڇا جي لاءِ ڪندا. هنن کي ته پوءِ، ”ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال مَ ملان هوتَ“ واري ڳالهه ڪرڻ گهرجي ڇو ته پوءِ جيڪڏهن سڪ ڍري ٿيو وڃي ته پوءِ محبوب جي ملڻ جو ڪو به امڪان ناس آهي.

منهنجو خيال اهو آهي ته، ڀٽائيءَ کانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر ڪو به ناهي ۽ عظيم شاعر ٿيڻ جي لاءِ ظاهر آهي ته هن وقت اسان وٽ ڀٽائيءَ جي صورت ۾ جيڪا شاعراڻي عظمت موجود آهي، اُن جي ڪسوٽي تي شاعرن کي پيٽيندا سين، سو، جڏهن ڀٽائيءَ سان پنهنجي شاعريءَ جي ڀيٽ ڪجي ٿي ته، اسان کي ڀٽائي ۽ پنهنجي عظيم ٿيڻ وارن

شاعرن جي شاعريءَ ۾ زمين ۽ آسمان جوَ فرق نظر اچي ٿو.
جهڙا ڪڪر اپ ۾ تهڙي ڏونگر ڏيٺ
آئون تنين جي هيٺ پير نهاريان پنهونءَ جو.

ڀٽائي جي شاعريءَ جو جيڪو *Caliber* آهي، جيڪا سطح آهي، ان تائين پهچڻ ڪنهن بہ عظيم شاعر جي لاءِ ضروري آهي.

هن وقت اسان جي ڪيترن سنڌي شاعرن، جن کي جديد دور جا شاعر چيو ٿو وڃي، انهن کي سنڌ جي ڪلچرل، هسٽاريڪل، جيوگرافيڪل *Verities* ۽ ٻين اهڙين ڪيترن ئي شين جي خبر ڪانهي. جيڪڏهن ڪو ٿر جو رائيٽر آهي تہ، هُن کي جبل جي ڪنهن ڪلچرل شيءِ جي خبر ناهي، پر جيڪڏهن هُو جبل جو رهندڙ آهي تہ وري هُن کي سمنڊ جي ڪنهن ثقافتي پهلوءَ يا ٻوليءَ جي خبر ناهي، سو اسان ايڏا اڻ ڄاڻ شاعر آهيون، اسان ايڏا اڻ ڄاڻ ليکڪ آهيون، اسان جي شاعرن ۽ ليکڪن پنهنجي شاعريءَ ۾ ۽ پنهنجي ڪتابن ۾ جيڪي غلطيون ڪيون آهن، اُهي تنقيدن ۾ اڀُي وائکيون ٿي چڪيون آهن، جيڪڏهن سنڌ متعلق ڪنهن جو مشاهدو ڪمزور هجي. هن ڪا غلط ڳالهہ ڪئي هجي، ان کي ڪيئن ٿو سنڌ جو عظيم شاعر سڏي سگهجي. مان تہ سمجهان ٿو تہ، سنڌ جو ماهر يا تہ ڀڪرار آهي، يا ميهار آهي، يا ريڊار آهي، يا مهاڻو يا هاري آهي، اهي ماڻهو سنڌ جا ماهر آهن، سنڌ تمام وسيع آهي، سنڌ ڏاڍو ڏکيو موضوع آهي.

سنڌ جي ٿر ۾ جيتريون وڏيون نديون پٽون آهن، اوترين جا نالا آهن، کير ٿر رينج ۾ جيترا جبل آهن، جيتريون جبلن جون چوٽيون آهن، جيترا لڪ آهن، جيتريون نديون، انهن مان نڪرن ٿيون، انهن ندين مان جيترا ڍورا نڪرن ٿا، انهن سڀني جا جدا جدا نالا آهن. سنڌو درياهہ پنهنجي ڇاڙ ۾ هزارين ڪاريون (*Creeks*) ٺاهي سمنڊ سان وڃي ملي ٿو. ان هڪ هڪ ڪاري ۽ اُن جي *Sub-Creek* جا جدا جدا نالا آهن، ايترن نالن جي نہ اياز کي نہ تاجل کي، نہ ڪو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ کي نہ ڪو تاج صحرائيءَ کي خبر آهي، نہ ڪو ڪنهن ٻئي محقق کي خبر آهي، "هيءَ

هڪ تمام ننڍڙي *effort* آهي، جيڪا اسان ڪري رهيا آهيون، هاڻي البت اسان کي اهو فائدو ٿيو آهي جو اسان انٽرنيٽ جي ذريعي سڄي دنيا جي علم جي اسٽڊي ڪري، ان حوالي سان پنهنجي شين کي ڪٿي سگهون ٿا، پر اُهي علائقا، جيڪي اسان نہ ڏٺا آهن، انهن جي اسان کي ڪيئن خبر پوندي؟"

پر ڀٽائيءَ پنج سُرَ جبل تي لکيا آهن، پر هُن مان ڪير بہ مشاهدي جي غلطي ٿتو ڪڍي سگهي. هُن ٿر تي ٿي سُر لکيا آهن. هُن ڪڇي، سمنڊ ۽ ڪاڇي تي لکيو آهي. هڪ ڀيري سنڌي ادبي سنگت جي هڪ ميٽنگ ۾ ويٺا هئاسين تہ، بحث اچي نڪتو تہ، ٽيڙو اڳ ۾ ايرندا آهن، يا ڪتي اڳ ۾ اُيرندي آهي؟ تہ ان جي اسان شهري اديبن کي تہ خبر ئي ڪا نہ هُجي. سڀ مُنجهي پياسين، پوءِ مون کي ڀٽائيءَ جو بيت ياد آيو:

ڪتين ڪَرَ موڙيا، ٽيڙو اُڀا ٿيئي.

انهيءَ حوالي سان سوچيوسين تہ، پهرين ڪتي ايرندي آهي، پوءِ ٽيڙو ايرندا آهن تہ، ڀٽائي صاحب جي، آسمان جي اها *observation* آهي، انهيءَ ڪري ادبي فيلڊ ۾ اسان جا جيڪي دوست ڪم ڪري رهيا آهن، انهن کي گهرجي تہ،

عشق سان اٿاءِ، پير پريان جي پار ڏي.

عشق سان، ولولي سان، هڪ ادمي کي لفظن جو ويس ڏيڻ واري سروس جيتري ايمانداري ۽ درد سان پيش ڪندا، اوترو اسان سندن گيت سازن تي ڳائيندا سين ۽ کين مڃتا ڏيندا سين، باقي جيڪڏهن عظيم شاعريءَ واري انهيءَ عهدي جي لاءِ هڪٻئي سان *competition* شروع ٿي ويئي تہ انهيءَ سان نفرتون ئي وڌنديون هڪ *non-intellectual* *environment* پيدا ٿيندو، جيڪو مان سمجهان ٿو تہ، ادبي لڏي جي لاءِ فائديمند ناهي.

سوال: اوهان اياز جي عوامي مقبوليت کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: اياز جي شاعري جي سنڌي ماڻهن ۾ تمام سٺي مقبوليت آهي، ٻاهر رهندڙ سنڌي جيڪي پڙهيا لکيا آهن، اُهي اياز کان واقف آهن، باقي

ڀهراڙيءَ جو سنڌي عوام اڃا اياز کي ٿَتو سڃاڻي، عالم ته اُهو آهي ته، جنهن ڏينهن شيخ اياز کي ڀٽ شاهه تي دفن ڪيو ويو، مان اتي هيس ۽ پوءِ سڀ قافلا موٽي ويا، پر مان اها راتِ ڀٽ شاهه ۾ هيس ۽ رات جو دير تائين راڳ ٻڌي به وٺو هئس، تنبوري وارو راڳ پئي ٻڌم. ماڻهن جا هوٽل تي به پئي ٻڌم، ته ڪيترا ماڻهو پڇن پيا ته، "اهو شاعر آ، جيڪو comments مري ويو آهي، جنهن کي ڀٽ شاهه تي دفن ڪيو ويو آهي؟" يعني ڪيترن ماڻهن کي خبر نه هئي ته، شيخ اياز ڪير آهي؟ ها، هي پڙهيا لکيا، شهري ماڻهو جن جو پريس سان ڪميونيڪيشن آهي، اهي اياز کي سڃاڻن ٿا. هاڻي ته سنڌي اخبارن جي ريڊر شپ (*reader ship*) وسيع ٿي وئي آهي، ماڻهن وٽ سڀ انفارميشن آهي، پر ڀهراڙيءَ جي ماڻهن جي وڏي حصي اياز يا اسان جي ٻين جديد شاعرن جا نالا به ڪو نه ٻڌا آهن.

سوال: اوهان کي اياز کانپوءِ سنڌي شعر ۽ ادب جو مستقبل ڪيئن ٿو نظر اچي؟

جواب: اياز کانپوءِ اياز جو خال ضرور محسوس ٿيندو ۽ اياز جنهن قد-بت جو شاعر هو. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته، اهڙو شاعر اسان وٽ ترت پيدا نه ٿو ٿي سگهي، پر ان جي اها معني ناهي ته، اياز کانپوءِ تخليق جو عمل بند ٿي ويندو يا شاعريءَ جو حُسن ختم ٿي ويندو، ڇاڪاڻ ته سنڌي شاعريءَ جو حسن سنڌ جو حُسن آهي ۽ سنڌ ڏاڍي حسين آهي. خاص ڪري اسان جي نوجوان شاعرن جي شاعري ۾ جذبي ۽ درد جي جيڪا شدت آهي، اُن جو پنهنجو حُسن آهي، ان ڪري جيستائين حُسن موجود آهي، جيستائين عشق موجود آهي ۽ جيستائين درد موجود آهي، تيستائين شاعريءَ جا سدا بهار گل ٽڙندا رهندا.

سوال: اوهان مُهين جي دڙي، ڀٽائي ۽ سنڌ جا عاشق ليکيا وڃو ٿا، هونئن ته عشق جا ڪي به سبب ناهن ٿيندا، پر اوهان اسان کي ٻڌائيندا ته، اوهان جي اِن جي عشق جا، اوهان وٽ ڪهڙا خاص سبب آهن؟

جواب: مهين جي دڙي، ڀٽائي ۽ سنڌ سان منهنجي عشق جي اوهان جيڪا ڳالهه ڪريو ٿا، اها هر سنڌي ماڻهوءَ سان لاڳو آهي، هر سنڌي ماڻهوءَ کي

پنهنجي وجود سان عشق آهي ۽ اهي ٽيئي شيون اسانجو وجود آهن، پر انهن ٽن لفظن مهين جو ڏڙو، ڀٽائي ۽ سنڌ جي ترتيب ٿوري ڦيرائي ڇڏجي ته، سنڌ، مهين جو ڏڙو ۽ ڀٽائي ته وڌيڪ بهتر ٿيندو ته اهي ٽيئي شيون اسان جو قومي وجود جي جڙ آهن. ان جو سينٽر آهن، سنڌ کي جيڪڏهن توهان تفصيل سان ڏسو ته سنڌ آهي ڇا؟ ته توهان کي محسوس ٿيندو ته سنڌ سنڌو درياهه جي ٻن *Immediate banks* ڪنارن کي چئجي ٿو، ٿر جا ماڻهو چوندا آهن ته، "سنڌ ٿا وڃون." انهن کان پڇبو ته، "سنڌ ڪٿان ٿي شروع ٿئي؟" ته چوندا، "نئين ڪوٽ کان." ڇاڪاڻ ته نئين ڪوٽ جو قلعو ميرپورخاص کان وينديي ٿر جي اينڊڙ پهرئين پٽ تي اڏيل آهي ۽ جتان ٿر ۽ ان جون پٽون شروع ٿين ٿيون، پر نئين ڪوٽ کان اڳتي ٻٽريج ايريا آهي، جتي زمين سڌي آهي ۽ پٽون آهن ئي ڪو نه ته، ٿر ۾ سنڌ نئين ڪوٽ کان شروع ٿئي، جبل ۾ توهان ڪٿي ٻه وڃو، ماڻهن سان ڳالهايو، ته توهان کي چوندا "سنڌ ٿا وڃون." انهن کان پڇندؤ ته، "سنڌ ڪٿان ٿي شروع ٿئي؟" ته چوندا ته، "لال باغ (سيوهڻ) کان ٿي شروع ٿئي، جتان پوءِ *Indus plain* شروع ٿئي ٿي. يا وري چوندا ته، "سنڌ غيبي ديري کان شروع ٿئي ٿي." ڇاڪاڻ ته اُن کان اڳتي جبل شروع ٿين ٿا، يعني وارهه، ان جي اولهه ۾ حمل ڍنڍ ۽ جبل آهن.

"هوڏانهن سمنڊ جي پٽي (*Delta*) وارن مهاڻن وٽ جيڪي ٻيڙيون آهن، انهن جي بناوت مٺي پاڻيءَ وارن ٻيڙين کان مختلف آهي، سمنڊ جي پٽيءَ وارا مهاڻا، ڪنڌي واري ٻيڙي، جنهن جو اڳ ۽ پُٺِ مٿي هوندي آهي، جنهن کي "ڏونڌي" چئبو آهي، ان بابت چوندا آهن ته، "اها سنڌ ۾ هوندي آهي، سمنڊ ۾ ناهي هوندي" سمنڊ جون ٻيڙيون عام طور تي تراڪڙيون ٿينديون آهن. سمنڊ جي ڊيلٽا واري سموري علائقي کي "کارو" چئبو آهي ۽ اتر ۾ مِٺي جر واري علائقي کي مٺو چئبو آهي ته انهن مطابق، سنڌ اُتان شروع ٿئي ٿي، جتان مِٺو پاڻي شروع ٿئي ٿو. سنڌو درياءَ جڏهن سمنڊ سان ملي ٿو ۽ سنڌو درياءَ جو مٺو پاڻي ۽ سمنڊ جو کارو پاڻي، يعني سنڌ درياءَ جو لڙانيو پاڻي ۽ سمنڊ جو شفاف پاڻي پاڻ ۾ ملن ٿا ۽ انهن ٻنهي

جي ميلاپ سان جيڪو *Brackish* پاڻي ٿيهي ٿو، اُن حد جي اُتر ۾ سنڌ آهي ۽ ڏکڻ ۾ ڏيلتا آهي، ڪاڇو ۽ ڪڇو پڻ به مختلف جيوگرافيڪل يونٽس (*Geographical Units*) آهن، جن جو لوڪ ادب (*folklore*) ۽ ميوزڪ به پنهنجي آهي ته، انهن جي اٺٽي ويهٽي به پنهنجي آهي، مون کي ايمانداريءَ سان محسوس ٿئي ٿو ته، سنڌ پنجن مختلف جاگرافيائي علائقن جي هڪ فيڊريشن آهي، جنهن ۾ ڪوهستان، ٿر ڊيلٽا، ڪڇو ۽ ڪاڇو اچي وڃن ٿا.”

سوال: ته معني، سنڌ جي موجوده جيوگرافيڪل ساخت بابت اها اوهان جي ٿيوري آهي؟

جواب: بلڪل، توهان چئي سگهو ٿا.

سوال: ته پوءِ اصل سنڌ ڪٿي آهي؟

جواب: مون جيڪا مٿي ڳالهه ڪئي، ان حوالي سان ڏٺو وڃي ته، سنڌ سنڌو درياهه جي ٻن ڪنارن تي آهي. وچ مان درياهه وهي ته، سنڌ *Exactly* اها آهي. سياسي طور تي سنڌ جون سرحدون ڪشمير تائين هونديون هيون، هاڻي اُهي سُڪڙجي اپاوڙي تائين اچي پهتيون آهن ته سياست سنڌ جي ان *Unity* کي برقرار رکڻ ۾ ايترو مددگار ثابت ناهي ٿئي، جيترو پڻائي ٿيو آهي، جنهن انهن پنجن علائقن تي شاعري ڪري رسالي ۾ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جو موقعو ڏنو آهي جو ٿر جو ماڻهو جبل جي *Life* کي سمجهي سگهي ٿو، جبل جو ماڻهو ٿر کي سمجهي سگهي ٿو. اهڙي طرح سمنڊ، ڪاڇي ۽ ڪڇي وارا ماڻهو هڪ ٻئي کي سمجهي سگهن ٿا ته سنڌ، مهين جو دڙو ۽ ڀٽائي لازم ملزوم آهن.

“سنڌو ماٿريءَ ۾ رهندڙ ماڻهو اڄ کان پنج هزار ورهيه اڳ دنيا جي هڪ اهڙي واحد سلطنت قائم رکي سگهيو هيو جنهن جو ان دنيا جي سيني سنٽريل علائقن سان رابطو ۽ واپار هوندو هيو. هينئر سنڌو ماٿريءَ جي پرڏيهي واپار (*external trade of indus civilization*) بابت هڪ نئون ڪتاب آيو آهي، جنهن مان اها خبر پوي ٿي ته، ان وقت سينٽرل ايشيا، مڊل ايسٽ ۽ ايشيا جا ٻيا سڀئي علائقا موهن جي دڙي سان رابطي ۾ هئا ۽

موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان ڪي اهڙيون شيون پڻ مليون آهن، جيڪي سينٽرل ايشيا، عراق ۽ مصر جون آهن ۽ موهن جي دڙي جا گهگهرا، ڪنگڻ، ٻوليءَ جا اکر ۽ مهرون پڻ انهن علائقن مان مليون آهن، اهڙي طرح سنڌ، موهن جو دڙو ۽ ٻيٽائي ساڳي ٽڪنڊي جا ٽي پاسا آهن.“

سوال: توهان چا ٿا سمجهو ته اوهان جي سنڌ، موهن جو دڙو ۽ ڀٽائي هن وقت ڪنهن خطري جي تلوار هيٺان نه پيا گذرن؟ ۽ جي ايئن درست آهي ته پوءِ اوهان انهن ٽنهي شين جو تحفظ ۽ ترقيءَ ڪهڙين ڳالهين ۾ ڏسو ٿا؟

جواب: ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته، هن وقت انهن ٽنهي شين کي خطرو آهي ۽ ان ۾ به ڪو شڪ ناهي ته، ڀٽائيءَ کي نئون نسل ٿتو سمجهي پر مون کي محسوس ٿئي ٿو ته، جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان ان تي ويچاريو وڃي ته، ڀٽائيءَ کي نه سمجهندڙ 30 سيڪڙو شهري ماڻهو آهي. جن ۾ اسان جو پڙهيو لکيو ماڻهو، اسان جا اديب، شاگرد ۽ شهري ماحول وارا آفيس جن تي، اردو ۽ انگريزي ٻوليءَ جو غلبو آهي، شامل آهن. باقي ٻهراڙيءَ جو ماڻهو اڃا تائين ڀٽائيءَ کي سمجهي ٿو. مثال طور تي، توهان جبل ويندؤ ته، ڪچهريءَ دوران ماڻهو توهان کي ڀٽائيءَ جا بيت ٻڌائيندا، لاڙ، ڪاڇو، ڪچو، سمنڊ، ٿر مطلب ته جتي به ويندؤ اتي اوهان کي اها خبر پوندي ته ڀٽائي کي گهڻ ۾ گهڻ سڀ سمجهون ٿا، ٿر جو ماڻهو جبل کي نه سمجهندو هوندو. پر اُهو ڀٽائيءَ کي سمجهي ٿو، انهيءَ جي ڪري، ڀٽائي، منهنجي خيال ۾ اسان جو يونائيٽيڊ فرنٽ آهي، اهو اسان جو روحاني ۽ ثقافتي طور تي هڪ اهڙو وحدت الوجود آهي، جيڪو انهن سيني علائقن کي پاڻ ۾ متحد ڪري ٿو ۽ ان جي وچ واري انڊس ته، هڪ *legendary river* آهي، ان سان ڪيئي ڏند ڪٿائون جڙيل آهن، اِها مٿالوجيءَ جو هڪ موضوع آهي، جيڪو مها، يوگي هيو، اتي گوتم ٻڌ جي تپسيا ڪيل آهي، اتي جي هنجن کي ديوتا سمجهيو ويندو آهي. مان سمجهان ٿو ته، انسان جو قديم ترين مذهب هوئڻ به پاڻيءَ جي پوڃا آهي، ڪجهه ڏينهن اڳ موهن جي دڙي تي ڪجهه نوجوان ڪامريڊ سويي سان هڪ پروگرام ٺاهي، ان کي موهن جي دڙي جي ڪجهه جاين تي

ويهاري هنجا فوٽو ڪڍيا هئا ته اتي ڪامريڊ سان مان ٻه ڳالهيون ڪيون هيون، ته هڪ مرحلي تي مون ڪامريڊ کان پڇيو ته، ”هنن مهين جي دڙي جي ماڻهن جو ڪهڙو مذهب ٿي سگهي ٿو؟“ ته هن چيو ته ”هڙاپا مان شو پڳوان جو لنگم مليو آهي. موهن جي دڙي جي سموري کوٽائي نه ٿي آهي، اهو صرف 18 سيڪڙو مس کوٽيو ويو آهي ۽ جيڪڏهن اهو سڄو کوٽجي ته ٿي سگهي ٿو ته ان سوال جو جواب ملي وڃي، پر غالب امڪان اهو آهي ته هنن ماڻهن جو مذهب پاڻيءَ جي پوڄا (*water worship*) هو.“ ته، واٽر ورشپ واري پنٽ جو وڏي ۾ وڏو سرچشمو انڊس رور آهي، جنهن جي ڪناري تي ويهي ويد لکيا ويا، رگويد جو هڪ سنڌي رائيٽر آهي، شاعر آهي، سنڌو ڪشٽ، ان جو سنڌو درياهه جي شان ۾ لکيل هڪ شيءِ جو انگريزي ترجمو مون وٽ ڪمپيوٽر ۾ *Save* ٿيو پيو آهي، ته انهن ئي شين سنڌ، موهن جو دڙو ۽ پتائي سان اسان جو جيڪو جذباتي لڳاءُ آهي. اهو سياويڪ آهي ۽ منهنجي خيال ۾ سنڌ جي هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ اهو ٽڪندو موجود آهي، باقي رهيو ان جي تحفظ ۽ ترقيءَ جو مسئلو، انهيءَ ۾ مون کي محسوس ٿئي ٿو ته، پتائي پنهنجي حفاظت پاڻ ڪرڻ جي قابل آهي، چاڪاڻ ته هُن جو ماڻهن تي اڃا تائين اهو *powerful impact* موجود آهي. ڪاڇي ۾، ڪڇي ۾، ڪوهستان ۾، ٿر ۾، ڊيلٽا ۾ ماڻهو پتائيءَ کي چڱي طرح ڄاڻن ٿا، ان کي *quote* ڪن ٿا، صرف شهري ماڻهو ۽ پڙهيا لکيا نوجوان، جن کي *rural background* گهٽ آهي، يا شهرن ۾ پيدا ٿيندڙ نوان ٻار پتائيءَ کي تنا سمجهن ۽ اسان جيڪڏهن انهن کي سمجهايون ته، اهي ان کي سمجهي سگهن ٿا. اهڙي طرح سنڌو ندي، جنهن کي ني سنڌ چئجي ٿو، اها پڻ هينئر تائين پنهنجي حفاظت پاڻ ڪندي آئي آهي. هُن جي مٿان ايترا بئريجز (*barrages*) ٺهيا آهن. ڊئم آهن، پر پوءِ به سال ۾ هڪڙو دفعو جنهن وقت درياهه موُج ۾ اچي ٿو، ته اهو بلڪل سمنڊ سان ملي ٿو وڃي.“

سوال: پر سائين اوهان ڇا ٿا سمجهو ته، انهن بئريجز ۽ ڊيمن ٺهڻ سبب سنڌو درياهه جي پاڻيءَ ۾ اڃ جي پيٽ ۾ گهٽتائي ناهي آئي؟

جواب: ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته، سنڌو درياهه تمام وڏي حد تائين سُڪي ويو آهي، اها تشويشناڪ ڳالهه پنهنجي جاءِ تي آهي، چاڪاڻ ته، 1947ع کان اڳ ۾ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ 150 ايم اي ايف پاڻي پاڻي وهندو هو، جڏهن ته، 1990ع واري پاڻي جي ٺاهه ۾ حڪومت طئي ڪيو ته، ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ 10 ايم اي ايف پاڻ وهندو، پر عملي طور ان جي بعد وارن سالن ۾ ڏٺو ويو آهي ته، صرف 3 ايم اي ايف پاڻي ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ وهي وهيو آهي، اهو ته اسان، خاص طور تي سنڌين لاءِ هڪ وڏو الميو آهي. ته پنجاب جو دانشور ۽ اسان جا ڪجهه مهاجر دانشور عام طور تي اهو سمجهن ٿا ته، ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ وهندڙ پاڻي ضايع ٿي ٿو وڃي، انهيءَ ڪري چون ٿا ته، جيڪو پاڻي ضايع ٿي سمنڊ ۾ وڃي ڪري ٿو، اسان جيڪڏهن ان پاڻيءَ تي ڪالا باغ ڊيم ٺا ٺاهيون ته، توهان کي اعتراض ڪهڙو آهي؟ ۽ بظاهر ته، هُو اهڙي ڳالهه ٿا ڪن، ڄڻ اسان بيوقوف آهيون، جو چئون ٿا ته، جيڪو پاڻي سمنڊ وڃي ٿو اُهو ٺيڪ آهي، پر توهان سمنڊ ۾ پاڻيءَ جي وڃڻ کي ڇا ٿا سمجهو؟ توهان وچ تي ڊيلٽا ڏٺو ئي ناهي ڇا؟ توهان پنج هزار چورس ڪلو ميٽرس واري ڊيلٽا جي ايريا کي ڪاٽو ٿا ڪريو 5 هزار چورس ڪلو ميٽرس جي ايريا، جيڪا سنڌو ماتريءَ جي پڇڙي (*tail-end*) ۾ هڪ مختلف جيوگرافيڪل، ڪلچرل ۽ هسٽاريڪل *entity* آهي، جنهن ۾ دنيا جو ستون وڏي ۾ وڏو *mangrove forest* (تمر جو ٻيلو) آهي، جنهن ۾ گانگٽن جي بي تحاشا پيداوار ٿي ٿئي، جيڪا هن علائقي جي ناياب مڇي آهي، انڊس ڊيلٽا سڄي دنيا کي سنڌ پنجاب توڙي سرحد ۽ بلوچستان ٿسان ملائي ٿو. يعني پاڪستان کي سڄي دنيا سان ملائي ٿو. اوهان اونهي سمنڊ مان ڊيلٽا ۾ اچو ۽ اتان اتر ڏانهن سفر ڪري سنڌ لتاڙي، پنجاب ۽ سرحد جي علائقن ڏانهن اٽڪ ۽ اجا به اتر ۾ وڃي سگهو ٿا. ته ڇا ان ڊيلٽا ايريا کي پاڻيءَ جي ضرورت ناهي؟ ڇا اهو هوا تي هلندو؟ اهو ته هلندو ئي پاڻيءَ تي هو، ان ۾ ڳاڙها چانور ٿيندا هئا، انهيءَ ۾ جڏهن گهڻو پاڻي هوندو هو ته اتي پلو ٿيندو هو، هاڻي پلو ختم ٿي ويو آهي، مير بحر ته پلي جي ختم ٿيڻ

ڪري پڙپانگ ٿي ويا آهن.

"هونئين به ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ پاڻيءَ جو وهڻ انڪري به ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته، واٽر اسٽريم (*water stream*) بابت اهو انٽرنيشنل قانون آهي ته پاڻيءَ جي ڪا به نهر جتان نڪري، جتي توڙ ڪري ٿي، ان کي پنهنجي توڙ تائين پهچڻ کپي، جيڪڏهن اها اتي نه ٿي پهچي ته، سمجهيو ويندو ته، اها ندي سُڪي وئي آهي، ۽ ڪنهن نديءَ جي سُڪڻ يا ڪنهن علائقي ۾ پاڻيءَ جي خراب ٿي وڃڻ، يا ختم ٿي وڃڻ کي *process of desertification* چئجي ٿو، جيڪو بين الاقوامي ماحولياتي ايجنسين جي لاءِ تمام وڏي تشويش جي ڳالهه آهي، پر ان جي باوجود به سنڌو درياءَ صدين کان وٺي پنهنجي حفاظت پاڻ ڪندو آيو آهي، انڪري منهنجي چوڻ جو مقصد اهو هو ته سنڌ، موهن جي دڙي ۽ پتائي جو تحفظ اسان دل ۾ خوش ٿي چئون ته، ڪيون ٿا، پر اهي ته اسان جو تحفظ ڪن ٿا، اسان جي گائيڊ ڪرڻ واريون شيون آهن. انهن کي، اسان جي حفاظت جي ايتري گهڻي ضرورت ڪانهي اهي پنهنجي حفاظت پاڻ ڪري سگهن ٿا ۽ انهن کي ڪو به خطرو ناهي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به آرڪيالوجيڪل سائيٽ کي هڪ Age (عمر) ٿيندي آهي، جڏهن توهان ان کي کوٽيندؤ ته، ان جي تباهيءَ جو ميٽر هلڻ شروع ٿي ويندو. *down counting* شروع ٿي ويندي ۽ اها ان جي موت ڏانهن ويندي. اهڙي طرح ڪو به اسٽرڪچر پنهنجي ماحول جي اثرن جي ڪري هڪڙي عرصي ۾ ختم ٿي ويندو، پر موهن جو دڙو سڄي دنيا جي فڪر ۾ جيڪا ڳالهه *Add* (شامل) ڪري ويو آهي، ان کي ڪير به ختم نٿو ڪري سگهي.

سوال: ته ڇا سنڌ، مُهين جي دڙي ۽ پتائيءَ جي واقعي ڪائونٽ ڊائون شروع ٿي چڪي آهي؟

جواب: مان موهن جي دڙي وارن ڪنڊرن جي، "ڪائونٽ ڊائون"، جي ڳالهه ٿو ڪريان، ڇاڪاڻ ته جيڪي آثار زمين اندر دفن آهن، انهن کي سمر برابر ڪائي ٿي، پر خاص ڪري ٺيڪرات (جيڪو پنج هزار سالن کان محفوظ

آهي، جڏهن ته لوهه ڳري ويو آهي، ڪاٺ ڳري ويو آهي) ۽ جڏهن ڪوٺائي ڪانپوءِ اهو ٽيڪرات ٻاهرين فضا ۾ اچي ٿو، تڏهن ان جي اندر جيڪو لوڻ (*salt*) آهي، سو ڏماڪي سان ڦاٽي پوي ٿو جنهن ڪري سرون ڪلر ۾ تبديل ٿي مٽي ٿيو پون. ان ڪري چئبو ته ڪوٺائي ڪانپوءِ ٽيڪراٽي وارا ڪنڊر مقرر وقت تائين سالم رهي سگهن ٿا ۽ پوءِ ختم ٿي ويندا، اها ٻي ڳالهه آهي ته اوهان انهن مان لوڻ وارو عنصر ڪڍي ڇڏيو ته پوءِ اهي امر ٿي سگهن ٿا. پر اوهان کي خبر آهي ته اهو ڪم پاڪستان سرڪار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي. باقي ڪائونٽ ڊائون جو تعلق پٽائي ۽ سنڌ سان ناهي!

سوال: سنڌ جا سنجيده حلقا هن وقت اهو محسوس ڪن پيا ته، سنڌ شديد فڪري بحران جو شڪار آهي، ان ڪان سوشلزم، قومپرستي، جمهوريت ۽ صوفي ازم سميت مڙني نظرين جون ڏوريون هٿن مان ڇڏائجي ويون آهن ۽ سنڌي ماڻهن جي ذهنن تان هر قسم جي "ازم" جا اکر مٽجي چڪا آهن، اوهان ڇا ٿا سمجهو ته، هن وقت سنڌ کي ڪهڙي فڪر جي ضرورت آهي، جيڪو سنڌ جي ماڻهن کي مايوسيءَ ۽ ويڳاڻپ جي ڪُن مان ٻاهر ڪڍي اچي؟

جواب: ڪنهن قوم کي ان جي حالتن پٽاندر اهڙو ڪو ماڻهو *ideology* ڏيئي سگهي ٿو، جنهن انهيءَ قوم کي تفصيل سان سمجهيو هجي ۽ اُن جو مشاهدو ڪيو هجي. منهنجي خيال ۾ پٽائيءَ جي فڪر ڪانسواءِ سنڌي قومُ کي ڪلهه اڄ يا سڀاڻي، ڪنهن ٻئي فڪر جي ضرورت نه پوڻ کپي، پٽائيءَ جو ڪلام ۽ فلسفو ئي اسان جو قومي فڪر ۽ فلسفو آهي.

هينئر دنيا هڪ گلوبل وليج ٿي ويئي آهي، انٽرنيٽ سان سڄي دنيا ايئن ڳنڍجي ويئي آهي، جيئن ننڍڙي ڳوٺ جي ڪنهن هڪ ڪنڊ مان ٻئي ڪنڊ تائين خبرون آسانيءَ سان انهيءَ مهل پهچنديون آهن، ايئن سڄي دنيا ڳنڍجي ويئي آهي. پر هينئر توهان کي جيڪو به فڪر کپي، اهو ديسي فڪر هئڻ کپي. جيڪو توهان جي قومي خمير کي سڃاڻي ۽ اهڙي قسم جو فلسفي توهان جو پنهنجو ڪو شاعر يا فلسفي ئي ٿي

سگهي ٿو. دنيا جا پيا سمورا فلسفا هينئر اسان جي آڏو آهن ۽ تمام ويجهڙو آهن، اڳي اسان سوچيندا هئاسين ته، جڏهن هندستان ۽ پاڪستان جا سياسي تعلقات ٺيڪ ٿيندا، تڏهن بارڊر کلندو، پوءِ اسان اتي سنڌ متعلق جن به جاين تي رڪارڊ آهي، وڃي پڙهي ايندا سين. هينئر ته توهان انٽرنيٽ جي ذريعي اهو سمورو مواد هٿ ڪري سگهو ٿا، ايسٽ انڊيا ڪمپني جي اچڻ کانپوءِ يا ان جي اڳ وارا سمورا ڊاڪيومينٽيس توهان انٽرنيٽ جي ذريعي پڙهي ۽ انهن جو نقل وٺي سگهو ٿا.

اسان کي دنيا جي سائنسي ايجادن ۽ دنيا ۾ پيدا ٿيل نيٿن *economic theories* مان فائدو ضروري وٺڻ گهرجي، پر بنيادي رهڻي ڪهڻي (*way of life*)بابت پٽائي صاحب اسان کي جيڪو گائيڊ ڪري ٿو، مان نٿو سمجهان ته اهڙي *guidance* دنيا جي ڪنهن ٻئي فلسفي يا مذهب ۾ ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته سنڌي ماڻهو ڀٽائيءَ جي فلسفي ۽ ان ڳالهه کي وڌيڪ فطرتي طريقي سان سمجهي ٿو، بنسبت ٻين فلسفن جي.

سوال: سائين، اوهان جيئن چيو ته، ڀٽائيءَ جي فڪر جي موجودگيءَ ۾ سنڌ کي ڪنهن ٻئي فڪر جي ضرورت ناهي، ته اوهان اسان کي ٻڌايو ته، ڇا ڀٽائي صاحب جي فلاسافي انهن مڙني معاملن جيڪي ڪنهن نئين سماجي نظام جي تشڪيل لاءِ لازمي هوندا آهن، جو پورائو ڪري ٿي؟ جي ڪري ٿي ته ڪيئن؟

جواب: ڀٽائي جي فڪر جي موجودگيءَ ۾ سنڌ کي ٻئي ڪنهن به فڪر جي ضرورت ناهي. هن جو فلسفو جديد دنيا ۾ پڻ سنڌ ۽ سنڌين جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. ڀٽائي سنڌ جي دائمي دردن جو شاعر آهي. ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي. اها ڳالهه مان ڪنهن جذباتي جولان ۾ نٿو چوان پر سوچي سمجهي ڪيان ٿو. اوهان جنهن کي "نئين سماجي نظام جي تشڪيل" چئو ٿا، ڀٽائي ان جي روح سان آهي، بشرطيڪ اهو اوهان جو "نئون سماجي نظام" انسان- دشمن نه هجي. "اوهان ان مان اندازو لڳايو ته سائين جي ايم سيد جهڙي قومپرست ليڊر جو

به چوڻ آهي ته، "ڀٽائي پنهنجي فڪر ۾ سوشلسٽ هو." ڏکيون جان نه مڙن، تان تان پنڻ نان ٿئي. ان سٽ ۽ "ورڪرس آف دي ورلڊ يونائيٽ" ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ ها، هڪ فرق ضرور آهي ته ڀٽائي هر مظلوم ماڻهوءَ کي متحد ٿيڻ جو درس ڏنو هو، جڏهن ته ڪارل مارڪس رڳو "ورڪرس" جو لفظ استعمال ڪيو آهي. جنهن ۾ ٽيڪنيڪي طور "هاري" به شامل ناهي، ۽ وري انهن صنعتي مزدورن جي ٿاهيل جنت جو حشر به اوهان آڏو آهي جڏهن ته ڀٽائي دنيا جي آخري حقيقي مظلوم ۽ ڏکويل ماڻهو جو ليڊر آهي، ان جو اندازو اوهان ان نقطي مان لڳايو ته ٿر ۾ وسڪارو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ به ماڻهو ڏکي نه رهندو آهي. پر جي وسڪاري ٿيڻ جي باوجود ڪنهن غريب کي ٻج ڪنهن نه ڏنو آهي ته هن جو ڪيس هيئن وڙهيو آهي.

ڏکي توءِ ڏڪار، توٽي وسن مينهڙا

اهڙي طرح اوهان کي رسالي ۾ ڪو هڪڙو به اهڙو بيت نه ملندو، جيڪو فلسفي جي نقطهِ نگاهہ کان جمهوريت، نيشنلزم يا سوشلزم سان ٽڪراءَ ۾ ايندو هجي.

"ها، اوهان چئي سگهو ٿا ته ڀٽائي مذهب، اسلام، ۽ الله جي ڳالهہ ڪئي آهي، جڏهن ته ڪارل مارڪس مذهب کي پورهيت عوام لاءِ آفيم قرار ڏنو هو. ان سلسلي ۾ منهنجي گذارش اها آهي ته اوهان ڀٽائيءَ جي الله کي ڳوليو، اوهان کي محسوس ٿيندو ته اهو "انسان آهي".

"سوهي، سو هُو، سو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهہ، سو ويري، سو واهَرو"

مان ته ايئن به چوندس ته اڄ تائين دنيا ۾ ڪارل مارڪس (1818-1883) سميت ڪو به اهڙو فلسفي پيدا نه ٿيو آهي، جنهن ڀٽائيءَ (1689-1752) جيتري انسان کي اهميت ڏني آهي.

ڪوهہ ٿو ڪاڳر ڪورئين، ويٺو وڃائين مَس،
ڏور ٿنائين ڏِسُ، اکر جنائين جُڙيا.

يا

سو نه پني ڪنهن شيءِ ۾
جيڪي منجهه تُراب......

ها، باقي جيڪڏهن اوهان 1956ع ۾ هڪڙو آئين ناهيو، 1958ع ۾ مارشل لا هڻو، 1973ع ۾ پيو ناهيو، 1997ع ۾ ان کي ريپ ڪيو ته اهڙي ڊرافٽنگ اوهان کي شريف الدين پيرزادو ته ڪري ڏيندو، پٽائيءَ مان اهڙي اميد نه رکو. منهنجو مقصد آهي ته وقت به وقت حڪومتي نظام ۾ ايندڙ تبديلين ۽ تبديل ٿيندڙ قانونن جي هر سٽ اوهان رسالي مان نه ڳوليو. اوهان کي فلاسافيڪل خاڪو رسالي مان ملندو، جنهن جا وقتي خال اوهان کي پرڻا پوندا. اها ساڳي سوچ بائيبل جي پوئلڳن وٽ به آهي ۽ هندو ڌرم ۾ به آهي، ان جي باوجود انڊيا اڄ دنيا جي وڏي ۾ وڏي جمهوريت بڻي آهي، آمريڪا کان به وڏي!!

سوال: ته ڇا توهان ائين چئو ٿا ته، سنڌي قوم کي فڪري لحاظ کان مايوس ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي؟

جواب: بلڪل، مان ائين چاهيان ٿو ته، سنڌي قوم کي جيڪڏهن پٽائيءَ جهڙو شاعر مليل آهي ته، ان کي مايوس ٿيڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي، گوبند مالهيءَ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکيو هو ته، ”امان مون کي چوندي هئي ته، زندگيءَ ۾ جڏهن به ڪنهن وڏي ذهني بحران ۾ ڦاسي پيئين ۽ سمجهين ته، انهيءَ مان نڪري نٿو سگهين ته، پن مان ڪو به هڪڙو ڪتاب کڻي، اُهو کولي پڙهندين ته تون انهيءَ ذهني بحران مان نڪري ويندين ۽ اهي به ڪتاب هئا، هڪ گرو گرنٿ صاحب ۽ شاهه جو رسالو.“ سو، جيئن توهان چيو ته، هن وقت سنڌ کي ڪهڙي فڪر جي ضرورت آهي، جيڪو ماڻهن کي مايوسيءَ جي کُن مان ٻاهر ڪڍي سگهي، ته مان سمجهان ٿو ته پٽائي ۽ پٽائيءَ جو رسالو سنڌي ماڻهن کي مايوسيءَ جي کُن مان ٻاهر ڪڍي سگهن ٿا.

سوال: جيئن مون اڳ ۾ به ذڪر ڪيو ته، سنڌ موجوده وقت ۾ شديد مايوسيءَ واري دور مان گذري رهي آهي. سياسي ڪارڪن خودڪشي پيا ڪن، پورهيت پاڻ کي پيا ساڙن، ڏاڙيل گهرن جا گهر پيا اجاڙن، غيرتمند

سنڌي مرد پنهنجون نياڻيون ڪاريون ڪري پيا ڪُهن، عام ماڻهو بيڪاريءَ ۾ پنهنجو وقت ڪاٽي ٿو. تعليم هٿيارن ۽ هڙتالن جي نذر ٿي ويئي آهي. ڪامورو ڪرپٽ ۽ سياسي اڳواڻ ڪاروباري ٿي ويو آهي. ان اونده ۾ اوهان ڪي ڪهڙيون اميد جون ڏيائون نظر اچن ٿيون؟

جواب: ادا، هيءَ *Situation* سڄي پاڪستان ۾ ڊيموڪريسي جي آزمائش ۽ *Democratic Struggle* سان لاڳاپيل هڪ شيءِ آهي، اسان وٽ هن وقت، جڏهن ڪان سپريم ڪورٽ تي حملو ٿيو آهي، تڏهن ڪان *Conceptually* (اصولي طور) ايئن سمجهي سگهجي ٿو ته هتي قانون جي حڪمراني (*Rule of law*) آهي ئي ڪو نه. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن *law* کي محفوظ ڪرڻ واري اداري تي به سياسي شاونزم تحت حملو ڪري سگهجي ٿو ته، معني اهو *Rule of law* تي حملو آهي، پنهنجي پير تي اها پنهنجي ڪهاڙي هئي، جيڪا هڻي ويئي، ته انهيءَ واقعي ۽ ان ڪانپوءِ آئين ۾ جيئن صبح، منجهند، شام دوا کائبي آهي، تيئن ترميمون ٿيون.

هيو جيئن سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو هتي هڪ ڊيموڪريٽڪ سسٽم کي *Good Governance* واري ماحول کي تباهه ڪرڻ جي ڳالهه آهي ۽ هيءَ جيڪا سڄي ڊپريشن آهي، جنهن جو اوهان ذڪر ڪيو آهي، اها *Lawlessness* جي ڪري ئي آهي، توهان ڏٺو ته، ڌاڙيل فنامنا هتي 15 سال تمام اوج تي هليو ۽ جيڪو هلي ڪجهه پورو ٿيو، پر ان جا نشان اڃا موجود آهن. شهرن ۾ دهشتگردي به باقاعدي هلي، جنهن کي اسٽيٽ جا *Influential* ادارا سپورٽ ٿا ڪن، هتي هيءُ جيڪو سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي، اُهو هن ئي ملڪ جي اندر ايجنسين جو پاڻ ۾ لڙائيءَ جو نتيجو آهي، اها راءِ اخبارن ۾ وري وري ڇپجي چڪي آهي. انهيءَ ڪري انارڪيءَ جي هڪ لهر آهي. ملڪي معيشت تباهه ٿي ويئي آهي. هيءُ ملڪ ته ڏيوالو ڪڍڻ جو اعلان ڪرڻ وارو هو، پر پوءِ اها ڪوشش ڪئي وئي ته، ان کي بچايو وڃي. سو هن صورتحال مان نڪرڻ جي صرف هڪ *Objective* اميد اها آهي ته اسان پاڻ کي تبديل ڪريون. ڇاڪاڻ ته دنيا ڏاڍي تبديل ٿي ويئي آهي. پر اسان تبديل نه ٿيا

آهيون، اسان دنيا سان گڏ پاڻ کي تبديل نہ ٿا ڪريون، اسان پٺتي رهجي ويا آهيون. هاڻي جڏهن اسان مختلف چينلز جي ذريعي سڄي دنيا ڏسئون ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ، اسان ڪيڏا نہ پٺتي پيل آهيون.

اسان جون عورتون، اسان جا مرد ڪيڏا پٺتي پيل آهن، هتان جا پڙهيا لکيا، هُتان جي پڙهيل لکيل ماڻهن کان ڪيترو گهٽ ڄاڻن ٿا، پر دنيا تبديل ٿي ويئي آهي ۽ اها اجا وڌيڪ تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي. ان گلوبل پريشر جي گهرج آهي تہ، هن سوسائٽيءَ ۾ جمهوري نظام کي مضبوط ڪيو وڃي. انهيءَ حوالي سان ڪا اميد ڪري سگهجي ٿي تہ ٺيڪ آهي، باقي، پاڪستان ۾ اندروني طور تي، هڪ ننڍي صوبي ۽ هڪ ننڍي قوم جي بظاهر وس ۾ ناهي تہ اها پنهنجي مرضيءَ سان ڪا تبديلي آڻي سگهي.

ان لاءِ سنڌ جي حوالي سان مان چوڻ چاهيان ٿو تہ جيڪڏهن پاڪستان ۾ انارڪي آهي تہ اسان سنڌين کي سنڌ ۾ ان انارڪيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن مهاجر پنهنجن دهشتگردن کي هيرو سمجهن ٿا تہ اسان ڌاڙيلن کي هيرو نہ بڻايون. اسان اهڙين سياسي ڌرين کي ووٽ نہ ڏيون جيڪي ذهن ۾ ملوث آهن، اهڙي طرح سماجي تبديليءَ لاءِ سياسي دهشتگرديءَ کي قبول نہ ڪريون، سو اسان جيڪڏهن مهذب ماڻهو آهيون تہ پنهنجي سنڌ ۾ سڌارو چوڻ ٿا آڻيون. رڳو اسلام آباد يا آسمان ڏانهن تڪڻ سان ڪجهہ نہ ٿيندو ۽ جيڪڏهن اسان ايئن نہ ڪيوسين تہ پوءِ تباهي اسان جو مقدر بڻجي ويندي. ڇا اسان جو شاگرد اها ڳالهہ نٿو سمجهي تہ ڪاپي ڪرڻ سان هو پنهنجي پيننگ ڪري رهيو آهي تہ پوءِ هو ڪاپي ڇو ٿو ڪري؟

حقيقت اها آهي تہ اسان ڪرپٽ ٿي چڪا آهيون، ايم آر ڊي تحريڪ ۾ حڪمرانن اڳ ۾ اسان تي سڌو حملو ڪيو، پوءِ ڌاڙيلن کي سنڌ ۾ آباد ڪيو، وري پوءِ 1984ع ۾ ايم ڪيو ايم ٺهرائي سنڌ ۾ گهرو لڙائي لڳرائي ۽ آخر ۾ سنڌ جي هر سماجي طبقي کي ڪرپٽ ڪيو ويو. سو ڪرپٽ ماڻهن ۾ ڪنهن سُڌاري جي اميد گهٽ رکڻ گهرجي.

اسان هميشہ پاڻ کي عظيم سمجهڻ جي غلط فهميءَ ۾ پنهنجي پينگ ڪئي آهي، اسان پنهنجين غلطين کي تسليم نہ ڪندا آهيون، اوهان سنڌي معاشري ۾ جن ٻہ برائين جو ذڪر ڪيو آهي، اهي برايون اسان سنڌي پاڻ ڪري رهيا آهيون. ها جيڪڏهن چيو وڃي تہ اهي برايون اسان کان ڪرايون پيون وڃن، تڏهن بہ اسان بيوقوف ٿياسون. اسان چو ٿا پراون دهلن تي احمقن وانگي نچون. اسان جو نوجوان شاگرد پاڻ کي ڏاهو ٿو سمجهي، مائو، مارڪس ۽ لينن جا قول ياد اٿس. پنهنجي ماءُ پيءُ سان بغاوت ڪرڻ جو حوصلو اٿس پر ان وقت هن جو شعور ڪيڏانهن پَرَ ڪري اڏامي ٿو وڃي. جڏهن هو ڏاڙو ٿو هڻي. صرف چئن پئسن لاءِ؟ اوهان جيڪڏهن سنڌ جي شاگرد تنظيمن ۾ ڏوهاري ماڻهن جو سيڪڙو معلوم ڪرڻ لاءِ ڪو سائنسي ۽ حقيقي سروي ڪرايو تہ اوهان جو سنڌ جي آئيندي مان اعتبار کڄي ويندو. صرف سنڌي اخبارن ۾ ڇپيل مواد جي حوالي سان جائزو وٺندؤ تہ بہ منهن ڪڻ جهڙا نہ ٿيندؤ! منهنجي ريمارڪس تي ڪي نوجوان ضرور ناراض ٿيندا، پر ڪين خوش ڪرڻ لاءِ مان ايئن چئي نٿو سگهان تہ سنڌي شاگرد تنظيمن ۾ ماڻهن جي اڪثريت ڏوهاري ناهي.

اهڙي طرح اسان جو سياستدان، صحافي، ليکڪ ۽ عام ماڻهو پڻ ڪرپشن جو ڪاچ تي رهيو آهي. سو اسان جڏهن پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي تہ پوءِ ان ۾ ڪنهن ٻئي جو ڪو ڏوهہ ڪونهي."

We are seeking remedy of melancholy with madness.

سوال: اوهان اڳ ۾، پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪچي واري زمين جي آباد ڪرائڻ جي جيڪا ڳالهہ ڪئي، اوهان اسان کي اهو ٻڌائيندا تہ 50 سالن کانپوءِ هڪ اديب کي آبادگار بڻجڻ جو خيال ڪيئن آيو؟

جواب: معاشي ضرورت پنهنجي جاءِ تي پر جيڪو سنڌي اديب اسلام آباد يا ڪراچي ڇڏي پنهنجي ڳوٺ سان ٻيهر رشتو جوڙيندو ۽ ڪيتي راهي ڪندو، ان کي هڪ اضافي فائدو اهو ٿيندو تہ هو سنڌي ٻولي سکي

سگهندو. سنڌي جيتري اسان جي هاريءَ ناريءَ، ڪمي ڪاريءَ، ٻڪرار ۽ ميهار ڪي اچي ٿي، اوتري اسان جي اديبن ڪي نہ ٿي اچي. منهنجي خيال ۾ ان حقيقت کان اسان جا اديب چڱي طرح واقف آهن. بهرحال جيڪڏهن مان اديب آهيان تہ بہ مون لاءِ اها اعزاز جي ڳالهہ آهي تہ مان پنهنجي ڳوٺ سان وري رشتو جوڙيو آهي، جڏهن تہ پيٽ پالڻ لاءِ اِخباري نوڪري ڪرڻ کان آبادگار ٿيڻ سئو دفعا وڌيڪ سٺو عمل آهي، منهنجي خيال ۾، هن وقت سنڌي نوجوان کي گهرجي تہ هو "نوڪريءَ" واري رُڃَ ۾ ڀٽڪڻ بدران پنهنجي ابي ڏاڏي واري ڪرت يا ٻئي ڪِنهن ڪاروبار ڪرڻ تي سوچي ۽ علم بہ حاصل ڪري.

سوال: ننڍڙي ڳوٺ کان ڪنهن وڏي شهر جو سفر ڇا ڪنهن ورهاڱي جي برابر ٿئي ٿو؟

جواب: 19 صديءَ عيسوي جو هڪ شاعر ڳوٺ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو تہ هو چريو ٿي پيو هو. سو مون ڳوٺ ڇڏيو هو تہ، اهو ڪنهن مجبوريءَ کان ڇڏيو هو، پر شايد نڪ ڇو هوس جو چريو نہ ٿيس 'مجبوريون ٻہ هيون، هڪ اها تہ وڌيڪ تعليم ونئي هئي، جيڪا اُتي نہ پئي ملي سگهي ۽ ٻي اها تہ، هڪ وڏيرڪي نظام ۾ جڏهن ماڻهو پڙهي لکي ٿو تہ، ۽ جڏهن پنهنجن وڏن کي وڏيرن اڳيان جهڪندي ڏسي ٿو تہ، نوجوان ان کي پسند نٿو ڪري، ان تي ڪيس ڪاوڙ اچي ٿي ۽ هُو باغي ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ وري خطرو محسوس ٿو ڪري تہ، باغي ٿيندس، تہ مارجي ويندس، جيئن باقراڻي اسٽيشن تي هڪ نوجوان کي انڪري بندوق هنئي ويئي هئي. جو هو تر جي هڪ وڏيري جي خلاف ڳالهائي پيو، تہ ايئن چئجي تہ اهو هڪ ورهاڱو هو. اها هڪ *Forced migration* هئي.
From village to big city.

سوال: سائين، آخر ۾ اسان کي پنهنجي محبت جون اُهي سيئي ڪهاڻيون ٻڌايو، جيڪي اوهان هينئر تائين، اسان کان لڪائي رکيون آهن؟

جواب: اوهان منهنجي عشق جون اهي سڀ ڪهاڻيون ٻڌڻ چاهيو ٿا جيڪي هينئر تائين مون اوهان کان لڪائي رکيون آهن.

اوهان جي اها فرمائش پوري ٿي نہ سگهندي، ڇاڪاڻ تہ منهنجي مها گروءَ يعني ڀٽائي صاحب ايئن ڪرڻ جي سختيءَ سان منع ڪئي آهي. هن چيو آهي تہ:

انــــدر ايءَ اهـــنـــجُ،
سانـديج سَڪـائـون ڪـري.

ان اهنج ۽ درد کي جڏهن اندر ۾ ايئن سانڍي رکبو جيئن آويءَ ۾ ڪچو ٿانءُ سانڍي رکبو آهي، جو ٻاهر ٻاڦ بہ نہ نڪرندي هجي، تڏهن ئي ماڻهوءَ جو اندر اجرو ٿيندو آهي، جيئن آويءَ جي باھ ٿانون جي ڪچيءَ مٽي کي پچائي ختم ڪري ڇڏيندي آهي، تيئن اوهان جي اتامري نفس کي عشق لغام ڏيندو آهي.

گروهڙي صاحب جو چوڻ آهي :

مـون مـنـجـهـان هـي ڪِـيـهـ،
ڪـنـهـن وڏي پـارڻ نـڪـري.

اهو پارڻ صرف عشق ٿي سگهي ٿو، جيڪو انسان کي جهُڪائي ٿو، پارڻ ماري ٿو ۽ ماڻهو انسان ٿئي ٿو ۽ جيستائين ايئن نہ ٿو ٿئي، تيستائين ماڻهوءَ ۾ "مان" ، "مان" جي بيماري موجود رهي ٿي ۽ جيستائين ماڻهو پاڻ نہ ٿو وڃائي تيستائين ٻئي لاءِ، عوام لاءِ، مظلوم انسانيت لاءِ ڪا قرباني ڏئي نہ ٿو سگهي، ان ڪري ئي اوهان ڏٺو تہ ايرندي يورپ جي سوشلسٽ حاڪمن جي بيگمات جي جُتين مان هيرا نڪتا.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان نانهہ سجود،
وڃـائـي وجـود تـئـان پـوءِ تـڪـبـيـر چـئـو.

"سجود" واري لفظ کي اوهان شيڪسپيئر جو *Servitude of Love* سمجهو تہ اوهان کي اندازو ٿيندو تہ عشق ۾ معشوق جي غلاميءَ کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ راحت ڪانهي ۽ اهڙي راحت جو انساني زندگيءَ ۾ ٻيو ڪو بدل آهي ئي ڪو نہ !!...

(انور پيرزادي جو هيءُ تفصيلي انٽرويو ماهوار "سوجهرو" جي پهرين شماري سال 1999ع ۾ اپريل جي مهيني ۾ شايع ٿيو هو).

سنڌين کي هينئر مايوس ٿي ڪرڻ کپي؟

انٽرويو وٺندڙ: انور ڏنگراڻي ۽ نثار کوکر

سوال: پنهنجي زندگيءَ جي سفر متعلق ڪجهه ٻڌايو؟

انور پيرزادو: اسڪُول جي رجسٽر مطابق آءٌ 25 جنوري 1945ع تي ڄائو آهيان. منهنجي ڄمڻ وقت رجسٽريشن جو طرِيقو صحيح ڪو نه هو. انڪري ان تاريخ جي صحيح يا غلط هجڻ جي پڪ ناهي. بهرحال منهنجي ڄمڻ وقت منهنجو ڳوٺ ٻلهڙيجي، انڊيا جو حصو هو ۽ مان انڊين نيشنل هوس. تڏهن انڊين نيشنل ٿيڻ مهڻو ڪو نه هو (ڪلندي). هينئر ڳوٺ ۾ جتي ڳوٺ سڏار سنگت، "ڊاڪٽر زبيده پيرزادو ميموريل هاسپيٽل" ٺهرائي آهي، ان جاءِ تي هندن جا وڏا دوڪان هوندا هئا ۽ اهو ڏاڍو خوبصورت علائقو هوندو هو– ورهاڱي ڪانپوءِ اسان جي ڳوٺ مان هندو لڏي ويا، پن سالن جي ٻار جي حيثيت سان انهن جون تمام ڌنڌليون يادون اڃا تائين منهنجي ذهن ۾ آهن. ننڍي هوندي جي مونکي هڪ ٻي ڳالهه به ياد آهي ته مان پنهنجي ماسيءَ جي گهر ننڍن ٻارن سان گڏجي کيڏندو هوس. اتي هڪ نانگ هوندو هو. مونکي پڪ آهي ته اهو اسانجي ڳوٺ جي هندن جي مندر ۾ هوندو هو، جتي اهي "نانگ بابا" جي پوڄا ڪندا هئا، ڪراچي جي ڪلفٽن جي مندر ۾ به نانگ بابا جو، پٿر جو مجسمو آهي، پر ڳوٺ وارو پِتل جو نانگ هو، ڦڻ سان، هيٺ ان جا وِڪڙ وڪڙ ٿيل هئا. مون کي ياد آهي ته ننڍن ٻارن جي حيثيت ۾ (مير محمد پيرزادو به هوندو هو) ان نانگ سان کيڏندا هئاسين.اهو خوبصورت پيس هينئر الائي ڪاڏي

ويو. پر ڪاش! اڄ اهو هجي ها ته مان ان کي پنهنجي ڊرائنگ روم ۾ رکان ها.

اسان جا وڏا پهرين درياهه جي اندر جتي هاڻي ڪلهوڙا ۽ ڏاڙيل رهن ٿا، اتي رهندا ۽ زمينون آباد ڪندا يا سنڀاليندا هئا. چون ٿا ته، پيرزادن کي به ڪڇي ۾ ڪيٽي آهي، انهن جا مريد آهن، هو پير آهن، اسان کي اها به خبر آهي ته، اهي ڪاڻين جا مڏ ٺاهي، انهن جي مٿان رهندا هئا. پاڻي تمام گهڻو مٿي چڙهي ايندو هو ۽ مينهون ترنديون ايندیون هيون ته انهن مَڏن تان لهي انهن کي ڏُهي وري چڙهي ڏيندا هئا. اسانجي وڏن جيڪا زندگي (Riverian and pastoral life) گذاري، مان سمجهان ٿو ته اها ڏاڍي خوبصورت هئي، جيڪا اسانجي نصيب ۾ نه هئي. ان ڪانپوءِ جڏهن انهن کي درياءَ ٻوڏن جي ذريعي هيٺو ڪري پچائي ڪڍيو، ته چون ٿا ته 1936ع جي لڳ ڀڳ هاٿوڪي هنڌ تي اچي ويٺا. پليڏنو ابڙو ڳوٺ جي لڳو لڳ اتر ۾ ٻلهڙيجي ڳوٺ هو، جيڪو اڄا تائين ٻلهڙيجي ڳوٺ سڏجي ٿو. اسان جو ڳوٺ اتر پاسي جو ايڪسٽينشن آهي.

پيرزادن ۾ هڪڙي خوبي اها هئي ته، انهن ۾ علمي ماحول ڪجهه وڌيڪ هو. تنهن زماني ۾ فارسي سرڪاري ٻولي هوندي هئي. انگريزن جو زمانو هو. اسانجا وڏا فارسي دان ۽ عربي دان هئا. اسانکي ڏاڍي فصاحت ۽ بلاغت سان حافظ ۽ سعدي جا شعر:

Persian Philosophy ۽ *Wisdom* ٻڌائيندا هئا. جن کان اسان ڏاڍو *Inspire* ٿياسين. وڏي جُڳ جا ڪي ٿورا پيرزادا اسانکي پٽائي به ٻڌائيندا هئا.

اسانجي هڪ بزرگ، ميان خليفي محمود (جيڪو لنواري شريف واري.گادي جو مريد هوندو هيو) هتي هڪڙو اسلامي مدرسو کوليو هو. جنهن ۾ هدايت منگيءَ جو والد استاد غلام رسول انگريز سرڪار ۾ ماستر مقرر ٿيو، اها هدايت يا بگيءَ جي ڳوٺاڻن کي خبر هوندي ته استاد غلام رسول سندن لاءِ ڪيئن هو؟ پر هو منهنجي لاءِ ڪنهن فرشتي کان گهٽ نه هو. هن کي ڳالهائڻ جو وڏو سليقو هو. اسانجي ڳوٺ تي خليفي

محمود پاران مدرسو قائم ڪرڻ ۽ ان ۾ استاد غلام رسول پاران تعليم ڏيڻ وڏو احسان آهي. هو هڪ *Dedicated* استاد هوندو هو. هاڻي ته ماستر پڙهائڻ ئي ڪو نه ٿا، يا اچي، هڪڙو ڪلاڪ پڙهائي هليا ٿا وڃن، استاد غلام رسول هتي رهندو هو، اسڪول جو سڄو وقت ته پڙهائيندو هو پر رات جو به پنهنجن شاگردن کي *Coach* ڪندو ۽ ٽيوشن پڙهائيندو هو. هي شيڪسپيئر وانگر هڪ اسٽيج ناهي، شاگردن کي ڊراما (*Plays*) ڪرائيندو هو. جن جي اسڪرپٽ هو پاڻ لکندو هو. عبدالرحيم پيرزادو جيڪو اڄڪلهه ٽي وي ۽ اسٽيج تي اداڪاري ڪندو آهي، ان جي بنيادي سکيا استاد غلام رسول ڪئي هئي. Acts به شيڪسپيئر وارا هوندا هئا. شيڪسپيئر وانگر هيروز ۽ هيروئنز سڀ ڇوڪرا هوندا هئا. اهو ساڳيو ڪردار ڇوڪري ٿي ۽ ساڳيو ڪردار ڇوڪرو ٿي ايندو هو. يعني ساڳيو ماڻهو پاڻ سان عشق ڪندو هو. اهو سڀ ڇوڻ جو مقصد اهو آهي ته، هن ڳوٺ ۾ علمي ماحول پيدا ڪرڻ ۾ انهن پنهي ماڻهن جو وڏو *Contribution* آهي. اسان به ان اسڪول ۾ پڙهياسين.

ڏوڪري اسڪول ۾ 1956ع ۾ مون انگريزيءَ جي پهرئين درجي ۾ داخلا ورتي ۽ 1962ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي. ڊرائنگ جو ايليمينٽري ۽ انٽر جو امتحان به پاس ڪيم. استاد پير بخش ڊرائنگ سيکاريندو هو. مئٽرڪ پاس ڪرڻ ڪانپوءِ مان پرائمري ماستر ٿي ڳوٺ مشوري، مهين جي دڙي ۽ دادو ڪئنال تي واقع جوٽيجن جي ڳوٺ ٽڳڙ باغبان، جيڪو ڳوٺ ڪاراڻن کان هيٺ آهي، اتي به پڙهايم. 1968ع ۾ ڪراچيءَ وڃڻ کان اڳ مون بي اي پاس ڪري ورتي. اتي وري گلستان شاهه عبداللطيف ۾ ماستر ٿيس. جتي ڪلاس نائين ۽ ڏهين کي انگريزي پڙهائيندو هوس. 1969ع ۾ ايم اي انگريزي ادب ۾ پرائيويٽ پاس ڪري ورتم ۽ ڇهه مهينا سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچراري ڪري، ايئر فورس جي *Non-B-D-Branch* ۾ هليو ويس. جتي ڇهن مهينن جو ڪورس پورو ڪيم. اڪيڊميءَ ۾ پيو نمبر آيس پوءِ ڪميشن ڏيارڻ جي بدران هنن مونکي جيل موڪلي ڇڏيو. ان ڪري جو تنهن زماني ۾ پاڪستان

سرڪار بنگلاديش ۾ مجيب جي خلاف ملٽري ايڪشن ڪيو هو. مون سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي هڪ دوست ڏانهن هڪ خط لکي ملٽري ايڪشن جي مخالفت ڪئي هئي. مجيب کي *The great freedom fighter of the 20th century* ۽ پاڪستان جي فوج کي ظالم لکيو هيم. پاڪستان لاءِ لکيو هيم ته: ”ٽٽي ويندو“ ۽ مان جيل ۾ ئي هئس ته پاڪستان واقعي ٽٽي ويو. ان وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو هيڊ آف ڊپارٽمينٽ جليل الدين احمد خان ڏکڻي ڏاڙهي وارو هوندو هو. جنهن وٽ مون نوڪري به ڪئي هئي. اهو اسان سان اٽڪيل هوندو هو ۽ چوندو هو ته: ”توهانجو مارڪس مرشد آهي، اوهان اڻ سڌريل آهيو“. هو اسلام پسند ماڻهو هو. اهو خط ان وٽ پهتو جنهن منهنجو خط ڏسي ڪولنيو ۽ خط جو سڄو مواد پڙهي ايئر فورس وارن کي موڪلي ڏنو. جنهن تي انهن ايئر هيڊ ڪوارٽرس پشاور ۾ ڪيس هلائي غداري واري ڪيس ۾ ڪورٽ مارشل ڪيو. اهڙو ڪيس هاڻي جي ايم سيد تي هلي پيو. 124-APPC ملڪ يا رياست خلاف بغاوت جي ڪيس ۾ وڏي ۾ وڏي سزا جنم ٽيپ هوندي آهي. ان ڪورٽ مارشل ۾ ٽي ونگ ڪمانڊر هئا. جن مان ٻن مونکي سزا ڏني ۽ هڪ آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڏنو. مونکي ياد آهي ته ونگ ڪمانڊر رفيق ڪورٽ جو چيف هو ۽ جنهن مونکي آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڏنو، ٻئي کي ونگ ڪمانڊر تجمل ڪوئنيندا هئا. ٽيئن ونگ ڪمانڊر جو نالو مونکي ياد ناهي. ڪورٽ جي اڪثريتي فيصلي جي بنياد تي هنن مونکي ست سال سزا ٻڌائي ۽ پشاور جيل موڪليو. پشاور جيل ۾ به ڏينهن اي ڪلاس ۾ رهيس. ڪيس ايئر هيڊ ڪوارٽرس پشاور ۾ هليو هو. اها هڪ ڏکي ڪهاڻي آهي، اتي خاص طور تي بنگالي آفيسرن سان منهنجي لهه و چڙ ٿي.

انهيءَ ڳالهه ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته ڀرواڙي جي شاگرد ۽ نوجوان ۾ اڳتي وڌڻ جي امنگ *Curiosity* ٿئي ٿي. اها *Ambition* اسان ۾ به هئي. اسان جا تمام گهڻا دوست ايئن اڳتي وڌي ويا. اڄڪلهه شهرن ۾ جتي اسان رهون ٿا، اتي ٻارن کي پڙهڻ جو شوق ڪونهي ۽ انهن کي

جيڪي سهوليتون آهن، انهن جو اسان تصور به نه ڪري سگهندا هئاسين، اسان ڳوٺ کان ڏوڪري تائين اسڪول پنڌ يا سائيڪل تي ويندا هئاسين، سرءُ يا سيءُ ۾ التيون ڪندا ويندا هئاسين. مهين جي دڙي وٽان گهاٽي جهنگ مان سوئر ہوڪار ڪري نڪرندا هئا ته سڄو وجود ئي ڏڪي ويندو هو. ننديا پار هجڻ ڪري ڊپ ٿيندو هو. ڏوڪريءَ ۾ پڪوڙا وٺي انهن سان گهران ٻڌي کٽي ويل مانيءَ کائيندا هئاسين. اتان جا لوڪل چوڪرا، قاضي منير احمد ۽ ٻيا اسانکي ٻهراڙي جا ڇٽ سمجهندا هئا. منهنجي ان لائيف جي هڪ ڏاڍي دلچسپ ڳالهہ اها آهي ته، جڏهن مان مهين جي دڙي جي پرسان مشورن جي ڳوٺ ۾ ماستر ٿيس ۽ اتي پڙهائڻ کانپوءِ مهين جي دڙي واري ايچ آر ايريا پنڌ ڪراس ڪري ڳوٺ ايندو هوس، تڏهن منهنجي ملاقات دڙي تي ڊاڪٽر جارج ايف ڊيلس سان ٿي، جيڪو هينئر دنيا جي تمام وڏن آرڪيالاجسٽن مان هڪ آهي. تنهن زماني ۾ هو نوجوان هو. هاڻي ته ڪراڙو آهي. ڪالهہ ڪامريڊ سوڀي هڪ دلچسپ ڳالهہ، دلچسپ چا ڏکوئيندڙ ڳالهہ ٻڌائي ته: ”سوئيڊن جو مسٽر پارپولا مهين جي دڙي جي ٻوليءَ تي ريسرچ ٿو ڪري، اهو مهين جي دڙي واري انٽرنيشنل سيمپوزيم ۾ سائٽس مليو ۽ کيس ٻڌايائين ته، ڊاڪٽر جارج ايف ڊيلس کي ڪينسر ٿي پئي آهي، جنهن ڪري ان جو بچڻ مشڪل آهي.“ هتي مونکي اها به خبر پئي آهي ته، ان جا پٽ ڪن ناڪاره ٿي ويا آهن ۽ هو ٻڌي نه ٿو سگهي“. (تازو اخبار ۾ خبر آئي آهي ته ڊاڪٽر ايف ايل ڊيلس گذاري ويو–انور ڏنگراڻي). هتي 66–1965ع ۾ کوٽائي ڪرڻ لاءِ ان سان گڏ ٻيو مسٽر هائينز آيو هو. هائينز شڪار جو ڏاڍو شوقين هو. اسان هن کي ڳوٺ وٺي ايندا هئاسين ۽ کيس تترن جو شڪار ڪرائيندا هئاسين. ڊاڪٽر ڊيلس کي به ڳوٺ وٺي آيا هئاسين، ان وقت اسان والي بال کيڏندا هئاسين ۽ هن اسانکي نيٽ ۽ بال وٺي ڏنو هو. اسان وري هن کي چولا ۽ پرت پريل شيون سوکڙي ۾ ڏنيون هيون. تنهن زماني ۾ هنن هتي ڪئمپ لڳائي هئي. 25 ڊسمبر تي ڪرسمس ملهائي هئي. جيئرن جاڳندن وڻن ۾ بلب هنياسين. هنن مونکي چيو ته: ”تون اسان سان

ڪم ڪر.“ انگريزي ٿوري گهٽ اچي پئي. مزدورن ۽ هنن جي وچ ۾ رابطي جي طور تي ڪم ڪرڻ لڳس. جنهن سان منهنجي انگريزي ڏاڍي سڌري وئي. اڳتي هلي هنن مونکي هڪ بي ڊيوٽي ڏني هئي. هنن سان رابطي ۾ اچڻ ڪانپوءِ مون هنن کي ٻڌايو ته مان ايليمينٽري ڊرائنگ ۾ امتحان پاس ڪيو آهي. هنن چيو ته، توکي جيڪڏهن ڊرائنگ اچي ٿي ته، اسان مهين جي دڙي مان جيڪي گهگهڙا، ڏاند ۽ ٻيون شيون لهون ٿا، جيڪڏهن توکي انهن جا *Sketch* ڪڍڻ اچن ٿا ته، اسان جي لاءِ اهو ڪم ڪر. جڏهن مون اسڪيچ ڪيا ته اُهي انهن کي ڏاڍا وڻيا ۽ وڃڻ وقت مونکي هڪ سٺو سرٽيفڪيٽ ڏيئي ويا هئا جيڪو، هينئر به مون وٽ پيو آهي. جنهن ۾ هنن لکيو ته، هن جون ڊرائنگس اسانجي رڪارڊ لاءِ Asset ثابت ٿينديون.“ جيڪڏهن مونکي اها نوڪري اڄ هجي ها ته آءٌ ڊاڪٽر ڊيلس جا الائي ڪيترا گهگهڙا چورائي وڃان ها. پر تنهن زماني ۾ ايتريون شيون، جن جا مون اسڪيچ ٺاهيا، تن مان ڪا به هڪ شيءِ مون نه ڪنئي.

ان ڪانپوءِ جڏهن مون انگريزيءَ ۾ ايم اي ڪئي ته جليل الدين احمد خان (جيڪو ڏاڙهيءَ سان هوندو هو ۽ ٻٽي واري حڪومت ۾ 303 ۾ سَزا طور ڪيس يونيورسٽي مان ڪڍي ڇڏيو هئائون)، مونکان واءِ وا ورتي هئي. ايم اي ۾ منهنجو سيڪنڊ ڪلاس آيو هو جنهن ٽاپ ڪيو هو اهو به سيڪنڊ ۾ هو. فرسٽ ۾ اهو به ڪو نه آيو هو. واءِ وا ۾ وري منهنجون مارڪون ان کان گهٽيون آيون هيون. مان ڀهراڙي جو ڇوڪرو ۽ پيو ته پرائيويٽ شاگرد هوس، جڏهن ته هو ريگيولر هو. جنهن تي جليل حيرت ڪاڏي ۽ مونکان پڇيو ته: ”توکي انگريزي ڪيئن ٿي اچي تون ته *External Candidate* آهين؟ ان کي مان اها ڳالهه ٻڌائي ته مان دڙي تي آمريڪن آرڪيالاجسٽس سان گڏ ڪم ڪيو آهي. هن چيو: ها ! اهو سبب ٿي سگهي ٿو.“

سوال: توهان کي جيڪو ماحول مليو، اهو صوفين، فقيرن، مڪانن، راڳ رنگ ۽ ساز سرود وارو ماحول هيو. ان جو توهان ڪيترو اثر قبوليو؟

انور پيرزادو: ڪامريڊ سوڀي سان ملاقات کان اڳ ۾ منهنجي انهن صوفين سان ملاقات ٿي. انهن سان ملاقات کان اڳ ۾ مان ڏاڍو جنوني مسلمان هوندو هوس. پنج ئي وقت نماز پڙهندو هوس. اڄ جا انور پيرزادا (انور پيرزادو جونيئر جيڪو به اتي موجود هو) بلڪل نماز نه پڙهندا آهن ۽ غير اسلامي حرڪتون ڪندا آهن. قربان پيرزادي سان جيئن هاڻي سنگت آهي. تنهن زماني ۾ به هوندي هئي ۽ هن کي به مسيت ۾ گهلي ويندو هوس. هاڻي ته نمازون به وسري ويون آهن. 27 هين رجب جي رات بابت ٻڌايو ويندو آهي ته، ان ۾ پاڻي به کير ٿي پوندو آهي. اها سڄي رات جاڳندا هئسين، پاڻي رکي سڄي رات قرآن پڙهندا هئاسين ۽ صبح تائين اهو انتظار هوندو هو ته، کير ٿيندو. اها مذهبي جنون واري زندگيَ هئي. منهنجو فادر ڳوٺ جي مسجد جو پيش امام هوندو هو، پر اهو روايتي پيش امام نه هو، وڏي ڏاڙهي نه، پر ننڍڙي ڏاڙهي هوندي هيس ۽ اندر ۾ صوفي هوندو هو. صوفين جي مڪان تي وڃي ويهندو هو ۽ نشا پتا ڪندو هو. قربان جو پيءُ ۽ منهنجو فادر گڏجي ڏوڏي پيئندا هئا. مونکي حيرت اها آهي ته سڄي ڳوٺ جي ڪنهن به ماڻهوءَ اعتراض نه ڪيو ته اسان هن ماڻهو جي پٺيان نماز نه پڙهنداسين، ڇو ته هي نشو ٿو ڪري.

اسانجي ڳوٺ جي سيڪيولرزم جو اهو ڪمال آهي. هڪ عيد جي موقعي تي، منهنجو فادر عيد نماز پڙهائڻ آيو ۽ مسجد ۾ ويهي وڏي واڪي چيو ته: "يار! مونکي تمام گهڻا نشا ٿي ويا آهن، انڪري آءٌ نماز پڙهائي نٿو سگهان". ان جي باوجود به سڄي ڳوٺ مان هڪڙي ماڻهوءَ به ائين نه چيو ته، هن جي پويان نماز نه پڙهنداسين ڇو جو هي نشو ٿو ڪري.

شروع کان وٺي اسانجي ڳوٺ جي اها خصوصيت رهي آهي ته، هن ڳوٺ ۾ صوفين جا اوتارا وڌيڪ ۽ مسجدون گهٽ رهيون آهن. هن ڳوٺ ۾ "پرپور فقير" نالي هڪ ڪئريڪٽر آهي، ڪامريڊ سوڀي جي خواهش آهي ته، اسان ان تي ڪتاب لکون ۽ اسان ان تي ضرور لکنداسين. اهو پرپور فقير جنهن جو ارباب سارو نالو هو، اهو جيئن هندو چوٽي رکندا آهن، تيئن وارن جي ڳت رکي ڳوٺ ۾ گهمندو وتندو هو.

قربان پيرزادو: هي ڀرپور ڳوٺ آهي، جنهن ۾ ڀرپور فقير ڪئريڪٽر آهي. ٻين ڳوٺن ۾ ايئن ٿيندو آهي ته ماڻهو فقيرن مان ڦري ملان ٿيندا آهن. پر هي وري ملان مان ڦري فقير ٿيو هو. اهو ارباب سارو، سارين واري مسجد جو ٻانگو هو، پنج وقت نماز پڙهندو هو. ان ڪانپوءِ ان تي صوفي ازم جو اهڙو اثر ٿيو جو اها ٻانگ صلوات ڇڏي، الفي پائي ڀرپور پنهنجو نالو سڏايائين ۽ اوتارو ٿاهيائين "ڀرپور".

انور پيرزادو: ٻيو هوندو هو نانڪ فقير، جنهن پاڻ کي نانڪ سڏائي چوٽي رکائي. ان کي ٻه ڳوٺ مان ڪنهن مهڻو نه ڏنو ته، تون هندو آهين، صحيح مسلمان نه آهين، ٿيون، اسانجي عبدالرحيم جو وڏو ڀاءُ پاڻ کي عيسائي سڏائيندو هو. ڏاڙهي، مڇون ۽ ڀرون ڪوڙائي ٻنجو وڄائيندو ۽ چوندو هو ته: "مان عيسائي آهيان". ته اهڙي حساب سان هتي صوفين جو وڏو هولڊ رهيو آهي. اسان پنهنجي ڳوٺ ۾ ملائيت ڪڏهن ڪا نه ڏٺي. مڪانن ۾ راڳ رنگ جي ڪري سنڌي سنگيت جي معلومات وڌي. هتي اسانجي نوجوانن کي تقريبن سيئي ديسي راڳ ايندا آهن. قربان کي چوندؤ ته هي ٻه توهانکي ڳائي ٻڌائيندو. راڳن جي سڃاڻپ ايتري ٿي، جو هڪ ماڻهو ويهي ڳائيندو ته خبر پوندي ته هي ڀيروي، جوڳ، تلنگ يا سورٺ وغيره ٿو ڳائي. اها هڪڙي جنرل ناليج اسانکي آٽوميٽڪ اچي وئي.

سوال: ڀٽائي ڏانهن اوهان جو لاڙو ڪيئن ٿيو؟

انور پيرزادو: ڀٽائي سان تعارف انهن صوفي فقيرن ڪرايو. جڏهن اسان هنن جي واتان ڀٽائيءَ جا بيت ٻڌا ته ڀٽائي اسان کي ياد ٿيڻ لڳو.نه رڳو ڀٽائي پر ڪبير، بلي شاهه ۽ ننڍي ڪنڊ جي سڀني صوفين جو ڪلام اسانکي ٻڌائيندا هئا. صوفين جي ان سنگت ڪري تنگ نظر مذهبي ڪٽرپڻي واري لائيف مان نڪري آيس. مان ڇڱو عرصو صوفين سان رهيس. پوءِ مونکي ڪاريءَ ڪاڏو، جو شيخ اياز جو ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" پڙهيم. جيڪو خبر ناهي ته مونکي ڪيئن هٿ آيو يا مونکي ڏنو ويو؟ پر ان ڪتاب منهنجو اندر جيئن شيشي کي ڌڪ لڳي ۽ ذريون ذريون ٿي وڃي، تيئن پورا پورا ڪري ڇڏيو. صوفي ازم خود هڪ مذهبي

تصور آهي. ڪتاب ۾ جويي صاحب ڏانهن لکيل خط هئا ۽ اهو ڪتاب سوڀي گيانچندڻيءَ کي منسوب ٿيل هو ۽ هيٺان اياز جو هي بيت لکيل هو.

عاشق زهر پياڪ، وهه ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
لڳن لئو لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڙي چڪن چاڪ، ته به اکر نه سلن عام سين.

مون ڳوٺ جي ماڻهن کان پڇيو ته "يار! اهو سوڀو ڪير آهي؟ ههڙو ڪتاب جنهن ۾ علم، دانش ۽ فلسفو پڙهي منهنجو دماغ خواب تي ويو آهي. منهنجا سيئي آدرش ٽٽي پيا هن، جنهن ۾ لکيل هو ته: "متي اول، متي آخر، متي زنده باد". اسان ٻڌو هو ته، الله اهڙي شيءِ ٿيندو آهي، پڳوان اهڙي شيءِ ٿيندو آهي، هيءَ متي، ماديت پرستي، اها نئين ڳالهه، هڪ نئون فڪر، ته اهو ڪتاب جنهن ماڻهوءَ جي نالي آهي اهو سوڀو آخر آهي ڪير؟ هتان جي ماڻهن ٻڌايو: "بابا! اهو سوڀو هتي پرسان ٻندي ڳوٺ ۾ رهي ٿو، يعني ٻلهڙيجيءَ کانپوءِ ديهه لانيارو ٽپبو ته ٻئراج (دادو ڪئنال) جي پرينءَ ڪڙ تي ٻندي آهي. اُتي سارين چڙهڻ جي شيلر تي ٻئراج جي ڪڙ تي ڪٽ رکيون ويٺو هوندو آهي. خطرناڪ ماڻهو آهي. ڪميونسٽ آهي، هن جو پاءُ وڏو زميندار آهي. سوڀو هارين کي چوندو آهي ته: "منهنجي پاءُ کي ٻٽئي نه ڏيو، اهو توهانجو حق آهي". ڪامريڊ سوڀي جي خلاف هتان جي ماڻهن جي اها ايف آءِ آر ڪٽيل هئي". مونکي اها معلومات ڏني وئي ته: "شر انگيز آهي، پيو ته ٺهيو، پر پنهنجي پاءُ جي ملڪيت جو به دشمن آهي". مون چيو: "يار! اهڙي ماڻهوءَ سان ملڻ کپي." تنهن زماني ۾ اسان والي بال کيڏندا هئاسين. والي بال جو جنون جي حد تائين شوق هوندو هو. والي بال جي راند سيڙائي نه سگهندا هئاسين. جيئن ئي ڏينهن ٽرندو هو ته راند کيڏڻ ويندا هئاسين. راند پوري ڪندا هئاسين ته سج لهي ويندو هو. پوءِ سوڀي ڏانهن اڪيلو وڃڻ مشڪل هندو هو، چو ته ديهه لانياري ۾ شرن ۽ ٻروچن جا ڪتا ڏاڍا ڏنگا هوندا هئا: آءٌ گلاب پيرزادي کي چوندو هوس ته: "تون مونسان گڏجي هل ته لانيارو ڪراس

ڪري ڪامريڊ سوڀي سان ڪچهري ڪري اچون.“ ان زماني ۾ گلاب چوري ڪندو هو ۽ هڪ خطرناڪ ماڻهو هوندو هو. تنهن زماني ۾ اسان ٻڌو هو ته، گلاب ايڏي شوق سان چوري ڪندو آهي جو هر رات هو هر صورت ۾ شڪار لاءِ نڪري ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هن جا ساٿي هن کي چوندا هئا ته، اڄ ٿڪجي پيا آهيون، نه ٿا هلون ته، انهن کي چوندو هو توهان اتي ويٺا هجو، آءٌ اڪيلو به ويندس. تنهن زماني ۾ ڊاڙيل ۽ ايڏا وڏا هٿيار ڪو نه هوندا هئا. سنهيون ٿلهيون بندوقون ۽ لٺ ڪهاڙيءَ جي زور تي هي ماڻهو گهرن ۾ ڪاٽ به هڻندا هئا، ڍور به ڪاهيندا هئا، پوءِ اهڙا اهڙا واقعا ٿيندا هئا. جو سڄو ڳوٺ پويان ۽ گلاب اڳيان ڍورن کي هڪليندو انهن ماڻهن سان مقابلا ڪندو انهن کان زوريءَ مال ڪاهي ويندو هو. اسان سهڻيءَ جا پرچا يا ٻيا سنڌي ڪتاب پڙهندا هئاسين. پڙهيل لکيل ڇوڪرن جو هڪڙو حلقو هوندو هو، اسان هن کي ڪتاب پڙهي ٻڌائيندا هئاسين، هن پنج درجا پڙهيا هئا. ذهين هوندو هو. پوءِ هي مونسان گڏجي هلندو هو. ڪامريڊ سان ڪچهري ڪري رات جو دير سان موٽي ايندا هئاسين. موڪل واري ڏينهن صبح جو ويندا هئاسين. ڪامريڊ دادو ڪئنال جي ڪپ تي رلهيءَ ڪانسواءِ کٽ تي ويٺو هوندو هو. ڪپڙا اهڙا ئي هوندا هئس، جهڙا هاڻي هوندا اٿس. ڪالرن تي ڊبل سلائي، پاپلين سادي، بلو رنگ جي يا ناسي رنگ جي. مون ڪامريڊ سوڀي کي اڇا ڪپڙا ڪو نه ڏٺا. ٿلها ڪتاب سندس هٿ ۾ هوندا هئا، اهي ڪهڙا ڪتاب هئا؟ اهو مونکي ياد نه آهي. هي اُهو زمانو هو. جڏهن مون مئٽرڪ ڪئي هئي. ماستر ٿيس ته اڃا ڊگهيون ڪچهريون ٿيڻ لڳيون. اسان جي پهرين ملاقات وقت ڪامريڊ پنڊي ۾ نظر بند هو، ماڻهو هن سان خوف کان نه ملندا هئا. ته هي خطرناڪ ماڻهو آهي. جنهن تي سرڪار پابندي وڌي آهي. ان سان ڪيئن ملون؟ مان پهرين جنوني مسلمان هوس. جڏهن ملان هوس، تڏهن صوفين سان جهيڙا ڪندو هوس، جڏهن صوفي ٿيس، تڏهن مُلن سان جهيڙا ڪندو هوس، جڏهن ”ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ پڙهي نئين سوچ جو ٿيس، تڏهن اندر ۾

ڏاڍو ڪاوڙيل قسم جو ماڻهو ٿيس. مونکي اهو احساس ڪو نہ هو تہ ڪو مان خطرناڪ ماڻهوءَ سان ملڻ وڃان پيو. ان جي مونکي پرواهہ قطعي ڪو نہ هئي. هن سان جڏهن ملياسين تہ، هي هڪڙو گرو، هڪڙو ديوتا نظر آيو. تمام ٻاجهہ پريو. جيڪو پڌو هوسين تہ خوفناڪ ڪميونسٽ آهي ۽ خطرناڪ ماڻهو آهي، سو ڪو نہ هو. هاڻي تازو چوي پيو، هندو ميٿالاجي ۾ ٽہ مورتي ٿينديون آهي. جنهن ۾ 1- برهما، ڪريئيٽر (Creator) 2- وشنو، پرزرور (Preserver) ۽ 3- ڊسٽراير (Destroyer) ٿيندو آهي. ان ٽہ مورتي لاءِ ڪامريڊ چوي پيو تہ مان پرزرور بہ آهيان ۽ ڪريئيٽر بہ آهيان، پر مان ڊسٽراير ناهيان. ڪالهہ وري مون پڇيو مانس تہ: ”توهان ڊسٽراير ڪيئن ناهيو؟ توهان بورجوا سيٽ اپ کي ڊاهڻ لاءِ سڄي زندگي ارپي ڇڏي، ڪيترن ماڻهن کي توهان پيدا ڪيو جن پڻ ان کي ڊاهڻ لاءِ زندگيون ارپي ڇڏيون. توهان ڪيئن نہ آهيو ڊسٽراير؟ سو سائين ان زماني جون يادون ڏاڍيون ڏکيون آهن. تڏهن اسان بہ ڏاڍا جذباتي نوجوان هوندا هئاسين، هو اسانکي سائنٽيفڪ انداز سان گائيڊ ڪرڻ پيو چاهي. هو نہ پيو چاهي تہ اسان جذبات ۾ اچي هيڏي هوڏي ٿي وڃون. سو اها ملاقات ڪاڪ ڪڪوريا ڪا پڙي، جي مِنهن سان ٿي. ٻڌائي چيو آهي تہ:

منهن جهين جي مون، ڏٺو مُنهن ميهار جو
آهم ساهہ سنئون، سو ڪيئن گهڙو گهوريان.

مون اڳ ۾ ان ڪتاب جي تعريف پئي ڪئي. مون پنهنجي اندر ۾ شيخ اياز جي پيدا ٿيل هيرو ازم جا قصيدا پڙهيا تہ مونکي ڏاڍي سانتيڪي نموني سان چيائين تہ: ”زندگي ۾ هڪ ڳالهہ ياد رکجاءِ تہ، اياز کي ڪڏهن بہ پنهنجو سياسي آدرش نہ سمجهجانءِ، باوجود ان جي تہ اياز تمام وڏو شاعر آهي، تمام وڏو فنڪار آهي“. ايئن ڪامريڊ منهنجي مڪمل تربيت ڪئي. زندگي جي فلاسافي جي حوالي سان اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو، جيڪي مٿي ڪان مٿان گذري ويندڙيون هيون. چو تہ اهي تاريخي تناظر ۾ ڳالهيون ڪندو هو. اسانجي ايتري معلومات ئي نہ

هوندي هئي. هو جڏهن ڪنهن يوناني ڪردار جو حوالو ڏيندو هو ته اهو، اسانجو پڌل ئي ڪو نه هوندو هو، انڪري ڪيترين ئي ڳالهين مان نه سمجهي سگهندو هوس. منهنجي تربيت ۾ ڪامريڊ سوڀي جو وڏو ڪردار آهي. گلاب وري ان ماحول ۾ رنجي ريتو ٿيو ۽ پوءِ چور مان ڦري انقلابي ٿي ويو.

سوال: اهو دور هو توهانجي ذهني اوسر جو، جڏهن توهان پڙهيو، مطالعو ڪيو ۽ ڪچهريون ڪيون، پر توهان پاڻ لکڻ ڪڏهن شروع ڪيو ۽ پهرين ڇا لکيو؟

انور پيرزادو: مون پهريون نظم ڪراچي جيل ۾ 1970ع ۾ لکيو. ايئرفورس واري ڪيس ۾ پشاور جيل ۾ به ڏينهن رکڻ پوءِ انهن مونکي ڪراچي جيل ڏانهن شفٽ ڪري ڇڏيو. جتي پنج مهينا هوس، اتي بنگالي آفيسر به مون سان هئا. جيڪي بغاوت ڪري نيويءَ مان جيل آيا هئا. تنهن زماني ۾ بنگال جي قومي آزادي جي تحريڪ هلي پئي. اتي اسان جيل ۾ ٽئگور وارو سونار بنگلاديش ڳاهي ڇڏيوسين. ان جي هاءِ ڪميشن ايمبسي ٺاهي سين. سنڌ جي هاءِ ڪميشن ۾ مونکي هنن ڪمشنر مقرر ڪيو. جيل ۾ به هڪ اداسي ٿيندي آهي. *Melancholy* هڪ يونيورسل فيڪٽر آهي. اها مونکي ايم آر ڊيءَ تحريڪ دوران سکر جيل ۾ اچا وڌيڪ محسوس ٿي. جڏهن مون هوچي منهه جا جيل ۾ لکيل شعر پڙهيا هئا، ته ان وقت مونکي محسوس ٿيو هو ته جيڪو سئو سيڪڙو سياستدان ۽ ڪُل وقتي (*Whole Timer*) انقلابي ماڻهو هو ان کي به جيل ۾ اداسي محسوس ٿي هئي. هوچي منهه واقعي به هڪ تمام وڏو شاعر هيو ۽ هن جي ذاتي خوبصورت شاعري هئي، پوءِ مون اتي شاعري شروع ڪئي ۽ اتي لکيل منهنجو پهريون شعر اڄ به منهنجي ڊائريءَ ۾ لکيل آهي. جيڪو ذاتي ڳالهه، اداسي يا اهڙي ڪيفيت تي نه، پر سماجي مسئلن تي هو. اهو باقائده غزل هو.

پوءِ شاعري شروع ٿي وئي، منظوم شاعري، آزاد شاعري به ٿي، عشق به آيا ته سماج به آيو. جڏهن جيل مان ٻاهر نڪتس، مون جيئن

اڳ ۾ ٻڌايو ته ونگ ڪمانڊر جنهن مونکي آزاد ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي، ان جيڪي دليل ڏنا هئا، انهن دليلن تي مشتمل احسان حدود اسڪواڊرن ليڊر ايئرفورس جي پاران منهنجو وڪيل هو. ان پٽيشنايئر مارشل کي ڏني. هيڏانهن ايئر وائيس مارشل يوسف خان منهنجي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر پيرزادي (محمد حسن) وٽ جانورن جي اسپتال ۾ ڪتا ڪٺي ايندو هو. ان منهنجي لاءِ سفارش ڪئي. پنجن مهينن ڪانپوءِ وڏيڪ سزا معاف ڪري آزاد ڪري ڇڏيائون باقي اهو چيائون ته تون سڄي زندگي ڊسمس هوندين ۽ توکي سرڪاري نوڪري نه ملندي. ٻاهر نڪري آيس، سرڪاري نوڪري ته نه هئي ملڻي ۽ ظاهر آهي ته صحافت ئي ڪرڻي پئي. ان وقت سراج صاحب هلال پاڪستان جو ايڊيٽر هو. امر جليل کيس چيو ته: "هن نوجوان کي نوڪري ڏي". سراج چيو ته: "جيئن چئو تيئن ڪندس." پوءِ هلال جو سب ايڊيٽر ٿيس. 1972 کان 1975 تائين اتي هئس. 1975 کان روسي ايمبيسي ۾ نوڪري ڪيم. 1980 ۾ افغانستان جي مسئلي تي جهيڙو ٿي پيو ۽ ايمبيسي بند ٿي وئي. پوءِ وري ڊان جي پاران لاڙڪاڻي ۾ نمائندو ٿيس. 1982ع ۾ سکر ۾ اسٽار جو بيورو چيف ٿي ويس، اتي آڪٽوبر مهيني ۾ ايم آر ڊي تحريڪ دوران گرفتار ٿيس. الزام ته اهي ساڳيا هئا. پر اصل ۾ انهن کي ڪاوڙ اها هئي ته ايم آر ڊي تحريڪ ۾ جيڪا گرفتاري ٿيندي هئي. ان کي مان گهڻو ڪور ڪندو هئس. سکر ۾ صحافي هڪڙا اسلحي جا ڊيپو هلائيندڙ پيا شاهي عينڪن جي دوڪانن وارا ماڻهو هئا. مان وري پوليٽيڪل مجموعن ۾ وڃي رپورٽ ڪندو هوس يا ضياءُ الحق آيو. ان جو جلسو تباهه ٿي ويو، ان جي مون رننگ ڪامينٽري لکي. ته منهنجيون اهڙيون رپورٽون فوجي حڪومت کي نه وڻنديون هيون، ان ڪري هنن مون تي ٻن ٽن مهينن جي ڊٽينشن هلائي ۽ جڏهن ايم آر ڊي موومينٽ ختم ٿي، ته مونکي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون.

سوال: اوهين ادب ۾ ڪهڙي نظريي کي ترجيح ڏيو ٿا؟

انور پيرزادو: شروع ۾ مان ترقي پسند ادب جو نه رڳو فالو (*Follow*) ڪرڻ

وارو هوس، پر ان جو وڏو پر چارڪ به هوس. ٿوس سائنٽيفڪ، ريئلسٽڪ ۽ پروگريسو لٽريچر جيڪو زندگي سان تمام ويجهو ۽ جنهن ۾ سماجي ڪارج هجي ٿو، انکي اڳتي وڌايوسين. هاڻي به منهنجو خيال هي آهي ته، ادب انساني زندگي ۽ عوام جي امنگن جي سچي تاريخ آهي. ادب ۾ حقيقت پسندي اڄي به ريليونٽ (*Relevant*) هوندي هئي ۽ هاڻي به آهي.

سوال: ادب- براءِ زندگيءَ واري نظريي کي ڪجهه اديب رد پيا ڪن، اوهين ان کي ڪيترو درست سمجهو ٿا؟

انور پيرزادو: ادب جا ٻه پهلو آهن.

1- آرٽ

2- لائيف

جيڪو نظم لکجي اهو نظم به هئڻ کپي ۽ ان جو مواد زندگي هجي. *It is the composition of words* (شاعري لفظن جو خوبصورت سنگم آهي). لفظن جي موتين وانگر لڙهي ٿاهي شاعري ڪبي آهي ۽ شاعري ۾ لفظن جي جڙاوت هجڻ کپي، جيئن اها شاعري محسوس ٿئي. مواد جو تعلق انساني زندگي سان هجي ۽ جنهن موضوع تي شاعري ڪئي وڃي ته ان جو اپياس تمام ضروري آهي. خيال ۽ گهاڙيٽو گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن. ان ڪري آرٽ (*Art*) ۽ مواد (*Content*) انهن ٻنهي مان ڪنهن کي وڌيڪ ۽ ڪنهن کي گهٽ اهميت ڏيڻ بلڪل غلط آهي. ادب براءِ ادب جي رجحان وارا آرٽ تي زور ڏيندا آهن ۽ ادب براءِ زندگيءَ وارا رڳو زندگيءَ تي زور ڏيندا آهن. آءٌ انهن ٻنهي جي خلاف آهيان ادب ۾ زندگي فٽ ڪئي وڃي ۽ ان ۾ آرٽ نه هجي ته آءٌ ان کي ادب ڪوٺڻ لاءِ تيار نه آهيان ۽ رڳو لفاظي هجي، لفظن جي جڳلري هجي، ان ۾ لائيف نه هجي ته، ان کي به آءٌ لٽريچر قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان. لٽريچر ٻنهي جو خوبصورت سنگم آهي.

سوال: اوهان کي سنڌي ادب تي جمود طاري نظر اچي ٿو؟

جواب: ادب تي جمود طاري ٿيندو آهي. اها ڪا ايڏي وڏي ڳالهه ڪانهي. پر جڏهن نار جنگ هلي پئي ته عوامي آواز ۾ ايڊيٽر جي طور تي ڪم

ڪندي، مون پهريون دفعو اهو فيصلو ڪيو تہ سنڌي شاعرن جا نظم فرنٽ (*Front*) ۽ بيڪ (*Back*) پيج تي ڇپيندس. ڪافي دوستن چيو تہ نظم، فرنٽ ۽ بيڪ صفحن تي تہ ڇپبائي ناهن. پر مون ڊگها نظم بيڪ صفحي ۽ ننڍا نظم فرنٽ صفحي تي ڇپيا هئا. مون ان دوران فلسطيني شاعرن جا نظم ڪو نہ پڙهيا هئا، پر مان تئو سمجهان تہ دنيا جي ڪنهن بہ شاعر ايڏا سگهارا نظم لکيا هوندا. ڪافي نون سنڌي شاعرن جن جا نالا مون اڳ ۾ ٻڌا بہ نہ هئا. تن ڏاڍا پاور فل نظم لکيا- مونکي سنڌي شاعريءَ تي جمود نظر ڪو نہ ٿو اچي. باقي سنڌيءَ جي ڪلاسيڪل ڪهاڻي بابت منهنجو ذاتي خيال آهي تہ، جمال ابڙي ڪانپوءِ علي بابا، شورو يا ماڻڪ تمام شاندار ڪهاڻيڪار هئا، ماڻڪ جو موت سنڌي لٽريچر تي تمام وڏو *Dead blow* آهي. جمال ابڙي جي ماڊرن ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ سماجي ڪارج آهي. نسيم کرل جي رورل سنڌ جي فوٽو گرافڪ ڪهاڻي آهي. اها بہ شاندار آهي. ماڻڪ ڪانپوءِ جا دور انهن جهڙي ڪهاڻي پيدا ڪري نہ سگهيا آهن، اسانجي ڪهاڻيڪارن سماجي ضرورتن جي طور تي ڪهاڻي ڪان وڌيڪ ٽي وي تي ڊراما لکڻ شروع ڪيا آهن. جنهن ۾ اهي خاصا پروفيشنل ٿي ويا آهن. سينسرشپ کي هو قبول ڪن ٿا، ڇاڪاڻ تہ ٽي وي جي ڊرامي تي گهڻا پئسا ٿا ملن، انڪري پروڊيوسر چوي ٿو تہ، هي شيءِ نہ ڏني وڃي تہ هو پاڻ ڪٽي ڇڏين ٿا. ان ڪري ڪهاڻيءَ ۾ اهو زور نہ رهيو آهي، جيڪو هئڻ کپندو هو. پر ان جو اهو مطلب بہ ناهي تہ ڪهاڻي جي *Production* ختم ٿي وئي آهي. سنڌي ادبي سنگت جا يونٽ هلن ٿا، ڪيترا رسالا نڪرن ٿا، جن ۾ نون ليکڪن جون ڪهاڻيون اچي رهيون آهن، جيڪي چڱيون ڪهاڻيون آهن.

سوال: هن وقت وڊيوَ جو دور آهي، جيڪي ڳالهيون ناول ۾ الاهي وقت ڏيئي پڙهي حاصل ڪري سگهجن ٿيون، سي ٿن چئن ڪلاڪن جي فلم سان حاصل ڪري سگهجن ٿيون، ان جمود جو اهو هڪ سبب ناهي؟

جواب: اهو هڪڙو نيچرل پراسيس آهي. سائنس جي ترقيءَ ڪجهہ

تباهيون به ڪيون آهن. مهين جي ڊڙي تي برٽش ٽيليويزن وارا آيا، جن جي ڊائريڪٽر سان منهنجو بحث ٿيو. هن کي مون چيو ته: اليڪٽرانڪ ميڊيا سان بوڪ ڪلڪچر تباهه ٿي ويو آهي، جنوني دنيا جي پيدا ٿيڻ، (Fast going life) سڄو ڏينهن ڊوڙڻ، ڪارين ۽ گاڏين ۾ پيچ پچان، گهڻو پئسو حاصل ڪرڻ يا *Materialist* دنيا پيدا ٿيڻ سبب ماڻهن وٽ ايترو ٽائيم ڪونهي جو ٻه، اڍائي يا ٽي سئو صفحن جو ڪتاب ويهي پڙهن. ان کان بهتر آهي ته هو ٽن ڪلاڪن جي ڪيسٽ ويهي ڏسن. هڪڙي ڳالهه طئه شده آهي ته ڊرامو "جنگل"، "ديوارين" يا دنگي منجهه دريا جڏهن عبدالقادر نورالهدي شاهه ۽ علي بابا لکيو هيو، اهو جيستائين ڪتابن ۾ لکيو پيو هو تيستائين گهڻن ماڻهن ڪو نه پڙهيو هوندو. پڙهي لکئي طبقي مان به صرف اهي، جيڪي ان سان شوق رکندا هجن. هر سياسي ورڪر به پڙهيو لکيو ماڻهو ڪو نه ٿو ٿئي. ڪيترا نوجوان ته عياش پرست ٿا ٿين. اهي هن پاسي ڏي ڪو نه ٿا اچن. پر جڏهن ڀهراڙي جي هوٽل تي اهو ڊرامو هلي ٿو ته واقعي، عام ماڻهو، جنهن لاءِ ادب لکڻ ڪپي، ته اهو ڏسي ٿو. ڪراچي ٽي وي تان جيڪي ڊراما هلن ٿا، انهن ۾ اليڪٽرانڪ باڪس مان جيڪي ڳالهيون عورت جي آزادي جون نڪرن ٿيون، ماڻهو هنيانءَ تي پٿر رکي ٻڌي ۽ برداشت ڪري ٿا وڃن. اهو ٽي وي جو ڪمال آهي. نه ته اهو اديب دوبدو ايئن اچي ماڻهن کي چوي ته ماڻهو ڪهاڙين سان ڪيس ڳترا ڳترا ڪري ڇڏن. ان ڪري ٽي وي جو اثر گهڻو آهي.

سوال: آزاد شاعري کي ڪجهه ڌريون شاعري مڃين ئي ڪو نه ٿيون. توهانجو ان بابت ڇا خيال آهي؟

جواب: آزاد شاعريءَ لاءِ، ڪامريڊ سوڀي هڪ ڪچهريءَ ۾ هڪ راءِ ڏني هئي ته: "دنيا ۾ بي شمار ماڻهن شاعر ٿيڻ چاهيو پئي، پر هنن کي شاعر ٿيڻ جو موقعو انڪري نه مليو جو هنن کي شاعريءَ وارو فن ۽ ڏانءُ نه ايندو هو. مثال: علم عروض نه اچڻ جي صورت ۾ غزل ڪيئن ٿو لکي سگهجي؟ ان ڪري دنيا جو هڪ وڏو حصو شاعري ڪرڻ کان رهجي ويو، جڏهن آزاد نظم پيدا ٿيو، تڏهن ايڏي وڏي حصي کي موقعو مليو ته

هو شاعريءَ ۾ داخل ٿي وڃي. هنن جي داخل ٿيڻ سان خيال جي شاعري پيدا ٿي. هڪڙي شاعري لفظن جي ۽ ٻي خيال جي ٿيندي آهي".

مثال: جپاني هائيڪي ۾ خيال سگهارو ٿو ٿئي، اهڙيءَ طرح آزاد شاعري بنيادي طور خيال جي شاعري آهي. ماڻهوءَ جي اندر جو اڌمو پلي اهو اڻ پڙهيل هجي پر ان کي جذبن سچائيءَ سان ظاهر ڪري ٿو ته اها شاعري بڻجي ٿي. هڪڙي مائي جنهن سُرَ ۾ پار ڪيندي آهي، اهو سنڌي لوڙائو پيرويءَ جو حسين ترين سُرُ هوندو آهي. جيتوڻيڪ ان مائيءَ کي ميوزڪ جي باضابطه طور خبر نه هوندي آهي. انسان جي جذبن جي شاعري تمام سٺي شاعري آهي. ان کانپوءِ گهاڙيٽي تي نوان تجربا ٿيا. هاڻي ته اها شاعري ڳائي به سگهجي ٿي. اڳي محبوبا جون ڳالهيون شاعريءَ ۾ لازمي هونديون هيون، هاڻي شاعري زندگي ۽ زندگيءَ جي مسئلن سان تمام ويجهي ٿي وئي آهي. انڪري آزادي شاعري هن دور جي تمام وڏي تقاضا آهي ۽ ان کي تخليقي صلاحيت نه رکندڙ ماڻهو ئي روڪڻ جي ڪوشش ڪندا. باقي آزاد شاعريءَ ۾ ڪن جاين تي *Content* تي وڌيڪ زور آهي ته ڪن جاين تي گهاڙيٽي تي، پر سڀ کان وڌيڪ سگهاري شيءِ *Content* ۽ گهاڙيٽو، ٻنهي تي هڪ جيترو زور ڏنل هئڻ گهرجي.

سوال: پڙتاليءَ تي ٿيندڙ موجوده وقت ۾ ڪم مان اوهان مطمئن آهيو؟

انور پيرزادو: ادا پڙتاليءَ تي ٿيندڙ ڪم تي مطمئن ٿيڻ جو ته ڪو به جواز ڪونهي. چو ته پڙتالي جيڏو وڏو شاعر آهي ان جي ٻوليءَ ۽ مواد جي جيڪا وسعت ۽ ان جو جيڪو دور آهي. ان متعلق ڪو ڪم ٿيو ئي ڪونهي، 1938ع ۾ ڊاڪٽر سورلي جي انگريزيءَ ۾ لکيل ڪتاب کان سٺو ڪتاب هينئر تائين انگريزيءَ ۾ ڪو نه آيو آهي. ڊاڪٽر گربخشاني جو سهيڙيل رسالو ٽن جلدن تي مشتمل هو. جن مان هڪ جلد اسانجي بزرگ اديبن وڃائي ڇڏيو. ان جي خبر ناهي ڪاڏي ويو؟ چون ٿا ته گربخشانيءَ اهو علامه دائود پوٽي کي ڏنو هو. چو ته علامه دائود پوٽو سندس شاگرد هو. وري علامه دائود پوٽي وارن چيو ته، اسان اهو ادبي بورڊ کي ڏنو هو هاڻي ادبي بورڊ ۽ دائود پوٽو انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪٿي اهو

رسالو گم ٿي ويو آهي.

پٽائيءَ کي جتي ڊاڪٽر گربخشاڻي ڇڏيو، پٽائي اتي ئي رهيل آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ پٽائيءَ تي ڏاڍو سٺو لکيو آهي، مون ۽ لطف کان وڏيڪ ٻين ماڻهن به ڪم ڪيو آهي، جن جو ڪم مون ذاتي طور تي ڏٺو آهي، ڊاڪٽر سڌاپي ٿيسز لکي آهي. ڊاڪٽر نواز علي شوق به ٺيئي سٺيون شيون لکيون آهن. معمور يوسفاڻي. باوجود ان جي ته هو پنهنجي سٽ جو ماڻهو ناهي، پر پٽائيءَ تي هن جو ٿيل ڪم ساراهه لائق آهي، ٻيا گمنام ماڻهو آهن، جيڪي پٽائيءَ کي ڏاڍو ڄاڻن ٿا ۽ پٽائي تي جن ماڻهن جي اسٽڊي آهي، انهن ماڻهن کي رڪارڊ ڪرڻ جي ضرورت آهي. جن ۾ پَٽَ، پاٽيءَ تي رهندڙ مير بحر، ٿر جي رڻ پٽ ۽ سنڌ جي مختلف علائقن ۾ رهندڙ ۽ هتانجي لڏي ويل سنڌي هندو شامل آهن. اصل ڳالهه اها آهي ته پٽائي سنڌ جي ڪلچرل يونٽيءَ جي علامت آهي. اهو پٽائي آهي، جنهن اسان کي ٿر متعلق ٻڌايو آهي، سسئي جو پنڌ ڏسيو آهي، مينهان ۽ نينهان، ڪٽانَ ۽ سٽان واري اتر جي ٻولي به اسانکي سمجهائي آهي ته ڪينجهر سمنڊ، درياهه ٽپڻ واري عشق ڪيئن ٿي ڪري؟ قيد ۾ رهڻ واري ۽ جبل جهاڳڻ واري عشق ڪيئن ٿي ڪري؟ اهو به سمجهايو آهي. روپلي ڪولهيءَ کي هن جهونجهار سڏيو آهي. روپلي جي قبر ناهڻ وياسين ته، اسان ان کي شهيد، شهيد پي سڏيو ته، اتان جي مهرو ڪولهيءَ جيڪو سئو سالن کان مٿي عمر جو آهي. ان اسانکي ٻڌايو ته، روپلي کي هتي ماريو ويو هو. هن اهو چيو ته: سائين روپلو شهيد نه، پر جهونجهار هو. اسان پڇيو ته: "اهو ڪيئن؟" چيائين ته، جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کي ماريو وڃي ته اهو شهيد سڏبو، پر جيڪڏهن ڪنهن غير مسلم کي ماريو وڃي ته، اهو جهونجهار سڏبو آهي". سندس اهڙي انڪشاف ڪانپوءِ خبر پئي ته، پٽائي ته سر ڪيڏاري ۾ جنهن جهونجهار جي ڳالهه ڪئي آهي، اهو سنڌ جو ڪو غير مسلمان جوڌو آهي.

پٽائي جي شهيدن ۾ شهيد شاهه عنايت ۽ دولهه دريا خان به ٿي سگهن ٿا چو ته جن هٿيارن جي پٽائيءَ ڳالهه ڪئي آهي اهي سنڌي هٿيار آهن.

سوال: توهان گربخشاڻيءَ واري رسالي جي ڳالهه ڪئي ته شاهوائي يا آڏوائي ڪان ته ان ۾ ته بيت ڪٽل آهن. گربخشاڻي رسالي کي ڪٽائي ٽنڊو نه ڪري ڇڏيو آهي؟

انور پيرزادو: بلڪل ڪٽايا آهن. گربخشاڻيءَ ”محبت پائي من ۾ رنڊا روڙيا آهن“ باقي هن جو مڪمل رسالو ڪو نه آهي. پٽائي تي ته ڪم ٿيو ئي ڪو نه آهي. ماڻهو جيڪڏهن هٿ پير هڻي، ته سڀ قلمي نسخا سهيڙي هڪڙو مستند رسالو ڇپائڻ جي ضرورت آهي. جڏهن ته پٽائيءَ جي 1689ع کان 1752ع تائين واري دور جي تاريخ به لکڻ کپي. ڊاڪٽر سورليءَ به ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي رڪارڊ جي روشني ۾ ان دور جي تاريخ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اها به ناڪافي هئي. اسانکي اجا به هٿ پير هڻڻ گهرجي. اسانکي جيڪڏهن حڪومت اجازت ڏني ته اسان انڊيا وڃي، اتان جي لائبريرين مان پٽائي تي مواد هٿ ڪيون. شاهه عنايت شهيد جي انڊر گرائونڊ جدوجهد جو هڪ سينٽر انڊيا ۾ هو. مان جڏهن هن جي مزار تي ويس ته، مون کي ٻڌايو ويو ته: ” هن تي تحقيق ڪرڻ جي لاءِ توهان کي انڊيا جي بيجاپور شهر وڃڻو پوندو. ڇو ته هن جو سينٽر آف آپريشن اهو هو. هنن جيڪا سرحد بند ڪري رکي آهي. ان مان اسان کي ڏاڍو علمي ۽ ادبي نقصان پهتو آهي. اسان جي لاءِ سرحدون کوليون وڃن ته جيئن اسان انڊيا ۽ لنڊن جي لائبريرين ۾ انگريزن پاران پٽائيءَ تي ٿيل ڪم تلاش ڪري سگهون. ڪڇ، پڇ جتي پٽائي گهميو آهي، اتي اجا تائين ماڻهن کي پٽائي ياد آهي. تمام وڏي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. شيڪسپيئر تي انگلستان ۾ اٺ لک ماڻهو ڪم ڪن ٿا ۽ ان تي خاندان پلجن ٿا. اسان وٽ پٽائيءَ تي اٺ سئو ماڻهو به ڪم ڪو نه ٿا ڪن.

سوال: توهانجو صحافت ۾ وڏو حصو آهي، سنڌي صحافت جو موجوده ڪردار ڪيئن آهي؟

انور پيرزادو: ادا! انگريزي ۽ اردو اخبارن کان سنڌي اخبارون، سنڌ جو ڪيس بهتر انداز ۾ وڙهي رهيون آهن. باقي انگريزي ۽ اردو اخبارن جي پيٽ ۾ سنڌي اخبارون *Industry* جي طور تي پٺتي پيل آهن ۽ انهن ۾ ورڪنگ

ڪنڊيشنس بہ بهتر ڪونهن.

سوال: سوشلزم جي خاتمي جي ڳالهہ ڪئي پئي وڃي، ڇا سوشلزم نظريي جي طور تي ختم ٿي ويو، يا ان کي لاڳو ڪرڻ وارو طريقو غلط هيو؟

انور پيرزادو: اڳي چيو ويندو هو تہ نظام جي تبديلي لاءِ اقتدار تي قبضو ڪجي. نئون نظام ڏيڻ سان پراڻو نظام ختم ٿي ويندو. هاڻي اها ڳالهہ ثابت ٿي آهي تہ نظام تڏهن تبديل ٿيندو، جڏهن انسان جو ذهن تبديل ٿيندو. سوويت يونين ۾ سوشلسٽ نظام جي ستر سالا تجربي اهو ثابت ڪيو آهي تہ، نظام جي تبديلي، حڪومتي تبديلي کان مختلف ٿيندي آهي. نظريو ۽ ان جي اپليڪيشن ٻنهي ۾ ڪي غلطيون هيون. جنهن جي ڪري يورپ ۽ سوويت يونين ۾ اهو سڀ ڪجهہ ٿيو. خود اتان جا ماڻهو، ڪميونسٽ پارٽي، لينن، انگلز، مارڪس ۽ هن جي نظريي تي تنقيدون ڪري رهيا آهن هڪ ٻي ڳالهہ تي سوشلسٽ اڪانامي جي لاءِ اهو چيو پئي ويو تہ پرولتاري يا هاريءَ کي زندگيءَ جي ضرورتن جي ضمانت ڏيڻ ۽ هنجي استحصال جي ختم ٿيڻ سان هو جذبي سان ڪم ڪندو. عملي طور تي ثابت اهو ٿيو تہ جپاني ۽ آمريڪي مزدور ۽ هاري روسي مزدور ۽ هاريءَ کان وڌيڪ دل سان ڪم پئي ڪيو. هر ۾ هٿ تہ ٻنهي جو هو، پر صحيح معني ۾ زمين کي جپانين ۽ آمريڪن ئي کيڙيو پئي.

آتڻ چونم ڪت، تائيان تند نہ نڪري،
پاٽان روئي رت، چرخو مون چڪ ڪيو.

ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي تہ هٿ تہ چرخي ۾ هوندا آهن، پر ڪم نہ ٿيندو آهي. هنن جي مائينڊ (*Mind*) ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي هوندي آهي. جپاني مزدور کي اوور ٽائيم جو *Incentive* هو. باوجود انجي تہ، هتي هڪ جپاني صحافي عورت آئي هئي، جنهن چيو هو تہ: "خدا جي واسطي جپاني معاشري جي ڪاپي نہ ڪجو، مان جپاني عورت آهيان، مان توهانکي چوان ٿي تہ جپاني معاشري جي ڪاپي ڪندؤ تہ، پٽ پيءُ سان، مڙس زال سان ۽ ٻار ماءُ سان نہ ملي سگهندا، اتي مشيني دنيا آهي، جنهن

جا اسان سڀ پرزا آهيون، اسان انسان رهيا ئي نه آهيون، بلڪل هڪ غير انساني معاشرو آهي.“ پر ترقيءَ واري حساب سان جپان آمريڪا کي به پيڇ ڏئي ڇڏي آهي. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته روس جي مزدور ۽ هاريءَ اها پروڊڪشن ڇو نه ڏني جيڪا جپان جي مزدور ۽ هاريءَ ڏني؟ ان مان اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته، نظرياتي طور تي جيڪو ڪجھ چيو ويو هو. اهو صحيح نه هو. هاريءَ جي اندر مان اها ڳالھ ڪڍي ڇڏڻ ته هنڪي پنهنجو هڪ جريب زمين جو هجي. اهو غلط هيو. سوويت يونين ۾ ان کي هڪ ٻه هيڪٽر ڏنا به ويا، هن کي چيو ويو ته پنهنجي گهر جي پرسان موجود هيڪٽر ۾ ٽماٽا وغيره پلي پوک، ان جي باوجود به اتان جي زراعت ناڪام ٿي وئي. هاري جيڪڏهن زمين جو مالڪ ٿيڻ ٿو چاهي ته وڏيڪ واپار لاءِ ضرور آهي ته ان کي مالڪ ڪجي.

سوال: توهان ڪيترن ئي شعبن ۾ ورهايل آهيو؟ توهان پاڻ کي ڪهڙي شعبي ۾ وڌيڪ فٽ سمجهو ٿا؟

انور پيرزادو: تحقيق (*Research*) واري شعبي ۾. ڪجھ ڏينهن اڳ قربان پيرزادي کي هڪ ڪچهريءَ ۾ مون چيو هيو ته هينئر منهنجي اندر جي وڏي آس ۽ امنگ اها آهي ته مان سنڌ جي مختلف پهلوئن تي کوجنا ڪرڻ ڏانهن وڃان. اهو انڪري ته اڄ تائين سنڌ ۾ مسئلن جو جوڳو اڀياس ڪري نه پر رڳو نعرن ڪري مسئلن کي اشو (*Issue*) بڻائڻ لاءِ سياست ڪئي وئي آهي. اهو ئي سبب آهي ته ڪيترن ئي سياست دانن ۽ سياسي ڪارڪنن کان جيڪڏهن ڪالا باغ ڊيم جي باري ۾ ٽيڪنيڪل سوال پڇبو ته: اسان ڪالا باغ ڊيم جي مخالفت ڇو ٿا ڪيون؟ پنجاب کي ڪُل ڪيترو پاڻي اچي ٿو؟ ڪيترا بئراج ڪيترو پاڻي هيٺ ڪدن ٿا، ته هو جواب نه ڏيئي سگهندا. ڪامريڊ سوڀي هڪ حيران ڪُن ڳالھ ٻڌائي ته: ”جڏهن تربيلا ڊيم ٺهيو پئي ته اسان ان خلاف ڏاڍي تحريڪ هلائي، پر تربيلا ٺهڻ کانپوءِ پهريون دفعو اسان کي محسوس ٿيو ته ان سان سنڌ ۾ ڪڻڪ جو فصل آرگنائيز ٿيو ۽ ڏاڍي ڪاميابيءَ سان پوکيو ويو، ڇاڪاڻ ته پاڻيءَ تي ڪنٽرول ڪري، اتان پاڻي وقت

بوقت رليز ڪيو ويو.“ ان سان سنڌوءَ جي نڙيءَ تي ننهن برابر آيو. پر فصل کي پاڻيءَ جي سپلاءِ تيستائين نہ ٿي ڏيئي سگهجي، جيستائين پاڻي ڪنجي ڪلف ۾ بند ٿيو ڪجي. ان جون پازيٽو ڳالهيون بہ ٿين ٿيون تہ نيگيٽو بہ. آءٌ ذاتي طور تي سمجهان ٿو تہ ڪالا باغ ڊيم نيگيٽو آهي، پر ان لاءِ اسٽڊي ڪرڻ گهرجي. تہ توهانجي سوال جو جواب اهو آهي، تہ مسئلن جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو وڃي. جيڪي ماڻهو سياست ۾ دلچسپي رکن ٿا، اهي سياسي پليٽ فارم تي انهن مسئلن کي کڻن، جيڪي پنهنجي مدد سان پاڻ جي بنياد تي مسئلا حل ڪرڻ چاهين ٿا، اهي پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي مسئلا حل ڪن، پر آءٌ تحقيق کي وڌيڪ ترجيح ڏيان ٿو.

قربان پيرزادو: قطع ڪلامي معاف، سوڀي تربيلا جي جيڪا ڳالهہ ڪئي هئي، تہ اسان ان جي مخالفت ڪئي هئي، پر خبر هاڻ ٿي پوي تہ ان مان فائدو ٿيو. ان جو ڇوڙ وري اهو بہ هو تہ چاڪاڻ تہ ايوب خان سرحد جو ماڻهو هو ۽ ان کي پنجاب جي سياست جي خبر هئي، انڪري ننڍي نئشنلٽيءَ جي ماڻهوءَ هجڻ جي ناتي ان کي احساس هو تہ جيئن پين سان ظلم نہ ٿئي.

سوال: ڪن ڏرين طرفان اهو چيو پيو وڃي تہ هينئر اديبن جو اجتماعي طور تي ڪو بہ ڪردار ناهي رهيو؟

انور پيرزادو: آءٌ ان سان متفق آهيان، منهنجو ذاتي طور تي اهو خيال آهي تہ سنڌ ۾ مجموعي *Degradation* پيدا ٿي آهي. معني شاگرد هوندو تہ اهو توهانکي ڪمپليٽ شاگرد نہ ملندو، اديب ڪمپليٽ اديب نہ هوندو. سياست دان ويڪائو ملندو. ريسرچر هوندو تہ نام نهاد ريسرچر هوندو، ميوزيشن کي ميوزڪ جي ابتري ڄاڻ نہ هوندي، ڇاڪاڻ تہ اسانجا ادارا، اسانجو سوشل اڪنامڪ اينڊ پوليٽيڪل ڪلچر خراب ٿي ويو آهي. سنڌ جو ڏاڙيل بہ توهانکي ايئن نہ ملندو، جيئن سنڌ جو ڪلاسيڪل ڏاڙيل هوندو هو.

سوال: ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ، اسان جي ماڻهن جي ڪرمنل مينٽلٽي ٿي ويئي آهي؟

انور پيرزادو: ڪرمنل سوچ کان وڌيڪ ايئن چئجي ته، اسان وٽ پستيءَ ڏانهن ويندڙ هڪ سماجي ڪلچر پيدا ٿيو آهي. علم حاصل ڪرڻ لاءِ اڳ واري جاکوڙ هاڻي نه ٿي ڪئي وڃي. ڏاهپ جا اڳوڻا معيار هاڻي ناهن رهيا. پڙهڻ پڙهائڻ وارو بوڪ ڪلچر ختم ٿي ويو آهي.

هن دور جي سماجي قدرن کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسانکي بهترين شاگرد ۽ بهترين اديب پيدا ڪرڻ کپن. اهو دانشور پيدا ڪجي، جنهن کي سنڌ جو قومي دانشور چئي سگهجي. جيڪو سنڌ جي قومي مسئلن تي اٽوٽ ٿي اسٽينڊ وٺي بيهي، جنهن وٽ سياستدان واري سياسي موقعي پرستي نه هجي. سنڌ جي زندگي ۽ موت وارن مسئلن تي اسٽينڊ وٺڻ وارو نسل مونکي ختم ٿيندو نظر اچي رهيو آهي. اڳي ڏاڍو Honest هو. هاڻوڪو نسل ڏاڍو ڪرپٽ، مٽيريلسٽ ۽ لالچي ٿي ويو آهي. اسلام آباد جي هڪ صحافيءَ چيو هو ته: "مون سنڌ ۾ هڪ عجيب روش ڏٺي آهي ته، سنڌ ۾ جيڪو اديب سرڪار سان سمجھوتو نه ٿو ڪري، ان جي ڏاڍي تعريف ڪئي ٿي وڃي ۽ اسان وٽ ان اديب جي تعريف ڪئي ويندي آهي، جيڪو سڀ کان اڳ ۾ سرڪاري درِءَ وٽ وڃي بيهندو آهي ۽ انعام وٺي ايندو آهي". هاڻي اهو وقت آيو آهي ته، سنڌ جي اديب به ان درِءَ ڏانهن وک وڌائڻ شروع ڪئي آهي. اهو وقت جو هڪڙو الميو اهي. ان کي روڪڻ کپي.

سوال: انهن سمورين ڳالهين جو بنياد وري به پاليٽڪس وڃي ٿي بيهي؟

انور پيرزادو: ان سوال کي آءٌ ڪجھ ڊگهي سياسي پسمنظر ۾ بحث ڪرڻ چاهيندس. توهان چيو ته انهن جي جڙ وري به سياسي ٿي ٿئي ته توهانجو يقينا اهو مقصد هوندو ته، جڏهن ڪو به جنرل ڏنڊي جي زور تي مارشل لا هڻي اچي ويهي رهي، پريس تي پابندي هڻي، تڏهن هر ماڻهو پاڻ کي بيوس محسوس ٿو ڪري. هڪ صحافي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر اڳيان اچي ٿو سگهي، هو سچ لکي ٿو، جنهن کي هڪ ڪئنچيءَ سان ڪتي ٿا ڇڏين، پوءِ ان جا آدرش ڪٽجن ٿا، تڏهن هن ۾ ڪرپشن جو احساس پيدا ٿو ٿئي ته پلا جڏهن هڪڙي ڊڪٽيٽر جي حڪم جي ڪري آءٌ سچ نٿو

لکان ته پوءِ هڪ لک رپيا وٺي سچ نه لکان ايئن ڇو نه ڪيان؟ معصوم عورت رنڊي تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن هن جي عصمت لٽجي ويندي آهي. سا به بي گناهيءَ واري انداز ۾. هن سان پهرين واعدا ڪري پوءِ ڪو مرد هن جي عصمت لٽڻ کانپوءِ هن سان شادي ناهي ڪندو ۽ هوءَ چڪلي ۾ وڃي ويهندي آهي. هاڻي ايم پي اي ۽ ايم اين اي ڪڏهن هِن ڪنڌيءَ تي ته ڪڏهن هن ڪنڌيءَ تي آهن. ڊنڊ جا پڪي لڳا پيا آهن. اهو سلسلو سنڌ جي قديم تاريخ کان وٺي جاري آهي. نادر شاهه، احمد شاهه ۽ سڪندر اعظم سنڌ تي حملو ڪيو. ليفٽيننٽ جارج ميڪسم جو هڪ مشهور قول آهي ته: ”سنڌي هاري جو هٿ هر ۾ آهي، هو ڏسي ٿو ته هڪڙا ڌاريا ماڻهو اچن ٿا، حڪومت ڪري هليا وڃن ٿا. اهو سمورو لقاءُ ڏسي هر کي زمين ۾ کپائي، هڪ آس ٿو ڪري ته: هي جيڪي نوان آقا آيا آهن، سي خدا ڪري پراڻن آقائن کان شل رحم دل هجن“. سنڌي قوم جي اها تاريخي بيوسي پنهنجي جڳهه تي حقيقت آهي پر اها به پنهنجي جاءِ تي حقيقت آهي ته صدين جي غلامي کانپوءِ به سنڌي ماڻهو پنهنجي غيرت ۽ ضمير کي زنده رکيو پيو اچي. گهٽ ۾ گهٽ پنجابين کان وڌيڪ سنڌي ماڻهو بنگالين کانپوءِ پاور فل آهن، هينئر هنن کي مايوس ۽ ڪرپٽ ڪيو پيو وڃي، اهو به سبب آهي ته سنڌ جو ماڻهو سمجهي ٿو ته سمجهوتو هئين به ڪرڻو آهي، تنهن کان ڇو نه ڪرپشن ڪجي. اها اسانجي سچي ڪلچر کي تباهه ڪرڻ جي ڳالهه آهي.

هر دور جا حڪمران سنڌ جا ملزم آهن

نوٽ: "هم" ٽي وي چينل هڪڙو پروگرام "مقدمۀ سنده" جي موضوع تي ٽيليڪاسٽ ڪيو هو جنهن ۾ انور پيرزادي، ڊاڪٽر قادر مگسي، مخدوم جميل الزمان ۽ هڪ اُردو صحافيءَ کي مهمان طور گُهرايو ويو هو. ميزبان سينئر صحافي مظهر عباس هو. پروگرام ٻن حصن ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيو هو. هتي ڪجهه سوالن تي انور پيرزادي جي ڏنل جوابن کي ترجمو ڪري پيش ڪجي ٿو.

سوال: سنڌ جي مقدمي جي حوالي سان اوهان ڪجهه ٻڌائڻ پسند ڪندو؟

انور پيرزادو: مظهر صاحب! هن پروگرام ۾ ڪافي ڪريون ڳالهيون ڪيون ويون، خاص ڪري ڊاڪٽر قادر مگسيءَ ڪافي ڪريون ڳالهيون ڪيون ۽ ڪريون ڳالهيون ڪرڻ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ضروري هوندو آهي. 1971 ۾ اوهان کي ۽ اسان کي ياد آهي ته (We were Sailing in the same boat) اسان پريس ۾ هوندا هئاسين ته اسان کي ٻڌايو ويو ته دشمنن جي هن پاسي کان ڪجهه بمن جا گولا ڪريا ۽ جڏهن هتان اسان اُنهن جو جواب ڏنو ته اُهي گولا ڪرڻ بند ٿي ويا. جڏهن ته ٻئي ڏينهن وري اِها خبر آئي ته "اسان هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا آهن." سو انهن شئين تي ۽ موجوده صورتحال تي بلڪل به Openly Discuss ڪرڻ گهرجي ۽ ڪريون ڳالهيون ڪرڻ گهُرجن. مان هن بحث ۾ اِها ڳالهه ڪرڻ ٿو چاهيان، جيئن اوهان هن پروگرام جي ابتدا ۾ سنڌ جو ذڪر ڪيو ته "آخر سنڌ ۾ ايڏو Turmoil ڇو آهي؟" مان ان سلسلي ۾ هڪ Long Historical Perspective ۾

ڳالهائڻ چاهيندس ته سنڌ چاهي؟

اوهان اِها ڳالهه ذهن ۾ رکو ته سنڌ جي سرزمين سنڌو درياهه ٺاهي آهي، سنڌو درياهه پڻ ڪروڙ سالن کان وهي رهيو آهي. هن ڌرتيءَ جي عُمر پنج ارب سال آهي ۽ ٿر ۾ جيڪو ڪارونجهر جبل آهي ان جي عمر 4.7 Billion Years آهي. انڊس جو جيڪو Right Bank آهي اُهو ڪنهن زماني ۾ اخائمينن جو حصو هو جيڪو قديم ايراني سلطنت هوندو هو، ايوب خان جي زماني ۾ هڪڙي پيري ايران جي بادشاهه اِهو بيان ڏنو هو ته ايوب خان کي ٿورو زبان سنڀالي ڳالهائڻ گهرجي ۽ ان کي اِهو سمجهڻ گهرجي ته Indus جو جيڪو right bank آهي اُهو قديم ايراني سلطنت جو حصو هو. darious the great جي زماني جي حوالي سان اسان اِهو سمجهون ٿا ته هي جيڪو رني ڪوٽ آهي اُهو شايد ان ساڳي قديم ايراني سلطنت جو eastern fortification wall آهي. منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي ته قديم سنڌ کي اهميت ان ڪري آهي جو ته اِها indus valley جو lower part آهي. اڄ جو پاڪستان lower indus جي جاگرافيءَ ۾ قائم آهي، اڄ جي پاڪستان جو جيڪڏهن حقيقي ۽ تاريخي نالو رکيو وڃي ته اُهو هوندو "lower indus valley" ۽ هن علائقي جا ڪيترائي نالا تبديل ٿيا آهن جيڪو به حملي آور آيو ان هن علائقي کي هڪڙي نئين state ڪري ٺاهيو ۽ اُن جو نئون نالو رکيو. سو منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي ته جيڪا Indus جي جاگرافي آهي ان سان سمنڊ لڳندو آهي جنهن علائقي جو به deep sea سان رابطو رهندو آهي ان جو سڄي دنيا سان رابطو رهندو آهي، سڄي پاڪستان جوسيني کان گهڻو شاهوڪار علائقو سنڌ آهي. سڄي پاڪستان جو سيني کان اهم علائقو سنڌ آهي، اوهان اِهو اندازو لڳايو ته:

we have got 200 billion tons of coal in thar, we have got 125 square km of granite in thar, we have got 100 miles of strip of china clay in thar.

۽ ٿر اُهو علائقو آهي جنهن ۾ هر سال ڏڪر ٿيندو آهي، ماڻهو

مري ويندا آهن، جڏهن اوهان ٽر ۾ سفر ڪندا آهيو ته رستي جي پنهي پاسن کان اوهان کي جانورن جا ڍانچا نظر ايندا آهن. جيئن ته هيءُ علائقو انڊس ٿاهيو آهي ان ڪري Indus ان ۾ هڪ continental shelf ٿاهيو آهي. سمنڊ جي اندر 150 ميلن جو هڪڙو Slope ٿاهيو آهي. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا انجنيئر جڏهن هتي آيا ته:

They were really surprised to see this is the wonder of the world! we have got 150 km of continental shelf in sindh, india has got only 6 km of continental shelf &balochistan has got only 6 km of continental shelf.

سو مان سنڌ جي اهميت جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان ۽ اسان وٽ مصيبت اِها آهي، اسان وٽ علم جي حالت اِها آهي جو مون هڪڙي اُردو اخبار ۾ پڙهيو ته "درياءِ سنڌ" جو نالو تبديل ڪري "درياءِ پاڪستان" رکڻ تي غور ٿي رهيو آهي ڇو ته جيڪڏهن ان جو نالو "درياءِ سنڌ" هوندو ته سنڌي چوندا ته ان جو پاڻي اسان کي ڏيو. سو سنڌو درياهه جو مطلب اِهو ناهي ته هي درياهه سنڌ جو آهي، سنڌ نالو ئي ان درياهه جو آهي، سنڌ جي خطي تي نالو ان درياهه جي نالي سان پيو آهي.

سوال: سنڌ جو جيڪو مقدمو آهي ان جو ملزم ڪير آهي؟ ۽ هن مقدمي کي وڙهڻ وارا جيڪي وڪيل آهن اُنهن هي ڪيس صحيح معني ۾ ڇو نه وڙهيو آهي؟

انور پيرزادو: سنڌ جي مقدمي جي حوالي سان مان جيڪا اهم ڳالهه سمجهان ٿو اُها اِها آهي ته سنڌ جو مقدمو سياسي به آهي، سنڌ جو مقدمو environmental به آهي، سنڌ جو مقدمو cultural به آهي، سنڌ جو مقدمو economic به آهي. سنڌ جي مقدمي جا ڪيترائي پهلو آهن. مان سمجهان ٿو ته سنڌ جو مقدمو صرف سنڌ جا ماهر وڙهي سگهن ٿا. منهنجي سامهون جيڪي بياستدان ويٺا آهن مان انهن کي political expert سمجهان ٿو. اِهي پنهنجي شعبي جا ماهر آهن پر اسان وٽ archeologist به موجود آهن. IUCN تازو سنڌ جي environment جي حوالي

سان هڪڙو ڪتاب ڇپايو آهي *environment development* ان ۾ هنن ماحوليات جي حوالي سنڌ جو هڪڙو نقشو ڏنيو آهي.

we have got two world heritage sites in sindh

هڪڙو موهين جو دڙو ۽ ٻيو مڪلي.

makli is the largest nachroponis of the world.

ڪارونجهر جي باري ۾ مون اوهان کي ٻڌايو ته

It is spread in 125 sq km

۽ اِهو سڄو علائقو *granite* آهي. ان جو *foot by foot tile* ڪراچيءَ جي مارڪيٽ ۾ هڪ هزار رپئي جو آهي جنهن جي رائلٽي تر ڪي نه ٿي ملي ۽ سنڌ جي رائلٽي سنڌ کي نٿي ملي. سنڌ جو مقدمو خالي اين ايف سي ايوارڊ ناهي، سنڌ جو مقدمو صرف ڪالا باغ ڊيم ناهي، سنڌ جو مقدمو سنڌو درياهه به آهي.

indus civilization کان وٺي هن وقت تائين جيترا به حڪمران آيا آهن اُهي سڀئي ملزم آهن ۽ سنڌ جو مقدمو سنڌ جي عوام هر دور ۾ وڙهيو آهي. روپلو ڪولهي اِهو مقدمو ڪارونجهر جبل ۾ وڙهيو هو. هن خطي تمام گهڻا ماڻهو پيدا ڪيا ۽ انهن ڏاڍي سُٺي طريقي سان سنڌ جو ڪيس وڙهيو آهي پر اُهي مظلوم آهن. چو ته هو *Indus* جي پُڇڙيءَ ۾ آهن جيئن چوندا آهن ته "اسين ماڻهو لاڙ جا درياهه جي پڇاڙ جا...!"

بنگال خلاف آپريشن جمهوريت جو قتل هو

ڳالهه ٻولهه: هدايت منگي

هي انٽرويو هدايت منگيءَ انور پيرزادي کان 1999ع ۾ پنهنجي حياتيءَ کان ڪجهه مهينا اڳ سندس ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ سيڙجي وڃي ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي هفتيوار ادبي پروگرام "رسالو" لاءِ ٽيپ رڪارڊر ڪئي وڃي ورتو هو. اها ڪيسٽ وڏي عرصي تائين هٿ نه پئي آئي. جنهن لاءِ ووڙ تمام گهڻي ڏني وئي پر لاڳيتو مايوسي ئي پلئه پئي پئي. ويجهڙائيءَ ۾ هيءَ ڪيسٽ نامياري شاعر ۽ اديب عنايت ميمڻ جي آڊيو لائبرري مان هٿ ڪئي وئي. جيڪا هن پڻ پنهنجي ريڊيو جي ادبي پروگرام "رسالو" ۾ ڪجهه پيرا نشر ڪئي هئي. ڪاغذ تي هي انٽرويو محمد علي پٺاڻ لاٿو. جيڪو اوهان جي آڏو پيش آهي.

هدايت منگي: انور، تنهنجو جنم ڪٿي ٿيو ۽ ڪڏهن؟

انور پيرزادو: ادا، منهنجو جنم ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ ٿيو ۽ ڄم جي تاريخ رڪارڊ موجب 25 جنوري 1945ع ڄاڻايل آ.

هدايت منگي: معني ته گرم علائقن جي ٿڌن ڏينهن ۾ ڄائين. ڀلا، تعليم تو ڪٿي ورتي؟

انور پيرزادو: تعليم به ڳوٺ ۾ ئي ورتم. جتي تنهنجو والد استاد غلام رسول منگي منهنجو استاد هو ۽ منهنجي وڏن ڀائرن جو پڻ استاد هو. پرائمري مان

ان وٽ ئي پڙهيس. جنهن ڪانپوءِ ڏوڪري هاءِ اسڪول ۾ انگريزي پڙهيس. 1962ع ۾ مئٽرڪ ڪيم. 1963ع ۾ پهريون پٽ ڄائو. ڇاڪاڻ ته مئٽرڪ جي اچا رزلٽ ڪانه آئي هئي ته شادي ٿي. ان پٽ (زبير)کي هاڻي 3 پٽ آهن.

هدايت منگي: واهه. اچا ته سنڌ ۾ توکي تقريبات ۾ ڪڏهن ڪڏهن جو چوندا آهن ته اچي ٿو، "نوجوان شاعر انور پيرزادو" ته، تنهنجي نوجواني ته 1963ع ۾ ئي ختم ٿي وئي هئي نه؟

انور پيرزادو: هڪ دوست، جيڪو ڊان ۾ ڪم ڪري ٿو، تنهن مونکان پڇيو ته، "تون جڏهن ڏاڏو ٿيو آهين، ته تون ڇا محسوس ڪري رهيو آهين؟" مان هن کي چيو ته، "مونکي ۽ منهنجي زال کي ائين ٿو محسوس ٿئي ته اسانجون جوابداريون شيئر ڪرڻ وارا پيدا ٿي ويا آهن. پٽ، وري سائين پٽ جي اولاد. انڪري پاڻ کي ائين ٿو لڳي، ڄڻ جيئري جنت ۾ آهيون."

هدايت منگي: پلا، مئٽرڪ ڪانپوءِ تو هڪڙي ريگيولر شاگرد جي حيثيت ۾ تعليم جاري رکي يا ايڪسٽرنل ڪئنڊيڊيٽ جي حيثيت ۾. ته، مٿي تون ڪيئن پڙهئين؟

انور پيرزادو: ادا، مٿي مئٽرڪ ڪانپوءِ پرائيويٽ ايڪسٽرنل ڪئنڊيڊيٽ جي طور تي مان فرسٽ ييئر ۾ پئي پڙهيس ته ان وچ ۾ مونکي ماستريءَ جي نوڪري ملي. پنهنجي ڳوٺ جي پرسان مهين جي دڙي جي دڙن جي پرئينءَ پر حاجي مشوري ڳوٺ ۾ پڙهايم. مهين جي دڙي تي پرائمري اسڪول ۾ به پڙهايم ۽ ڪچي ۾ تکر باغبان هڪڙو ڳوٺ آهي ڪاراڻ کان اڳتي، ته اتي به پڙهايم. ائين ماستري به ڪيم ۽ انٽر ڪانپوءِ بي اي جي تياري گهر ۾ ڪيم. ان وچ ۾ پرائمريءَ جي ٽريننگ ڪاليج جو امتحان به ڏنم لاڙڪاڻي ۾. اتي خاص ڪري فيض ٻگهيو (جيڪو اڄڪلهه پي ٽي وي تي پروڊيوسر آهي) منهنجو ڪليگ هوندو هو. ان ۾ مون سنڌ ۾ ٽاپ ڪيو. ان ڪانپوءِ مان بي اي پاس ڪئي. بي اي ۾ مان انگلش لٽريچر ايڊيشنل سبجيڪٽ طور ڪنيو، جو انگريزي جو گهڻو شوق هوندو

هو. ان جي جڏهن رزلٽ آئي ته منهنجو فرسٽ ڪلاس آيو. مون ڪان اڳ ۾ اسانجي ڳوٺ ۾ ڪنهن به بي اي اهڙي سٺي طريقي سان ڪونه ڪئي هئي. پوءِ ڪراچيءَ ۾ منهنجو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر محمد حسن پيرزادو وٽرنري ڊاڪٽر ٿيو ته ان مونکي اوڏانهن گهرائي ورتو ۽ مون بي اي وانگر اتي ايم اي انگريزي ادب ۾ به پرائيويٽلي ڪئي. ڪراچيءَ جي جيڪا برٽش ڪائونسل لائبرري آهي، اها ايم اي جي ڊگري چڻ ان مونکي ڏني. مان گهران ماني ٻڌي ويندو هوس ۽ شام جو اهي جڏهن لائيٽ آف ڪندا هئا ۽ لائبرري بند ڪندا هئا ته ان وقت مان اتان اٿندو هوس. اهو امتحان مون سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڏنو. جنهن ۾ مان سيڪنڊ ڪلاس آيس ۽ ان زماني ۾ جنهن ٽاپ ڪيو هو، اهو به سيڪنڊ ڪلاس آيو هو. تن ڏينهن ۾ سائين غلام مصطفي شاهه سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو ۽ منهنجي ڀاءُ وٽ ڪتا ڪٺي ايندو هو علاج لاءِ، ته ان سان واقفيت ٿي. جنهن مونکي پنهنجي ڀاءُ جي چوڻ تي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگلش ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرر شپ جي نوڪري ڏني. 6 مهينا اتي پڙهايم. ان کانپوءِ ايئرفورس ۾ هڪ اشتهار آيو ڊائريڪٽ ڪميشن ڪورس جو. 6 مهينن جي ڪورس کانپوءِ پائلٽ آفيسر جي ٽريننگ ٿي ته اوڏانهن هليو ويس. اتي جيڪا آءِ ايس ايس پي ٽريننگ ٿيندي آ ۽ 6 ڏينهن هلندي آ، ته انهيءَ ۾ هزار کن اميدوار هئاسون، جنهن مان صرف 35 پاس ٿيا. اها ڏاڍي ڏکي ٽريننگ ٿيندي آ. سو اها جيئن ته مون پاس ڪئي، انهيءَ ڪري مون سوچيو ته اها چانس ملي به آهي ته ايئرفورس *continue* ڪجي. اهو زمانو 70-1969ع جو هو ۽ ملڪ جو سياسي بحران تيز ٿي ويو هو. اوڀر پاڪستان ۾ فوجي ايڪشن ڪنيو ويو. مان تڏهن ذري گهٽ ٽريننگ پوري ڪرڻ وارو هوس. ان کانپوءِ مجيب الرحمان جي خلاف جيڪو طوفان کڙو ڪيو ويو ۽ چوندن ۾ 90 کان وڌيڪ سيٽون کٽڻ باوجود ان کي اقتدار منتقل نه ڪيو ويو. توڙي جو هو ميجارٽيءَ ۾ هو ۽ ملڪ جو وزيراعظم ٿيڻ کپندو هو. ان چڪتاڻ ۾ اوڀر پاڪستان ۾ ملٽري ايڪشن جڏهن شروع ٿي چڪو هو ته مان لوٺا ٽوپا ۾ ٽريننگ ٿي

ورتي. اتي جيڪي خبرون پهچنديون هيون. انهن ڏاڍو ڊسٽرب ڪيو. محسوس پيو ٿئي ٿي ڄڻ جمهوريت جو قتل ڪيو پيو وڃي. ملڪ کي ترقي وٺائڻ بدران هتي هڪ اهڙو سياسي ڪلچر پئي متعارف ڪرايائون، جنهن ۾ رهزني ۽ دهشتگردي هئي. انهن حالتن ۾ هڪ ڏينهن مون اتان هڪڙو خط لکيو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي دوست کي. ان ۾ مون پنهنجي اندر جو اهو اوبر ڪڍيو هو. اهو خط پڪڙجي پيو ۽ پڪڙيو ايئن ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ويو. اتي اسانجو هيڊ آف ڊپارٽمينٽ ريش مبارڪ هوندو هو. اهو اڳي ئي اسان تي چڙيل هوندو هو ۽ چوندو هو ته، "توهان قومپرست، ماديت پرست ۽ ڪميونسٽ آهيو." سو انهيءَ جو اهو خط ڏٺو ته اهو ئي لفافي ۾ وجهي ايئرفورس وارن کي موڪليائين ته "توهان جي اندر هيڙا ملڪ دشمن ويٺا آهن." پوءِ ساڳئي خط تي ڪارروائي ٿي. مونکي فيلڊ ڪورٽ مارشل ڪيو ويو ۽ پشاور جي ايئر هيڊ ڪوارٽرس ۾ اهو ڪيس هليو. مونکي ان عدالت انصاف ڪري 7 سال بامشقت قيد جي سزا ڏني. بعد ۾ 2 ڏينهن پشاور جيل ۾ ويس. جتي هڪ پشتون نوجوان سان ملاقات ٿي. جنهن ٻڌايو ته، "آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان ايم اي انگريزيءَ ۾ ڪري آيو آهيان." مون چيو، "آڪسفورڊ مان تون ايم اي انگريزيءَ ۾ ڪري آيو آهين ۽ هتي ڊبل مرڊر جي ڪيس ۾ جيل ۾ پيو آهين ته اڳتي ڪو سڌرڻ جو پروگرام اٿئي يا نه..." خير، ته 2 ڏينهن ڪانپوءِ مونکي پشاور جيل مان ڪراچي ۾ شفٽ ڪيو. ڇو ته منهنجو گهر ڪراچيءَ ۾ ئي هو. 5 مهينا ان جيل ۾ رهيس. جنهن ڪانپوءِ مان آزاد انهيءَ جي ڪري ٿيس، ڇاڪاڻ ته ايئرفورس جي جڊيشل برانچ کي رويو پٽيشن ڪئي هيم. جنهن ۾ مون دليل اهي ڏنا هئا ته مونکي جن ٽن ونگ ڪمانڊرس سزا ڏني هئي، انهن مان هڪ مونکي آزاد ڪيو هو. جنهن ڪري ڪورٽ جي ميجارٽي فيصلي تحت مون سزا پئي ڪاٽي. مون پاڻ کي آزاد ڪندڙ ان ڪمانڊر جي دليلن جي روشنيءَ ۾ ئي پٽيشن تيار ڪري جڊيشل برانچ کي ڏني هئي. اصلي مسئلو اهو هو ته جيڪو خط هو، اهو سٽيشن جي سيڪشن ۾ اچي پيو. جنهن کي

انگريزيءَ ۾ *excite high rate against the state establishment law* يعني ملڪ دشمني ۽ بغاوت. تہ، ان ونگ ڪمانڊر، جنهن مونکي آزاد ڪيو هو ۽ بي ڏوهي قرار ڏنو هو، ان جو چوڻ اهو هو تہ "جيئن تہ اها ڳالهہ خط ۾ لکيل آهي، ان جي ڪري اها *sudation* ٿي نہ ٿي سگهي. جيڪڏهن اها اخبار ۾ لکيل هجي ها يا لائوڊ اسپيڪر تي جلسي ۾ ائين چيو وڃي ها تہ پوءِ ٺي اهو چيو وڃي ها تہ ڀائي، هي ملڪ جي خلاف عوام کي مشتعل پيو ڪري. هن تہ صرف هڪ پرائيويٽ خط لکيو آهي، جيڪو صرف هڪڙي ماڻهوءَ ڏي ويٺو آهي ۽ ان تائين بہ اهو نہ پهتو آهي ۽ توهان پڪڙي ورتو آهي، انهيءَ ڪري اهو سديشن ٿي نہ ٿو سگهي." بحر حال اهي 5 مهينا، جيڪي مون ڪراچي جيل ۾ گذاريا، تن مون ۾ وڏي تبديلي آندي ۽ منهنجي پهريون دفعو ڪميونسٽن سان ملاقات اتي ٿي ئي ٿي. هڪ شخص آيو، جنهن پڇيو تہ، "تون ايڏانهن موهن جي دڙي جي پاسي ۾ تہ نہ ويٺو آهين؟" مون چيو، "ها" چيائين، "اتي سوڀو گيانچنداڻي رهندو آهي." مان "ها" ڪئي تہ منهنجي ڄنگهن کي زور ڏيڻ لڳو. چيو مانس، "تون بزرگ ماڻهو آهين، منهنجي ڄنگهن کي زور ڇو ٿو ڏئين؟" چيائين، " تون سوڀي صاحب جي پر ۾ ويٺو آهين، انهيءَ ڪري اسانکي تنهنجي لاءِ احترام آهي." ايئن اٽڪلون سٺڪلون ڪري پوءِ ڪميونسٽن اتي مون تي اثر وڌو ۽ مون کي پنهنجي دائري ۾ آندن. اتي ئي هڪ ٻيو دوست هيو، جنهن چيو تہ، "يار، تون انگريزيءَ ۾ ايم اي آهين، معني تو کي انگريزي ايندي هوندي. مون وٽ هڪڙو ڪتاب آ، ڪنهن دوست چيو آ تہ پڙهہ. پر اهو انگريزيءَ ۾ آ. مان پڙهي نہ ٿو سگهان. تون جيڪڏهن مهرباني ڪرين ۽ انگريزيءَ ۾ پڙهندو ۽ مونکي معني سمجهائيندو وڃين تہ تنهنجي ڏاڍي مهرباني ٿيندي." مان سادگيءَ ۾ سمجهيو سچ ٿو چوي، انڪري "ها" ڪئي مانس. پوءِ هو جيڪو ڪتاب کٺي آيو، اهو *collective works of lenon* هو. اهو مان پڙهندو ۽ ترجمو ڪندو انکي ٻڌائيندو ويس. اڳتي هلي مونکي خبر پئي تہ اهو دوست ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سينيئر ميمبر آهي ۽ پوءِ ان اسانجا ڪلاس ورتا.

سو اهڙي قسم سان انهن سان ملاقات ٿي- ۽ پي منهنجي ملاقات بنگالي آفيسرن سان ٿي. جن هتي پاڪستان جي فوج ۾ بنگال جي حق ۾ بغاوت ڪئي هئي. انهن ۾ 2 نيويءَ جا آفيسر هئا ۽ هڪ سي ايس پي آفيسر هو. سي ايس پي آفيسر جو نالو اقبال سبحان هيو. جيڪو سڄي پاڪستان جي سي ايس ايس ڪامپيٽيشن ۾ فرسٽ آيو هو. نوا خاليءَ ۾ ان کي اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر ڪيو ويو هو. جتان هو لنڊن پئي ويو ته ڪراچي ايئرپورٽ تان انکي اهو چئي پڪڙيو ويو ته، "تون بنگلاديش جي آزاديءَ واري تحريڪ جي ڪنهن مشن سان وڃين پيو." باقي جيڪي 2 آفيسر هئا سب ليفٽيننٽ نظام ۽ ليفٽيننٽ امجد تن ماريپور يعني ڪراچي بندر تي نيوي ۾ ڪا بغاوت ڪئي هئي ۽ ان سبب پڪڙجي جيل پهتا هئا. هاڻي مونکي خبر پئي آهي ته اهي بنگلاديش جي نيوي ۾ تمام ٽاپ جا آفيسر آهن ۽ اقبال سبحان ڪنهن فارين سروس ۾ تمام سينيئر سول سرونٽ آهي. بحر حال 5 مهينن جي ان جيل ڪانپوءِ مان اتان نڪتس ۽ ايئرفورس وارن انصاف ڪري منهنجي باقي سزا ختم ته ڪري ڇڏي، باقي ڊسمس رهيس. يعني ڪا به سرڪاري نوڪري مان نه پيو ڪري سگهان. پوءِ ڪراچيءَ ۾ پاءُ جي گهر ۾ رهندو هوس ۽ اخبارن ۾ اشتهار ڳوليندو هوس ته من ڪا نوڪري ملي. امر جليل تن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ هوندو هو ۽ ٽي وي تي ڊراما لکندو هو. هڪ ڊرامو "دوزخ" پڻ لکيو هئائين. هن کي منهنجي بيروزگاريءَ جي ڏاڍي ڳڻتي هوندي هئي ۽ سوچيندو رهندو هو ته، هن کي ڪا نوڪري ڏيارجي. سو هڪڙي ڏينهن مونکي ٽي وي تي وٺي هليو ۽ چيائين ته، " مان ڊرامو لکيو آهي دوزخ. هلي ان ۾ اداڪاري ڪر. جنهن مان توکي ڪجهه ڏوڪڙ ملي ويندا." پوءِ اتي مونکي اِنهن هڪڙي ٽانگري پارائيَ بجليءَ وارو ڪيو. منظور قريشي هيرو هو ۽ مرحوم غزالا رفيق هيروئن هئي ان ڊرامي جي. ان ۾ مونکي هيرو جي گهر جي بجلي ڪٽڻي هئي. سو اهو مختصر نموني ۾ مونکي سمجهايائون. مان ٽانگري پائي پڪڙ ڪئي وڃي بجلي ڪٽي آيس. به ٽي ڊائلاگ ٿيا. اِن ڪم جا مونکي 40 رپيا مليا. 40 رپين مان

تڏهن هفتو ڏيڍ عياشي ڪئي سين. ان ڪانپوءِ وري امر جليل کي ڳٺتي ٿي ته، ”تون بيروزگار آهين“ پوءِ هڪڙي ڏينهن سراج ميمڻ جي ”هلال پاڪستان“ اخبار جي آفيس ڏانهن وٺي هليو. اها ساڳئي اخبار انهيءَ ساڳي بلڊنگ مان اچا تائين نڪري ٿي. انهيءَ جي آڏو جڏهن مينهن پوندا هئا ته ارهه جيڏو پاڻي ٿيندو هو. جيڪو لِڄهاڳي نڪرندا هئاسين. ته، امر جليل سراج ميمڻ کي چيو ته، ” هي ايم اي انگريزيءَ ۾ ڪري ايئرفورس مان ڏڪ کائي موٽي آيو آهي، هن کي ڪا نوڪري ڏي.“ هن چيس، ادا، پلي ويهي ٽيندر ترجمو ڪري.“ پوءِ ٽيندر ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو. پهريون ئي ٽيندر ترجمو ڪيو ته انهيءَ ۾ ”سوٽي رقم“ جي انگريزي ڏانءُ نه پئي آئي. اٿي وڃي سراج ميمڻ کان پڇيم. جنهن تي پڇيائين ته، ”پٽ، تون ڇا پڙهيل آهين؟“ مون چيو ”سائين، انگريزيءَ ۾ ايم اي.“ چيائين، ”پوءِ تنهنجو ڏوهه نه آهي. جو انگريزيءَ جي ايم اي ۾ توهان کي سوٽي رقم ته ڪو نه پڙهائي هوندن نه.“ پوءِ ٻڌايائين ته انهي کي انگريزيءَ ۾ *estimated cost* چئبو آ. ترجمن ڪرڻ کانپوءِ هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيم ۽ هي 1972ع جو زمانو هو.

هدايت منگي: مان جيڪڏهن انور توکي *correct* ڪندو هلان ته سوٽي رقم کي انگريزيءَ ۾ *earnest money* چئبو آ. تو کان وسري ويو آ شايد؟

انور پيرزادو: *earnest money* بلڪل. *estimated cost* لاڳت آهي. صحيح.آ ۽ هوبهو به مان هاڻي پريڪٽيڪلي ترجمو ته ڪو نه ٿو ڪيان....

هدايت منگي: هاڻي ٻڌاءِ ته شاعري تو ڪهڙي زماني ۾ شروع ڪئي؟

انور پيرزادو: شاعريءَ جي شروعات ڪراچي جيل ۾ ٿي ۽ اها جيڪا مون تو کي ڪهاڻي ٻڌائي ته جيل جي جيڪا اداسي ٿيندي آ، انهيءَ ۾ ئي مون شاعري ڪئي ۽ منهنجو جيڪو پهريون نظم هيو، اهو اسانجي ڳوٺ جي هڪ شخص خدابخش جي مسڪينيءَ حال بابت لکيو ويو هو. جنهن جو ڏوڪريءَ جي پرسان ايڪسيڊنٽ ٿيو هو ۽ سندس ڄنگهه ڀڄي پئي ته ان لاءِ پوءِ جيڪي مشڪلاتون پيدا ٿيون، اهي مان پنهنجي اکين سان ڳوٺ ۾ ڏٺيون هيون ته ان جي ئي پس منظر ۾ مون پهريون نظم لکيو هو.

پوءِ پڻ ٻه ڪافي شاعري ڪيم ۽ جڏهن جيل کان ٻاهر نڪتس ته اهي شعر مون ڪجهه دوستن کي ڏيکاريا، جن جا نالا آءٌ ڪو نه ٿو وٺان، ته انهن اهي شعر ڏسي ۔ مونکي *discourage* ڪيو.

هدايت منگي: شاعر هئا اهي ٻه؟

انور پيرزادو: ها، شاعر ئي هئا.

هدايت منگي: نالا ڪٿڻ کپن؟

انور پيرزادو: نه، اهي منهنجا تمام پيارا ۽ معتبر دوست آهن. انهن جا نالا ٻه کڻي سگهجن ٿا، پر مان دراصل چوڻ اهو پيو چاهيان ته انهن دوستن کي مان شاعري ڏيکارڻ کانپوءِ امداد حسينيءَ وٽ ويس. امداد منهنجي شاعري پڙهي مونکي همٿايو. تعريف ڪيائين انهي شاعريءَ جي ۽ پوءِ جڏهن مان گهر موٽي آيس ته انهي کان پوءِ جيڪو "سهڻي" رسالو آيو. انهيءَ ۾ هن پنهنجي نالي ۾ هڪڙو منهنجي شاعريءَ جي آجيان لاءِ مضمون لکيو. جنهن ۾ هن اهو ٻه لکيو ته ڪونگو تارا جيڪي آهن، انهن جو ذڪر مان نئين ٿهيءَ ۾ هن چوڪري جي شاعريءَ ۾ ڏٺو آهي. اهڙي قسم سان هن *appreciate* ڪيو. انهيءَ وقت مونکي هڪڙي ڳالهه محسوس ٿي ته امداد حسيني ايڏو وڏو شاعر هو، جنهن کي اهو خطرو نه هو ته ڪو نئون شاعر مونکي *surpass* ڪري ويندو ۽ ان سبب جي ڪري ئي هن مون کي *bonus* ۾ *encourage* ڪري ڇڏيو. جنهن لاءِ هن کي ڪو ٻه خرچ ڪرڻو نه پيو ۽ مان *encourage* ٿي ويس. باقي ٻيا جيڪا تمام سينيئر شاعر دوست آهن، جن مونکي *encourage* نه ڪيو، انهن لاءِ مان محسوس ڪندو آهيان ته اهي پنهنجي اندر ۾ ڏاڍا ننڍا ماڻهو آهن. جن کي شايد اهو خطرو محسوس ٿيندو آ ته نئون ماڻهو اسانکي ڪراس نه ڪري وڃي. ان ڪري ئي هنن مونکي *discourage* ڪيو.

هدايت منگي: انور، تو جيل کان شاعري شروع ڪئي. ته، تنهن جا جيڪي موضوع ٿيا، اهي گهڻو ڪري ڏٻرا سٻرا ماڻهو، حالتن جو شڪار ٿيندڙ ماڻهو پر رومانويت واري شاعري ٻه تو ڪئي آ، اها ڪهڙي زماني ۾ تو ڪئي؟

انور پيرزادو: هدايت، اها شاعري مون جيل مان نڪرڻ کانپوءِ انهي وچ واري عرصي ۾ ڪئي، جنهن کانپوءِ مان پريس آيس ۽ مصروف ٿي ويس. اهو جيڪو واندڪائي ۽ ڊپريشن وارو پيرڊ هو، جنهن ۾ سچي ڪيريئر تباهه ٿيڻ جو احساس به هو ۽ بيروزگار رهڻ سان جيڪي مشڪلاتون هونديون آهن، اهي ٻه هيون. انهيءَ دور ۾ ئي مون اها شاعري ڪئي. البت جنهن کي تون رومانوي شاعري چوين ٿو، اها ته منهنجي خيال ۾ اسانجي جيڪا به ساڃاهه آهي، جيڪا ٻلهڙيجيءَ ۾ صوفين جي مڪان کان شروع ٿئي ٿي، اوتاري کان شروع ٿئي ٿي، جاتي موسيقي يڪتارو، چپڙيون، ساز، ان سان گڏ آواز ۽ آواز سان گڏ ڀتائي، وري درياهه سان ۽ منهنجو ڳوٺ جيڪو ٻلهڙيجي آهي نه، انهي جي اوير ۾ درياهه آ ۽ ڳوٺ ۽ درياهه جي وچ تي جهلي بند آ، انهيءَ بند تي جيڪڏهن توهان چڙهي بيهندئو ۽ ڪڇي پاسي ڏي ڪنڌ ورائيندئو ته اوهان جي مهين جي دڙي جي اسٽوپا تي نظر پوندي ۽ جيڪڏهن اوهان سڌو ڏسندئو ته توهان جي سنڌو درياهه تي نظر پوندي. ان جي اولهه ۾ سويي جو ڳوٺ آ.

هدايت منگي: (ڪلندي) ۽ منهنجو ڳوٺ به اولهه ۾ آ.

انور پيرزادو: هينئر تنهنجو ڳوٺ برابر اولهه ۾ آ. باقي نه ته تنهنجو اسان جو ڳوٺ ته ساڳيو ئي آهي ۽ تون ٻلهڙيجيءَ ۾ ئي پيدا ٿيو هئين ۽ تنهنجا وڏا اصلي درياهه جي پيٽ ۽ ڪچي ۾ هئا. پوءِ درياهه انهن کي تنگ ڪيو ۽ هو ان سان پڇي نه سگهيا، تڏهن اسان جي ڳوٺ ۾ اچي پناهه ورتن ۽ پڪا گهر ٺاهين. سو، شاعريءَ ۾ جنهن کي رومانيت چئجي ٿو، عشق، حسن ڏانهن ڪشش، اها اتيِ اسان جي مذاج ۾ موجود هئي. مان جن جو اولاد آهيان ۽ اسان جا وڏا جيڪي هئا، اهي ته تنهن زماني ۾ فارسي ۽ عربي پڙهيل ماڻهو هوندا هئا. جن جي ڪچهريءَ ۾ ڀتائي ۽ علم ادب هوندو هو. ته، حسن، عشق، اهي جيڪي موضوع آهن، اهي، اهي بنيادي موضوع آهن، جن جي شايد سڀ کان اڳ ۾ مونکي تعليم ملي. جنهن جي ڪري اها رومانوي شاعري ٿي ۽ دراصل جيڪو رورل بيڪ گرائونڊ هو منهنجي شاعريءَ ۾ ۽ ٿورو گهڻو حسن هو، اهو رنگ انهي پيدا ڪيو.

شهري شاعري مان ڪري ڪو نه سگهيس ۽ ڪيم تہ بنهين توري.

هدايت منگي: اسانجا اديب ۽ شاعر جيڪي آهن، جن گهڻو ڪري شهرن ۾ تعليم ورتي آهي، تہ انهن وٽ بہ ٻهراڙيءَ جو ئي رنگ آهي ۽ اسان جو گهڻو ڪري آهي ئي ٻهراڙيءَ جو ادب. مثال طور زندگيءَ جا جيڪي صنعتي قدر آهن، اهي سنڌي ادب ۾ اڃا تائين نہ اچي سگهيا آهن، ائين آهي؟

انور پيرزادو: هدايت، خبر ناهي تون مون سان متفق ٿئين يا نہ، پر ڪميونزم جي دنيا ۾ مون جڏهن شاعريءَ جا قدر ڏٺا، ۽ جڏهن اهو چيو ويو تہ هي مزدورن جا هٿ، جن ۾ لڦون آهن ۽ جن تي گريس لڳل آهي ۽ ڪارا آهن، انهن ۾ بہ ڪا سونهن آهي. جيڪا مارڪسسٽ شاعر اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ انهيءَ ڳالهہ تي اعتبار آيو ۽ اعتبار انهيءَ جي ڪري آيو جو يٽائيءَ اڳي ئي انهي موضوع تي شاعري ڪري ڇڏي هئي: سون ساريڪا هٿڙا، ڪوهہ نہ ڪتين رڌ، ويهي ڪند ڪاپو ڪڍ، گهتون گوهيون ڇڏ، تہ صرافن سڌ، مرڪي مٿائيين تہ، سون جهڙا هٿ، يٽائيءَ پورهيتن جي هٿن کي ڪوٺيو هو. انهيءَ ڪري اسان اهو سوچيو هو تہ اهي جيڪي روس جا ڪميونسٽ شاعر آهن، اهي ان ۾ اسانکي اڃا ڪي گل چٽ ناهي ڏيکاريندا انهن جي سونهن جا، پر اهي ان ۾ ڪامياب ڪو نہ ٿيا. حسن جو تصور جيڪو ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ ۾ موجود آهي، اهو مونکي لڳي ٿو سياويڪ آهي. پوليٽيڪل ضرورت مطابق جيڪا شاعري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، اها ڪامياب ڪانہ ٿي. يٽائيءَ جيڪو تجربو ڪيو هتي، تہ ان سڄي زندگيءَ جو هڪڙو مڪمل عڪس ڏنو. جنهن ۾ هر ڪنهن قسم جا هٿ، هر ڪنهن قسم جون اکيون، هر ڪنهن قسم جو چهرو ۽ فطرت جو *complete* چهرو بہ ان ۾ نظر آيو ۽ سنڌ، جيڪا واقعي بہ بي حد حسين آهي، ان جي ڪري جو ان ۾ جيئن ٿڌن ملڪن ۾ رڳو ٿڌ ۽ گرم ملڪن ۾ رڳو گرمي هوندي آ، ائين ناهي، پر هي اهڙو علائقو آ، جنهن ۾ سڀ نعمتون آهن. گرمي بہ آهي، سردي بہ آهي. هتي برف بہ پوي ٿي، انهيءَ طريقي سان نہ تہ ٻئي طريقي سان ڪتي جي قبر ۽ گورک ۾. هتي *desert*

ٻه آهن، وڏا جهنگل به آهن، ڍنڍيون به آهن، نديون به آهن...
هدايت منگي: (وچ ۾ ڪٽيندي) تو پيٽ ڪٺي پٽائي جي شاعري سان، جڏهن ته اسان تنهنجي شاعريءَ تي پڻي ڳالهايو. ته، ڳالهه جڏهن نڪتي آهي ته سنڌيءَ ۾ جيڪا شاعري ٿئي ٿي هن وقت، خاص ڪري هن 90ع واري ڏهاڪي ۾، حالانڪه مهڙ وارو زمانو به آ ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ جو هڪڙو وڏو ورثو به آ، ان جي پيٽ تون ڪيئن ڪندين ۽ ڇا سنڌي شاعري هن وقت ان معيار جي ٿئي ٿي ۽ ان ۾ استعمال ٿيندڙ جيڪا ٻولي آهي، ان بابت مجموعي طور تي تون مختصر لفظن ۾ بحث ڪيئن ڪندين؟
انور پيرزادو: هدايت، سنڌي شاعريءَ جو اصل جيڪو مرڪز آهي، توجهه جو مرڪز ته اها رورل سنڌ آهي. ڇاڪاڻ ته فطرت جي حسن جي اتي وڏي پالوت آهي. شهري زندگيءَ ۾ جيئن مان ويهه پنجويهه سالن کان ڪراچي ۾ رهان ٿو، ته مونکي ان زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو فطري حسن نظر ڪو نه ٿو اچي ۽ خود فطرت جو حُسن اتي *destroy* ٿيو وڃي، ٻلبن ۾ ۽ ٻين ڳالهين ۾...
هدايت منگي: (وچ ۾ ڪٽيندي) پالوئيشن ۽ ڪثافت جي ڪري ٻه؟
انور پيرزادو: بلڪل. انهيءَ جي ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪو ٻه چس هينئر موجود آهي، اهو انهيءَ جي ڪري آهي، ڇاڪاڻ ته اصلي سنڌ سنڌو درياهه جي ٻن ڪنارن تي وسندڙ وستيون ۽ سول سوسائٽي آهي. البت اهو آهي ته هن وقت اسان جو نئين ٽهيءَ جو جيڪو شاعر آ ۽ ليکڪ آ، انهيءَ جي اها تاريخي بدقسمتي به آهي ۽ ڪجهه شايد ان جي پنهنجي جاکوڙ نه ڪرڻ جي نتيجي ۾ به آهي ته هو پٽائي کي وساري ويٺو آ ۽ ان کي گهٽ ٿو پڙهي. ان جا ٻيا به هڪڙا ڪارڻ آهن ۽ ڪن حلقن ۾ اهو به چيو وڃي ٿو ته پٽائي ڪو ماضيءَ جو شاعر آهي. ڪو مذهبي شاعر آهي، جيڪو جديد تقاضائن تي پورو نه ٿو لهي. انهي ڪري انهي کي پڙهڻ ضروري نه ٿا سمجهن. پر پٽائيءَ کي نه پڙهڻ جي ڪري انهن کان اصلي سنڌي ٻولي وسري وئي آهي ۽ هڪڙي نئين اخباري ٻولي انهن اختيار

ڪئي آ. جيڪا هو پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪن ٿا. جيڪا ڪڇڻي آهي ڪجهه انگريزيءَ جي، ڪجهه فارسيءَ جي ۽ ڪجهه عربيءَ جي. ڏڪائيندڙ ڳالهه اها آهي ته اهي وري چون ٿا ته پٽائيءَ جي جيڪا ٻولي آهي، اها متروڪ ٿي وئي آهي. ترڪ ٿي وئي آهي. جڏهن ته مون جيڪا ٿوري گهڻي سنڌ گهمي ڏٺي آهي ته مان چوان ٿو ته پٽائيءَ جي ٻولي متروڪ ناهي ٿي. ٻولي شايد اسان پڙهيل لکيل اديبن، شاعرن ۽ صحافين جي متروڪ ٿي وئي آهي. ڇاڪاڻ ته "اويون آديسن جون، پريان ساري رات" اتي "اوئي" چوندا آهن "ڪلي" ڪي، جنهن ڪي شهرن ۾ "مشڪ" ڪوٺن. اها ٻڪرين جي کل مان ٺهيل هوندي آ ۽ پاڻي پرڻ جي ڪتب ايندي آ. انڪي جبل ۾ اڃا تائين ماڻهو "اوئي" ڪوٺيندا آهن، جيڪا پٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ آهي. ٿر جو پس منظر هجي، لاڙ جو هجي، جبل جو هجي، ڪڇي جو هجي، اتر سنڌ جو هجي، سرائيڪي ٻوليءَ جو هجي "ڏينهن مڙيو ئي ڏون، اٿي لوچ لطيف چئي" اتي "ٻہ" لفظ استعمال نہ ڪيائين. "ڏون" استعمال ڪيائين ۽ اهو لفظ ائين پيوند ڪري ڇڏيائين، ڄڻ اوريجنل سنڌيءَ جو هو. "حسناڪ" اها اسانکي ٺندي ڪنڌ جي گرامر ۾ڦيريون دفعو خبر پئي ته "حسن" اسم مان "حسناڪ" صفت بہ ٺهي سگهي ٿي، جيڪا ڪنهن فارسي دان بہ ڪانہ ٺاهي. تہ، پٽائيءَ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا تجربا ڪيا، جيڪي انگريزيءَ ۾ شيڪسپيئر ڪيا. "دي موسٽ ان ڪائينڊيسٽ ڪٽ آف اٽ" گراميٽيڪلي اهو غلط آ. ڇو تہ ان ۾ 2 سپر ليٽو ڊگريون هن استعمال ڪيون آبجيڪٽ جون. "موسٽ" بہ استعمال ڪيائين تہ "انڪائيڊيسٽ" بہ. ان تي ڇيو ويو تہ اها تہ غلط انگريزي آ. پوءِ ٻڌايو ويو تہ، اها غلط انگريزي پلي هجي، پر جيئن ،تہ اها شيڪسپيئر لکي آ ۽ جذبات ۾ اچي هن پنهنجي ڳالهہ ڪي طاقتور انداز ۾ پيش ڪرڻ لاءِ 2 سپرليٽو ڊگريون استعمال ڪيون آهن. ان ڪري اهو جملو بلڪل بہ صحيح آهي. تہ، پٽائيءَ بہ اهڙا تجربا ڪيا ٻوليءَ ۾. اها تہ بدقسمتي آ اسانجي معاشري جي، جو ڪي ماڻهو اڃا بہ چون ٿا تہ پٽائي "امي" آ. هاڻي اسان جڏهن هن جي بيتن جي معني سمجهڻ جي ڪوشش

ڪريون ٿا تہ خبر پوي ٿي تہ هن ڪڇي ٻوليءَ جا لفظ بہ استعمال ڪيا آهن. جن ۾ مثال طور "ڪم ڪمندن ڪنيو" وغيره. اهڙي نموني سان گجراتي ٻوليءَ جا لفظ آهن، پروچڪي ٻوليءَ جا لفظ آهن، تہ، مان چوان ٿو تہ هو سنڌي ٻوليءَ جو انسائيڪلوپيڊيا آهي ۽ سڀني علائقن جي ٻوليءَ جا لهجا هن پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيا آهن. البت پتائيءَ کي اسان پارا جڏهن پڙهن ٿا تہ اهي صرف پنهنجي علائقي جي ٻولي وارن لفظن کي سمجهن ٿا، باقي ٻيا لفظ نہ ٿا سمجهن. ايئن جبل جو ماڻهو، جبل وارا پتائي جا لفظ سمجهي ٿو پر تر جي پس منظر ۾ هن جيڪي لفظ استعمال ڪيا آهن، اهي نہ ٿو سمجهي. ساڳئي صورتحال تر ۽ ڊيلٽا جي ماڻهن جي پڻ آهي، جن جا لهجا مختلف آهن. لاڙ ۽ اتر جي ٻوليءَ ۾ بہ *differences* آهن ۽ انهن علائقن جا ماڻهو ٻين علائقن جي ٻوليءَ کي بلڪل انهي طريقي سان ٿا سمجهن، جيئن انڌن کي مثل هاٿيءَ جي چوڌاري ويهاريو هئن. پوءِ جنهن پيچ کي هٿ لاتو. ان چيو، "هاٿي نور وانگر آهي ۽ رسي وانگر آهي." جنهن چنگهہ کي هٿ لاتو، ان چيو، "ٿونڀيءَ وانگر آ" تہ ايئن اسان مختلف علائقن جا ماڻهو پتائيءَ کي جزوي طور تي ئي سمجهي سگهون ٿا ۽ هن کي مڪمل طور تي اڃا تائين اسان جا وڏي ۾ وڏا دانشور بہ سمجهي نہ سگهيا آهن.

هدايت منگي: انور، تنهنجي ان بحث مان هڪڙي ڳالهہ نڪري ٿي تہ تون اهو شرط ٿو رکين تہ سنڌي شاعر لاءِ ڪلاسيڪل دور جي شاعري يا پتائي کي پڙهڻ لازمي آهي ۽ ان ڪانپوءِ ئي سندس سنڌي ٻوليءَ تي دسترس ٿيندي؟

انور پيرزادو: ها هدايت، اهو منهنجي لحاظ کان هڪڙو شرط ئي آهي. اها هڪڙي اڳواٽ ضرورت بہ آهي ۽ جيڪڏهن ڪو سنڌيءَ جو شاعر پتائي کي نہ ٿو پڙهي تہ ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي *richness* نہ ٿي اچي سگهي ۽ جڏهن مان چوان ٿو تہ پتائي کي اسان جو شاعر لازمي پڙهي تہ اهو انڪري ٿو چوان تہ هن کي هوندئن ئي جبل جي ٻولي پڙهڻ پوندي، لاڙ جي ٻولي پڙهڻ پوندي ۽ سموري سنڌ جي علائقن جي ٻوليءَ ۽ لهجن کي

سمجهڻو پوندو ۽ ڄاڻو پوندو ته ڊيلٽا ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي، ڪوسٽل ايريا ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي ۽ ڪڇي ۾ ڪهڙي ٻولي ڳالهائي وڃي ٿي. هن کي انهن سڀني لهجن جي خبر رکڻي پوندي ڇاڪاڻ ته هو شاعر آهي ۽ شاعر ته ماسٽر ٿيندا آهن ٻوليءَ جا. هن کي اها ٻولي سکڻ لاءِ هونئن ته انهن علائقن ۾ وڃي چڪر لڳائڻو پوندو، پر جيڪڏهن هو گهر ۾ ويهي پنائيءَ کي پڙهندو ته هن کي ڄڻ "هڪ گائيڊ بڪ" ملي ويندو ۽ کيس بي حد فائدو رسندو.

هدايت منگي: اها ته ٿي شاعريءَ جي صورتحال، ته ٻوليءَ جي حوالي سان نثر جي ڪهڙي صورتحال آهي؟ اهو ان ڪري ٿو پڇان، جو توهان سچي سنڌ کي ڪشمور کان ڪارونجهر تائين گهمي ۽ ڏسي چڪو آهيو؟

انور پيرزادو: هدايت، نثر ۾ به ٻوليءَ جي صورتحال اها ئي آهي، جيڪا شاعريءَ ۾ آهي. هونئن اسان جي ڪجهه ليکڪن نثر ۾ شاعري پڻ ڪئي آهي، جن ۾ ماڻڪ، شيخ اياز ۽ جمال ابڙو ۽ ٻيا شامل آهن. انهن بلڪل نثر ۾ شاعري ئي ڪئي آهي ۽ سندن نثر جا ڪيترائي ٽڪرا ايڏا پاور فل آهن جن جي آڏو ڪيتري ئي شاعري *reject* ٿي سگهي ٿي. ان لاءِ ٻوليءَ تي *grip* ڪپي ۽ جيڪو ماڻهو اها *grip* حاصل ڪرڻ چاهيندو، انکي وري سچي سنڌ گهمڻي پوندي ۽ سنڌ متعلق جيترو هو اڀياس ڪندو اوترو ئي هن جي لکڻيءَ ۾ اهو *reflect* ٿيندو. نثر جي به اها ساڳي ئي صورتحال آ. پر نثر ويچارو ته اڃا به پوئتي آهي. ان جو سبب اهو آهي ته اهو شاعري ناهي. چو ته شاعري اها ساڳي ليول جي ٻولي ڄاڻندڙ ماڻهو جيڪڏهن ڪندو ته انکي اڃا وڌيڪ فنائتي نموني سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي. اها ان جي *obligation* آهي. جيڪا نثر ۾ گهٽ سمجهي ويندي آهي. ان ڪري اسان جو نثر اڃا وڌيڪ ڪمزور آهي ۽ اهو پاور فل تڏهن ٿيندو، جڏهن اسان جو ليکڪ ۽ اديب عام ماڻهن جي ذڪن تي سوچڻ کي وڌيڪ اهميت ڏيندو. مان ته اهو به چوڻ لاءِ تيار آهيان ته اسان جن ڪيترن تخليقي فنڪارن، اديبن، شاعرن کان تخليقي فن وسري ويو آهي يا هو ان کي انڪري به هٿ ڪري نه سگهيا

آهن، ڇاڪاڻ ته پنهنجيءَ دل ۾ اهي سياسي *campaigner* هئا. هو ڪنهن سياسي مشن تي نڪتا هئا. هو پنهنجو فن ڪنهن سياسي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ لڳا هئا. انهيءَ ڪري هو سچي سماج جا ليکڪ، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار نه هئا ۽ هنن سماج تي *concentrate* نه ڪيو. ڪوهه ٿو ڪاڳر ڪورئين، ويئو وڃائين مس ڏور تنائين ڏس، اکر جئائين جڙيا. اکر جتان جڙن ٿا، انسان جي منهن مان، وات مان، زبان مان. ان انسان تي هنن فوڪس گهٽ رکيو. هنن پنهنجي سياسي رومانيت کي پنهنجون شيون ارپي ڇڏيون. انهيءَ جي ڪري *motivate* ٿيا ڪيترائي شاعر ۽ اديب. تڏهن ئي مان چوان ٿو ته ٻوليءَ کي سڪڻ لاءِ ماڻهوءَ تي توجهه ڏيڻ جي وڏيڪ ضرورت آهي.

هدايت منگي: يعني سڀ ڪان پهريان ماڻهو پنهنجي سماج کي سمجهي ۽ سماج جي سڀني آسن پاسن کي ڏسي ۽ *contemporary* جيڪي روايتون ۽ لاڙا ٿين ٿا، انهن تي ٻه ان جي نظر هجي ۽ سنڌي جيڪا تون چوين ٿو ته ڪاڇي ۾، لاڙ ۾، ٿر ۾ ۽ ٻين هنڌن تي موجود آهي، تنهن جي دعوي تون ڪرين ٿو ته ڇا تون انهن علائقن ۾ ويو آهين؟

انور پيرزادو: هدايت، تون اسان ۽ اسان جا ٻيا دوست، جن هڪ دفعي ڪوشش ڪئي هئي ته هڪڙو اين جي او ٺاهيون. جنهن جو مقصد هجي سنڌ کي ايڪسپلور ڪرڻ. سنڌ ۾ ڪوجنا ڪرڻ ۽ اها ڪوجنا، جيڪا ٿوري گهڻي ڪئي سين اسان، ان ۾ اهو سنڌ جو ڪوهستان ٿيو، ڪاڇو ٿيو، ڊيلٽا ٿيو، ٿر ٿيو ۽ ڪڇي ۾ ته پاڻ رهون پيا يا اوپر وارو ٿر ۽ اڇڙو ٿر جيڪو هڪڙي ئي صورتحال آ، اهي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي سين. سنڌ ڏاڍي وسيع آ. مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن ڪو سنڌ جو ماهر ماڻهو آهي ته اهو جبل جو ٻڪرار آ، لاڙ جو جت آ، ڪڇي جو مال چاريندڙ ماڻهو آ، ڏنار آ ۽ ٻيو هاري ناري آ، جيڪو ٻنين ۾ ڪم ڪري ٿو. انهن وٽ جيڪا ٻولي آ، ان کي ڊاڪيومينٽ ڪجي ۽ سکڻ جي ڪوشش ڪجي: نالو ڳيڙئي نينهن جو اهو "ڳيڙ ئي" لفظ جيڪو آهي، اهو ته اسان هتي ٻڌو ئي ڪونهي، جتي ويٺا آهيون. سو ان ڏينهن اسان

منهوڙي تي وياسين ته ڏٺوسون ته ميربحر هڪ سڙهه ناهي رهيا هئا. زمين تي هڪڙو ڪپڙو وڇائي انکي ٽوپا ٽوپا ڏين يعني سڙهه پيا سبن. انهن کان اسان پڇيو ته، "هي ڪپڙو اوهان ڪاٿان آندو آ؟" ته ٻڌايائون ته، "هن ڪپڙي کي زين چوندا آهن ۽ اهو اسان دبئيءَ مان وٺندا آهيون." هنن "وٺن ٿا" چوڻ بجاءِ لفظ "گيڙو" استعمال ڪيو. اهي ڪڇي ماڻهو هئا. يقينًا اهو ساڳيو ئي لفظ استعمال ڪيو آهي.

هدايت منگي: رڻ جي ڪڇ جو به انهن تي اثر ٿي سگهي ٿو، جيڪو ڪين ويجهڙو آهي. او صفا لاڙ جتي جت ٿا رهن. انهن جو گذر بسر ۽ زندگي ساموندي آهي.

انور پيرزادو: ادا، ڪڇ جڏهن رڻ ٿيو ته ان کان اڳ ۾ ته اتي پاڻي ئي هو ۽ ننگرپارڪر کان ماڻهو ٻيڙيءَ تي چڙهي اهو پارڪ ڪندا هئا ۽ ڪڇ ۽ ٿر تڏهن ائين هوندو هو، جو هتان ٻيهي سڏ ڪبو هو، ته ڪڇ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو هو. ڪو ڏاڙيل اتي جيڪڏهن ڪا للڪار ڪندو هو ته يقيني ان جو ذڪر ڪندو هو.

هدايت منگي: انور، هاڻي ٻه چار ذاتي سوال ڪري وٺان. ته، تو ته شاعري ڪئي، تنهنجا پيءُ به شاعري ڪن ٿا؟ يا تو گهر ۾ ڪو اهڙو ادبي ماحول ناهيو آ؟

انور پيرزادو: هدايت، هاڻي اسانجي اکين جي آڏو تو کي ٻار ٿيا. مونکي ان ڏينهن ڏاڍي حيرت لڳي. گلشن حديد ۾ هڪ مشاعرو هو. جنهن ۾ مان ويس. اتي مان ويٺو هوس ته اعلان ٿيو ته، "امر پيرزادو اچي شعر پڙهي." مونکان ڇرڪ نڪري ويو. ڇو ته امر پيرزادو منهنجو ننڍي ۾ ننڍو پٽ آهي ۽ هاڻي نائين ڪلاس ۾ آهي. ٿورڙو عرصو ٿيو آهي ته هن احتجاج پئي ڪيو ته توهان مونکي اڪيلو شهر وڃڻ ڇو نه ٿا ڏيو. سو اسان ان کي ٻار ئي سمجهندا آهيون. خير، هو ڊائيس تي آيو ۽ هڪڙو غزل پڙهڻ لڳو. جيڪو ڏاڍي اعتماد سان ۽ اک جي پڪائيءَ سان پڙهي هو پوري ڪري ويو. ان ۾ مونکي هڪڙي *depth* نظر آئي ۽ هڪڙو درد نظر آيو. گهڙي گذري ته منهنجو ٻيو پٽ جيڪو آهي زيد، انهيءَ کي سڏ ٿيو. ان ته

امر ڪان بہ سٺو نظم پڙهيو. هن جو اهو ڏکهو آزاد نظم هو. جيڪو مونکي ڏاڍو وڻيو. پوءِ مان جڏهن اسٽيج تي ويس تہ چيم تہ، ”توهان ادا، منهنجا پہ نظم تہ ٻڌا، باقي ٽيون نظم توهانکي مان ٻڌايان ٿو.“

هدايت منگي: ڪيتري اولاد آهي تنهنجي؟ انهن ڪان وڏا تنهنجا ڇوڪرا بہ لکن ٿا؟

انور پيرزادو: ادا، جيڪو منهنجو پهريون نمبر پٽ آهي زبير، انهي کي هونئن سنڌي ادبي سنگت ۾ تمام گهڻو ماحول مليو ۽ هو ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ بہ ڪم ڪندو هو. هن ۽ شاهہ محمد پيرزادي پهريون دفعو سنڌي ادبي سنگت جو خبرنامو لکي ۽ فوٽو اسٽيٽ ڪرائي ورهايو ۽ ڪپايو...

هدايت منگي: (وچ ۾ ڪٽيندي) هي انٽرويو ٽون ريڊيو پاڪستان لاءِ پيو ڏئين (ڪلڻ لڳو)...

انور پيرزادو: تہ، اهڙي قسم سان زبير کي اهو ڪافي ماحول مليو. ايئن هو تمام سٺو ورڪر تہ ٿيو، پر اديب نہ ٿيو ۽ ڪجهہ بہ نہ لکيائين. جيڪو هن جي مزاج جو ئي مسئلو هو ۽ مون بہ هن کي ڪڏهن بہ ڪو نہ چيو تہ، ”ٽون هروڀرو لک“- هو منهنجو اهڙو پٽ آ، جيڪو مونکي سيئين وصفين سهڻو لڳندو آهي ۽ هن جي زندگيءَ جا سيئي پهلو مونکي ڏاڍا پسند هوندا آهن. انڪري مونکي هن کان ڪا بہ شڪايت نہ آهي.

هدايت منگي: ادبي زندگي سان لاڳاپيل تہ رهيو آهي نہ؟

انور پيرزادو: ها، انهن سان ئي تمام گهڻو گڏ رهيو آ ۽ جڏهن ”گولڊن جوبلي ترقي پسند ڪانفرنس“ 1986ع ۾ ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٿي، تہ ان جو تمام ايڪٽو ورڪر رهيو.

هدايت منگي: انور، تنهنجو ٻيو نمبر وڏو پٽ زرار بہ اڄ ڪلهہ آرڪيالاجي وغيره تي لکي رهيو آهي. تہ، هاڻي مان تو کان پڇڻ چاهيان ٿو تہ جنهن زماني ۾ تو شاعري شروع ڪئي، تڏهن تنهنجي وهيءَ وارا ڪوڙ سنگتي تنهنجي شاعريءَ ۾ ڪهڙيا ۽ لٽا هئا ۽ تنهنجي شاعريءَ مان نئون لاڙو حاصل ڪيو هئائون، ان حوالي سان بہ تہ سنڌي شاعريءَ ۾ تنهنجو *contribution* آهي نہ؟

انور پيرزادو: شاعريءَ ۾ روايتن جي حساب سان مون کي ڀٽائيءَ کان پوءِ اياز جيڪا نواڻ آندي ۽ اياز کانپوءِ امداد حسينيءَ جيڪا نواڻ آندي ۽ *urban sindh* کي پنهنجي شاعريءَ ۾ *depict* ڪيائين ۽ اها جيئن هن جي شاعريءَ ۾ آهي، ايئن ٻي ڀين جي شاعريءَ ۾ ناهي. تہ، امداد کان مان خاصو متاثر هوس. پر منهنجي شاعريءَ ۾ هڪڙي *independence* ضرور آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ ان ۾ تسلسل ڀٽائي کان وٺي امداد تائين واري پيڙا جو آ. تہ، ان ۾ مون جيڪو رورل بيڪ گرائونڊ وڌو ۽ شهري شاعري بہ ڪئي ۽ اهو ماحول بہ چٽيو. پر ان ۾ رورل بيڪ گرائونڊ جو جيڪو رنگ هو، ان ٻي منهنجي خيال ۾ ان کي دلچسپ ٿاهيو. پر مان چوان ٿو تہ امداد جي شاعريءَ کانپوءِ جيڪا سچي تهي پيدا ٿي، انهي جا ورن ڪجهہ اهڙا ٻي هئا، جهڙا منهنجي شاعريءَ ۾ هئا. *pursuit* اها هئي، پر ان ۾ گل چٽ مختلف هئا.

هدايت منگي: تون اڄا تائين شاعري ڪرين پيو يا رڳو صحافت ٿو ڪرين؟

انور پيرزادو: هدايت، هن وقت شاعري انهي امنگ ۽ انهي عشق سان نہ ٿي ٿئي، جيئن اڳي ٿيندي هئي ۽ اڳي تہ عالم اهو هوندو هو تہ "هلال، پاڪستان" جي نيوز ڊيسڪ تي ويٺي خبرون ٺاهيندي ۽ ٽيندر اتاريندي، ان جي وٿيءَ ۾ شاعري لکٽي هئي. هڪ پيري ڳالهہ نڪتي تہ، اڃو تہ ماچيس جي تيليءَ تي شعر لکون. راز ناٿن شاهي، اسلم آزاد، مان ۽ قريشي بہ تڏهن شاعري ڪندو هو. تہ ان تي هڪڙو شعر مون بہ لکيو ۽ دوستن بہ لکيو. مطلب تہ تنهن زماني ۾ هڪڙو جنون طاري هوندو هو ۽ *obsession* هوندي هئي شاعريءَ جي، جو ماٺهو جتي بہ ويٺو هوندو هو تہ ويٺو لکندو هو. هاڻي ائين آهي تہ اندس ايڪسپيڊيشن تي وياسين تہ ڪو سنڌوءَ تي نظم لکيوسين. يا اهڙي ڪنهن جذباتي بحران سان منهن ڏيٺو پيو تہ لکيوسين. نہ تہ هونئن *generally* ۽ *regular basis* تي شاعري ڪو نہ ٿو لکان.

هدايت منگي: ادبي محفلن ۾ تون سڄي سنڌ ۾ اٿين ويهين پيو تہ ٻڌاءِ تہ مجموعي طور تي شاعريءَ ۽ ڪهاڻيءَ جي صورتحال ڪهڙي آهي؟

انور پيرزادو: هدايت، انهيءَ صورتحال کان مان مطمئن ڪو نہ آهيان. ان جا پيا تہ ڪيترائي سبب آهن، پر هڪڙو جيڪو خاص سبب آهي، اهو اهو آهي تہ هن وقت اسان جنهن *global village* (ڪائناتي ڳوٺ) ۾ وڃي آهيون، ان ۾ اطلاعات جا ايڏا ذريعا پيدا ٿي پيا آهن، جن کي انگريزيءَ ۾ *information explosion* ٿا چون. اڄڪلهہ لاڙڪاڻي ۾ "ڪاوش" جي آفيس ۾ موڊيم آهي. اهو موڊيم اسان وٽ پهريون دفعو تڏهن آيو، جڏهن ٽنڊي بهاول ۾ واقعو ٿيو ۽ يورپي صحافي اتي آيا. تہ، يورپي صحافين جيڪا پنهنجي خبر ڇپائي، اها سنڌي اخبارن جي خبر کان ڏيڍ ڏينهن اڳ ۾ هئي. جو تہ اتي ٽنڊي بهاول ۾ انهن بيهي ٽائيپ ڪري بٽڻ دٻايو موڊيم تي تہ نيويارڪ ٽائمز ۾ اها خبر پهچي وئي. جيڪا چند ڪلاڪن کانپوءِ ڇپجي وئي. تہ، اسان وٽ تہ ٽنڊي بهاول کان اسٽوري سفر ڪري بس ۾ چڙهي ڪراچي تائين پهچي ۽ واٽ ۾ بس خراب بہ ٿي پئي تہ 2 ڏينهن کن تہ ان کي لڳندا. منهنجي چوڻ جو مقصد آ تہ اسان جو جيڪو اديب آ، ان وٽ ريسرچ جو اڪو پلنٽ هجڻ کپي. ان جي فن جو ڪيليبر تڏهن وڌندو، جڏهن هن وٽ ڪمپيوٽر هوندو، انٽرنيٽ هوندي ۽ موڊيم هوندو. ان وٽ ادبي ۽ علمي سرگرمي گهٽي هجڻ گهرجي. اسان وٽ تہ عالم اهو آ تہ اسان جا علمي ۽ ادبي ادارا تباهہ ٿيندا پيا وڃن، آهستي آهستي پٽتي هتندا پيا وڃن. خبر ناهي تہ اڳتي هلي اهي پرائيويٽائيز ٿيندا، سڪ انڊسٽريز ٿيندا يا الائي ڇا ٿيندو. منهنجي خيال ۾ تہ ڪنهن پئي شعبي ۾، اين جي او جي ٿرو يا پرائيويٽ سيڪٽر ۾ اديب پاڻ اٿي انهن ادارن کي جيئارن يا انهن نالن سان پيا ادارا ٺاهي هلائن تہ ڪم هلي، نہ تہ في الحال تہ صورتحال خراب آ.

هدايت منگي: ان مان لڳي ٿو تہ مستقبل مان توهان ڏاڍو مايوس آهين؟

انور پيرزادو: ادا، مستقبل کان آءٌ مايوس ڪو نہ آهيان. تہ، جيڪا *communication facility* هن وقت موجود آهي، مستقبل ۾ اها اڃا وڌندي. پر مان رڳو فڪر مند ان ڪري آهيان تہ اسان جو اديب ۽ شاعر ايترو بہ نہ ٿو ڪمائي سگهي، جو پيٽ پالي. اهو ڪمپيوٽر ڪاڏاهن

وٺندو. موڊيم ڪيئن هٿائيندو. ته، انهي جي سماجي حيثيت به ڪجهه وڌڻ کپي، ته جيئن هو جديد ريسرچ جي ذريعن تائين رسائي رکي سگهي. اهو مان ان ڪري ٿو چوان ته هن وقت انٽرنيٽ ذريعي اوهان يورپ جي ڪنهن به لائبرري کولي سگهو ٿا ۽ ان جي ڪنهن به صفحي جو پرسان رکيل پرنٽر سان پرنٽ آئوٽ ڪڍي سگهو ٿا. ايڏي جيڪڏهن اوهانکي سهوليت آهي ۽ دنيا جون لائبريرون اوهانجي ڊسپوزل تي آهن، ته انهي جي معني اها ٿي ته توهانکي مطالعي جو وسيع موقعو مليو آ. ته، اهو موقعو جيڪڏهن اسانجو سنڌي اديب، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر حاصل ڪري ته پوءِ ئي اسان ان کي دنيا جي ڪنهن به اديب سان ڀيٽائيندا سين. اڄ ۾ هو اهو لاڀ ته حاصل ڪري نه. جيڪو هو نه ٿو حاصل ڪري يا حاصل ڪرڻ جي منجهس سگهه نه آهي.

هدايت منگي: ان مان وري هڪ ٻيو سوال ٿو اُٿي ته سنڌ ۾ ماڻهن جو هڪڙو اهڙو طبقو به رهي ٿو، جيڪو ڪمپيوٽر افورڊ ڪري سگهي ٿو ۽ پاڪنيٽ وسيلي انٽرنيٽ تي اچي سگهي ٿو، پر اهو طبقو علم ادب ڏانهن لاڙو نه ٿو رکي ۽ علم ادب ڏانهن لاڙو رکندڙ ماڻهو گهڻو ڪري غريبڙا آهن هيٺين ۽ وچولي طبقي جا. ان صورتحال کي پوءِ ڪير سڌاري سگهي ٿو؟

انور پيرزادو: هدايت، انهيءَ تي اتي ڪراچيءَ ۾ جيڪي دوست رهن ٿا، انهن جي *gatherings* ۾ به بار بار اهي سوال اٿاريا ويندا آهن ۽ منهنجي خيال ۾ ته اها ڳالهه يڪراءِ طور تي سنڌي اديبن ۽ دانشورن ۾ قبول ڪئي وئي آ، ته سرڪار جيڪي علمي ۽ ادبي ادارا هلائي ٿي، اهي جيڪڏهن سنڌي اديب *jointly invest* ڪري پاڻ هلائن ته اهي سرڪار کان سئو دفعا بهتر هلائي سگهن ٿا. پر اسان وٽ جيڪو مسئلو آهي، اهو اهو ته اها ٽئلينٽ ڪانهي، جيڪا سنڌي هندن ۾ هئي ۽ اهي اهڙا ڪمرشل انٽرپرائيزز ڪندا هئا، جن سان علمي ۽ ادبي خدمت به ٿيندي هئي.

هدايت منگي: معني ته هجڻ جي باوجود ڪو فنانس ڪرڻ وارو طبقو هيٺئر ڪونه آهي؟

انور پيرزادو: ها، ان ۾ ڳڏجڻ جي صلاحيت ناهي. انهيءَ کي اهو احساس

ناهي ته هن وقت سوسائٽيءَ ۾ جيڪو اڪنامڪ فورس آهي، اهو ملٽري فورس کان به طاقتور ٿيندو پيو وڃي. اهو احساس سنڌي هندوءَ ۾ هو. سو: وڀاسي وينجهار هيرو لال ونڊين جي، تنين سنڌا پوياڻ، سيهي لهن نه سار ڪٽين ڪٽ لوهار هاٿي انهيءَ پيٺيين. انهيءَ صورتحال ۾ اوهان موجود آهيو ۽ منهنجون نيڪ خواهشون آهن ته توهان انهيءَ صورتحال مان نڪري اچو. (ڪلنديي)

هدايت منگي: انور هوندڻ پاڻ تمام ٿورڙو وقت ڪچهري ڪئي سَي، تنهنجي مهرباني.

انور پيرزادو: قرب توهانجا. لک قرب.

انور پيرزادي جا روح رهاڻ مئگزين جي پڇيل پنجن سوالن جا جواب

هڪ اهڙو جديد نظريو جوڙڻو پوندو، جنهن جو محور پيٽائيءَ جو پيغام هجي

سوال1: ڇا اسان سنڌي قوم کي *integrated* قوم چئي سگهون ٿا؟

جواب: ها، چئي سگهون ٿا. باوجود ان جي ته سنڌي قوم مسلمان ۽ هندو، بروچ ۽ سماٽ، قبيلن، سيدن ۽ بيحد پٺتي پيل علائقن ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ شهري رهواسين وچ ۾ ويڇا موجود آهن.

مان ذاتي طور مهاجرن کي به سنڌي قوم جو حصو سمجهان ٿو ۽ انهن پاران ان حقيقت کي نه مڃڻ واري صورت منهنجي نظر ۾ بلڪل اهڙي آهي، جيئن ڪو سنڌي ڪلهوڙو چئي ته مان عباسي آهيان، يا ڪو شيخ چئي ته مان اصلوڪو سنڌي نه آهيان پر عرب شيخ آهيان، يعني مهاجر آهيان، اهڙي طرح اسان وٽ ڪيترا مخدوم، پيرزادا ۽ ٻين ذاتين وارا ماڻهو موجود آهن، جيڪي ان حقيقت کي ٿا مڃن ته اهي مهين جي دڙي واري پنج هزار ورهيه قديم سنڌي قوم جو جزو آهن. اهي ماڻهون سمجهن ٿا ته هنن جو تعلق وچ اوڀر جي انهن آريا نسل جي مهاجر مسلمانن سان آهي، جيڪي عربن هٿان اٺين صدي عيسوي ۾ سنڌ فتح ٿيڻ کانپوءِ سنڌ ۾ هجرت ڪري آيا هئا.

اها پڻ حقيقت آهي ته ڪاڇي، ڪوهستان، ٿر ۽ درياهي علائقي جي ڏورانهن ڪنڊن پاسن ۾ ڪي ڪي اهڙا ماڻهو به رهن ٿا، جن سان باقي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جو گهڻو تڻو واپاري، ڪاروباري، سماجي يا سياسي رابطو ڪونهي. ان ڪري انهن کان جيڪڏهن اهڙو سوال پڇبو ته

شايد ان جي معنيٰ کان بہ واقف نہ هجن.

اهڙيءَ طرح سنڌي ماڻهن ۾ طبقاتي ويڇا بہ آهن ۽ ذات پات جا فرق بہ آهن. ذات پات جا فرق هنن جي لا شعور ۾ صدين کان وٺي آهن جن کي متاثر لاءِ بہ صديون گهرجن.

سو منهنجي خيال ۾ سنڌي قوم اندر ان قسم جي جيڪا وچوٽي *disintegration* آهي سا در اصل ايڪي *integration* جو ارتقائي عمل آهي، جيڪو وقت گذرڻ سان سگهارو ٿي رهيو آهي- هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو جڏهن اڄ جا اردو ڳالهائيندڙ مهاجر سنڌيت جا اهڙي طرح چئمپين ٿي ويندا جيئن سنڌي سيد آهن.

باقي جيستائين سنڌي قوم جو تعلق آهي تہ ان جي تشڪيل، جوڙجڪ ۽ نفسياتي پسمنظر ڏهہ هزار سالن کان جڙي راس ٿي چڪو آهي- ايستائين جو ايران ۾ رهندڙ بلوچن جون مائرون، جيڪي گهر ۾ بلوچي ٻولي ڳالهائين ٿيون سي پنهنجن ٻارن کي سنڌي ۾ لولي ڏينديون آهن — اها معلومات مون کي هڪ بلوچي دانشور ڏني آهي-

ٻيو تہ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين جي سڃاڻپ سنڌي ٻولي سان ٿئي ٿي ۽ سنڌي ٻولي ئي اهو اهم عنصر آهي جيڪو سنڌي قوم کي ڳنڍي ٿو، هتي سنڌ ۾ بيشمار مهاجر، جيڪي ٻهراڙين ۾ رهن ٿا، سي پڻ اهڙي رواني سان سنڌي ڳالهائين ٿا جو ڪو بہ ماڻهو انهن تي سنڌي نہ هجڻ جو شڪ تئو ڪري سگهي- باقي جيڪي ماڻهو هن وقت جا پاڻ کي سنڌي سمجهن ٿا، سي پڻ هي ٻولي ڪجهہ صدين کان ڳالهائين ٿا. اهو ئي سبب آهي تہ سنڌي ٻولي جا اڪيچار لهجا وجود ۾ آيا آهن.

متي ڏنل سوال کي سمجهڻ لاءِ انهيءَ تاريخي حقيقت کي نہ وسارڻ گهرجي تہ صدين کان وٺي سنڌ ڏانهن سمونڊ واري طرف کان، جبلن واري پاسي کان ۽ ٻين ميداني علائقن کان ڌاريا ماڻهو ايندا رهيا آهن. سنڌ دنيا جي هڪ منفرد سائي ڌرتي آهي، جتي صدين کان وٺي امن، سڪون ۽ پيار جي پالوٽ ٿيندي رهي آهي، اُهو ئي سبب آهي جو ورلي ڪو ڌاريو سنڌ ۾ آيو هجي ۽ وري موٽي ويو هجي. هي ڪو قومي رومانس نہ آهي پر

مادي حقيقت آهي-

۽ اهڙو تاريخي تسلسل رڳو سنڌ جي تاريخ ۾ نہ آهي پر دنيا جي مڙني درياهن ۽ ڪنارن تي پلجندڙ تهذيبن سان اهو ساڳيو سائنسي ۽ انساني اصول لاڳو ٿئي ٿو.

ان ڪري سنڌي قوم ۾ ڳانڍاپي جي ظاهري ڪوٺ حقيقت ۾ هڪ ارتقائي عمل آهي، جنهن کي پنهنجي منطقي نتيجي تي پهچڻو آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌيت وارو تاريخي عمل ڪجهہ سگهارن سببن جي ڪري جاري آهي، اهي سبب آهن: سنڌي ٻولي جي صديون پراڻي تاريخ ۽ سنڌي جي جاگرافي، جنهن کي سنڌو درياءَ جنم ڏنو آهي. سنڌي ڪلچر تيئون مضبوط ڪارڻ آهي، جيڪو سنڌي قوم جي سڃاڻپ ٺاهي ٿو - دنيا جي مختلف خطن ۽ ملڪن ۾ ڪٿي رڳو برف پوي ٿي ڪٿي رڳو جبل ئي جبل آهن، تہ ڪٿي رڳو ٿر آهي، پر سنڌ ۾ دنيا جي جاگرافي جا جملي حسن پنهنجا پرتوا ڏيکارين ٿا. هتي جبل بہ آهن تہ رڻ بہ آهي، ٿر بہ آهي تہ مٺي پاڻي جو سمنڊ بہ آهي تہ کاري پاڻي جو سنڌي سمونڊ بہ آهي، جهنگل بہ آهن تہ فصل بہ آهن، مينهن بہ وسي ٿو تہ سو ڪهڙو بہ ٿئي ٿو، آبشار بہ آهن تہ جبل تان نئين جا جهرڻا بہ آهن، قدرتي چشما بہ آهن ۽ بيشمار معدني وسيلا ۽ نباتات موجود آهن.

ان ڪري سنڌي قوم جو پختو وجود پنهنجن مڙني طبي، جاگرافيائي، تاريخي، لساني ۽ ثقافتي سببن جي ڪري هڪ طئي ٿيل حقيقت آهي، جيئن ڪو پراڻي خيال جو ملان چوي تہ انسان چنڊ تي نہ پهتو آهي.

سوال2: توهان جي خيال ۾ ڪهڙو قومي ادارو / شعبو ڪرپشن جو شڪار ڪونهي؟

جواب: سنڌ جي قومي ادارن ۾ خاميون آهن، ڪوتاهيون آهن، خود مطلبي آهي، انصاف ناهي ۽ ٻيا بہ گهڻا هاڃا آهن، پر ان جي اها معنى نہ آهي تہ اسان جا جملي قومي ادارا مڪمل طور تي ڪرپٽ ٿي چڪا آهن. اهو بہ هڪ ارتقائي عمل آهي ۽ وقت گذرڻ سان انهن ادارن ۾ پختگي ايندي ويندي، ان جو هڪ مثال اهو آهي تہ سنڌ جي تاريخي ماڳن مڪانن کي بچائڻ لاءِ سرڪاري ادارن جي اڪيوٽ ظاهر ٿيڻ ڪانپوءِ خانگي

طرح نئين نسل ڪيئي ادارا ناهي ورتا آهن جيڪي اڳتي هلي اجا مضبوط ٿيندا. سنڌ جي سياسي ڪلچر ۾ ڪالهه تائين تشدد جو رجحان حاوي هو پر اڄ اهڙي سوچ ڪافور ٿي رهي آهي. سو سنڌي سماج ۾ وڏي پيماني تي تبديليون اچي رهيون آهن، جنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته اسان جو آئيندو ڪرپشن ناهي، پر تهذيب آهي.

سوال3: سنڌي ماڻهو / قوم نفسياتي ۽ اخلاقي طرح ڪيترو سگهاري يا ڪرپٽ آهي؟

جواب: ان سوال کي سمجهڻ لاءِ سنڌ جي تاريخ جي هڪ انوکي حقيقت کي سمجهڻ گهرجي ته ڌاڙيوالي سنڌ ۾ صديون پراڻو عمل آهي. ان سماجي ناسور جي حقيقت اها آهي ته سنڌو جي ڪنارن تي مڇي – ماني وارا ماڻهو امن ۽ سڪون سان رهندا آهن ۽ پوءِ ڌاريا ماڻهو، بوڪڙو اچي انهن کي ڦريندا ۽ لُٽيندا آهن. اهڙي طرح ڦورو ماڻهو جڏهن پاڻ شاهوڪار ٿي ويندا آهن ته پوءِ اشراف بڻجي رهڻ لڳندا آهن، جن کي وري بيا نوان اينبڙ بوڪڙو ماڻهو اچي ڌاڙيلن جي صورت ۾ ڦريندا آهن– اهو عمل صدين کان جاري آهي. ان جو ثبوت اڄ به ڌاڙيلن جو مطالبو آهي ته، ”کين عام معافي ڏني وڃي، ته اهي پر امن شهري ٿي رهڻ پسند ڪندا“

سو سنڌي قوم ۾ سگهارا قدر ۽ وحشي جيوت جا نشان به موجود آهن، ڇاڪاڻ ته سنڌي قوم هڪ مسلسل سماجي عمل جو نالو آهي ۽ اهو عمل صدين کان جاري آهي ۽ صدين تائين جاري رهندو– البت آئيندو سڌاري، واڌاري ۽ تهذيب وارو ٿيڻو آهي، ڇاڪاڻ ته دنيا جي تاريخ ايئن جڙي راس ٿي آهي.

سوال4: سنڌي قوم جي وجود جي طاقتور اظهار جي باقي ڪهڙي وات بچيل آهي؟

جواب: سنڌي قوم جي وجود جو طاقتور اظهار سنڌ جي تاريخ آهي، سنڌو درياهه آهي، سنڌ جي جاگرافي آهي ۽ سنڌي ٻولي آهي. سنڌ جو عوام ۽ سنڌي ڪلچر سنڌ جي قومي وجود جو سرچشمو آهن.

مائڪ پٿاوالا لکيو آهي ته: ”سنڌي ماڻهو *Soft people of the soft soil* آهن“. سنڌي ماڻهن جو نرم مزاج ۽ سنڌ ڌرتي جي نرم، چيڪي ۽ مٺي مِٽي، صدين کان وٽي پنهنجو وجود برقرار رکيو آهي، اهو تاريخ جو

معجزو آهي، ڇاڪاڻ ته طاقت جو استعمال، سياسي تشدد وارو ڪلچر ۽ بندوق جي ناليءَ مان نڪرندڙ انقلاب جو دور پنهنجي پڄاڻي ڪي پهچي چڪو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ان راءِ سان ڪيترن انقلابين کي اختلاف هجي، پر هتي منهنجي دليل جو اهو مقصد آهي ته دنيا جي حيواني جيوت واري تاريخ شاهد آهي ته جهنگل جي بادشاهه وارو نسل غائب ٿيندو پيو وڃي ۽ ماڪوڙي وارو ڪمزور جيءُ اڃا تائين پنهنجو وجود برقرار رکندو اچي.

سو سنڌي قوم جي وجود جو هڪ طاقتور اظهار عدم تشدد به آهي، محبت، ميٺ، امن ۽ آشتي به آهي.

هُو چَوني، تون مَ چوءِ واتان ورائي
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاند م پائي، وِيَو ڪيني وارو ڪينڪي.

ڀٽائي جي هن بيت ۾ جيڪا دانشورانه ڏاهپ ۽ فيلسوفيائي رمز آهي سان ايڏي معمولي ناهي جو مڙئي ايئن چئي ڇڏجي ته: "ڀٽائي سنڌي ماڻهن کي مارائڻ گهري ٿو."

سوال5: سنڌي قوم جي وجود جو بچاءُ ڪهڙي سياسي واٽ ۾ آهي؟

جواب: ڀٽائي جو نظريو ۽ شاهه عنايت جي واٽ- سنڌ جي نئين نسل کي ايڪويهين صدي ۾ داخل ٿيندي سڄي دنيا جي سياسي نظرين جو ڳوڙهو اڀياس ڪري پنهنجي لاءِ هڪ اهڙو جديد نظريو جوڙڻو پوندو، جنهن جو محور ڀٽائي جو پيغام هجي. سوشلزم واري نظريي جي باني جو چوڻ آهي ته :"هر رياست ۾ انقلاب اتي جي مخصوص حالتن جي روشني ۾ ايندو"، ان ڪري منهنجو ذاتي خيال آهي ته، سنڌ ۾ انقلاب جي مخصوصيت ڀٽائي جو فلسفو ئي ٿي سگهي ٿو.

ڪَچُين وڏا پلاند
جيئڻ ٿورا ڏينهڙا.

سال 1994ع جي شماري ۾ ڇپيل

جنگ مئگزين کي ڏنل انٽرويو جو ترجمو

سنڌ جي تاريخ سان اهڙا ماڻهو ڇيڙ ڇاڙ ڪري رهيا آهن جن کي سنڌ جي جاگرافيءَ جي به خبر ڪانهي

انٽرويو: قاضي آصف

جڏهن بہ ڏسندؤ تہ کلندو ٽڙندو چهرو نظر ايندو. جڏهن بہ ملندو تہ پنهنجي خلوص ڀرئي ورتاءُ سان محبتون ماٽيندو وتندو. هن ننڍڙي حياتيءَ کي ڏکن، دردن ۽ نفرتن جي نذر ڪرڻ يقينن نامناسب ڳالهہ آهي. ماڻهو تہ ڏکين حالتن ۾ بہ جيئندا آهن ۽ چهري تي مُرڪون سجائي جيئندا آهن. هيءَ دنيا هڪ اهڙي اسٽيشن آهي جتي ماڻهو پنهنجي پنهنجي گاڏي اچڻ جي اوسيئڙي ۾ بيٺل هوندا آهن. هڪ ڏينهن گاڏي ايندي ۽ هر مسافر کي پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن نيئندي پر ان ماحول ۾ ڪجهہ اهڙا بہ ماڻهو هوندا آهن جيڪي خالي پنهنجي فڪر ۾ ئي غلطان ناهن هوندا پر پنهنجي اهليت ۽ شعور سان ان اسٽيشن ۽ مسافرن جي درست رهنمائي ڪندا آهن ۽ کين پنهنجي وجود جي اهميت ۽ ضرورت سمجهائيندا آهن.

انور وٽ شروع کان ئي تخليقي ذهن هو. سندس سڃاڻپ صرف صحافت ئي ناهي پر هو سنڌ جي ادبي دنيا ۾ هڪ اديب، شاعر، محقق طور پڻ سڃاتو ويندو آهي. هن شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شخصيت تي

جديد تقاضائن تحت تحقيق ڪئي ۽ "لطيف شناس" سڏرايائين. هن ڀٽائي جي بهترين ۽ مناسب تشريح ڪري ماڻهن کي ڀڏايو ۽ سمجهايو ته ڀٽائي اصل ۾ ڇا هو.

انور ذاتي طور خوش مزاج، محبتي ۽ مجلسي ماڻهو آهي. ڪو به ٻار يا نوجوان ان سان ملڻ ڪانپوءِ جنريشن گيپ محسوس نه ڪندو. هو نوجوانن کي تمام گهڻو ڀائيندو آهي. ممڪن حد تائين سندن مدد ڪرڻ کان به ناهي لهرائيندو. سنڌ جي قديم آثارن تي تحقيق لاءِ سنڌ جو چپو چپو گهميو اٿائين ۽ دوستن جي مدد سان ڪيترائي نوان ماڳ مڪان دريافت ڪيا اٿائين جيڪي پهرين گمنام هيا. علم، عقل، شعور ۽ سچائي سان مسلسل جدوجهد ڪري رهيو آهي ۽ ان جو ڦل ڪيس سنڌ جي ماڻهن جي بيپناهه محبت ۽ عزت جي صورت ۾ ملي رهيو آهي.

ساڻس هن ملاقات دوران ڪيترن ئي مسئلن تي گفتگو ٿي. اسان ان کان سنڌي ادب ۾ موجوده لاڙن جي باري ۾ سوال ڪيو ته وراڻائين ته:
مجموعي طور تي سنڌي ادب ترقي پسند آهي. ادب ۾ ترقي پسنديءَ واري نظرئي تي سويت يونين ٽٽڻ جا جيڪي به اثر پيا آهن، انهن کان قطع نظر سنڌي ادب اڳي جيان جاگيرداري سرشتي، مذهبي ڪٽرپڻي، انساني مت ڀيد، عورت-دشمن سوچن ۽ معاشي ڦرلٽ واري فلسفي جو وڏو نقاد آهي.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته 1936ع واري ترقي پسند ادبي تحريڪ سڄي نندي کنڊ کي متاثر ڪيو هو پر ان جو سنڌ ۾ وڏو ڏاڪو قائم ٿيو. ايتري قدر جو هاڻوڪي جديد سنڌ ۾ رجعت پسند ادب جو تقريبا وجود ئي ختم ٿي چڪو آهي. پر جيڪڏهن ڪو اڙيو ٽڙيو اديب زندگيءَ کان وانجهيل ادب لکندو هوندو ته هن کي سنڌ ۾ پڙهندڙ نه ملندا هوندا.

اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ادبي سنگت پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي ادبي تنظيم ٿي وئي آهي (سنگت جون سڄي سنڌ، اسلام آباد ۽ ڪوئيٽا ۾ هڪ سؤ کان وڌيڪ شاخون آهن جيڪي ٻنا ناغي هفتيوار ادبي ڪچهريون رچائينديون رهيون آهن) جڏهن ته "تنظيم فڪر وَ نظر"

جيڪا سنڌ جي واحد اهڙي جماعت آهي جنهن ۾ هڪ ٻه ترقي پسند اديب شامل ناهي، سا هاڻي ته ڇڻ عملي وجود ئي وڃائي ويٺي آهي ۽ ان جي سرگرمين جو ڪو اطلاع ناهي.

سنڌي ادب ۾ هيءَ تبديلي شاعريءَ جي ميدان ۾ شيخ اياز واري دور کان شروع ٿي ۽ هينئر تائين جاري آهي. هن دور عروضي شاعريءَ کان موڪلائي آزاد نظم ۾ پنهنجو درد حقيقت پسنديءَ سان پيش ڪيو آهي، ايراني شاعريءَ جي فارسي اثرن کان جان ڇڏائي آهي ۽ پنهنجي شاندار ماضي ڏانهن موٽ کائي جديد سنڌي شاعريءَ کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل ۽ سامي واري ڪلاسيڪل دور جو رنگ ڏنو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پنهنجي تخليقي رنگن جي باوجود شيخ اياز ڀٽائي جي رنگ ۾ رڱجي رڱو ٿي پيو آهي. هن دور جا ٻيا نمائنده شاعر آهن شمشير الحيدري، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ امداد حسيني وغيره.

سنڌي ادب ۾ افسانا نويسي پڻ ان اثر کان بچي نه سگهي هئي ۽ جمال ابڙي کي جديد سنڌي ڪهاڻي جو بادشاهه سمجهيو ويندو آهي. علي بابا، ماڻڪ، شوڪت شورو، نور الهدي شاهه، سراج، ﭘليجو (رسول بخش)، رشيد ڀٽي ۽ نئين ٽهيءَ جا ڪيترائي ڪهاڻيڪار ان دور جا نمائندا آهن.

پر بهرحال ترقي پسند سنڌي اديب ٻه سپ هڪجهڙو نٿا سوچين. سنڌي ادب ۾ خاص ڪري ٻه رجحان موجود آهن. هڪڙا اديب ۽ شاعر فن تي گهڻو زور ڏئي رهيا آهن ته ٻيا مواد، پيغام ۽ پرچار کي وڌيڪ اهميت ڏئي رهيا آهن. جن شاعرن جي لکڻين ۾ فن ۽ فڪر جو سنگم آهي، اهي حقيقي شاعر آهن.

ڪهاڻيءَ جي ڪيتر ۾ حقيقت پسنديءَ وارو رجحان وڌي رهيو آهي ۽ سنڌي سماج جي جيئڻ جو ٽيئڻ تصوير چٽڻ جو لاڙو پختو ٿي رهيو آهي. اهڙو ادب جيئڻ ته سماج جي براين تان پردو کڻي ٿو ان ڪري ڪڙو آهي. سنڌي افسانوي ادب پنهنجي حقيقت پسندي سان سماج جي تصوير چٽڻ دوران سيڪس کي پڻ بحث هيٺ آندو آهي، جنهن ڪري

سنڌي ريڊر ادب ۾ ڪنهن حد تائين جنسي معاملن جو ذڪر برداشت ڪرڻ سکي ويو آهي. ساڳي صورتحال مذهب سان پڻ لاڳو آهي. سنڌي ادب پنهنجي سوچ ۾ سختگير سيڪيولر آهي جنهن ڪري سنڌي ريڊر مذهب جهڙي حساس معاملي کي عقلي بنيادن تي مڃڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. سنڌي ادب ۾ هي رجحان جديد دور ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي.

انور پيرزادو سنڌ جو وسيع مطالعو ڪندڙ اديبن مان هڪ آهي. هن دنيا جي سياسي ادب جو به ڳوڙهو مطالعو ڪيو آهي. هيءُ سياست جي پيٽ ۾ ادب کي وڌيڪ پسند ڪري ٿو ۽ گڏوگڏ ادب کي سياست کان الڳ به نٿو سمجهي. هن البت پنهنجي شاعريءَ کي ڪافي محدود ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ انجو جواب آهي ته :

هندستان جي هڪ سنڌي اديب ايم ڪمل جي هڪ نظم جو حصو آهي ته " خواهشون ننڍڙيون ٿي ويون آهن، ٻارڙا وڏا ٿي ويا آهن." هندستان جو ذڪر نڪتو آهي ته اسان انهيءَ ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي ڪائنس معلوم ڪيو ته هندستان ۾ تخليق ٿيندڙ سنڌي ادب جي باري ۾ اوهانجي ڇا راءِ آهي. هن جواب ڏنو ته:

"اسانجي نسل هندستان ۽ پاڪستان جي روايتي ڇڪتاڻ پئي ڏٺي آهي. سو سرحد جي ٻئي پاسي تخليق ٿيندڙ سنڌي ادب جي رفتار سان ڪا گهري واقفيت ناهي. سنڌي ادب جو اهو الميو آهي ته پاڪستان حڪومت هندستان جي اردو شاعرن ۽ اديبن کي هيڏانهن اچڻ جي اجازت ڏيندي آهي پر اتان جي سنڌي اديبن کي هيڏانهن اچڻ جي اجازت ناهي ڏني ويندي اهو ئي ڪارڻ آهي جو سرحد جي ٻنهي پاسن وارن کي سنڌي ادب بابت محدود پئماني تي ئي سهي معلومات ملندي رهي ٿي. هندستان جي سنڌي اديب جي اها به ڪمزوري آهي ته انجي چوڌاري سماجي ماحول سنڌي ناهي.

۽ وري سنڌ جي سنڌي شاعرن توڙي اديبن جون پنهنجيون ڪمزوريون آهن، هتي 45 سالن ۾ ٽن مارشلائن اهڙو ماحول ٺاهيو آهي جو اظهار جي آزادي تي هميشه تلوار لٽڪندي محسوس پئي ٿي آهي. پيو ته

هتي جو سماجي نظام اڃا جاگيرداريءَ وارو آهي جڏهن ته هندستاني سنڌي اديب ان لعنت کان آجو آهي.

هندستاني سنڌي اديب کي پنهنجي ملڪ ۾ تحقيق جون وڏيڪ سهولتون آهن. اتي ڪتابي ڪلچر ڪافي پختو آهي ۽ سيڪيولر سوچ کي سرڪاري سرپرستي حاصل آهي. هندي ٻوليءَ جو برابر هندستان تي ڏاڪو آهي پر پوءِ به هندستاني سنڌي اديب جنهن ٻوليءَ ۾ لکي ٿو ان کي رياست ۾ سرڪاري حيثيت حاصل آهي. هندستان ۾ سنڌي اديب کي تخليقي پورهئي جو رايلٽي طور جيڪو معاوضو ملي ٿو ان مان مڊل ڪلاس اديب جو گذارو ٿي ٿو وڃي، ان ڪري خوشحال آهي ۽ هن جي تخليقي لکڻين ۾ خوشحال سماج جي جماليات جو اولڙو ملي ٿو."

سوال: سنڌ بابت هيل تائين لکيل تاريخ جي صحت ۽ افاديت جي باري ۾ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

جواب: شروع کان وٺي بسنڌ جي تاريخ کي مسخ ڪيو ويو آهي. ان جو هڪ ڪارڻ اهو به آهي ته تاريخدان درٻاري مصنف رهيا آهن جن پنهنجن آقائن جي شان ۾ قصيدا ئي ڳاتا آهن. هڪ انگريز محقق ڊاڪٽر سورلي جنهن ٻنائي تي ڪم ڪيو آهي ۽ سنڌ گزيٽيئر به مرتب ڪئي آهي. اُن جو خيال آهي ته سنڌ جي تاريخ تي لکيل پنج ڪتاب جيڪي مقامي مصنفن لکيا آهن انهن کي تاريخ تسليم ڪري ٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته انهن ڪتابن ۾ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي توڙي معاشي ماحول جو ذڪر گهٽ ملي ٿو.

هن جديد دور ۾ سنڌ جي تاريخ سان جيڪا ويڌن ٿي رهي آهي ان جو اندازو اوهان کي تازو پاڪستان ٽيليويزن تي "لبيڪ"، ڊرامي جي صورت ۾ ٿيو هوندو. موجوده دور ۾ سنڌ جي تاريخ سان جيڪو تعصب ڪيو پيو وڃي ان حوالي سان سنڌي اخبارن ۾ ڪافي واويلا به هلي هئي ۽ بعد ۾ خبر پئي ته، "لبيڪ"، ڊرامي کي ٽن قسطن کانپوءِ بند ڪيو ويو آهي. سو سنڌ جي تاريخ ماضيءَ ۾ انهن ماڻهن جي حوالي هئي. جيڪي

درٻاري ليکڪ هئا ۽ موجوده دور ۾ سنڌ جي تاريخ سان اهڙا ماڻهو چيڙ ڇاڙ ڪري رهيا آهن جن کي سنڌ جي جاگرافيءَ جي به خبر ڪانهي.

سوال: اوهان لطيف جا پارکو آهيو؟ بنيادي طور شاهه لطيف ڇا ٿو چوڻ گهري؟ ۽ هن دور ۾ لطيف جون ڳالهيون سماج ۾ لاڳو ڪرڻ جا اوهان وٽ ڪهڙا رستا آهن؟

جواب: ڀٽائي نندي ڪنڊ جي ٻين مڙني صوفين ۽ ويدانتين وانگي اهڙو فلسفو ڏنيَ ٿو جيڪو ماڻهوءَ کي انسان بڻائي سگهي ٿو. ڀٽائي ۽ ٻين سڀني صوفين جو پيغام اهو آهي ته جيستائين انسان پنهنجي اندر کي اجرو نه ڪندو، پنهنجي آنا کي نه ماريندو، پنهنجي تڪبر، هٺ شخصي شاونزم جو انت نٿو آڻي تيستائين زندگيءَ ۾ ڪاميابي ماڻي نٿو سگهي. ڀٽائي جو هڪ بيت آهي:

جانِ جان پسين پاڻي کي
تان تان ناهي نماز
سڀ وڃائي ساز ٿئان پوءِ تڪبير چئُه.

اها حقيقت آهي ته انانيت واري انساني سماج ئي، "اوچ ۽ نيچ" وارو نظام جوڙيو آهي. تشدد، دهشتگردي، نفرت، مذهبي ڪٽرپڻو انهيءَ انساني حرڪت جو نتيجو آهي. ڀٽائي امن، پيار، ترقي ۽ عالمي ڀائپيءَ جو شاعر آهي پر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڀٽائي سٺو سيڪڙو سنڌي نظر اچي ٿو ۽ سنڌ جي انهن دائمي دردن جو هن ذڪر ڪيو آهي جيڪي ٽي سو ورهيه گذرڻ جي باوجود هن وقت به سنڌ لاءِ ناسور آهن. ڀٽائي پنهنجي ڌرتي سان جيڪي محبت ڪري ٿو ان جو اندازو ان مان ٿي سگهي ٿو ته هن سنڌ جي چپي چپي جو ذڪر پنهنجي رسالي ۾ ماهراڻي انداز سان ڪيو آهي. هو جاگيرداري ثقافتي قدرن جو وڏو دشمن آهي ۽ عورت جي آزاديءَ جو ان حد تائين قائل آهي جو چوي ٿو ته، "ساهڙ ڏارا سهڻي، نسورو ناپاڪ". هن اهو به چيو آهي ته، "ڏم پاسي ۾ ڏِکندو، صحت وٽِ سنگهار" يعني سهڻي جڏهن ساهڙ سان ملي ٿي ته پاڪ ٿي وڃي ٿي ۽ هن جي پاسي ۾ سُتل مڙس هن لاءِ ٺارچر آهي. ڀٽائي جي بيتن مان اها ظاهري معني ڪڍڻ ڪان

جيڪي شاعر لنوائن ٿا اهي "روحاني معني"، جو ناجائز سهارو وٺي جاگيرداري ثقافتي قدرن جي وڪالت ڪرڻ واري بدڪاري ڪن ٿا.

سوال جي ٻئي ڀاڱي جو جواب اهو آهي ته ڀٽائيءَ جي فڪر کي سماج ۾ لاڳو ڪرڻ جا ڪيترائي طريقا آهن ۽ آءٌ سمجهان ٿو ته ڀٽائي ماڻهو جي انفرادي طرح اندرواري صفائي ته ڪري ٿو پر ان طريقي سان هو سڄي سماج جو اندر اجاري سگهي ٿو- بهرحال ان مسئلي جو وچور هڪ هندستاني فلم "انتر ناد" ۾ تفصيل سان ڏنو ويو آهي جنهن کي ڏسڻ سان ماڻهو ان حقيقت کي تسليم ڪري ٿو وٺي ته صوفي فلسفي کي سماج ۾ منظم طريقي سان رائج ڪري سگهجي ٿو.

سوال: ڀٽائي وٽ ڏک ۽ جدوجهد ڇو ته ٻه بنيادي عنصر رهيا آهن؟ ڪجهه وضاحت ڪريو؟

جواب: ڀٽائي جو هڪ بيت آهي ته:

ڏک لڳو ڏونگر پريو،
پينر ڪاٽي پونءِ،
منان لاٿو مون،
سندو جيئڻ آسرو.

سو اها حقيقت آهي ته جڏهن انسان ڏکويل ٿيندو آهي تڏهن جدوجهد ڪندو آهي ته جيئن هن کي سک نصيب ٿئي. انسان جي اها فطري جبلت آهي ته هو پنهنجي سک لاءِ فطرت سان جهيڙيندو رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان فطرت جي نظام کي بدلائي گرميءَ ۽ سرديءَ کان بچڻ لاءِ گهر ٺاهي رهي ٿو. سو ڏک انسان کي سک حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد خاطر اتساهه ڏئي ٿو. منهنجي خيال ۾ ڏک ۽ جدوجهد نه رڳو ڀٽائي پر دنيا جي هر عظيم شاعر جا محبوب موضوع رهيا آهن.

15 آگسٽ 1993ع ۾ ڇپيل

سنڌي سارس مئگزين جي پڇيل ڇهن سوالن جا جواب

سائين جا پوئلڳ پيو سپ ڪجهه ڪري سگهن ٿا، پر پيو جي ايم سيد پيدا نٿا ڪري سگهن

سوال 1: محترم جي ايم سيد جي فڪر ۽ سياسي جدوجهد جا سنڌ جي ڪهڙن ڪهڙن شعبن تي مثبت ۽ منفي اثر پيا؟

جواب: سائين جي ايم سيد جي فڪر ۽ سياسي جدوجهد جا مثبت ۽ منفي، ٻئي اثر آهن، بلڪل اهڙي طرح، جهڙي طرح سڄي دنيا جي سياستدانن ۽ هر سياست ۾ ٿيندا آهن.

انهن مان وڏي ۾ وڏو مثبت اثر اهو پيو آهي ته سيد ويهين صدي عيسوي جي پوئين اڌ ۾ سنڌين کي ڪنهن حد تائين منظم نموني ۾ اها ساڃاهه ڏني ته اهي هڪ الڳ قوم آهن. اهو هن جي فڪر جو اثر هو، جڏهن ته هن جي جدوجهد سنڌين کي پنهنجن قومي حقن لاءِ ويڙهاند ڪرڻ جي سکيا ڏني. پيو سياست کان علاوه سيد، سنڌ جي علمي، ادبي، مذهبي ۽ ثقافتي شعبن ۾ پڻ پاڻ ملهايو ۽ سنڌ جي نظرياتي سرحدن کي صوفي مت ۽ عدم تشدد واري فڪر جي روشنيءَ ۾ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

سنڌ تي سيد جي سياست جو جيڪڏهن ڪو منفي اثر پيو آهي ته منهنجي نظر ۾ اهو هي آهي ته هن 1947ع ۾ پنهنجي ٺاهيل پاڪستان کان سنڌين کي باغي بڻائي وڌو، جنهن ڪري اسلام آباد، مهاجرن تي هٿ رکيو ۽ انهن کي محب وطن هئڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏئي کين ڪاموري

شاهيءَ تي غالب ٿيڻ جو موقعو ڏنو. ان جو هڪ ثبوت اهو آهي تہ ڪجهہ سال اڳ تائين 39 وفاقي سيڪريٽرين مان 27 سيڪريٽري مهاجر هئا. هنن کي ڪراچي جو شهر پنڊيءَ تي ماڻيءَ جيان رکي ڏنو ويو ۽ سنڌ ۾ هندن جون ڇڏيل زمينون بہ گهٽو ٽٽو ڪين ملين. ان جو منطقي نتيجو اچوڪي ايم ڪيو ايم آهي ۽ ان دوران سنڌين کي غدار، ملحد، هندستان جو ايجنٽ، ڪي جي بي لاءِ ڪم ڪندڙ ۽ پاڪستاني سيٽ-اپ ۾ هڪ لحاظ کان شودر سمجهيو ويو ۽ وري پاڪستان لاءِ انهيءَ سياسي Nuisance Value جو فائدو نہ سيد کي مليو ۽ نہ قومپرست سنڌين کي، اهو فائدو وري ٻ پ وچي ڪنيو.

مرحوم ۾ٽي هڪ لحاظ کان اهي ٻئي فصل لُٽي ورتا، جيڪي سنڌي ڪميونسٽن پوکيا هئا يا جنهن جو ريج سيد ڏنو هو. سيد جو ڪو سياسي ڪارڪن جيڪڏهن ايئن چئي تہ، "پوءِ بہ نيٽ سيد جي مخالفت مان وري بہ سنڌين کي ئي فائدو ٿيو." تہ اهو صحيح آهي، پر ان مان گهٽ ۾ گهٽ قومپرست سياست اڄ تائين سنڌ کي اهو ڪجهہ نہ ڏنو آهي، جيڪو سنڌ جي جاگرافيءَ ڏنو آهي، سنڌو درياءُ، ساموندي ڪنارو، ٿر جو ڪوئلو ۽ زراعت وغيره شاهد آهن. سنڌ ۾ ڪا سياست نہ ٿئي ها، تڏهن بہ پاڪستان ۾ سنڌ جي حيثيت اهم هجي ها.

موجوده حالتون شاهد آهن تہ سنڌ جي سياست سنڌ کي بيروت بڻائڻ ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي ۽ سنڌي نوجوان ماهر ٿيڻ بدران بس کي جنب هڻڻ کان ڪلاشنڪوف ڪڻڻ واري اجتماعي خودڪشي جي راهہ تي هلڻ لڳا آهن.

سوال 2: سائين جي ايم سيد جي لاڏائي جا سنڌ جي قومي تحريڪ تي ڪهڙا اثر پوندا؟

جواب: اهڙي سياسي پيشنگوئي ڪرڻ ڏکيو عمل آهي. البت ايترو چئي سگهجي ٿو تہ سيد جي لاڏائي کانپوءِ سنڌ جي قومي تحريڪ جي ڪارڪنن جو سياسي عمل انهيءَ سوال جو جواب ڏيندو، سيد جا سياسي پوئلڳ جيئن تہ پيو سڀ ڪجهہ ڪري سگهن ٿا، پر پيو جي ايم

سيد پيدا ڪري نٿا سگهن، ان ڪري ليکي لٿي پٿي، ذاتي طور تي، مون کي ڪا گهڻي اميد ناهي ته سيد ڪانپوءِ سنڌ جي قومي تحريڪ کي ڪو گهڻو فائدو ٿيندو. ها، سيد جا حامي ٿي سگهي ٿو ته پنهنجي سياسي اڳواڻ جي لاڏاڻي واري صدمي کي ڪنهن اهڙي سياسي جذبي ۾ تبديل ڪري وٺن، جيڪو ڪين اڃا به اڳتي وٺي وڃي، پر تڏهن به سيد جي سياسي رهنمائيءَ واري طرز عمل جو خال هميشه نظر ايندو.

سوال 3: جي ايم سيد جي موجودگيءَ ۾ رياست جو سنڌ جي قومپرست سياست ڏانهن هڪ الڳ رويو هوندو هو. هينئر سيد جي غير موجودگيءَ ۾ رياست جو سنڌ جي قومپرست سياست ڏانهن ڪهڙو رويو جڙندو؟

جواب: سيد ڪانپوءِ سنڌ جي قومپرست سياست ڏانهن پاڪستاني رياست جو رويو همدرديءَ وارو ٿي نه ٿو سگهي. ان ڪري اهو جارحاڻو ئي هوندو. سيد، قائداعظم، اسلام، پاڪستان، هندستان ۽ پنجاب وغيره لاءِ جيڪي لفظ استعمال ڪندو هو، پاڪستان جا حڪمران چپ پڪوڙي، زهر ڍڪ پري به اهي ٻڌي چپ رهندا هئا، چاڪاڻ ته هنن کي اندر ۾ اهو احساس ضرور ٿيندو هو ته، هي ماڻهو جنهن جي ننڊا ڪري رهيو آهي، سا شيءِ هن جي هٿن ٺاهي هئي.

اهڙي طرح پاڪستان جي ٻي ڪا به اهڙي هستي ڪا نه هئي، جيڪا سيد کان وڌيڪ سياسي اهميت رکندي هجي، ان ڪري سيد کي برداشت ڪرڻ حڪمرانن جي مجبوري هئي، جا هاڻي نه رهي آهي.

سوال 4: جي ايم سيد جي هوندي، سندس تحريڪ جي مختلف سياسي فرنٽس تي ڪم ڪندڙ اڳواڻ ۽ ڪارڪنن کي سنڌ جي ماڻهن پاران چڱي موچاري پذيرائي ملندي هئي، هينئر عوام انهن کي ڪيتري پذيرائي ڏيندو؟

جواب: سيد ڪانپوءِ سنڌي عوام سيد جي سياسي حامين کي خالص ميرٽ جي بنياد تي پذيرائي ڏيندو. سيد، سنڌي قومپرست سياسي ڪارڪنن لاءِ هڪ لحاظ کان هڪ ڪوٽا به هو، جنهن جو هنن مفت ۾ فائدو ورتو. هاڻي اها ڪوٽا ڪا نه ملندي ۽ قومپرست جيڪو پوکيندا، سو لڻندا.

سوال 5: جي ايم سيد، جيئي سنڌ جي مختلف ڌڙن جو نيوڪلس هيو، هينئر اهو نيوڪلس نہ رهيو آهي. اهڙي صورت ۾ انهن ڌڙن جو سگهاري انداز ۾ گڏجي هلڻ ڪيترو ممڪن آهي؟
جواب: نيوڪلس (مرڪزي ڳانڍاپو) طور سيد هاڻي قومپرستن جي وچ ۾ ناهي، پوءِ بہ جيڪڏهن اهي سياسي طور پنهنجي جملي سياست کي 'عوامي' ۽ 'قومي' ناهيندا ۽ ان ۾ 'جمهوري' لفظ کي شامل ڪري پنهنجي 'انا' کي ڪاٽو ڪندا تہ دنيا ۾ ڪا بہ شيءِ ناممڪن ڪانهي.
سوال 6: سنڌ جي قومي تحريڪ هينئر ڪهڙو رخ اختيار ڪندي؟ ڇا اهو ممڪن آهي تہ اها ولي خان ۽ بلوچ قومپرست ڌرين وانگر 'پرواسٽيٽ' ٿي، جدوجهد جو پارلياماني طريقو اختيار ڪري؟
جواب: اها سياست جيڪا پاڪستان کي ٽوڙڻ گهرندي هجي، ان کي موت ۾ پاڪستان جا حڪمران پڻ ٽوڙڻ پسند ڪندا. اهڙي جنگ ۾ جيڪا ڌر ڪمزور هوندي سا ٽٽي ويندي ۽ جيڪا مضبوط هوندي سا سالم رهندي. ولي خان، بلوچ ڌر 'پرو- اسٽيٽ' ٿي سياست جو پارلياماني طريقو اختيار ڪيو آهي، سو پيچ ڏاهم واري انهيءَ سياسي جنگ جو منطقي نتيجو آهي، سنڌ جي قومي تحريڪ هينئر ڪهڙو رخ اختيار ڪندي؟ ان سان پڻ اهو ساڳيو سياسي فارمولو لاڳو ٿي سگهي ٿو.

اڄ جي دور ۾ سنڌي ادبي سنگت کي اين جي او جي صورت ۾ هلائڻو پوندو

انٽرويو: الله بخش راٺوڙ

سوال: سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان اهي اطلاع آهن ته ان کي اين جي او ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي، اوهان ڇا چوندا؟

انور پيرزادو: سنڌي ادبي سنگت جي آئين تي نظر ثاني ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي جنهن ۾ مختلف اديبن کي شامل ڪيو ويو آهي، جن ۾ تاج جويو شامل آهي، هتي اسان وٽ مصيبت هيءَ آهي ته ادبي سنگت جي حوالي سان هڪ ڪميٽي ٺهي ٿي ان ۾ تاج جويو کي لازمي شامل ڪرڻو آهي اسانجا اديب رڳو هار پائڻ ۽ دعوتون کائڻ تائين محدود آهن، جيڪڏهن هو پنهنجو سمورو وقت آجيائن ۾ ضايع ڪري ڇڏيندا ته پوءِ ادبي ڪم ڪٿان ڪندا، جيڪڏهن هر ڪميٽيءَ ۾ تاج جويو کي شامل ڪرڻو آهي ته پوءِ سنگت جو سيڪريٽري جنرل ڪٿي استعيفي ڏيئي. هن ڊگهي عرصي کان ادبي سنگت کي پٺي هلايو آهي، هاڻي به هلائي وٺندو. تاج جويو رڳو سرڪش جي استعيفي کي اشو بڻائي ٿو، سرڪش پاڻ ٻڌائي ٿو ته هن چوندڊ هارائي آهي. هو لاڙڪاڻي سنگت جو ميمبر هو ۽ ڪنهن به سبب جي ڪري هن استعيفي ڏني آهي، اصل ۾ سرڪش جي استعيفي ڪو اشو نه آهي، موجوده باڊي کي انڪري چونڊيو ويو آهي ته جيئن اها سنڌي ادب جي خدمت ڪري، ڪا سنڌو لڪت پڙهي، ڪا بين الاقوامي ڪانفرنس ڪوٺائي، ڪجهه ڪتاب

چيڙائي يا ڪا پبلڪيشن قائم ڪري ۽ پوءِ Output ڏي.

جيڪڏهن توهان سنجيدگي سان بحث ڪرڻ گهرو ٿا ته اها حقيقت آهي ته سنڌي ادبي سنگت ڪا سرڪاري تنظيم ته آهي ڪا نه، اها سنڌي ادبي بورڊ جيان نه آهي، نه ئي وري سنڌيالاجي جيان آهي. ان جي حيثيت سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙي به نه آهي، يونيورسٽيون به سيمي گورنمينٽ ۾ اچن ٿيون. سنگت ڪنهن به صورت ۾ سرڪاري ادارو نه آهي، By virtue of its constitution very much non governmental ادبي سنگت سنڌي اديبن جي هڪ organization of Sindhi writers- تنظيم آهي، نه اها اڄ ڏينهن تائين سنڌي اديبن جي ويلفيئر تنظيم ٿي سگهي آهي، نه ئي وري ان اين جي او جيان نئين ڪلچر ۾ ڪم ڪيو آهي.

• جيڪڏهن سنگت کي اين جي او بڻائڻ واري خيال تي ويچارجي ۽ سنگت کي اين جي او ۾ تبديل ڪيو وڃي ته ان جو دائرو وڏي ڪري گڏيل قومن جي اداري يونيسڪو تائين وڌي ويندو. يونيسڪو کان فنڊ وٺي ڪري سنگت سنجيده قسم جي پروجيڪٽس تي ڪم ڪري سگهي ٿي،ا يئن جيئن اين جي او وارا ڪندا آهن. اين جي او وارا ڪروڙين ڊالرن ۾ پروجيڪٽس هلائن ٿا. سنگت وٽ هينئر بينڪ ۾ 5 روپيا به ڪو نه آهن. هي عجيب تنظيم آهي جنهن جي چارج مون 1983ع جي اليڪشن ۾ تاج جويو کي ڏني، چارج واري اها ڳنڍ غائب آهي. انهن ڏينهن ۾ مان هڪ انگريزي اخبار جو سڪر مان عيوضي هيس، مون اها ڳنڍ کٽيندڙ اميدوار جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. ميلي ۾ اها ڳنڍ غائب ٿي آهي ته اڄ ڏينهن تائين هٿ نٿي اچي، ڪو چوي ٿو، ته اها اياز گل وٽ آهي، ته ڪو ڪو وري ادل سومري جي ڳالهه ڪري ٿو، تاج جويي ڪڏهن به چارج نه ورتي ۽ نه ئي وري ڏني آهي. ان جو مطلب اهو آهي ته سنگت ۾ وڏي پئماني تي تنظيمي لحاظ کان انارڪي آهي.

مان واضح ڪيان ته ادبي سنگت سنڌ جي تخليق ڪارن جي تنظيم آهي- هينئر زمانو بدلجي ويو آهي، آءُ ٿي جو زمانو آهي. هينئر

انسائيڪلو پيڊيا آهن. دنيا وڏي ترقي ڪئي آهي ۽ وڏو انقلاب اچي ويو آهي. هاڻ ماضي جي خول مان ٻاهر نڪرڻو پوندو. سنگت کي يونيسڪو ۽ ٻين عالمي ادارن سان لهه و چڙ ۾ اچڻ گهرجي. سنگت کي دنيا جي وڏين ادبي تنظيمن ۽ ادارن سان رابطا وڌائڻ گهرجن. انهن سان سهڪار ڪرڻ گهرجي. انڊيا ۾ جيڪو ڪجهه ڪم ٿي رهيو آهي انهن سان سهڪار ڪرڻ جي ضرورت آهي. دنيا کان فنڊ وٺڻ جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته وڏا پروجيڪٽس فنڊن ذريعي هلندا آهن. جيڪڏهن سنگت سنڌي ۾ ڪو انسائيڪلوپيڊيا ڇاپيندي ته ان تي 10 ڪروڙ رپين جي لاڳت اينديءَ. توهان کي حيرت ٿيندي ته مظهر جميل سنڌي ادب تي اردو ۾ جيڪو ڪتاب ڇپيو آهي ان جهڙو ڪتاب سنڌي ادب بورڊ به شايع نه ڪرايو آهي. ادبي سنگت ووڊرو ولسن، انسٽيٽيوٽ آف اسڪالرس سان رابطو رکي گهڻو ڪجهه حاصل ڪري سگهي ٿي. عالمي ادارن جي فنڊن ذريعي وڏا پروجيڪٽس ٺاهي سگهجن ٿا. ان لاءِ شرط اهو آهي ته پئسا هڙپ نه ڪيا وڃن ته گهڻو ڪجهه ٿي سگهي ٿو ۽ سنگت جا دوست وڏا ڪم ڪري سگهن ٿا. امر جليل صاحب سنگت کي اين جي او ۾ تبديل ڪرڻ جو جيڪو خيال پيش ڪيو ان جو پڪ سان اهو مطلب هوندو ته سنگت جو ڪينواس وسيع ٿئي. هينئر سنگت جا ميمبر جيڪي به پهه ٿي ٿي روپيا چندو ڏين ٿا ۽ محدود ميمبر جيڪا رقم ادا ڪن ٿا اها ملي به ٿي يا نه پر ان پئسي سان ڪو به پروجيڪٽ هلائي نه ٿو سگهجي. سنگت جو ڪنهن بينڪ ۾ اڪائونٽ ڪونهي. ڪا آفيس ڪونهي. اها ته تنظيم نه ٿي جنهن جا ادارا ئي ڪو نه آهن. هيءَ ڳالهه ته اها ٿي، ته گهوڙو آهي پر ان جو پيٽ نه آهي. ان جون ڄنگهون به ڪو نه آهن، ان جا ڪن به ڪو نه آهن ۽ ان جو پڇ به ڪونهي ته پوءِ گهوڙو آهي ڪٿي؟

سنگت هڪ نظرياتي ۽ خدائي خدمتگار تنظيم آهي، اها سنڌي اديبن جي تنظيم آهي جيڪا ڊگهي عرصي کان ادب جي حوالي سان پرچار ڪندي رهي آهي. پرچار ته هر ڪوئي ڪري ٿو. اسان جي ڳوٺ ۾ صوفين جا 6 مڪان آهن، جيڪي پنهنجي تبليغ ڪن ٿا.

سوال: هينئر هڪڙو تاثر اهو آهي ته، سنگت ڊائريڪشن ليس ٿي وئي آهي ۽ چندن تي ڪيستائين سنگت کي هلايو ويندو؟

انور پيرزادو: اهم ڳالهه هيءَ آهي ته جڏهن به جيئي سنڌ وارا هارائيندا آهن ۽ سندن مخالف پارٽي چونڊجي ايندي آهي تڏهن هو اهڙيون ڳالهيون ڦهلائيندا آهن. مثال طو جڏهن ڊاڪٽر شمس سومرو سيڪريٽري جنرل چونڊجي آيو هو ته ان کي تاج جويي وارن ڪم ڪرڻ ئي نه ڏنو. هن کي مجبور ڪيو ويو ته هو استعيفي ڏئي. منهنجي ذاتي سوچ اها آهي، ته ڊاڪٽر ذوالفقار سيال کي تاج جويي وارا مجبور ڪندا ته هو پنهنجي عهدي تان استعيفي ڏي، ڇاڪاڻ ته هو هڪڙي ووٽ تان کٽي آيو آهي. سنگت جي حقيقي طاقت اهو هڪڙو ووٽ ئي آهي. پٽ شاهه تي جيڪا اليڪشن ٿي هئي، جنهن ۾ ڊاڪٽر شمس سومري کٽيو هو. ان جا اليڪشن ڪمشنر مان ۽ بدر ابڙو هئاسين. تاج جويي وارن جا ووٽ آهن ئي پنجاهه، جيڪڏهن ايئن چئجي ته جيئي سنڌ وارن جا 50 سيڪڙو ووٽ آهن، ته غلط نه ٿيندو. جيئي سنڌ وارن پٽ شاهه واري اليڪشن ۾ به موجوده اليڪشن جيترا ووٽ کنيا هئا. تاج جويي وارن کان اديب انڪري بيزار ٿي پيا آهن ڇاڪاڻ ته هو ڊگهي عرصي کان عهديدار رهيا آهن. ماڻهو اصل ۾ تبديلي چاهن ٿا. جيڪا نيگيٽو ووٽنگ ٿي آهي، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ان مان کٽيو آهي. ذوالفقار سيال جو پنهنجو سنگت ۾ ڪم ڪونهي. ان کان اڳ ۾ جيڪي عهديدار آيا انهن جي پٺيان هڪ سياسي تنظيم جيئي سنڌ قومي محاذ هئي. قومي محاذ وارا جڏهن ڪا مهم هلائيندا آهن ته سنگت ان کي فالو ڪندي رهي آهي. جسقم هڪ پاڻ ارپيندڙ ۽ سياسي تنظيم آهي. اها مسلسل جدوجهد ڪندي رهي آهي. هاڻ اها پروپئگنڊا ڪئي پئي وڃي ته سنگت جي يونٽن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، ڪا به چرپر نه آهي، تاج جويو سان منهنجا ڪيترا به اختلاف هجن اسان پلي سياسي طور تي هڪ ٻئي سان ٺهيل نه رهيا هجون يا مان پاڻ کي تاج جويي جو مخالف سمجهندو هجان، پر تاج جويو ڊاڪٽر ذوالفقار جي پيٽ ۾ سنو سنگت جو ڪارڪن آهي، جيڪو

ٿيلهو ڳچيءَ ۾ وجهي مٺي ڪان جيڪب آباد هليو ويندو، هو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين وڃي سگهي ٿو، پر ان جي پيٺ ۾ ذوالفقار سيال وڏو ماٺهو آهي. هو By *virtue of being* جناح اسپتال ۾ آفيسر آهي. هو تاج جويي وانگر ٿيلهو ڳچي ۾ وجهي نڪري نٿو سگهي.

سوال: ڪي دوست چون ٿا ته سنگت مان سياسي روح نڪري ويو آهي، سينيئر رائيٽرس ان کان پرڀرا ٿي ويا آهن، ان ۾ ڪا گهڻي ڪشش نه رهي آهي. ان بابت توهان ڇا ٿا چئو؟

انور پيرزادو: اها پروپئگنڊا آهي ۽ اهو ماڻهن هڪ ذهنن ۾ نه ڦٽو آهي. هاڻ هڪ وڏي مهم شروع ٿيندي جيڪا جيئي سنڌ قومي محاذ شروع ڪندي. هو چوندا ته سنگت ۾ پينگ ٿي وئي، سچ ٿي وئي. سنگت ختم ٿي وئي. هنن جو مطلب اهو آهي. ته جڏهن سنگت انهن وٽ هئي ته هيرو هئي ۽ هاڻ زيرو ٿي وئي آهي، اها سموري پروپئگنڊا آهي. جيئن سوشل ازم جي لاش ۾ ڪينئان پئجي ويا ها ۽ ان مٿان هرڪ جو اچو ڪفن پهريل هو، ساڳي طرح جڏهن جيئي سنڌ وارن وٽ سنگت هئي تڏهن به ساڳئي هئي جهڙي موجوده آهي. انهن ڏينهن ۾ به نه ئي يونٽ فنڪشن ڪندا هئا نه ڪي وري ان جو ڪو اڪائونٽ هو، بس هو سياسي بيان ڏيندا هئا ۽ اها جسقم جي ماتحت تنظيم هئي. جڏهن سياسي پارٽي ڊارين خلاف پروگرام ڪندي هئي ته سنگت به ڊارين جي خلاف بيان جاري ڪندي هئي. جيڪڏهن مظاهرو ڪرڻو هوندو هو ته هڪڙي سياسي تنظيم کي ته پيو وري ادبي سنگت ڪندي هئي- اڄي به سنگت جا ساڳيا افعال هئا ۽ هاڻ به ساڳيا حال آهن. اهو بحث جوڳو نقطو آهي ته سنگت کي بهتر بنائڻ جي سگهه ذوالفقار سيال ۾ آهي يا نه. سنگت جڏهن ڪميونسٽ پارٽي جي شاخ جيان هئي ته اسان ان کي ان طريقي سان هلايو، تاج جويي ان کي جيئي سنڌ جي شاخ ڪري هلايو، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ان کي ڪيئن هلائيندو؟ هن جي پٺيان جيڪڏهن ڪا سياسي تنظيم يا فورس نه آهي ته پوءِ ڪهڙي طاقت آهي تنظيم کي ڪو ڍانچو هلائيندو آهي، اهو هن وٽ آهي يا نه، اهو ئي اهم سوال آهي. جيڪڏهن سنگت کي

هلائڻو ئي نہ آهي تہ پوءِ اهو نان اشو آهي جنهن تي اسان پنهنجو مٿو ڇو کپايون، اهو سنگت اشو آهي يا نہ، اهو پڻ جوڳو معاملو آهي.

سوال: جيڪڏهن سنگت رجسٽرڊ اين جي او ٿي وڃي ٿي تہ ان سان ڪهڙو فرق پوندو؟

انور پيرزادو: پوءِ تہ وڏو فرق پئجي ويندو. جيڪڏهن سنگت کي يونيسڪو کان هڪ ڪروڙ رپيا ملن ٿا ڪنهن ادبي پروجيڪٽ هلائڻ لاءِ ۽ سنڌي ادب تي ڪنهن انسائيڪلوپيڊيا جوڙڻ جو فيصلو ٿئي ٿو تہ 1940ع کان هينئر تائين سنگت اهڙو ڪو ڪم ئي نہ ڪيو آهي، اهڙي عمل سان وڏو فرق پئجي ويندو.

سوال: هڪڙو تاثر اهو آهي تہ سنگت، جيڪڏهن اين جي او ٿي وئي تہ اها اديبن کي ڪرپٽ ڪري ڇڏيندي، ان بابت ڇا چوندا؟

انور پيرزادو: جيڪڏهن سنگت کي ڪير ڪروڙ يا ٻہ ڪروڙ رپيا ڏي يا سنگت چندي مان جمع ڪري. ڪرپشن تہ ٻنهي صورتن ۾ ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن سنگت ڪشتو ڪٽي اديبن کان 10 ڪروڙ رپيا جمع ڪري ۽ ان جو سيڪريٽري جنرل ۽ ٻيا هڙپ ڪري وڃن تہ پوءِ چئبو تہ اها ڪرپٽ تنظيم آهي، جيڪڏهن يونيسڪو کان 10 ڪروڙ رپيا وٺي ڪري اديب کائي ويندا تڏهن بہ ڪرپشن ئي ٿي. ڪرپشن جي خبر تہ بعد ۾ پوندي هينئر تہ سنگت وٽ 10 هزار رپيا بہ ڪونهن تہ پوءِ ڇا اسين اهو چوندا سين تہ هي ڪرپٽ تنظيم ناهي. ڪنهن فقير ماڻهو وٽ 5 روپيا بہ نہ هجن تہ اهو پارسا آهي ۽ جيڪڏهن ان وٽ 5 لک رپيا اچي وڃن تہ پوءِ اهو ڪرپٽ آهي، اها ڳالهہ تہ سمجهہ کان ٻاهر ٿي نہ! سنگت جي ڪنهن بہ باڊي جي ڪرپٽ هجڻ يا نہ هجڻ بابت تڏهن ئي خبر پوندي، جڏهن سنگت جي خزاني ۾ ڪجهہ پئسا اچن. سنگت جي خزاني ۾ نہ هاڻ پئسا آهن نڪي وري اڳي رهيا آهن. تاج جويي هينئر تائين جيڪا سنگت هلائي آهي انهن اڪائونٽ، ئي نہ رکيو آهي، جڏهن اڪائونٽ ئي نہ هجي تہ پوءِ صورتحال جي خبر ڪيئن پئجي سگهندي. تاج جويي وارن چندي مان گهڻا پئسا ڪمايا اها ڪنهن کي بہ خبر نہ

آهي، جڏهن ڪميونسٽ پارٽي ٽٽي ته اهي ڳالهيون هليون ته ڪيترائي عهديدار چندي جا پئسا کائي ويا. سنگت وارا اڪائونٽ ته ظاهر ڪن ته هنن وٽ ڪيتري رقم آئي ۽ انهن ڪيترا خرچ ڪيا. اها ڪنهن کي به خبر نه آهي.

سوال: سنگت کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪهڙيون تجويزون ڏئي سگهجن ٿيون؟

انور پيرزادو: اها ته پهريان خبر پوي ته سنگت By the Virtue of Law ڪنهن ۾ رجسٽرڊ ٿيل آهي. اها سوسائٽي ايڪٽ تحت رجسٽرڊ ٿيل آهي، ڪمپني ايڪٽ تحت رجسٽرڊ آهي، سوشل ويلفيئر ايڪٽ ۾ رجسٽرڊ ٿيل آهي يا ڪنهن ٻئي ايڪٽ تحت هاڻ ته اهو به چيو ٿو وڃي ته سنگت جو رجسٽريشن وارو سرٽيفڪيٽ ئي گم ٿي ويو آهي. اهو سڀ کان اڳ ۾ ڏسڻو پوندو ته سنگت رجسٽرڊ ڪهڙي ايڪٽ تحت ٿيل آهي. جيڪڏهن سوشل ويلفيئر ايڪٽ تحت سنگت رجسٽرڊ ٿيل آهي. ته ان کي سنڌي ليکڪن جي ويلفيئر لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي ته پوءِ سنگت اهو ڪم ته ڪري پئي ان جي آئين ۾ ترميم جي ڪهڙي ضرورت هوندي. سنگت سرڪاري ادارو نه آهي. ان جو مطلب آهي ته اهو غير سرڪاري ادارو آهي، جيئن انساني حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيمون آهن. سانا آهي، ورلڊ سنڌي ڪانگريس آهي، اهي غير نفعي بخش ادارا آهن. هي اديبن جي تنظيم آهي جنهن جي مقصدن ۾ اهو لکيل آهي ته اها سنڌ ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندي، بيمار اديبن جي علاج لاءِ ڪوششون وٺندي ۽ ادب جا ڪتاب ڇپائيندي ان ڪانسواءِ سنگت کي ڪجهه ڪرڻو ئي نه آهي. هڪڙا اين جي اوز اهڙا آهن. جيڪي ڪروڙين ڊالر فنڊ وٺن ٿا ۽ انهن جي بنياد تي پروجيڪٽس ٺاهن ٿا، پوءِ اهي ڪجهه ڪم به ڪن ٿا ۽ ڪجهه پئسا کائي وڃن ٿا. سنگت وارن وٽ نه ئي پئسا آهن نڪي وري کائن ٿا. ان ڪري هيءَ سنگت ايماندارن تي ٻڌل آهي!

روزاني تعمير سنڌ
7 جولاءِ، 2006ع

جيڪڏهن سنڌ جا مسئلا حل نه ٿيا ته ڌاريون قومون هتي پنهنجيون ڪالونيون ٺاهينديون

پينل انٽرويو: بدر ابڙو ۽ عطيه دائود

پينل: ڏرينديءَ جو زمانو آهي، مختلف ڌريون ڀٽائيءَ کي پنهنجي حساب سان مذهبي، صوفي، قومپرست يا وطن دوست ثابت ڪن ٿيون. توهان ڇا ٿا چئو؟
انور: منهنجي خيال ۾ ته ڀٽائيءَ کي ڀيهر پڙهڻو پوندو ۽ ڪاڀي ڏر وارا ڇا ٿا چون، ساڃي ڏر وارا ڇا ٿا چون، عام ماڻهو هن کي ڪيئن ٿو محسوس ڪري، ڀٽائيءَ جي مزار تي سُڪا باسڻ لاءِ ويندڙ عقيدتمند ڇا ٿا سوچين؟ انهيءَ جو ايپاس ۽ سروي ڪرڻو پوندو. جيستائين "ڀٽائيءَ جي ڳولا" جو تعلق آهي ته ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ڳولا اڃا نه ٿي آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائي اڃا نه ٿي آهي. اها ڳولا ٿيڻ کپي. جڏهن تفصيل سان ڀٽائيءَ جو جائزو ورتو ويندو ته مون کي يقين آهي ته اها ڳالهه سامهون ايندي ته ڀٽائي سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي. سندس شاعري ۽ فن جي لحاظ کان ته ڪو به اختلاف نه آهي پر مان چوان ٿو ته سنڌ جي مسئلن جي حوالي سان ڀٽائيءَ جي شاعري کي سنڌ جي مستقبل جي شاعري ثابت ڪري سگهجي ٿو.

سر سڪو سال ٿيا، هنج هريوئي پير
هي ڪنگ ويچارو ڪيئن، جو رسي ان رَمز کي.

سال گذري ويا جو سنڌو درياهه منجهه پاڻي ڪونهي پر هنج جو پير آلو آهي. ڪنگ ان راز کي سمجهي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته هنج صاف

پاڻي منجهه هوندو آهي ۽ جيئن چيو ويندو آهي ته موتي ڪائيندو آهي، پوءِ جڏهن هن اهو پاڻي نه ڏٺو آهي ته ان ڏک ۾ روئي ڏنو اٿائين ۽ ان جي تلاش ۾ بي حال ٿيڻ لڳو آهي، پر ڪنگ جيڪو لڙي ۽ ڪني پاڻيءَ منجهه گذارو ڪندو آهي، اهو درد محسوس نه ٿو ڪري سگهي ته هتي اهو پاڻي ڪونهي، جنهن لاءِ لطيف چيو آهي ته:

عطرُ ۽ عنبيرَ جا جرَ ۾ وَهن جال.

ان ڪري لطيف جي نقطهءِ نگاهه کان اسٽڊي ڪرڻي پوندي، خاصو جائزو وٺڻو پوندو، ماڻهن کان انٽرويو وٺڻا پوندا. پوءِ ئي لطيف جي خبر پوندي.

پينل: اڄڪلهه مها ڀارت جهڙن ڪلاسيڪل فن پارن مان به ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته انهن ۾ به جوهري جنگ جو ذڪر آهي، ان ڪري اڄ به ان جي افاديت آهي. توهان جي لطيف جي شاعري متعلق اهڙي دعوي ڪيئن مختلف آهي؟

انور: مان ان باري ۾ بلڪل ڪليئر آهيان، مهاڀارت هجي، يا ڪا ٻئي هائپوٿيسز هجي، يا ڪو ٻيو فلسفو هجي ماڻهوءَ جي نفسيات آهي ته هو پنهنجي مذهبي وسيلن مان تخليقي تعبيرون ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مثلن لاهوت لا مڪان ۾ جيڪي پٿر آهن، پاڻيءَ جي وهڪري ۾ تن جو چونو ڳري نڪري ويو آهي ۽ باقي جيڪي پٿر بچيا آهن انهن جو هڪ قدرتي ڏيک آهي، ۽ هاڻي انهن جي ڏيک کي ماڻهن مختلف نالا ڏنا آهن، پر لطيف سنڌ جي يونيورسل مسئلن تي يونيورسل طريقي سان لکيو آهي. سنڌ جي تاريخي اوسر ۾ ان جا ڪي خاص مسئلا رهيا آهن، مثال طور سنڌ، سنڌو درياءَ جي ٻن ڪنارن تي آباد ملڪ آهي ۽ سنڌو درياءَ وهڪرا بدلائي ٿو ۽ ڪن هنڌن ٻوڏن اچڻ جو سبب بڻجي ٿو ته ڪٿي ماڻهوءَ جي فطرت جي خلاف جدوجهد سدائين جاري رهي ٿي. فطرت سان انسان جو جهيڙو ته هلندڙ آهي، سو سنڌ ۾ به ڌاڪار آيا، ڌارين جون لڙائيون ٿيون ۽ اهڙا ٻيا معاملا ٿيا ته انهن (موضوعن) کي لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ تمام سگهاري طريقي سان پيش ڪيو آهي. مسئلا

ٿوس مسئلا آهن جيڪي ڀٽائي ڪهيا آهن ۽ مان سمجهان ٿو ته جيستائين سنڌ زنده آهي، اهي مسئلا وري وري پيا اسرندا جيڪڏهن انهن کي حل نه ڪجي ته ڏڪر ٿيندو، فصل تباهه ٿيندا ۽ ڌاريون قومون هتي ڪالوني ٺاهينديون، سنڌ جي انهن سيني مسئلن خلاف، ڀٽائي صاحب بيت لکي ٿو. انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته ڀٽائي مستقبل جو شاعر آهي.

پينل: ڀٽائيءَ جيڪي ڏنو آهي سو تصوف جي علامتن ۾ آهي، ٻئي طرف تصوف هتي هڪ سگهاري تحريڪ رهيو آهي ۽ ان جو اثر به موجود آهي، توهان جو ڇا خيال آهي، اڄ جي دور ۾ تصوف ڪردار ادا ڪري سگهندو. ڇاڪاڻ ته ان جو بنياد وري به سيڪيولرازم تي بيهي ٿو؟

انور: جيڪڏهن ڀٽائيءَ کي هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڏٺو وڃي ته توهان ڀٽائيءَ کي صوفي چئي نٿا سگهو، سنجيدگيءَ سان جيڪڏهن ڀٽائيءَ جو مجسمو ڏسندئو ته هو صوفي لڳندو ۽ جي ڀٽائيءَ جي ٻولي ڏسندئو ته انهيءَ مان صوفي ازم جي ٽرمنالاجي ملندي، هاڻي هي ٻئي پهلو ٿي ويا، هڪڙو ڀٽائيءَ جي شاعري، ٻيو ڀٽائيءَ جي شڪل شبيهه ۽ ٽيون ڀٽائيءَ جي ٽرمنالاجي، انهيءَ حوالي سان آئون اهو عرض ڪيان ته اينگلس لکيو ته "اها هڪ قائم ٿيل روايت هئي ته زندگيءَ جو ڪو به فلسفو ٿيالاجيءَ جي معرفت پيش ڪيو ويندو هو". مذهبي ٽرمنالاجي سان زندگيءَ جا سڀ مسئلا سائنس، آرٽس وغيره وسيلي پيش ڪيا ويندا هئا. هاڻي اها هڪ دور جي مضبوط روايت هئي، جنهن جي لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته اڄ جو سنڌي ليکڪ جيڪڏهن ترقي پسند نقطهءِ نگاهه سان نٿو لکي ته هن جي لکئي کي ڪو ٻيو ڪو نه پڙهندو. هن وقت ترقي پسند نقطهءِ نظر يا سچائي سنڌي ادب ۾ هڪ اهڙو سگهارو لاڙو ٿي چڪو آهي، جنهن کي ڪو ٻي به پٺي ڏيئي نٿو سگهي ۽ اها هن دور جي سخت روايت آهي. اهڙي طرح اها مذهبي ٽرمنالاجي واري اها ٻولي ان دور جي تقاضا هئي جو اهو دور مذهبي ڪٽرپڻي جي اوج وارو دور هو. انهيءَ دور ۾ مذهب جي اوٽ ۾ سچي ڳالهه ڪرڻ غداري يا بغاوت هئي باقي انهي جي

باوجود جيئن مثال:

ڪل شئي يرجع الله الا املحہ، اصل تي جھڄان جهانگين ڪانءِ.

تہ هر ڪا شئي پنهنجي اصل ڏانهن موٽندي، عمر سومري ۽ مارئي جي وچ ۾ جيڪو جهڳڙو آهي، انهيءَ جو نتيجو پٺاڻي صاحب، قرآن شريف جي آيت جو حوالو ڏئي ٿو ڪدي، جيئن ماڻهن کي قائل ڪري سگهجي تہ "هر ڪا شئ پنهنجي وقت سان موٽندي" ۽ جيڪڏهن اهو نقطہ نظر آهي تہ مارئي ملير واپس پهچي ويندي تہ ان جي معني اها نڪتي تہ اها عمر سومري ۽ عمرڪوٽ جي شڪست آهي، پٺاڻي صاحب ان ڳالھہ کي پوءِ پلي هن جي ٽرمنالاجي اسلام هئي، هو پنهنجي شخصيت جي اعتبار کان يونيورسل آهي، انهيءَ ۾ هو جينيس آهي، انهيءَ ۾ هن کي ڪو بہ مذهب ڪونهي، باقي ان سوال سان آئون متفق آهيان تہ صوفي ازم پنهنجي دور جو تہ تمام ترقي پسند نظريو هيو، ترقي پسندي خود هڪ نسبتي شئي آهي، جنهن دور ۾ پٺاڻي صاحب هو، ان دور ۾ پٺاڻي صاحب جي صوفي ازم نہ رڳو ترقي پسنبد هئي، پر ان دور جو انقلابي فلسفو هو. مون اڳ بہ ڪن مضمونن ۾ لکيو هو تہ، "پٺاڻي ترقي پسند هو انهيءَ ڪري صوفي هو." ۽ ايئن ناهي تہ، ڇاڪاڻ تہ هو صوفي هو تنهن ڪري هن جي شاعري ترقي پسند هئي، هن جو من جينيس هو، انهيءَ ۾ سچي روشن خيالي بہ هئي تہ ترقي پسندي بہ هئي تہ انقلابي اوج بہ هو، هو انهن سيني شين جو مجموعو هو.

پينل: شاھہ پٺائيءَ جا عورتن وارا ڪردار اِڄ کان جدا حالتن مان آهن، ان زماني جا قدر پيا هئا، اڄ جي عورت کهڙي طرح پاڻ کي مڃائي سگهي ٿي، جڏهن تہ هن جي لاءِ حالتون بہ بدلجي چڪيون آهن؟

انور:

سي ننگيون تي نڪرو لالچ ڇڏي لوپ
سپريان جي سوپ ننبون ڪندي نہ ملي.
اها هيڪ علامتي ڳالھہ آهي،
جي هٽ نہ هوت پسن، سي ڪيئن ڪيچ پسنديون.

پٽائي صاحب جيڪو سهڻيءَ جو سفر ڏيکاريو آهي، ان سفر کي هنِ جا جاکوڙ جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي، ضروري ناهي ته هر ڪنهن کي ڪيچ، لاهوت يا هنگلاج وڃڻ گهرجي، سفر کي ته پٽائيءَ جدوجهد جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي ۽ اها جدوجهد وقت جي ظالم قوتن جي خلاف آهي، اها ته هر ڪنهن کي ڪرڻي آهي، هن وقت جي عورت هجي يا ماضيءَ جي هجي يا مستقبل جي هجي، انهن جي آڏو ڪي رڪاوٽون ايندڙيون ۽ انهيءَ ۾ جيڪڏهن هن کي جدوجهد ڪرڻي آهي ته ڪيس پنهنجو وجود بلڪل وڃائڻو پوندو.

جي بي شرڪ پانئين پاڻ کي، ته عين شرڪ اِيءُ
وڃائي وجود کي، پاڻان پاسي ٿيءُ
هڏهين ڪونهي هيءُ، هو پڻ ڪونهي هن ري.

سادن اکرن ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو ته سنڌ جي مستقبل جي عورت کي به صحيح راهه ڏسڻ جو رنگ، ڍنگ يا تفصيل رسالي ۾ موجود آهن ۽ گوبند مالهيءَ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي ته، ”ڪراڙا اسان کي چوندا هئا ته بابا زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ڪٿي مُنجهي پئو ته توهان کي ٻه ڪتاب آهن جيڪي توهان جي رهنمائي ڪندا: هڪڙو گرنٿ صاحب گرونانڪ جو ۽ ٻيو پٽائي صاحب جو رسالو.“

منهنجو وس هلي ته ڀٽ شاهه کي "يونيورسٽي ٽائون" ۾ تبديل ڪري ڇڏيان

انٽرويو: انور ابڙو

14 مارچ 2006ع تي جڏهن مون انور پيرزادي صاحب جن سان ڀٽائي سائينءَ جن بابت ڳالهه ٻولهه ڪرڻ شروع ڪئي ته، ڀٽائي ۽ ڀٽ شاهه بابت ڳالهائيندي چيائين: "جيڪڏهن منهنجي حڪومت هجي ته مان سڀ کان پهريان ڀٽ شاهه کي هڪ يونيورسٽي ٽائون بڻايان. *Bhit Shah should be a University Town* جتي ٿيولاجي، تصوف، انٿروپالاجي، راڳ ۽ ٻين سائنسي علمن جي تعليم ڏني وڃي، اها هڪ بين الاقوامي يونيورسٽي هجي، جتي دنيا جي ماڻهن کي ٿيرزام جي اينٽي ٿيسز پڙهائي وڃي، جيڪو اڄ جي دنيا جو وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي. ڀٽ شاهه يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي نوجوانن سان پرڏيهي شاگردن کي داخلا ڏني وڃي." "ڀٽ شاهه يونيورسٽي ٽائون ۾ رڳو شاگرد، پروفيسر، ڀٽائيءَ جا راڳائي فقير، ڀٽائيءَ جي خاندان سان لاڳاپو رکندڙ سيد، هنرمند (جن ۾ اجرڪ ٺاهڻ وارا شامل آهن). ان يونيورسٽيءَ جا ٻيا ملازم ۽ انهن جا گهر ڀاتي رهندا. انهن کانسواءِ ٻين ڪنهن کي به رهڻ جي اجازت نه هوندي، اها هڪ *Singing University* پڻ هوندي، اهو هڪ ننڍڙو، پر خاص علمي، هنري ۽ موسيقيءَ جو علائقو هوندو."

انور پيرزادي صاحب پراڻي دور واري ڀٽ شاهه جي حدن ۽ ان جي 75 سالن جي هڪ ڪراڙي رهواسيءَ هڪ پيري انڪشاف ڪيو ته، "اڳ ۾ ڀٽ شاهه تي ڀٽائيءَ جي مزار، مسجد، حويلي ۽ ڪبڙ (جنهن ۾ ڀٽائي سائينءَ

جي امڙ رسي پڌي ڏُڏُ ولوڙيندي هئي) ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو هيو، جڏهن ته ڪراڙ ڍنڍ جي ڏکڻ ۾ رنڊين جا پڪا هوندا هئا، سو جڏهن ڪانيو خان (جام صادق مرحوم جو والد) ڀٽائي جي ميلي جي موقعي تي ڀٽ شاهه تي ايندو هيو ته، هو سڪن ڄون خرزينون ڀري ايندو هيو ۽ ڏکڻ واري پاسي کان ڀٽ شاهه تي پهچندي ئي ماڻهن ۾ سڪن جون مُٺيون ڀري اڇلائيندو هيو. جڏهن ماڻهو اهي سِڪا کڻڻ جي لاءِ اوڏانهن ڊوڙ پائيندا هيا، ته هُو رنڊين جا پڪا ڊاهي وجهندا هيا، پوءِ رنڊين، ڪانيو خان سان شڪايت ڪئي ته، هو سخاوت ڀلي ڪري، پر اهڙي طريقي سان نه، جو سندن اجها ڊهي پون.“ هاڻي اهي ناچڻيون ڀٽائيءَ جي درگاهه جي اتر ۾ مچر ڪالونيءَ ۾ رهن ٿيون، ڀٽائي جي مزار جي اُتر ۾ ملاکڙو ٿيندو آهي.“

انور پيرزادي جي اها به تجويز هئي ته، ”دنبوري چوِنڪ کان ڀٽائيءَ جي درگاهه ڏانهن ويندي ٻنهي پاسن کان جيڪي دوڪان آهن، سي سڀ ڊاٿا وڃن ۽ انهن جي مالڪن کي ان جو معاوضو ڏنو وڃي، ايئن ڪرڻ سان ماڻهو جيڪڏهن شيخ اياز جي قبر کان بيهي ڏسندو ته، ڪيس ڀٽائيءَ جي مزار چٽي نظر ايندي.“ هن چيو ته *This is my dream about Bhit Shah* (ڀِٽ شاهه بابت اِهو سندس خواب آهي)“.

انور پيرزادي تجويز ڪيل ڀٽ شاهه يونيورسٽيءَ جي اهميت بابت ڳالهائيندي چيو ته، ”ان سان آمريڪا سميت سڄي دنيا ڀٽ شاهه تي ڇڪجي ايندي، جتي دهشتگرديءَ جي خلاف جدوجهد جو هڪ گڏيل تصور (*Concept*) تيار ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ڀٽائيءَ جي صوفي ازم ۾ اسلام، ٻڌمت ۽ هندومت سميت دنيا جي سمورن مذهبن جي ڳالهه ٿيل آهي، هن جي شاعريءَ ۾ سيني مذهبن جي ماڻهن جي لاءِ ساڳيو پيغام آهي، رڳو هن نالا ٻيا استعمال ڪيا آهن. ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ شيعه، سُني فرقي سميت سيني فرقن جي ڳالهه ڪئي آهي، ڀٽائي چيو ته، ”آڳاهو جن علي، آءُ نه جيئندي ان ري.“ ڀٽائي جي شاعري ان گلدستي وانگر آهي، جنهن ۾ هزارين رنگن جا گل هوندا آهن، پر سيني جي خوشبوءِ ساڳي هوندي آهي.“

انور پيرزادي لاڳاپيل ادارن جي سربراهن بابت ڳالهائيندي چيو ته،

"گل محمد عمراڻي جڏهن سنڌ ثقافت کاتي جو ڊائريڪٽر جنرل هيو ته، اهو هڪ ڏينهن به ڀٽ شاهه تي نه ويو هيو. جڏهن ته هن وقت جيڪو ڊائريڪٽر جنرل آهي جتوئي، ان کي مون هڪ ڏينهن چيو ته، توهان هر هفتي جڏهن پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جي لاءِ ڀٽ شاهه جي پرسان گذرو ٿا ته، ڀٽ شاهه تي ضرور وڃو. اتي وڃي هڪ ڪپ چانهه جو پيئو. توهان جي اتي وڃڻ سان ڀٽ شاهه تي ڪم ڪندڙ ملازم سرگرم رهندا."

انور پيرزادي چيو ته، "ڀٽ شاهه تي مقرر پوليس کي حڪم ڏجي ته، اها ڀٽائيءَ جي مزار جو تقدس بحال ڪري، ياترين کي تحفظ فراهم ڪري، ڪراڙ ڏيندڙ کي انساني بيڪار مادن ۽ گند ڪچري کان بچائي، ڀٽ شاهه تي ڪا به دهشتگردي ڪانهي، ان ڪري پوليس جو اتي اِن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به ڪم ناهي، ان کي جيڪڏهن ڌاڙيلن ۽ دهشتگردن جي خلاف ويڙهائڻو آهي ته پوءِ ان کي لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ موڪليو وڃي."

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي محفوظ ڪرڻ بابت ٿيندڙ ڪوشش بابت انور پيرزادي ٻڌايو ته، "هڪ پيري شاهه لطيف چيئر ڪراچيءَ جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ اها راءِ آئي ته، "ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جون اهڙي طرح سي ڊيز تيار ڪيون وڃن، جو ڀٽائي جي بيتن ۾ سنڌ جي جنهن به شيءِ يا علائقي جو ذڪر ٿيل هجي، ان جا *Image* ۽ مختصر تعارف ڏيڻ گهرجي، مثال جي طور تي جيئن ڀٽائيءَ جي اها سٽ آهي ته: "جي تو پهڻ پٻ جا ته لگ منهنجا لوهه." ته اِن ۾ پٻ جبل جي تصوير ۽ تاريخ اچڻ گهرجي، اهڙي طرح ڀٽائي جي شاعري آڊيو ۽ ويوئل فارم ۾ آڻڻ گهرجي." جڏهن گڏجاڻي ختم ٿي ته، چيو ويو ته، اِها ته سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا ٿي ويندي، ڇاڪاڻ ته ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا سيئي خطا، جبل، لاڙ ٿر ڪاڇو، ڪوهستان، ڪڇو، ڊيلٽا، ٻيڙيون، پکي، جيت، جٺيا، جانور، گاهه، گل، ڪاڏا، لباس، ريتون رسمون، مطلب ته سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪا ڪِرِل به ٿي ڇُري ته اها به ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ نظر ٿي اچي، پر اِهو ڪم اڃا رهيو پيو آهي، ڪو به ادارو اهڙي قسم جو ڪم ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي."

انور پيرزادي چيو ته، "ڀٽائيءَ کي ڊاڪيومينٽ ڪرڻ جي لاءِ

اسان کي هڪ ئي سنڌالاجي جوڙڻي پوندي، باقي ڪروڙين روپين جي بجيٽ کي بيڪار نموني سان ضايع ڪرڻ سان پٽائيءَ جو قد. نٽو وڏائي سگهجي، پٽائيءَ جو قد نه هڪ سينٽي ميٽر وڌائي ٿو سگهجي ۽ نه وري گهٽائي ٿو سگهجي، پٽائيءَ سان مهرباني ڪرڻ جي ڪا به ضرورت ناهي.“

انور پيرزادي پٽائيءَ جي شاعري بابت' هڪ واقعو ٻڌائيندي چيو ته: ”سنڌو ديلٽا جي ڪنڌيءَ تي رهندڙ هڪ جهور پوڙهي (جيڪو هاڻي شايد مري چڪو هوندو) کيس هڪ پيري ٻڌايو هيو ته، ”پٽائيءَ جو ”تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه“ وارو بيت ٻن نه، پر چئن سٽن جو آهي، ۽ پوءِ هُن پٽائيءَ جو پورو بيت هِن طرح ٻڌايو هو:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
لوچي ٻُڌُ لطيف چئي، ڪمر ڪيچين ڪاڻ،
جيسين آهي، سوجهرو، تيسين ڪرهل ڪاهه،
متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو.

هڪ سوال جي جواب ۾ انور پيرزادي چيو ته، ”هن دنيا ۾ بيزاري، ڪوفتون ۽ فرسٽريشن آهي، جنهن جي لاءِ پٽ شاهه هڪ وڏي سڪون واري ڪائنات آهي، هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌي ماڻهو پٽائيءَ کان سکن، ڇاڪاڻ ته پٽائي سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي.“

سوپ مئگزين جو سوال: شيخ اياز ڪانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪير آهي؟

اياز کانپوءِ به سنڌي ٻوليءَ جا وڏا شاعر موجود آهن

سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪير آهي؟ ان سوال جي جواب ۾ اسان مختلف ماڻهن جا مختلف رايا ٿي سگهن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته سڄي سنڌ جا سيئي اديب، دانشور يا مفڪر ان ڳالهه تي متفق آهن ته، سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪلاسيڪل شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي. ڀٽائيءَ ڪانپوءِ شيخ اياز کي ويهين صديءَ جو وڏو شاعر مڃيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته ويهين صديءَ ۾ ٻيا جيڪي به سنڌي ٻوليءَ جا شاعر پيدا ٿيا، انهن جو هڏ ڪاٺ ۽ انهن جي خيالن جي گهرائي، ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ايتري نه هئي، جيتري شيخ اياز ۾ هئي.

ان ڪانپوءِ سنڌي ادب جي دنيا ۾ جيڪو سوچيو وڃي ٿو، جيڪو بحث ڪيو وڃي ٿو ته، اياز ڪانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ان جو جواب اصولي طور تي ڏيڻ ته ڏاڍو ڏکيو آهي پر مان سمجهان ٿو ته اسان کي اهو سمجهڻ کپي ته جڏهن ڀٽائي صاحب کي سنڌي ٻوليءَ جو عظيم ترين شاعر مڃون ٿا ته، انهيءَ جي دور ۾ ٻه هڪڙا عظيم شاعر پيدا ٿيا هئا. شاهه عنايت تمام وڏو شاعر هيو ۽ گرهوڙي صاحب ته،

ڦوڙائي فراق جو قدر ڪونجڙين،
ٻيو تن مائرن، پٽ جنين پرڏيهه ويا.

تہ اهڙي قسم جو بيت چوڻ وارا شاعر ڀٽائيءَ جي دور ۾ پيدا ٿيا، پر ڀٽائي صاحب مجموعي طور تي پنهنجي دور تي حاوي ٿي ويو. اهڙي طرح اياز جي دور ۾ شمشيرالحيدري، تنوير عباسي ۽ امداد حسيني، اهي ٽي عظيم شاعر (Great Poets) هئا. انهن جا ڪي ڪي انفرادي طور تي نظم ۽ تخليقون ايڏيون نشانبر ۽ ايڏيون اهم آهن، جن جي Competition اسان کي شايد شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ نہ ملي سگهي، پر شيخ اياز پنهنجي دور تي ڇانئجي ويو.

ڪنهن دور جو Greatest Poet پيدا ٿيڻ جي لاءِ رڳو ان جي شاعري ناهي هوندي، جنهن ۾ هُن جي ٻولي، انٿروپالاجي، ڪلچر ۽ ٻيون سڀ شيون موجود هونديون آهن، پر ان سان گڏ ان دور جون سياسي حالتون، انهيءَ دور جا سماجي قدر ۽ انهيءَ دور جون تحريڪون ۽ مهمون، انهن سڀني جي جڏهن هُن کي سپورٽ ٿئي ٿي ۽ جڏهن قوم کي اهڙي وڏي شاعر جي ضرورت ٿئي ٿي، تڏهن وڏو شاعر پيدا ٿيندو آهي.

اياز ڪانپوءِ جو دور عام طور تي ماٺار وارو دور آهي. چاڪاڻ تہ، *Great poet are not born every where and then* اياز ڪانپوءِ ماٺار جو دور آهي. پر اياز جي دور ۾ تنوير، شمشير، امداد ۽ انهن سان گڏ استاد بخاري تمام اهم شاعر آهن. نياز همايونيءَ جي شاعري بہ گهڻ اهم ڪانهي. هن کي البت ترقي پسند ۽ رجعت پسند واري فڪري ٽڪراءَ جي ڪنهن دور ۾ شهرت گهڻي ملي تہ ڪنهن دور ۾ گهٽ ملي، پر پنهنجي جاءِ تي هو وڏو شاعر آهي. اياز ڪانپوءِ استاد بخاري، شمشير الحيدري، تنوير عباسي، امداد حسيني، نياز همايوني، تاجل بيوس ۽ تاج بلوچ اسان جي دور جا وڏا شاعر آهن. انهن مان ڪو نہ ڪو هڪڙو شاعر ٿي سگهي ٿو تہ اڳتي هلي پنهنجو اهڙو اثر ڇڏي، جنهن جي ڪري هن کي اياز ڪانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر تسليم ڪيو وڃي، انهيءَ جي لاءِ انهن کي پنهنجي ليکي هڪ جدوجهد جي بہ ضرورت آهي.

وڏي شاعر ٿيڻ جي لاءِ شاعرانہ عظمت جو جيستائين تعلق آهي تہ اُها نئين ٿهيءَ جي شاعرن ۾ پنهنجي جاءِ تي ڪٿي ڪٿي

ايڏي اتم ملي ٿي، جنهن جي ڪا پيٽ نظر نہ ٿي اچي. اسان وٽ ڊاڪيومينٽيشن گهٽ آهي. پبليڪيشن گهٽ آهن، پر جديد دور جا سنڌي شاعر ۽ انهن جي خيال جي اُڏام ڪڏهن محسوس ٿيندي آهي تہ انهن جو سڌو رشتو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ سان آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جي ٻوليءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آهي، تہ شاعراڻي عظمت جي ڪوٽ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ بہ ناهي. باقي ڪنهن دور جو ڪو وڏو شاعر ٿيڻ، اُهو گهڻو ڪري سياسي ۽ سماجي حالتن جو نتيجو هوندو آهي.

مارچ 2006ع جي شماري ۾ ڇپيل

روزاني "ڪاوش" پاران ڪارو ڪاريءَ بابت پڇيل سوالن جا جواب

ڪاروڪاري: عورت تي مرد جي بالادستي، داداگيري ۽ سماجي دهشتگردي جو اظهار آهي

سوال: ڪارو ڪاري واري روايت اوهان جي نظر ۾ ڇا آهي؟

جواب: ڪارو ڪاري، واري روايت انساني سماج ۾ عورت تي مرد جي بالادستي، داداگيري ۽ سماجي دهشتگردي جو اظهار آهي. اهڙو روايت وجهندڙ مرد درحقيقت عورت جي حصي واري ملڪيت کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ گهري ٿو ۽ عورت جي جسماني ڪمزوري جو فائدو وٺي هن تي ظلم ڪري پنهنجي انا ۽ اهنڪار کي مطمئن ڪرڻ گهري ٿو. هي روايت مدي خارج ۽ پنڌي پيل جاگيردار سماج جي ڪباڙ خاني ۾ جمع ٿي چُڪي آهي پر سنڌي سماج ۾ اڳي ڪان اڳيري آهي ڇاڪاڻ ته اڳي اها روايت رڳو سنڌي بلوچن ۾ هوندي هئي جڏهن ته هاڻي سمات پڻ ان وحشپڻي ۾ ونجي ويا آهن.

سوال: هي روايت رڳو سنڌ ۾ آهي يا ٻين ملڪن ۾ پڻ آهي؟

جواب: هي روايت دنيا جي مڙني مدي خارج جاگيرداري سماجن ۾ موجود رهي آهي. قديم انساني سماج ۾ عورت کي مرد مٿان بالادستي حاصل هئي جيڪا اڳتي هلي ان وقت ختم ٿي جڏهن عورت زراعت کي ايجاد ڪيو ۽ وڏايو ۽ مرد شڪاري واري شڪل مٿائي زمين ۽ زال تي حاوي ٿي ويو. ٽين دنيا ۾ ته هي روايت اجا تائين غير تحرير ٿيل آئين *Unwritten Constitution* جيان آهي. جڏهن ته يورپ، آمريڪا، جپان ۽ روس وارن قديم سماجن ۾ ان روايت جون شاهديون ملن ٿيون. موهن جي دڙي واري سڌريل

سماج ۾ عورت جي "ڪاري" ٿيڻ جو ڪو ثبوت ته اڃا نه مليو آهي، البت لوڪ ڪٿا مطابق موهن بادشاهه جي راڻي درياءَ تي آيل هڪ سوداگر سان لِڪي ڇُپي هڪ سُرنگهه ذريعي ملندي هئي جنهن جي خبر پوڻ سان بادشاهه تيش ۾ اچي ويو هو ۽ ان جي نتيجي ۾ موهن جو دڙو تباهه ٿي ويو هو. سو هن لوڪ ڪٿا مان اهو ضرور ظاهر ٿئي ٿو ته ان وقت به عورت مرد کان ڊڄندي هئي ۽ مردُ عورت جي معاملي ۾ پنهنجي "غيرت" جو مظاهرو ڪندو هو. بهرحال موهن جي دڙي واري سماج بابت هڪ لوڪ – ڪٿائي مفروضو آهي، جيڪو ضروري ناهي ته حقيقت هجي.

سوال: ان روايت جا بنيادي سبب ڪهڙا آهن؟

جواب: هن سوال جو جواب پهرين ۽ ٻئي سوال جي جواب ۾ موجود آهي.

سوال: اهڙي هڪ ٻن واقعن جي نشاندهي ڪريو؟

جواب: اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل اهڙن ڪيترن ئي واقعن جو علم پين وانگي مونکي به آهي جنهن مطابق هڪ مرد رات جو خواب ۾ ڏسي ٿو ته هن جي زال ڪنهن ٻئي مرد ساڻ وڃي ملي آهي. نتيجي ۾ ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ ڪانپوءِ هو پنهنجي زال کي "ڪاري" ڪري ڪُهي ڇڏي ٿو. ٻيا اهڙا ڪيترا واقعا ڌيان تي آيا آهن جن مطابق قبائلي دشمني وچان هڪ ماڻهو پنهنجي گهر مان ڪنهن ڪراڙي عورت کي قتل ڪري، ان کي ڪاري قرار ڏئي پنهنجي دشمن کي "ڪارو"، سڏي ان کي به قتل ڪري ٿو ۽ ان جي بدلي ۾ هن جو دشمن قبيلو پنهنجي ڪٽنب مان ڪنهن جهُورُ پوڙهي عورت کي اجايو سجايو قتل ڪري ٿو ۽ ان جي بنياد تي دشمن کان خون يا ڏنڊ جو بدلو وٺي ٿو. هڪ ٻئي واقعي ۾ ٻڌايو ويو ته هڪ نام نهاد "غيرتي" مرد پنهنجي گهر جي سيني عورتن کي ڏاند گاڏي ۾ ويهاري جهنگل ۾ آڻي سيني عورتن آڏو هڪ نوجوان عورت کي ڪهاڙين سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿو ۽ ٻين عورتن کي چئي ٿو ته اوهان سبق سکي ڇڏيو. ان واقعي کان چند ڏينهن پوءِ اهڙو "سبق"، حاصل ڪندڙ عورتن مان هڪ عورت کي پنهنجي محبوب سان گڏ قتل ڪيو وڃي ٿو.

هن واقعي ۾ انساني فطرت جو فطرتي عمل ظاهر ٿئي ٿو.

سوال: ان روايت جي خاتمي لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺي سگهجن ٿا؟

جواب: منهنجي خيال ۾ ان حوالي سان سَر چارلس نيپيئر سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ جيڪو اپاءُ ورتو هو ان کان وڌيڪ پيو موثر حل ڪونهي. چون ٿا ته سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ علائقي ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ نيپيئر جيڪي پهريان حڪم جاري ڪيا هئا انهن ۾ هڪ حڪم اهو به هيو ته اڄ کانپوءِ جيڪو ماڻهو ڪنهن ڪوڙي سچي الزام ۾ ڪنهن عورت کي "ڪاريءَ" جي نالي ۾ قتل ڪندو، مان ان ڳوٺ جي سيني مردن کي فائرنگ اسڪواڊ آڏو بيهاري مارائي ڇڏيندس. ۽ ٿيو به ايئن. جيڪب آباد واري علائقي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ اهڙو ڪو واقعو ٿيو ۽ سنڌ جي انگريز حڪمران ان ڳوٺ جي اٺن ڏهن ماڻهن کي جهلي بيهاري گوليون هڻي مارائي ڇڏيو. جنهن کانپوءِ جيستائين سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت هئي تيستائين ورلي ڪو اهڙو واقعو ٿيو هو، پر جي ٿيندو هو ته سيئي مرد ان کي انهتائي مخفي رکڻ لاءِ جتن ڪندا هئا.

انهيءَ سخت اپاءَ کان علاوه ڪجهه هيئن به ڪري سگهجي ٿو.

1- پاڪستان پينل ڪوڊ ۾ ترميم ڪري اهڙو قانون ٺاهيو وڃي جيئن "ڪاري" ڪندڙ مرد کي بنا ڪيس هلائڻ جي موت جي سزا ڏني وڃي جيڪا ڪنهن به صورت ۾ عمر قيدَ ۾ تبديل ٿي نه سگهي.

2- سنڌ مان جاگيرداري نظام ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري، جاگيرون ورهائي زميني‌داري ختم ڪري سماج کي ترقي وٺائڻ لاءِ عورتن جي زوري تعليم پيهر شروع ڪئي وڃي ۽ ٻهراڙين کي شهري علائقن طور ترقي وٺائي وڃي.

3- مسلمان ڪتنب واري قانون ۾ ترميم ڪري عورت کي مرد جي ملڪيت ۾ هڪجيتروحصو ڏنو وڃي.

4- حڪومت کي اهڙن واقعن تي تيز نظر رکڻ گهرجي ۽ اهڙي ڪنهن اطلاع ملڻ شرط واقعي کان اڳ ڪارروائي ڪري اهڙي نيت رکندڙ مرد کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ عورت کي سرڪاري حفاظت ۾ رکيو وڃي.

5- سنڌي سماج ۾ هڪ ڪان وڌيڪ شادي ڪرڻ تي بندش وڌي وڃي.
6- عورت کي طلاق ڏيڻ وارو حق وڌيڪ آسان ڪري ڏنو وڃي.
7- جنهن علائقي ۾ عورت کي ڪاري ڪري قتل ڪيو وڃي انهيءَ پوليس اسٽيشن جي جملي آفيسرن ۽ سپاهين کان يونيفارم واپس وٺي نوڪري مان خارج ڪيو وڃي.
8- ڪنهن عورت کي "ڪاري" ڪندڙ مرد سان جيڪي گهرياتي يا پيا ماٺهو (عورتن سميت) سهمت هجن، انهن کي بہ گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي.

ڀٽائيءَ جي فڪر کان آگاهي منهنجي زندگيءَ جو يادگار واقعو آهي

انٽرويو: بلوچ صحبت علي

سوال: اوهان جي لکڻ جي شروعات ڪڏهن ٿي ۽ سڀ کان اول اوهان ڪهڙي صنف ۾ لکيو؟

جواب: ڪراچي جيل ۾ شاعري.

سوال: اوهان جي لکڻ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا؟

جواب: (1) منهنجي Genes ۾ شاعري هئي. ڇاڪاڻ تہ منهنجا ابا ڏاڏا عربي/فارسي جا پڙهيا لکيا ماڻهو/عالم هئا.

(2) ڳوٺ جو ماحول صوفياڻو هو، اسان جي ڳوٺ ۾ مسجدون گهٽ ۽ صوفي اوتارا وڌيڪ هوندا هئا. ان ڪري ڀٽائي جو رسالو ۽ سنگيت Way of life بڻجي ويو هو.

(3) جديد دور جو سماجي شعور، کاٻي ڌر جي سياست جو اثر، سنڌي قومپرستيءَ جو رنگ ۽ سماجي نا انصافين جا ذاتي مشاهدا.

سوال: شاعري لاءِ عشق ڪيترو ضروري آهي؟ ڇا ڪنهن عشق يا پيار جي بغير شاعري ممڪن آهي، جي ممڪن آهي تہ ڇا اها شاعري ماڻهن جون دليون کٽي سگهي ٿي؟

جواب: *Poetry is Spontaneous overflow of emotions*

ٻين لفظن ۾ چئجي: درد جي سيسراٽي ۽ ان جو لفظن ۾ اظهار.

Poetry is also composition of words, as music is composition of voices.

شاعريءَ لاءِ عشق مجازي، انساني *Sex-related*، مخالف جنس يا هم جنس سان، ذاتي ۽ شخصي ضروري آهي، اهڙي عشق جو درد، ميلاپ جو مزو ۽ وڇوڙي جو عذاب هر بالغ مرد توڙي عورت جي زندگي ۾ بلوغت وقت بنا ناغي *Discrimination* جي اچي ٿو.

اهو جذبو انسان کي سوچڻ، جدوجهد ڪرڻ، قرباني ڏيڻ ۽ سر ڏيڻ تي مجبور ڪري ٿو.

ان ڪري اهڙي محرڪات شاعري لاءِ ضروري آهن.

هونئن عشق پين شين سان بہ ڪري سگهجي ٿو پر *Obession* گهڻو ڪري *Sex-related* عشق ۾ ٿئي ٿي.

سوال: توهان جي پسنديده صنف ڪهڙي آهي ۽ ان صنف تي لکڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

جواب: پسنديده صنف شاعري.

Investigative cultural or literary writing or in prose.

سوال: اسان وٽ اڄ جو نوجوان شاعر سينئر شاعر جيان غزل وڌيڪ لکي رهيو آهي ۽ ڪافي ۽ وائي جي صنف ڏينهون ڏينهن ناپيد ٿيندي ٿي وڃي، ڇا غزل جي اچڻ ڪري اسان جي صنف وائي ۽ ڪافي کي نقصان نہ رسيو آهي؟

جواب: سنڌ ۾ غزل بعد ۾ آيو، وائي ۽ ڪافي جي روايت پراڻي آهي، قديم ايراني سلطنت جو جڏهن سنڌ حصو بڻي ۽ سنڌو درياءَ جو ساڄو ڪنارو ان ۾ شامل ٿيو تڏهن کان فارسي جو اثر ايران جو اثر ۽ غزل جو اثر پيدا ٿيو.

وائي ۽ ڪافي ڪلاسيڪل صنفون انهيءَ دور جون آهن جڏهن چند وديا ۽ سنسڪرت جو هتي اثر هو. هي زمانو مُهين جي دڙي جي زوال کان جلد پوءِ جو آهي.

غزل سنڌ ۾ پيهر ٽالپر دور ۾ رائج ٿيو جنهن تي ايران ۽ بلوچ اثر ڇانيل هو، پر ڀٽائي ان کان اڳ ڪلهوڙا دور ۾ فارسي خلاف بيت لکيو: "جي تون فارسي پڙهئين، گولو ٿيءُ غلام". ڀٽائي نيٺ سنڌي شاعري جو قائل هو.

باقي ايم ايچ پنهور چوائي: 4,000 قبل مسيح کان وچ ايشيا، وچ اوڀر عراق، شام ۽ ايران مان آمد سنڌ ۾ جاري هئي جنهن هتي دراوڙن جو اثر گهٽائي ڇڏيو.

هن وقت نه غزل ميدان ۾ آهي ۽ نه وائي. هي وقت انگريزي اثر واري صنف Blank Verse جو آهي، پر پوءِ به وائي، ڪافي ۽ بيت امر رهندا. پنائي جي ڪري......

سوال: اسان وٽ چيو ويندو آهي ته هي غزل جدت جو شڪار آهي ۽ جدت کي تخليقڪار غلط/ڪار ڇو ٿو سمجهي ۽ اهو به ٻڌايو ته اڄ جي دور ۾ غزل جو گهاڙيٽو ڪٿي بيٺو آهي ۽ ان ۾ نوان ڪهڙي ريت اچي سگهي ٿي؟

جواب: سنڌي غزل تي ڪلاسيڪل سنڌي وائي ۽ بيت جو به اثر آهي. جديد آزاد نظم جو به اثر آهي. سنڌ جي سياسي اشوز جو به اثر آهي ان ڪري ان ۾ رڳو عشق ئي نه پر سوشلزم، ڪميونزم ۽ نيشنلزم به داخل ٿي ويا آهن.

عروضي بحر کي پڻ سنڌي غزل ڪافي آزاد ڪري ورتو آهي. منهنجي خيال ۾ غزل جي اهڙي ساخت تي ايراني ۽ فارسي غزل گو شاعرن کي ريس اچڻ گهرجي.

سوال: مون اوهان کي گهڻو ته نه پڙهيو آهي پر ايترو ضرور ڄاڻان ٿو ته اوهان جي شاعري سنڌي ادب ۾ سٺي جاءِ والاري ٿي ۽ اوهان شاعري جي حوالي سان وڏا نالا پڻ آهيو. اوهان فقط ايترو ٻڌايو ته اوهان شاعري کي ڪهڙن لفظن ۾ اظهارڻ چاهيندو؟

جواب: *Poetry is the most beautiful documentation of a nation's history fully equipped with greatest part of expression, musical magic and creative divine-like imagination, of the poet.*

سوال: تنقيد آخر آهي ڇا؟ اسان وٽ جيڪو تيڪو بغير ڄاڻ ۽ علم جي ڪنهن جي تخليق تي ابتو سبتو ڳالهائي پاڻ کي تنقيد نگارن جي لسٽ ۾ شامل ڪري ڇڏيو.

جواب: *Criticism is critical appreciation contaning two important aspects.*
1–Critical approach.
2–Appreciation: an act to appreciate, explain, define, analyze.

سوال: اسان جا ڪجهه اديب شيخ اياز کي تنقيد جو نشانو بڻائي رهيا آهن، ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

جواب: شيخ اياز بسميت دنيا جو ڪو به شاعر تنقيد کان بالاتر هئڻ نه گهرجي، ڪو به حرف، حرف آخر ناهي!!- هي دنيا ان ڏينهن ختم ٿي ويندي، پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي ويندي، قيامت برپا ٿي ويندي، جنهن ڏينهن حرف آخر پيدا ٿيندو!! پوءِ

1. نه سج ايرندو نه لهندو.
2. نه ڏينهن ٿيندو نه رات هوندي.
3. نه فطرت هوندي ۽ نه انسان.
4. کيل ختم، پئسا هضم.

سوال: شيخ اياز جي پوئين دورَ ۾ رخ ۾ مٽجي وڃڻ، وچي مذهبي ماڻهن سان ميلا ڪرڻ جا ڪهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا؟

جواب: جنگ ڪرڻ جا نتيجا ڪجهه هيٺين ريت ٿي سگهن ٿا.

1- فتح، حاصل ڪرڻ: شهادت ذريعي يا زنده رهي ڪري.
2- شڪست حاصل ڪرڻ: شهادت ذريعي......
3- ميدان ڇڏي وڃڻ.

ڀٽائي سچ چيو آهي؟
ڪِلي وِيرِ ڪٽڪ ۾، سائو سڀ نه هونِ
(جنگ وِيل، لشڪر ۾، سڀ بهادر سپاهي نه هوندا آهن)

سوال: اسان وٽ اڄ سنڌي ادب ۾ تمام گهڻا ۽ سٺا ڪتاب ڇپجي رهيا آهن. اهي ڪتاب شاعري، تاريخ ۽ تنقيد تي مشتمل آهن. توهان اڄ جي ڪتابن کي معيار جون گهرجون ذهن ۾ رکي اهو ٻڌايو ته اهي ڪيترا معياري آهن؟

جواب: مان ڪا حتمي راءِ ڏئي ته نه سگهان، چاڪاڻ ته:
1- مون سڀ ڪتاب نه پڙهيا آهن.
البت مان اهو چئي سگهان ٿو ته:
سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن جو معيار پنجابي، پشتو، بلوچي، سرائيڪي ۽ اردو جي ڪتابن جي ڀيٽ ۾ اڳيرو آهي. انگريزي ۾ ڪتاب اسان جي سنڌي ڪتابن کان اڳيرا آهن.
سوال: اوهان جي گوشه نشين رهڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن. اوهان ڪي ادبي پروگرامن ۾ گهٽ ٿو ڏسجي؟
جواب:

ڪــڏهــن پــنــجــي ڪــن تــي
ڪـــڏهـــن تـــنـــجـــي واٽ
ڪــڏهــن تــنــجــي ڪــاٽ
ڪــڏهــن تــنــجــي ٻــڪــرو.

سوال: پنهنجي عشق ۽ پريم جي ڪهاڻي ٻڌايو (سچائي ۽ ايمانداري سان)
جواب: *Right of privacy for every human being is his/her fundamental right. A wife can tell her husband to go off because she has to talk to someone in privacy. It is her fundamental human right. Any man, Sindhi, Baloch, Muslim or Hindu, who does not allow his wife to exercise her right of privacy is not an enlightened man. So, my personal love story is my private life, which non should trespass.*
سوال: زندگي مان ڪيترو مطمئن آهيو؟
جواب: اوترو جيترو ڀٽائيءَ جي جيئري مرڻ واري سوچ يا فنا واري فلسفي ۽ طريقت تي عمل ڪري سگهيو آهيان!!
سوال: جدت پسند ۽ رجعت پسند به محاورا اسان وٽ عام آهن. ان جي باري ۾ ٿورو ٻڌايو؟
جواب: هر قسم جي نواڻ جدت پسنديءَ جي دائري ۾ اچي ٿي، پر هر نئين

شئي ضروري ناهي ته ترقي پسند به هجي، البت جديد ته ٿي سگهي ٿي.

انساني ارتقا جي طئي ٿيل اصولن جي روشنيءَ ۾ هر شئي اڳتي وڌي ٿي، هر مادو ترقي جي رفتار تي چال سارو وک کڻي ٿو ۽ ترقي مادي جدليات جو مظهر آهي. جنهن جو رخ آئيندي ڏانهن آهي پوئتي قدم کڻڻ، پوئتي هٽڻ ماضيءَ ڏانهن سفر جو اهڃاڻ آهي. مثال سائنس غلط آهي چاڪاڻ ته خدا جا ڳجهه کولي ٿي. انسان چنڊ تي ناهي پهتو. دنيا جيئن هلي تيئن هلڻ گهرجي، ان ۾ ايندڙ هر نئين تبديلي جي مخالفت ڪرڻ گهرجي وغيره وغيره.

سوال: زندگيءَ جو ڪو يادگار واقعو؟

جواب: يتائيءَ جي فڪر سان آگاهي!!

تقريرون



شاعر هڪ اهڙي دنيا ٺاهيندا آهن، جيڪا رهڻ جي لائق هجي

2003ع ۾ بلهڙيجي ۾ فيض پيرزادي جي گهر ۾ رٿيل مشاعري ۾ بلهڙيجيءَ جي سينئر ۽ جونيئر شاعرن حصو ورتو، جن ۾ شاهه محمد، فيض، غوث، زيد، مسرور، امر ۽ قاسم پيرزادو شامل هئا. هن مشاعري جي ڪارروائي مسرور پيرزادي هلائي هئي، جڏهن ته صدارت انور پيرزادي جي هئي. مسرور صدارت لاءِ انور پيرزادي کي دعوت ڏيندي چيو ته، اسان هن وقت جيڪو ڳالهائي سگهون ٿا يا لکي سگهون ٿا اهو انور جي پيار ۽ محنت جو پورهيو آهي. هي جيڪو اسان نوجوانن جو نسل هڪ فصل وانگر بيٺل آهي ان جي هارپ هن ذهين ماڻهوءَ ڪئي هئي، هاڻي اسان هن ماڻهوءَ کان پڇڻ ٿا چاهيون ته اوهان کي هي نسل ڪيئن ٿو لڳي جنهن جو اوهان هارپو ڪيو هو، ڇا اوهان مطمئن آهيو؟ اسان اوهان کان گهڻو ڪجهه پڇڻ ٿا چاهيون.

پليٽو (Plato) پنهنجي *Republic* مان شاعرن کي نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي. *Republic* جي معني آهي *Modern world* ـــ ان مان هُن شاعرن کي نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي، اِن جي ڪري ته هو انارڪسٽ (Anarchist) آهن ۽ ڪنهن *Organized state* ۾ انارڪزم ان جي *Anti thesis* ٿيندي آهي. اوهان جنهن وقت شعر ويٺي پڙهيا ته مونکي پليٽو جي *Republic* ذهن ۾ پئي آئي. مون سوچيو ته، دنيا هڪ اهڙي *Republic* ۾ تبديل ٿيڻ کپي، جنهن ۾ ماڻهن کي اهڙو ماحول ڏنو وڃي جو هو شاعري ڪن. شاعر جنهن وقت شاعري ڪري ٿو، ته واقعي هو

هڪ نئين دنيا ٺاهي ٿو . دنيا جون Perceptions مختلف آهن ـ هيءَ ئي دنيا جنهن ۾ اسان رهون ٿا، ان جا ڪيترائي اولڙا آهن ـ شاعر هڪ اهڙي دنيا ٺاهن ٿا جيڪا رهڻ جي لائق آهي. موجوده دنيا ، جنهن ۾ اسان رهون ٿا اها ڪيترن معاملن ۾ رهڻ جي قابل ناهي.شاعر هڪ اهڙي دنيا ٺاهن ٿا، جيڪا رهڻ جي لائق آهي، شاعرن کي اهڙو ماحول ڏيڻ کپي. هڪ اهڙو معاشرو هن ڌرتيءَ تي هجڻ گهرجي، جنهن ۾ ڪمائيءَ جا ڪلاڪ گهٽ هجن، ناٿي جي بالادستي گهٽي نہ هجي ۽ "ٿوري ڪوت قراريا" واري Style of living ماڻهن کي سمجهہ ۾ اچڻ گهرجي. ماڻهن جون طبعي ضرورتون مختصر پوريون ٿيڻ کپن، باقي سمورو وقت ڪنهن Intellectual development کي ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهوءَ جي طبعي مشين تہ انتهائي مختصر آهي. ماڻهوءَ وٽ ڇو ويهہ ڪلاڪ ٿين ٿا، ان ۾ هو هڻ وٺ ڪري ٿو، محنت ڪري ٿو، ڪجهہ ڪمائي ٿو ، ڪجهہ کائي ٿو ۽ ڏينهن جڏهن پورو ٿئي ٿو تہ اها سڄي ڏينهن جي ڪمائي ڪاموڊ ۾ اچلي، وري ٻئي ڏينهن لاءِ ڪمائي ٿو ـ اهو ان جو Physical being آهي، جيڪو انتهائي Meaningless آهي، جنهن ۾ ڪو Charm ڪونهي، اهو تہ هڪڙو Sustainability of math's آهي.

دنيا ۾ جيڪا بہ مادي شيءِ آهي، ان جي اها Intrinsic quality آهي، تہ اها پاڻ کي محفوظ ڪندي آهي ۽ اها Living organism جي طور پنهنجو وجود رکندي آهي . معاشرو اهڙو هجڻ گهرجي ، جنهن ۾ اها هڻ وٺ گهٽ هجي ، ماڻهو جدوجهد گهٽ ڪري ، هن کي پنهنجي ۽ ٻچن ٻارن جي جيئڻ لاءِ ايترو گهڻو وقت ڏيڻو نہ پوي ۽ هن کي ايترو سڪون ملي جو جيئن هو پنهنجي پسند جي جاءِ تي ـ مثال، ڇپر تي، صوفي تي، ڪنهن درياهہ جي ڪناري تي، يا مهين جي دڙي جي اسٽوپا تي ، جاتي هن کي مزو اچي ۽ State هن لاءِ ايترو بہ بندوبست ڪري جو هو پنهنجا موڊ Moods ٺاهي ـ هن کي موڊ ٺاهڻ لاءِ ۽ هن کي سرمستيءَ ۾ اچڻ لاءِ ماحول ملڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اها هڪ High stage of consciousness آهي . عام زندگيءَ ۾ ماڻهوءَ کي ايتري گهٽي ڏاهي ٿيڻ

جي ضرورت ناهي، ايتري گهڻي سوچڻ جي ضرورت ناهي، جيئن2+2=4 ، زندگيءَ جو ڪاروبار ايئن هلي ٿو. ان ڪان اڳتي زندگيءَ کي جيئن Perceive ڪيو وڃي ٿو، ان ۾ Imagination جي ضرورت آهي، Vision جي ضرورت آهي . Visionary ۽ Imaginative ماڻهن جي ضرورت آهي. Evolution ۽ Creative thought development وارو جيڪو مرحلو آهي ، اهو انسان جي هن روزاني زندگيءَ جي مقابلي ۾ بيحد اهم آهي ۽ اها هڪ انتهائيMeaningless life آهي ، جيڪا اسان گذاريون ٿا پر ٿي سگهي ٿو ته اها ، Mechanical ،Biological ،Materialistic حيثيت ۾ ضروري هجي ته ان کي مختصر وقت ڏجي، گهڻو وقت تخليقي ساڃاهه کي ڏجي. شاعر دنيا جي هڪ هڪ جلوي کي Magnify ڪري ٿو وجي.

هتي مون جيڪا شاعري پڙهي ، مون کي لڳي ٿو ته، هاڻي اسان کي نئين ٿهيءَ جي انتهائي جونيئر ۽ سيڪڙات شاعرن کي Seriously senior poets سمجهڻو پوندو. امر جي شاعريءَ ۾ جيڪا درد جي اُسات آهي، جيڪا تصوراتي اڏار آهي، اها ته پتائيءَ صاحب واري اها ڳالهه آهي ته "پتيندي سا ئي ، جنهن سور پڙايو سندرو" اها Spontaneous آهي ۽ اها هڪ باهه آهي، جنهن جي تپش ۽ ان جا Magnetic Effects فضا ۾ قائم آهن . مسرور جو خاص ڪري اهو غزل ، جنهن ۾ پڻو قافيو آهي "واهه واهه" وارو ، پڙهي مونکي ايئن لڳو ته هاڻي هي ماڻهو ٻوليءَ سان راند ٿو ڪيڏي. خيال جي شاعري هڪ الڳ Aspect آهي پر جڏهن ماڻهوءَ کي ٻوليءَ تي گرفت ٿئي ٿي ته پوءِ هو ان سان ڪيڏڻ ٿو لڳي ۽ ان جي جذبن جي پالوٽ جيڪا پاڻ سان کڻي ٿا اچن ان جو ايڏو هڪ Spontaneous Flow آهي جو هن کي لفظن جي سهاري وٺڻ جي ضرورت پيش نه ٿي اچي. He plays with the words ـ اها ٻوليءَ تي پڪڙ Scholarly effort آهي ياScholarly characteristic آهي، چاڪاڻ ته Vehicle ٻولي آهي. انتهائي خوبصورت جذبا اندر مان ڦاٽ ڪائي نڪرن ٿا، انهن کي اوهان معصوماڻي انداز ۾ رکي ڇڏيندؤ ته انهن مان عظيم شاعريءَ جون سٿون ٻڌجي سگهن ٿيون، چاڪاڻ ته اها هڪ جذبن جي ڪنوارپ آهي، جذبن

جو تقدس آهي ، اهو *Reflect* ٿيندو آهي ۽ ان ۾ هر ٻوليءَ جي جيڪا *Vehicle* آهي، ان کي وري پنهنجو حسن آهي. جيڪي ماڻهو راڳ پڙهندا آهن ، انهن ۾ هڪڙا راڳ جي *Notation* مان مزو وٺندا آهن پيا *Art* کي *Enjoy* ڪندا آهن پر ٻيا هڪڙا ماڻهو، ان ۾ جيڪي ٻول هوندا آهن، ان کي *Enjoy* ڪندا آهن ـ

ته پلهڙيجيءَ جي پيرزادن جي نئين ٽهيءَ ۾ جيڪا شاعري ٿي رهي آهي، اها منهنجي خيال ۾ خاصو *Mature* ٿي رهي آهي ۽ ان کي وڏيڪ *Encouragement* ملڻ جي ضرورت آهي. جنهن ماحول جي مون ڳالهه ڪئي، اها هڪ *Idealistic* ڳالهه آهي ، ته هيءَ سڄي دنيا هڪ خوبصورت آکيرو هجي، جنهن ۾ شاعرن جي ترقيءَ لاءِ هڪ *Conducive Environment* ناهي ، ان دنيا کي ڏنو وڃي ـ هاڻي ان سڄي دنيا کي اسان جيڪڏهن ورائي تعمير نه ٿا ڪري سگهون ته اسان کي اهو سوچڻ گهرجي ته ، اسان هن ننڍڙي ڳوٺ جي دنيا کي ته اونئن ناهي سگهون ٿا؟ ان تي توهان سوچيو ، ته هتي اوهان سوچيندڙ ماڻهن کي اهڙو خوبصورت ماحول ڏئي سگهو ٿا، جنهن کي هو پنهنجي تصور سان *Flourish* ڪن ، هيءَ دنيا اوهان کي وڌيڪ خوبصورت ڪري ڏين، ان ۾ وڌيڪ خوشبوءِ ڀري ڏين، جيئن اها رهڻ جي لائق هجي ۽ ان ۾ انهن جو اهو فڪر جنهن کي عشق چئجي ٿو، ان ۾ هو وڌيڪ *Involve* ٿين. شاعرن کي عشق جو ماحول ناهي ڏنو وڃي ته جيئن هو عشق ڪن ، ڇاڪاڻ ته عشق ڪرڻ سان ماڻهو جيڪو سوچي ٿو ان ۾ *Selflessness* آهي، ان ۾ پنهن لاءِ جيئڻ جو هڪڙو حوصلو آهي. پنهنجي وجود کي ماڻهو ان وقت اورانگهي ٿو جنهن وقت هو عشق ٿو ڪري . عشق بيحد مقدس جذبو آهي، ان جي ترويج ٿيڻ گهرجي ـ ان ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ اوهان سوچيو . جيئن ته اوهان هن ڳوٺ ۾ رهو ٿا ۽ ان ماحول لاءِ *Practically* سوچيو ته هزار نڪري ايندا، جو هڪڙو علمي ماحول نهي ۽ هن فطري جبلت *Agenda* واريءَ جيڪا *Tendency* آهي ، ان کي ترويج جا موقعا ملن ـ ان لاءِ *Practically* ڪيترين ئي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون . مثال دوستن جي

شاعريءَ جا مجموعا ڇپرائجن ، چندي چاڙيءَ سان يا جيڪو علمي ماحول آهي سنڌ ۾ ـ انهن جون وري مهورتون ڪجن، انهن جي شاعري ڳارائجي ۽ انهن کي *Powerful Media* تائين پهچائجي ـ مثال KTN تي اها ڪمپوزيشن ڳارائجي ته جيئن هنَ خوشبوءَ سان سڄي سنڌ معطر ٿي سگهي ۽ پوءِ اها ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿئي ته جيئن سڄي دنيا ان سان *Blessed* ٿئي ـ بهرحال مونکي ته تمام خوشي ٿي آهي ۽ مان ان *Background* کان واقف آهيان ته هتان جا ماڻهو ايئن ڇو ٿا سوچين — ۽ وڏي ڳالهه اها آهي ته انهن جو اهو جيڪو جذبو آهي، ان ۾ تمام وڏي هڪڙي *Revolt* آهي . هي ماحول جنهن ۾ اسان رهون ٿا ، اهو ان جي اهل ناهي ته ان ۾ اهڙيون تصوراتي شيون لکيون وڃن پر جيڪي ماڻهو لکن ٿا اهي انهن حالتن کي *Steer out* ڪري انهن جو مقابلو ڪري، انهن سيني کي پري ڪري ، ڪائناتي ڪم ڪن ٿا ، جيڪو امر *Meaningless* آهي ، جنهن کي *Immortality* آهي ـ سو اهو ماحول وڏائڻ لاءِ اوهان هن ڳوٺ ۾ سوچيو . اها ڳالهه ناهي ته جيئن فيض چيو ته، رڳو امر ۽ مسرور جي شاعري سٺي آهي پر اصل ۾ "گل" جيڪي ٿيندا آهن ، انهن ۾ هر گل جي،پنهنجي خوشبوءِ هوندي آهي ، پنهنجي رنگت جو سرور ٿيندو آهي. مونکي ته حيرت ٿي ته قاسم پيرزادي جا مون پهريون پيرو هتي باضابطہ نظم ٻڌا آهن ـ مونکي اها ته خبر هئي ته *"He is so much music lover"* ۽ پٽائيءَ هن کي تمام گهڻو ياد آهي ، ان موقعي تي بشير پيرزادي چيو ته ، جيڪڏهن شاعرن کي ايتري آزادي ڏني وئي ته پوءِ ته هو شاعري ڪندا ئي ڪو نه ـ ان لاءِ شاعرن تي پابنديون اچا گهڻيون ڪجن ، پوءِ هو شاعري ڪندا. جنهن تي محفل ۾ ٽهڪ وڪري ويا، جنهن جي جواب ۾ ڪلندي انور پيرزادي چيو ته: جڏهن هنن شاعرن کي ايتري آزادي ملندي ته پوءِ هنن کي پنهنجي ليکي پٽائيءَ صاحب واري اها ڳالهه سمجهه ۾ ايندي ته "ڳوليان ڳوليان مَ لهان" انهيءَ ڳالهه تي هو پاڻ ايندا، چاڪاڻ ته ان *process*مان جڏهن لنگهندا. مون اڄ امر جي شاعريءَ ۾ ڏاڍي خوبصورت تشبيهه ٻڌي ته : "تنهنجي حسن جي باهه ڏاڍي ٿڌي آهي"ـ"باهه

جو ٽڏو ٽينڻ"، "ڏينهن ٽٽو جهُڙ پاڻيان" ته پڏو هوسين پر عشق ۾ باهه جو ٽڏو ٽينڻ ۽ دل ان ۾ Willingly سڙڻ چاهي - مونکي حيرت اها آهي ته، اها Cultural continuity ڪيئن آهي!

مون تازو ايلسا قاضيءَ جو پٽائيءَ جو هڪ ترجمو ٽيل بيت پڙهيو، جيڪو هن وقت ذهن تي نہ تو اچي پر ان جو بہ مقصد اهو آهي تہ دل ، عشق جو سور ۽ درد ڏاڍو پيار سان سانڍي رکندي آهي ۽ ان سور جي ڪنهن سان گلا نہ ڪجي، ان مٺي زهر مان مزو وٺڻ گهرجي - سو جڏهن شاعرن کي آزادي ملندي تہ ، جيڪو وصل پاسي ويو ،اهو نہ عاشق رهندو ۽ نہ ئي شاعر رهندو ، اهو هن زماني ۾ گم تي ويندو ۽ جيڪي ميدان ۾ بچندا، انهن کي پٽائيءَ واري "ڳوليان ڳوليان مَ لهان" سمجهہ ۾ ايندي پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ هڪ اهڙو ماحول هجڻ گهرجي هن سڄي ڪائنات ۾، هن ملڪ ۾ ۽ جيڪڏهن نہ تہ هن ڳوٺ ۾، جيڪڏهن اسان ٺاهي سگهون تہ اسان کي سوچڻ کپي ، جنهن ۾ اسان انسان کي Visionary بڻائي سگهون ، Dreamer بڻائي سگهون ، جيڪو خواب لهي، يعني Idealistic انسان - چاڪاڻ تہ پليٽو شاعرن کي ان لاءِ ڪڍيو هو چو تہ انهن ۾ Idealism هئي ۽ هو اهو پيو چئي تہ ، اوهان جيڪي Idealists آهيو ، اهي State جي معاملي ۾ رڪاوٽ ٿا وجهو ـــ ظاهر آهي تہ حڪومت عوام لاءِ ڪيترو بہ ڀلو ڪم ڪندي پر ڪو Idealistic چئي سگهي ٿو تہ ان ڪان اڃا بہ ڀلو ڪم ٿي سگهيو پئي ـــ پوءِ State چوندي ، ڀلو تہ ٿي سگهيو پئي پر جيڪڏهن اسان جي ڪيل ڪم تي اوهان بيچيني ظاهر ڪندؤ تہ اسانجي تہ ٻيڙي ٻڏي ويندي ـ پر هن دنيا ۾ هڪ اهڙو سوچيندڙ ماڻهو هجي ، جيڪو هن دنيا کي انتهائي خوبصورت ڏاهڻ لاءِ Couple care free ڏاهڻ جو خواب ڏسي ويهي ، پوءِ State جو ڪم آهي تہ اها ان کي پورو ڪري، چاڪاڻ تہ شاعر تہ تصور جي دنيا جو هڪ خواب ڏسندو آهي، اهڙي خوبصورت دنيا سچي دنيا جي ماڻهن جوخواب آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ اها وڏي نعمت آهي تہ جيڪو ڪجهہ هتي ٿي رهيو آهي ، ان کي پنهنجو ورثو سمجهڻ گهرجي ۽ ان ماحول کي وڌائڻ لاءِ اسان سيني کي ڪوشش ڪرڻ کپي.

هدايت منگيءَ تاريخ جا اڻڄاتا ماڻهو

نوٽ: سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏوڪري پاران ڪرايل هدايت منگيءَ جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي اسٽيج سيڪريٽريءَ انور پيرزادي کي هنن لفظن سان تقرير جي دعوت ڏني ته "سنڌ ۽ سنڌيت جي *Preach* ڪندڙ سائين جي ايم سيد کانپوءِ سنڌ ۾ جيڪڏهن اسان ڪنهن جو نالو پيش ڪري سگهون ٿا ۽ وڏي واڪي پيش ڪري سگهئون ٿا ته اُهو سائين انور پيرزادو آهي. سوڀي گيانچندانيءَ جو تسلسل سائين انور پيرزادو.

انور پيرزادو: محترم دوستو! هدايت منگي هن سڄي علائقي جو هڪڙو تمام وڏو ماڻهو هو، اها پڪ ڳالهه آهي ته اسانکي هن جو قدر نه ٿيو ۽ اسانکي شايد اندازو نه هو ته هو ڪيڏو وڏو ماڻهو آهي. ان جو هڪڙو سبب اِهو به آهي ته هن وقت جيڪا سنڌي *Society* آهي يا هدايت جنهن وقت جيئرو هو اُن وقت جيڪا سنڌي *Society* هئي اُن جا قدرُ تبديل ٿي ويا آهن ۽ مونکي ته ڪڏهن ڪڏهن ايئن لڳندو آهي ته مُهين جي دڙي ۽ *Indus Civilization* جو جيڪو زوال آهي اُن جو *Process* شايد اڃا تائين جاري آهي بلڪل اهڙي طريقي سان جيئن چون ٿا ته ڪروڙين سال اڳ هن ڌرتيءَ تي رُڳو پاڻي هو اُن جي اُتر قطب ۽ ڏکڻ قطب ۾ ڌرتيءَ جا هڪڙا ننڍڙا ٽڪرا هُئا پوءِ ڏکڻ قطب واري ڌرتيءَ جي ٽڪري مان هڪڙي يڪ ڪري، هڪڙو ڌرتيءَ جو ٽڪرو ڇڄو. اُهو پاڻي تي تري اُتر ۾ جيڪا ڌرتي هئي اُن سان جو ٽڪرايو ته هماليه جبل ٺهي ويو ۽ ان جي نتيجي ۾ سنڌ جو ڪير ٿر جبل به ٺهيو. سائنسدانن جو چوڻ آهي ته اڃا تائين هماليه جبل سال ۾ 5 سينٽي ميٽر مٿي اُڀري ٿو، معني اُهو جيڪو ڌماڪو ٿيو هو ڪروڙين سال اڳ اُن جا اثر اڃا جاري آهن ان ڪري پندرهن سئو ورهيه

قبل مسيح کان اڳ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو جيڪو زوال ٿيو هو مونکي لڳي ٿو ان زوال جا اثر اڃا جاري آهن جو اسان پنهنجي سماج ۾ اهڙن ماڻهن جو قدر نہ ٿا ڪري سگهون جيڪي وڏا دانشور آهن، وڏا تخليقي ماڻهو آهن، لفظن جا بادشاهہ آهن، سمجهہ ۽ پُرڄهہ جن کي ڏاڻ اچي ٿي. اسان وڏيرن جي عزت ٿا ڪيون، اسان هڪڙن اڻ پڙهيل پيرن کي پيرين پئون ٿا ۽ اِها Story بہ .ايڏي پراڻي آهي جو حيدر بخش جتوئي جڏهن Elections وڙهندو هو تہ گار جا لفظ وجهي.چوندو هو تہ اوهان وڏيرن ۽ پيرن کي تہ هيئن هيئن ڪيو هاڻي مونکي ڪري ڏسو معني انهن جي تہ خدمت ڪيوَ هاڻي اسان ڏي اچو، اسان کي ووٽ ڏيو پر ماڻهن اِها ڳالهہ ڪا نہ سمجهي، هدايت جون جيڪي ڪامرانيون آهن تن بابت مان سمجهان ٿو تہ يونيورسٽي ليول جي ڪنهن شاگرد کي ڪا هن جي سڄي زندگي تي تحقيق ڪرڻ کپي.

هو هڪ Self made ماڻهو هو. هو Technically ۽ Geographically حاجي لال بخش شيخ ڳوٺ (ٻلهڙيجي) ۾ ڄائو. اُن ڪانپوءِ هو جنهن طرح هڪڙو Self made ماڻهو ٿي هتان کان ڪراچيءَ تائين ادبي ۽ دانشوراڻي سنڌ جي لڏي تي جيئن ڇانئجي ويو اِها ڪا گهٽ ڪاميابي نہ هئي، ڪا مذاق نہ هئي، ان ۾ جيڪا هن محنت ڪئي، ان محنت جا تفصيل ڏاڍا ڏکيا آهن، هن ۾ جيڪا صلاحيت هئي اُها هن کي موروثي ملي هُئي، هو اُستاد غلام رسول جو پٽ هو. انسان جي جسم ۾ هڪڙا Genes ٿين ٿا جيڪي ماڻهوءَ جون مختلف صلاحيتون ناهن ٿا ماڻهوءَ جون اکيون ڪيئن هجن، اُهي بہ هڪڙا Genes ٿين ٿا جيڪي هن جيَ اکين کي شڪل ڏين ٿا، هن جو نڪ ڪيئن هجي، هن جي منهن جي ڇا صورتحال آهي، هن جو ڳالهائڻ هن جي Vocal cords مان آواز ڪهڙو ٿو نڪري، اهو سڀ هڪڙو Genetic Influence ٿيندو آهي سو اُستاد غلام رسول جو هدايت تي بيحد گهڻو اثر هو. هو هڪڙو تمام Soft spoken ماڻهو هو. جيئن هتي چيو ويو تہ "جيئن ڳالهائيندو هو تيئن لکندو هو." اِها ڪا معمولي ڳالهہ ڪانهي، هو ٻوليءَ جو هڪڙو تمام ماهر

ماڻهو هو ۽ Print Media هن کي اجا وڌيڪ سکيا ڏني ته ٻولي ڇا ٿيندي آهي؟ سنڌي ٻولي اُن جا لفظ، ڪامائون (Comas)، Full stops، ان جا اڌ دَم، ان جا اُچارَ ڪاٿي ٻَيهجي، انهن جو Pronunciation ڪيئن ڪجي اسان جا ٻه ڪيترائي اترادي اديب ۽ دانشور 'ڇ' کي 'ش'، 'مڇيءَ' کي 'مشي' چوندا آهن، اهڙي ڪا به غلطي هدايت جي لفظن ۾ نه هوندي هئي، هن جا تُز لفظ هوندا هُئا يعني خبرون نه پر خَبَرُوَن چوندو هو، هو عربيءَ جو ڄاڻو هو، فارسيءَ جو ڄاڻو هو.

هي پروگرام سنڌي ادبي سنگت ڏوڪري ڪيو مان انهن کي جَسُ ڏيان ٿو پر مان سمجهان ٿو انهن پنهنجو فرض پورو ڪيو آ ڇاڪاڻ ته هدايت مرڪزي سنگت جو Senior Leader هو، هو ڪراچيءَ جي سنگت جو ميمبر هو، ڪراچي ادبي سنگت ۽ سڄي سنڌ جي سنگت جي جيڪا Re-organization ٿي هئي رشيد ڀٽيءَ جي دور ڪانپوءِ ۽ 1983ع جي چوندن تائين ان سڄي تحريڪ جو اڳواڻ هدايت منگي هو. ڪراچي ادبي سنگت ۾ هن Elections وڙهيون اُتي هن جي هڪڙي وڏي Credibility هُئي، وڏي ڳالهه اِها هئي ته ڪراچي ادبي سنگت ۾ هڪڙا ماڻهو هوندا هُئا جيڪي تمام گهٽ اسم پڙهندا هئا پر تمام سٺو لکندا هئا انهن ۾ هڪڙو هوندو هو فيض ڀڳهيو، ٻيو هوندو هو اسلم آزاد ۽ ٽيون هوندو هو هدايت منگي. هو گهٽ پڙهندا هئا. هنن کي پنهنجي تعريف ۽ پذيرائيءَ جو شوق نه هوندو هو ته هو هر دفعي ڪا شئي پڙهن ۽ اُها ڊگهي هُجي ۽ اُها Boring هجي ۽ پوءِ ان تي تنقيد ٿئي ۽ پوءِ جنڊا پٽ ٿئي ۽ پوءِ هو چون نه نه اسان بهتر لکيو۔ آهي توهان نقاد غلط آهيو !Never. هدايت منگي جڏهن ڪراچي ادبي سنگت ۾ ڪا شيءِ پيش ڪندو هو ته ادبي ڪلاسن تي سانت طاري ٿي ويندي هئي، هدايت، ماڻڪ، فيض، اسلم آزاد، فقير محمد لاشاري ۽ ڪجهه ٻيا دوست هوندا هيا جيڪي جنهن وقت پنهنجي ڪا تخليق پيش ڪندا هئا ته انهن تي تنقيد ڪرڻ جي ڪنهن کي همت ئي نه ٿيندي هُئي. هدايت جون ننڍڙيون ڪهاڻيون جن کي هن جنهن طرح سان نڀايو اُها هڪ الڳ صنف آهي جنهن تي Research ٿيڻ جي ضرورت

آهي. هدايت ۾ سياسي شعور سنڌ سطح جو هو، هو وڏي پئماني جو دانشور هو. هن جي شعور جي سفر جو عالم اِهو آهي ته هن کي هن جي ڳوٺ ۾ مُلن، *Tough time* ڏنو هو، اُهو وقت پيو هو ۽ هدايت ان جو ڀرپور نموني مقابلو ڪرڻ جي ڪا پلاننگ نه ڪئي هئي نه ته اسان سڀ هن سان گڏ هجئون هان، اهو وقت گذري ويو، جيڪو ٿيو سو ٿيو ان جي زري پرزي جي تفصيل جي اسان کي خبر آهي. هدايت پڻائي جو تسلسل هو ۽ پڻائيءَ انهن ملن لاءِ چيو هو ته:

"ڏِسي پَسي الله ٿا ٽپيون هٿن ڏوڙ ۾"

هي ته تاريخ جا انڌا ماڻهو آهن اُهي هڪ روشن ضمير دانشور سان ٽڪر پيا کائين. هنن وٽ *Physical Strength* اُن وقت وڌيڪ هئي پر اُن جو فيصلو تاريخ ڪندي. هدايت جي لاڏاڻي کي پنج سال ٿيا آهن اسان جا دوست هڪ اٿاهہ جذبي سان هن جي ورسي ملهائي رهيا آهن اڳتي هلي هن تي *Research* ٿيندي، هن جا ڪتاب ڇپبا پر جن ماڻهن هدايت سان ٽڪر کاڌو انهن جو حشر شايد سنڌ جي انهن حڪمرانن وانگر ٿئي جن جي مڪليءَ جي قبرن تي ڪتو به ڪو نه ٿو مُتي. تاريخ سڀ ڪجهہ ظاهر ڪندي، اِهو نظرياتي جهيڙو پڻائيءَ جي زماني کان جاري آهي، اهو منصور حلاج کان جاري آهي اهو هن وقت پنهنجي *Peak* تي پهتل آهي. اڳتي به اِهو جاري رهندو جيڪي جيئرا رهيا انهن کي اِها جنگ وڙهڻي پوندي. هدايت پنهنجي دور ۾ پنهنجو اُهو فرض پورو ڪيو، هو سچ کي سچ چوڻ وارو روشن ضمير ماڻهو هو. ڪنهن کان ڊڄڻ وارو ماڻهو نه هوندو هو- اِهو ئي سبب آهي جو هو جڏهن اسان سان بحث ڪندو هو ته اسان کي منهن تي چٽيون ڳالهيون چوندو هو، گاريون به ڏيندو هو، هو ڪنهن کان ڪو نه ڊڄندو هو. اسان جي آڏو هن جي حيثيت اِها هئي جو هو اسان جي وڏن جي اُستاد جو پٽ هو. هدايت جڏهن سياسي ڳالهيون ڪيون ته هتان جي هڪ سياسي پارٽيءَ هن کي اغوا ڪيو جنهن ماڻهوءَ هن کي *Personally* اغوا ڪيو هو اُن جو نالو آهي عبدالنبي ڪوڪر آريجڻ جو آهي، هن وقت ڪراچيءَ جي ٽائون شپ واري علائقي ۾ پوليس آفيسر آهي. انسان جو

دوست آهي ۽ اُتي گلشن حديد ۾ اسان جون راتين جون راتيون ڪچهريون ٿيون ۽ هن مونکي اُهي سيئي تفصيل ٻڌايا ته هنن هدايت کي جيئي سنڌ طرفان ڪيئن اغوا ڪيو ويو ۽ هدايت چا چيو. اسان چا چيو ۽ آلٽيميٽلي اسان هن کي ڪيئن آزاد ڪيو ۽ اعتبار ڪيو ته هو جيڪڏهن سامهون هجي هان ته مان اجا تفصيل سان اوهان کي ٻڌايان هان هو منهنجو پيارو دوست آهي ۽ هو جڏهن اهي تفصيل ٻڌائي رهيو هو ته هن جي ضمير هن کي ملامت پئي ڪئي، هو ڏاڍو شرمنده پيئي ٿيو. هن کي ڏاڍو افسوس هو جنهن جو اوهان کي اندازو ٿي نٿو سگهي.

هدايت سچ چوڻ وارو ماڻهو هو. اسان جي ڪلچر ۾ هينئر به اِهو مسئلو آهي ۽ اسان جي ايجنڊا تي هاٿي به اِها ڳالهه آهي ته جيڪو سنڌي دانشور آهي اُهو ضروري ناهي ته ڪنهن سياسي پارٽيءَ جو پُڇُ هجي، سياسي پارٽين ۾ سياسي ڪارڪن اُچن، سياسي ليڊر اچن، انقلاب آڻين، Power struggle جي Race ۾ اچن، وزيراعظم ٿين، صدر ٿين، گورنر ٿين اسان کي هنن کان ڪا شيءِ نه ٿي کپي، هو پنهنجي Career ۾ اچن، دنيا کي برباد ڪن، دنيا کي تبديل ڪن، دنيا ۾ رت جون نديون وهائن، امن جي نالي ۾ هنن جي مرضي آهي هو جيڪو ڪن پر جيڪڏهن هو انسان آهن، سياستدان ته پري جي ڳالهه آهي ته هنن کي Equal right of Expression هر ماڻهوءَ کي ڏيڻ کپي، هڪڙو ماڻهو تو چئي هيءَ سياسي پارٽي خراب آهي، ان جو ليڊر خراب آهي، هن جو نظريو خراب آهي، اهو Universal declaration of Human Rights جو مسئلو آهي. هر انسان کي اِهو حق آهي ته هن جو جيڪو به مذهب آهي غلط يا برابر هن جي جيڪا به سوچ آهي غلط يا برابر هن کي حق هجڻ گهرجي ته هو پنهنجو اظهار ڪري ۽ هن جي اظهار جي آزادي Universal declaration of Human Rights آهي. حيدرآباد ۾ پهرين ڊسمبر تي Human Rights تي هڪڙو پروگرام ٿيو جيڪو Sindh National Council وارن ڪيو جنهن ۾ مون هڪڙي ڪريءَ ڳالهه چئي ڪيترن دوستن کي نه وڻي. ڪنهن کي ڳالهه وڻي نه وڻي پر سچ چئبو. Universal declaration of Human Rights

ڏهين ڊسمبر 1948 تي United Nations جي General Assembly پاس
ڪيو دنيا جي اڪثر ملڪن ان تي صحيحون ڪيون ان ۾ لکيل آهي ته
هر ٻار عزت جي لائق آهي، اُهو شاديءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيو آهي يا نه !
اندازو لڳايو ته جيڪو ٻار شاديءَ جي نتيجي ۾ پيدا نه ٿيندو آهي ته اسان
ان کي حرامي ٻار ڪوٺيندا آهيون. اسان پاڻ کي پلئي ”تيس مار خان“
سمجهون، سڄي دنيا هڪڙي پاسي ۽ اسان هڪڙي پاسي، اسان اُن حرامي
ٻار کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون سو اِهي اسان جا سڀ کوکلا نعرا آهن ته
اسان عظيم آهيون ۽ اسان جي تهذيب عظيم آهي اسان کوهه جي تري جا
ڏيڏر آهيون. اسان اڻ پڙهيل ۽ جهنگلي ماڻهو آهيون. گهٽ ۾ گهٽ هن
وقت United Nation جون جيڪي Member states آهن اسان انهن کان
پوئتي آهيون- پاڪستان هن وقت تائين اُن Universal declaration of
Human Rights تي صحيح نه ڪئي آهي ڇو ته ڪنهن به عورت کي
ڪاري ڪري قتل ڪرڻ لاءِ اُهو Declaration ناهي ۽ حرامي ٻار کي
حرامي ٻار تسليم ڪرڻ لاءِ اُهو ناهي. منهنجي چوڻ جو مقصد آهي ته دنيا
جو ضمير سچ چوندو ڪنهن کي وٺي نه وٺي ”سچ ٿا مرد چون“ سچل چيو
هو. هدايت منگي هڪڙي چٽنگ هو، هڪڙي چڀي هو، شعور جي هن کي
جيڪو چوڻو هو سو هن چيو، ان لاءِ هن تڪليفون برداشت ڪيون، هن
کي ملن هتي Tough time ڏنو، ڪراچيءَ ۾ هن کي دهشتگردن ڪيڏي
ڇڏيو هو، Depression ۾ آيو پر هن پنهنجو فرض پورو ڪيو- هدايت ۾
ڪيڏيون ڪامرانيون هيون، هن ۾ لکڻ جون ڪيڏيون صلاحيتون
هيون، هو لفظ ڪيئن ايجاد ڪندو هو، ان تي ڳالهائڻ لاءِ گهڻو وقت کپي
۽ صرف ڳالهائڻ نه پر ان تي Research جي ضرورت آهي. هن جون
ڪهاڻيون، هن جا ريڊيو جا پروگرام سڀ تحقيق طلب آهن. هو وڏو
صحافي ۽ دانشور هو. هن جو قد اسان اڄا طئي نه ڪيو آهي ان ۾ ڪا
غلط فهمي نه هجڻ کپي. هي پروگرام آرگنائيز ڪرڻ وارن کي مان
مبارڪ ٿو ڏيان. اسٽيج سيڪريٽري تمام سمارٽ ماڻهو هو پر ڪاش هو
شيخ اياز جي بيتن پڙهڻ بدران هدايت جي تخليقي لکڻين مان Quotations

ڪڏي هِتي پيش ڪري هان. منهنجي خواهش هئي ته اسان هتي هدايت جو آواز ٻڌؤن هان، ڇو ته هو ريڊيو جو ماڻهو هو، هن جو آواز ايڏو تيز هو، ايڏي سٺي سنڌي ٻولي منهنجي ناهي. مون هدايت جهڙي ڪهاڻي نه لکي آهي، هو نقاد به هو، سياسي سمجهه به هن ۾ هئي، هو ڪنهن کي به نه پسند ڪندو هو ته ڇئي ڏيندو هو ۽ جنهن کي هدايت نه پسند هجي اُهو پلي هاڻي به هن کي پسند نه ڪري ان جي نه هن کي جيئري پرواهه هئي نه مُئي ڪانپوءِ هن کي پرواهه آهي.

شهيد نذير عباسي جي بهادري

اکيون ڪيئن ڪجھڙي، تارا تون مَ ڪاءِ،
پسين نه پٽي پٽ تي، ريباڙيو راءِ،
جيئري جنهن جوان کي لڳا نَوَ سو نَوَ گهاوَ،
رات جنهين کي ماءُ روئي پرٽيو رب کي.

ڀٽائيءَ صاحب جي ان بيت مان جيڪو ڪردار اُڀري ٿو يا جيڪي ٻه ڪردار اُڀرن ٿا اُنهن مان هڪڙي ڪردار جو نالو نذير عباسي آهي. نذير عباسيءَ تي ڪيڏارو لکي سگهجي ٿو! ۽ ڀٽائي صاحب جيڪو ڪيڏارو لکيو آهي انهيءَ مان گهڻا حصا اهڙا آهن جيڪي سنڌ ۾ ٿيندڙ جنگين تي لکيا ويا آهن. ڀٽائي صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ لفظ "جهونجهار" استعمال ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته جهونجهار لفظ غير مسلم شهيد کي چئبو آهي.

"شهيد" ڪنهن "مسلمان جوڌي" کي چئبو آهي، جڏهن ته "جهونجهار" ڪنهن غير مسلم ويڙهاڪ کي چئبو آهي. ان حوالي سان ڀٽائي صاحب خود جيڪو ڪيڏارو لکيو آهي اِهو ڪيترن ئي اهڙن بهادر ماڻهن لاءِ لکيو آهي جيئن نذير عباسي هو. نذير عباسيءَ جي بهادريءَ کي جيڪڏهن اوهان محسوس ڪرڻ چاهيو ٿا ته آئون توهان کي اِهو ٻڌايان ته هن جي بهادريءَ جو اهو ڪمال آهي جو ان ڪري ڪمال وارثي زنده آهي، هن جي اِها بهادري آهي جو شبير شر زنده آهي، هن جي اِها بهادري آهي جو ڪامريڊ جام ساقي زنده آهي ۽ هن جي اِها بهادري آهي جو هن جا سيئي ساٿي پوئتي زنده آهن.

اڄ هڪڙي سنڌي اخبار ۾ ان موضوع تي جيڪو مون ڪالم

لکيو آهي ان ۾ مان مطالبو ڪيو آهي ته خود امريڪن سي آءِ اي ٽيهن سالن کانپوءِ پنهنجا مخفي دستاويز عام ڪندي آهي ان ڪري پاڪستان گورنمينٽ کي گهرجي ته اُها هڪڙو مُدو مقرر ڪري جنهن کانپوءِ پنهنجا مخفي دستاويز عام ڪري، اِهو عوام جو حق آهي. اِهو ضروري آهي ته *To keep the record of History straight* اسان کي اِهو پڌايو وڃي ته نذير عباسيءَ کي ڪيترا ڏينهن، ڪيتريون راتيون ڪهڙي قسم جو ٽارچر ڏنو ويو ۽ هن موت جي منهن ۾ ڪيئن *Behave* ڪيو؟ هن جو رويو ڇا هو؟ هينئر ڇويهن سالن کانپوءِ اِها ڳالهه پڌري ٿيڻ کپي ۽ ان ڪري پڌري ٿيڻ کپي ڇاڪاڻ ته حمود الرحمان ڪميشن جي رپورٽ تڏهن شايع نه ٿي جڏهن اِها تيار ڪئي وئي هئي، اُها ڀٽي صاحب جي دور ۾ نه ڇپي، اُها جنرل ضياءَ جي دور ۾ نه ڇپي، اُها محترمه بينظير جي دور ۾ نه ڇپي ۽ نوازشريف جي دور ۾ به نه ڇپي، ان کانپوءِ اُها جڏهن هندستان سمگل ٿي ۽ اتان جي پريس اها ڇپي ته تڏهن وڃي هن دور ۾ هتي اُها ڇپجي آهي. ان ڪري پاڪستان جي ماضيءَ جي جيڪا سياسي تاريخ آهي ان جا ڪيترا راز کُلي چُڪا آهن. ايئن اسان به اِهو حق ٿا رکون ته اسان کي اِهو پڌايو وڃي ته نذير عباسيءَ پنهنجي آخري وقت ۾ ڪيڏي بهادريءَ جو مظاهرو ڪيو. مان اکين ڏٺو شاهد آهيان ته نذير عباسيءَ کي اهڙو انقلابي اتساهه ڏيڻ وارا ڪيترا ماڻهو اڃا جيئرا آهن. هڪڙا ماڻهو مري ويا پر جيڪي ماڻهو اڃا جيئرا آهن انهن مان هڪڙو ماڻهو (هٿ سان اشارو ڪندي) جام ساقي هتي ويٺو آهي. هي ماڻهو هڪ *Charismatic Hero* هوندو هو، جيڪو ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ۽ ڪميونسٽ تحريڪ جو ڪرشماتي ليڊر هوندو هو. هن موقعي تي ايترو وقت ناهي جو مان نذير تي گهڻو ڳالهايان پر مان هن ڪتاب تي ضرور ڳالهائيندس جنهن جو نالو "پيڙا جو سفر" آهي جيڪو شهيد جي بيواهه محترمه حميده گهانگهرو لکيو آهي ۽ هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ ۾ تمام اهم ڪتاب آهي. منهنجي خيال ۾ 1970ع ۾ اختر بلوچ جيڪا قيدياڻيءَ جي ڊائري لکي هئي، سنڌي ادب ۾ ان کانپوءِ هن ڪتاب کي ياد

ڪيو ويندو. ان وقت اختر بلوچ جي ٻي ساٿياڻي هئي نسيم ٿيٻو ۽ هن ڪتاب ۾ حميده گهانگهرو جي ٻي ساٿياڻي آهي زبيده گهانگهرو جيڪا سندس وڏي ڀيڻ آهي. هنن ٻنهي نياڻين 1975ع ۾ جيڪو ٽارچر برداشت ڪيو (جيڪو هن ڪتاب ۾ لکيل آهي) جنهن طريقي سان سنڌ جي هڪڙي جاهل ۽ هڪڙن بدتميز پوليس وارن هنن کي رُلايو آهي، ڪڏهن پنڊ ۾ ڪڏهن ٽانگي ۾، ڪڏهن رڪشا ۾، ڪڏهن هڪڙي لاڪ اپ ۾ ڪڏهن ٻئي لاڪ اپ ۾ ۽ ان وچ ۾ جيڪو ٽارچر هنن برداشت ڪيو آ، جيڪا تڪليف هنن برداشت ڪئي آهي، سا ڪتا هن ڪتاب ۾ موجود آهي. اوهان هن ڪتاب کي پڙهندؤ ته اوهان کي محسوس ٿيندو ته حميده گهانگهري جو هي پيڙا جو سفر ناهي پر هي "انقلاب جو سفر" آهي. هن جي پيڙا جو جيڪو سفر آهي ان ئي ڪتاب ۾ مون ٻه چار اکر لکيا آهن. اوهان پڙهندؤ ته اوهان کي اندازو ٿيندو. ان "پيڙا جو سفر" هڪڙي انگريزي جي *Quotation* آهي جنهن ۾ چيل آهي ته:

The History of a mankind is a history of injuries and usurpation's on the part of man towards woman.

انسانذات جي تاريخ مرد جي طرفان عورت تي ظلم جي تاريخ آهي.

ايم آر ڊي تحريڪ دوران سکر جيل ۾ (جتي ڄام ساقي به هوندو هو ۽ پيپلز پارٽيءَ جا ڪيترائي ليڊر به هوندا هئا) فتح ياب علي خان به اتي هوندو هو ته سنڌ جا نوجوان اُتي هن سان بحث ڪندا هيا ته آخر ۾ سنڌي نوجوانن کي بحث ۾ شڪست ڏيڻ لاءِ چوندو هو ته "آپ لوگون کي دماغ کي پڇلي حصي مين عورت کي سلسلي مين ايڪ وڏيرا بيٺا هي." سو منهنجي چوڻ جو مقصد آهي ته اوهان ۽ اسان جيڪا اڄ نذير عباسي جي ورسي ملهائڻ آيا آهيون ان جو هڪڙو مقصد اِهو آهي ته هن جي آدرش کي اڳتي وڌايو وڃي ۽ هن جو آدرش تڏهن مڪمل ٿيندو جڏهن توهان انقلابي جدوجهد جي نون طريقن کي *Explore* ڪرڻ جي ڪوشش ڪندؤ.

واشنگٽن ۾ سنڌين جي بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ اوير تيمور

جي آزاديءَ جو ليڊر آيو. ان اُتي پنهنجي تقرير ۾ چيو ته "دنيا ۾ جيڪڏهن انٽرنيٽ موجود آهي ته سنڌين کي هٿيارن کڻڻ جي ضرورت ناهي. چاڪاڻ ته جيڪڏهن اوهان سڄي دنيا کي *Convince* ڪيو ٿا ته اوهان مظلوم آهيو يا اوهان کي آزادي کپي يا اوهان جا فلاڻا حق جائز آهن ته دنيا توهان کي ڏئي ڇڏيندي ۽ توهان انٽرنيٽ ذريعي وڌيڪ دنيا کي *Convince* ڪري سگهو ٿا بنسبت هٿيارن کڻڻ جي."

مان نذير عباسيءَ کي سرخ سلام چوان ٿو. هن جي ساٿين کي جيڪي هن جي بهادريءَ جي ڪري اڄ زنده آهن ۽ هن جي ليڊرن کي جيڪي گڏاري ويا آهن ۽ سين کان وڌيڪ مان سلام پيش ڪيان ٿو زرقا عباسيءَ کي جيڪا نذير عباسيءَ جي نياڻي آهي جنهن جو هڪڙو ريمارڪ مون کي ڏاڍو وڻيو. جيڪو هن ڪتاب ۾ لکيل آهي ته "امي ۽ ابو، امان ۽ بابي هني مون هڪڙي مڇ جيل ۾ گڏاري ۽ بي قلي ڪيمپ ۾ گڏاري ملهايو" ۽ اها ڳالهه ثابت ڪري ٿي ته هيءَ جوڙي انقلاب جي جوڙي هئي ۽ ان جوڙيءَ جي ٽڻ ڪانپوءِ جيڪو ڪجهه حميده گهانگهرو سان ٿيو آهي يعني زنده شهيد جي حيثيت ۾ هن جي جيڪا پوڳنا آهي اُها اڄا جاري آهي ان کي سَوَ سلام آهن ته هوءَ زنده آهي ۽ هن حياتيءَ سان مقابلو ڪري پنهنجو *Survival* قائم رکيو آهي.

گلشن حديد ۾ 9 آگسٽ 2006 تي ملهايل ورسيءَ ۾ ڪيل تقرير جيڪا انور پيرزادي جي آخري تقرير هئي.

ملير ۾ ٿيل لوڪ ڪچهري

لائيسنس لڳن کي مليران ميندي

اسان شهري ماڻهن کي جنکي صحافي ۽ ليکڪ سمجهيو ٿو وڃي، ٽيليويزن ۽ ريڊيو جا پروڊيوسر سمجهيو ٿو وڃي (ڪچهري ۾ شامل صحافين ۽ پروڊيوسرن جي ڪرايل تعارف جي حوالي سان انور صاحب پنهنجي تقرير جي شروعات ڪئي آ) پر اسان ماڻهو، ٻهراڙيءَ جي ماڻهن کان وڌيڪ ڄاڻ ٽتا رکئون. سنڌ جي جيڪا ثقافت آهي، سنڌ جي جيڪا ٻولي آهي، سنڌ جي جيڪا "Folk Wisdom" آهي، عام ماڻهن جي جيڪا ڏاهپ آهي، وتائي فقير جي جيڪا ڏاهپ آهي جيڪا ان جي فلاسافي آهي ان کان وڌيڪ قابل ماڻهو اِهي انگريزي پڙهيل لکيل ناهن. هنن کي هڪڙي مفت جي *Publicity* (ناما چاري) ملي ٿي مثال مان ڪنهن اخبار ۾ ڪم ٿو ڪيان ۽ جيئن ته مان اخبار ۾ ڪم ٿو ڪيان ان ۾ لکان ٿو، ان ۾ منهنجو نالو ٿو ڇپجي پوءِ ماڻهو ٿا چون "فلاڻو وڏو صحافي ۽ محقق آهي". اهڙي ڪا ٻه ڳالهه ڪانهي، پتائيءَ جا پارکو ٻيا ماڻهو آهن مثال بدين ضلعي جي ڊيلٽا ۾ مان ويس جيڪو رڻ جي ڇڻ پٽي آهي اُتي هڪ ميربحر مونکي مليو جيڪو پنهنجي بستري تي سمهيو پيو هو ڇڻ موت جي بستري تي سمهيو پيو هو ان جي پرسان هڪڙو پُراڻو گريخشائيءَ جو رسالو پيو هو (جيڪو پندرهن سؤ صفحن جو هيو). اُتي ڪچهريءَ ۾ هڪڙي ڳالهه نڪتي ته اسان پتائيءَ جو هڪڙو بيت پڙهندا آهيون ته:

تتيءَ تڏيءَ ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونداهه پير نه لهين پرينءَ جو

ته اُن ڪچهريءَ ۾ ملاحَ چيو ته "ابا! اِهو ته چئن سِٽن جو بيت آهي. توهان ته ٻن سٽن ۾ پڙهيو. اسان پڇيو ته چئن سٽن جو ڪيئن آهي، چيائين

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي
لوچي ٻڌ لطيف چئي قمر ڪيچن ڪاڻ
جيسين آهه سوجهرو تيسين ڪر هل ڪاهه
متان ٿئي اونداهه پير نه. لهين پرينءَ جو

سو ٻتائيءَ جا پارکو اِهي ماڻهو آهن. ٻتائي اُهو شاعر هو جيڪو پني تي رديف ۽ ڪافين جي لسٽ ڏاهي شاعريءَ نه ڪندو هو. ٻتائي اُهو شاعر آهي جنهن کي هن جي ٻڌندڙن پنهنجي سيني ۾ سَون سالن تائين سانڍي رکيو هو. هيءَ هڪڙي ڪچهري آهي، ڪچهريءَ جو قانون هميشه ايئن هوندو آهي ته مختلف جاين تان ماڻهو جمع ٿيندا آهن ۽ پنهنجا حال احوال ڪندا آهن: ڪو اُتر جي ڳالهه ڪندو، ڪو جبل جي ڳالهه ڪندو، ڪو ڪاڇي جي ڪندو، ڪو ڪڇي جي ڪندو، ڪو ڊيلٽا جي ڳالهه ڪندو، ڪو ٿر جي رڻ پٽ جي ڳالهه ڪندو ان ڪري ٽڪر ٽڪر تي ڳالهه ٿيندي آهي. اِهو ضروري ناهي ته مان هتي ڪلاڪ ويهي تقرير ڪيان- مان پنهنجي ڳالهه ڪري هليو ويندس وري ڪو ٻيو ڳالهه ڪندو ۽ وري ڪو ٽيون ڳالهه ڪندو. اسان ٿر ۾ وياسين اُنهن کان پڇيوسين ته اهو مارئي وارو ملير ڪٿي آهي؟ هنن چيو ته ادا ٿر ۾ اهڙو ڪو به علائقو ڪونهي جنهن جو نالو "ملير" هجي. اسان چيو ٻيلي ايئن نه ڪيو؟ ٻڌايو ته سهي ته ملير ڇاهي؟ چيائون "سائين! اسان کي ڪا خبر ڪانهي، هتي اهڙو ڪو به خطو ڪونهي جنهن کي اسان ملير ڪوٺيون." اسان پڇيو پلا ملير نالي ڪا شئي اوهان وٽ آهي. انهن وراڻيو ته "هڪڙو اجرڪ آهي جنهن کي مليري اجرڪ چوندا آهيون- اُهو اجرڪ هڪڙي پاسي کان پرنٽ ٿيل هنو" ۽ اسان وٽ عام جيڪو اجرڪ هوندو آهي پٽ شاهه، ٽتي يا هالن ۾ اُهو ٻنهي پاسن کان پرنٽ ٿيل هوندو آهي. هنن وڌيڪ ٻڌايو هڪڙي مليري ڳئون ٿيندي

آهي، ڪنهن ٻُوٽيءَ جو نالو شايد ملير آهي، اِها انب گوپانگ ڪي وڏيڪ خبر هوندي (جيڪو ڪچهري ۾ موجود هيو). هو اسانکان وڏيڪ سنڌي ٻولي ڄاڻي ٿو، اُن ڪانپوءِ اسان پڙهيو ٻڌين "لائيـنـديس لڳن ڪي مليـران ميندي". سسئيءَ جو هڪڙو بيت آهي جنهن مان اندازو اِهو پيو ٿئي تہ پنهور مان سسئي نڪتي، هن اوهان جي ملير مان ميندي لائي اڳتي رواني ٿي وئي جبل ۾ ۽ سنگهر پٽين ۾- مان اُن جي مزار ڏٺي آهي ۽ اُن جو ميلو لسٻيلي ضلعي جي سونمياڻي تعلقي جي سنگهر پٽين ۾ لڳندو آهي. اِهي سڀ ڳالهيون، اِهو ڪلچر، اِهو سانوڻ فقير، اِهو پٽائي، اِها ٻوليءَ هتي ويٺل قابل سُگهڙ جيڪي ڳالهيون ٻڌائن ٿا اِهي سڀ ڳالهيون جناب عالي! هڪڙي پاسي پر ايئن سمجهيو تہ هن ڪچهري ۾ مان ٻہ هڪڙي پاسي کان آيو آهيان، مان هڪڙي ڳالهہ اوهان کي ٻڌايان تہ توهان ڪراچيءَ ۾ ٿا رهو، ڪراچي سنڌ جي ساحلي پٽي آهي، دنيا جا اُهي علائقا جيڪي سامونڊي ڪنارن تي رهندا آهن اُتي هنن ڪي تمام وڏي *Competition* هوندي آهي. دنيا جا جيڪي وڏي ۾ وڏا 20 شهر آهن اُنهن مان پندرهن وڏا شهر سامونڊي پٽيءَ تي آهن. ماڻهو سمنڊ جي ڪنارن تي رهڻ پسند ڪندا آهن ڇاڪاڻ تہ ان سان سڄي دنيا سان انهن جو واپار ۽ لاڳاپا ٿيندا آهن. هي خطو جنهن ۾ اسان رهون پيا اِهو سنڌو تهذيب جي هڪڙي پٽي آهي. سنڌو درياهہ اِها سنڌو تهذيب ناهي آهي. سنڌو درياهہ شروع ٿيو آهي. چين ۽ تبت واري علائقي کان، مانسرور ڍنڍ مان نڪتو آهي، مانسرور ڍنڍ آسمان ۾ ٽنگيل هڪ پيالي وانگر آهي، درياهہ جي شڪل وڻ وانگر آهي، وڻ کي مٿي جَهُر ٿيندو آهيَ پوءِ ان کي ٽُڙُ ٿيندو آ پوءِ ان کي پاڙون ٿينديون آهن. سنڌو درياهہ جو جيڪو جَهُر آهي سو مانسرور ڍنڍ آهي جيڪا 18 هزار فٽ سمنڊ جي سطح کان مٿي آهي. ان کان پوءِ اِهو درياهہ وهي ٿو سمنڊ جي ٽُڙَ وانگر تبت واري علائقي کان ٿي، لداخ ضلعي هندوستان مان چڪر لڳائي باغ دربند نالي هڪڙي جاءِ تي اچي ٿو ۽ پوءِ پاڪستان ۾ داخل ٿو ٿئي پوءِ صوبي سرحد مان ٻہ گذري ٿو، پنجاب مان ٻہ گذري ٿو، سنڌ مان ٻہ گذري ٿو ۽ پوءِ ڪوٽڙي بئراج کان 174 ڪلوميٽر

هيٺ ڏيلٽا ٺاهي ٿو. ڳاڙهي شهر جي پرسان جنگي سرپٽڻ وٺان روڙو ڍرياهه پهريون دفعو نڪري ٿو. اسان کان وڏيڪ چاڻو ماڻهو هتي ويٺا آهن جن کي اِها خبر هوندي ته درياهه جي هڪڙي شاخ مان به شاخون ڪڍيون نڪتيون پوءِ وري ٻن مان چار چئن مان اٺ ۽ پوءِ 17 ڪريڪس (ڪاريون) ڪيئن پيدا ٿيون جيڪي هن وقت موجود آهن ۽ وهي رُڳو هڪڙي ڪوپر تي. منو پاڻي به رُڳو ڪوپر ۾ آهي ٻين ۾ سمنڊ جو کارو پاڻي اچي وڃي ٿو. سو سنڌو درياهه اِهي 17 ڪريڪس ٺاهيون آهن. ڪنهن زماني ۾ 23 هيون، پوءِ 11 هيون. چوڻ جو مقصد اِهو آهي ته توهان ساحلي پٽيءَ تي ويٺا آهيو، توهان جي جياپي جو دارومدار ان تي آهي ته سڄي دنيا جي ترقي ڪيل ماڻهن وانگر جيڪڏهن اوهان زندگي گذاري ته اوهان جي سگهنڊئو بي صورت ۾ بيحد مُشڪل آهي، پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ اسان ڪجهه به چئون پر مونکي هڪڙي دوست ٻڌايو ته گهگهر ڦاٽڪ کان قائدآباد تائين جيڪو روڊ اچي ٿو ان جي ٻنهي پاسي جيڪا زمين آهي ان جي هڪڙي ايڪڙ جي قيمت هڪ ڪروڙ روپيا آهي. سمجهو ته مان بلڊر آهيان، مان فليٽ ٺاهيندو آهيان ۽ ڪپائيندو آهيان، مان پوليس کي پندرهن لک روپيا ٿو ڏيان هو الائي ڪيترا ڳوٺ ڊاهي ڇڏيندا ۽ ان ايڪڙ زمين تي مان ويهه ڪروڙ روپيا ڪمائيندس. جيڪڏهن مان فليٽ ٺاهيندس، توهان ان خطي ۾ ويٺا آهيو، توهان جو ملير جنهن لاءِ مان اڳ ۾ ٻڌايو ته ٽر وارن کان پڇيوسين ته ملير ڪٿي آهي اُهي ڪو نه ٻڌائي سگهيا، پٺائي پڙهيوسين پر ڳالهه نيٺ وڃي اُتي پهتي ته " اُدا ملڪ ملير لڳو پيو آهي"، معني ته جاتي ساوڪ هجي، جاتي سُڪار هُجي، جاتي شاهوڪاري هجي ان جو نالو ملير آهي، ان ملير ۾ هن وقت ڏڪار آهي. هتي هڪڙي ماڻهوءَ ڳالهه ڪئي ته نديءَ مان ريتي بجري نڪري ٿي پئي، ٽاٽا جيڪي سنڌ ۾ وڪبا آهن، اسان جي اُتر ۾ به ٽاٽا وڪبا آهن پر هتان جي ٽاٽن جي جيڪا قيمت آهي ان سان اُتر جي پيٽي ناهي. چو ته هتي ريتي بجري ڪڇي ٿي. بدر ابڙو مشهور محقق آهي، اُهو ۽ مان ڪار ۾ انور بلوچ ڏانهن پيا وڃئون ته اسان کي ريتيءَ سان پريل ٽرڪ اچي ٽڪر

هنيو، اسان جي گاڏي ڇُور ڇُور ٿي وئي. اسان چيوسين اسان پڻ ايڊيٽر آهيون پڻ اخبارن جا ۽ ايڊيٽر! اسان توهان کان نئين گاڏي وٺنداسين، ان ريتي ٻجري واري ڊرائيور اسان کي چيو ته "سائين اوهان ته جيئرا آهيو جيڪڏهن مري وڃو هان ته اسان جو ٽيهه هزار روپيا ٻه خرچ نه اچي هان، اوهان ڳالهايو ڇا ٿا؟ هتي ايڏا شاهوڪار ماڻهو رهن ٿا." سو ملير ۾ ڏڪار آهي. ڏڪار هڪڙو قدرتي ٿيندو آهي ٻيو ماڻهوءَ جو پيدا ڪيل ڏڪار هوندو آهي. قدرتي آفتن کي "Disaster" چئبو آهي. هنڪڙا Natural Disaster ٿيندا آهن ۽ ٻيا Man Made Disaster ٿيندا آهن. هڪڙو سُوڪهڙو ٿيندو آهي مثال برف جا جبل جن کي "گليشيئر" چئبو آهي اُهي نه ڇمن ۽ گرميءَ ۾ اُها برف نه ڳري ۽ درياهه ۾ اُهو پاڻي نه اچي ته ان کي چئبو آهي قدرتي آفت ۽ ماڻهوءَ جي آفت اُها آهي جيڪا پنجاب سنڌ سان ڪري ٿو جيڪو ڪالا باغ پيو ٺو ٺاهي، جيڪو ٿل ڪئنال پيو ٺو ٺاهي جنهن جي Feasibility Report ڪا نه ٺهي، جنهن جي منظوري ڪا نه ورتي وئي پر اُهو ٺهي چُڪو آهي ۽ ان ۾ پاڻي روانو ٿي ويو آهي. سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍي پنجاب پنهنجي درياهه ۾ پاڻي پيو ٺو وجهي. ڪو پُڇڻ وارو ڪونهي، ڪو قانون ڪونهي، ان پاڻيءَ جي سڄي معاملي کان اوهان سڀ واقف آهيو. سو اوهان کي هن موجوده زماني ۾ جيڪڏهن زنده رهڻو آهي ته توهان هڪڙو ته پنهنجن ٻچن کي انگريزي پڙهائيندئو، پنهنجن ٻچن کي سائنس پڙهائيندئو ۽ Mathematics پڙهائيندئو. هن وقت پيو ڪو ٻه علم اوهان جي ٻچن کي ڪم ڪو نه ايندو.. ڪجهه ڳالهيون ڪندس، اوهان ناراض نه ٿجو. معاف ڪجو! اسان ڏاڍا قابل ماڻهو آهيون پر اسان عورت جي معاملي ۾ ڏاڍا ظالم ماڻهو آهيون. دنيا جنهن ترقي ڪئي آهي ان سڄي دنيا جو اوهان حساب لڳايو ته اڌ زائفون آهن ۽ اڌ مرد آهن. انساني آبادي جيڪا آهي ان جي اڌ آباديءَ کي اسان ڪاري هيٺان واڙي ڇڏيو آهي ان کي گجر موريءَ وانگر روزانو ڪُهون ٿا پيا. ان کي بند ڪري ڇڏيو اٿئون باقي بچي اڌ آبادي، تازو مان هڪڙو مضمون پڙهيو ان ۾ لکيل هو ته بلڊ پريشر جي جيڪا بيماري آهي ان

کي "*Silent Killer*" چئبو آهي- اُها خاموشيءَ سان ماڻهوءَ کي ماري ڇڏيندي آهي ۽ جن ماڻهن کي اُها بيماري آهي انهن مان اڌ کان گهڻن ماڻهن کي اِها خبر ئي ڪانهي ته هنن کي اِها بيماري آهي پر جن ماڻهن کي خبر آهي ته اسان کي هيءَ بيماري آ انهن مان اڌ ماڻهن کان گهٽ ماڻهو بلڊ پريشر جون دوائون کائن ٿا ۽ جيڪي وري دوائون ٿا کائن انهن مان به پنجاهه سيڪڙو کان گهٽ ماڻهن جو بلڊ پريشر ڪنٽرول ۾ آهي. اِهو حساب جيڪڏهن اوهان لڳايو ته سڄي سماج ۾ بلڊ پريشر جي بيماري جيترن ماڻهن کي آهي ان مان ڪنٽرول ۾ ڪيترو آهي ته پنج سيڪڙو وڃي بيهندو. ان حساب سان اسان مڙس ماڻهو آهيون وڏا قابل ۽ بهادر آهيون پر اسان عورت جا دشمن آهيون. عورت کي اڳتي وڌڻ نه ڏينداسين. اسان هڪڙا محاورا ٺاهيا آهن "مرد رُلي ته کُلي ۽ عورت رُلي ته ڀُلي!" مان جيڪڏهن امريڪا وڃي ۽ موٽي اچي ڪو سفرنامو لکان ته دوست چوندا واهه سائين واهه تون ته ڪو وڏو ليکڪ آهين پر ڪا زائفان جيڪڏهن امريڪا وڃي ۽ سفرنامو لکندي ته وس پڄندن ته هن کي "ڪاري" ڪري ماري وجهندا پر جي جيئري هوندي ته هن جون گلائون ڪندا، ڪتاب هن جو پڙهندا ۽ ان جي ڳالهين کي ڇڏي هو پيو ڪجهه سوچيندا ته هن اُتي ڇا ڪيو هوندو! سو چوڻ جو مقصد اِهو آهي ته اسان جنهن ٿاريءَ تي ويٺا آهيون ان ٿاريءَ کي ڪپيون ويٺا، اسان پنهنجن پيرن تي ڪهاڙو پيا هڻئون جنهن جو ڪو علاج ڪونهي. اسان پنهنجين نياڻين کي نٿا پڙهايون، شاباس آهي SEF وارن کي جن هِتي نياڻين جا ايترا اسڪول کوليا آهن ۽ سڄي سنڌ ۾ کوليا آهن. اهڙا اڪجهه سٺا ماڻهو اڃا موجود آهن، هڪڙا ماڻهو آهن جن انٽرنيٽ پيدا ڪئي آهي. انهن اوهان جي مدد ڪئي آهي انهن اوهان ۾ هڪ نئين زماني جو علم آندو آهي ۽ اوهان کي ان نئين زماني جي علم سان گڏ هلڻو آهي پراڻيون ڳالهيون ترڪ ڪرڻيون آهن. ٻي صورت ۾ هيءَ ڪراچي آهي. ان ۾ سنڌين جو وجود برقرار نه رهي سگهندو ۽ اوهان ڪنهن غلط فهميءَ ۾ نه رهجو. اوهان کي مقابلو ڪرڻو آهي. هاڻي مقابلو جهيڙي جو ناهي، اڳي هوندو هو مڙس

مڙس جو مَٽُ ۽ تلوارن سان وڙهندا هُيا. هڪڙو ماڻهو ميدان ۾ نڪرندو هو پيو ان سان جنگ ڪندو هو. هاڻي اُها جنگ ناهي، هاڻي هڪڙو GPS آهي يعني *Global Positioning System* جيڪو موبائيل جيترو اوزار آهي. اُهو آمريڪا کي پڌائي ٿو ته ٻون پاڻ وٿان هڪڙو ميزائيل ڇڏيندين هن اينگل سان ته اهو وڃي افغانستان کي لڳندو، هن جي فلاڻي جاءِ کي لڳندو. عراق جي فلاڻي جاءِ کي لڳندو، ڪرنل قذافيءَ جي ڏيءُ جاتي سُتل آهي ان جاءِ تي وڃي ڪرندو. هن وقت جنگ جا طور طريقا تبديل ٿي ويا آهن نه ڪو پاڪُرَ سان اوهان جنگ ڪنهن سان وڙهي سگهو ٿا، نه ڪو کهاڙي ڪنهن کي هڻي سگهو ٿا. هينئر جنگ رُڳو ڪمپيوٽر جي جنگ آهي ۽ اوهان اِهو ڏسو ته ملير ۾ جيترا ڳوٺ آهن انهن ۾ گهڻا ڪمپيوٽر آهن؟ ملير ۾ جيترا ڳوٺ آهن انهن ۾ انٽرنيٽ جي *Facility* گهڻن ڳوٺن ۾ آهي؟ ان ڳالهه تي هن علائقي جي نمائندن کي به سوچڻ گهرجي. هن علائقي جي چڱن مڙسن کي به سوچڻ کپي. هن علائقي جي روحاني رهبرن کي به سوچڻ کپي. هن علائقي جي ماڻهن کي به سوچڻ کپي، سنڌ جي بادشاهن کي به سوچڻ کپي، سنڌ جي پڙهيل لکيل ۽ ذهين ماڻهن کي به سوچڻ گهرجي.

جيڪڏهن مون وٽ اختيار هجن ته مان سڄي دنيا کي سنڌ بڻائي ڇڏيان

نوٽ: 25 جنوري 2001 تي انور ابڙي جي گهر تي اديبن پاران انور پيرزادي جي 57 هين سالگره ملهائي وئي هُئي جنهن ۾ سنڌ جا ناليوارا اديب، شاعر ۽ دانشور شريڪ ٿيا هُئا جن ۾ بدر ابڙو، رئوف نظامائي، چندر ڪيسواڻي، محمد علي پٺاڻ، هدايت بلوچ، جان خاصخيلي، امر پيرزادي، انور ابڙي ۽ ڪجهه ٻين دوستن شرڪت ڪئي هئي. ان تقريب کي ڪجهه باضابطا رنگ ڏيڻ لاءِ اڳ ۾ سيني وڏل اديبن انور جي شخصيت تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو هو ۽ آخر ۾ انهن جي سوالن جا جواب ۽ پنهنجا ڪجهه ذاتي تجربا، مشاهدا ۽ ويچار انور صاحب غير رسمي طور دوستن سان ونڊيا هُئا جيڪي جيئن جو تيئن پڙهندڙن آڏو رکجن ٿا– هن غير رسمي ڪچهريءَ مان انور پيرزادي جي ڳالهائڻ تي گرفت هجڻ ۽ محفل تي ڇانئجي وڃڻ واري خوبيءَ کي پرکي سگهجي ٿو. ڪچهريءَ جا ڪجهه ٽڪرا ٽيپ تي رڪارڊ ٿيڻ کان رهجي پڻ ويا آهن. جيڪو رڪارڊ تي آهي اُهو جيئن جو تيئن هيٺ ڏجي ٿو.

انور پيرزادو: دوستن مونکي جيڪو اڄ مانُ ڏنو آهي ضروري ناهي ته مان ان جو اهل به هُجان پر اِها سندن مهرباني آهي.

ڪميونسٽ پارٽيءَ وارو دور هڪ تمام رومانٽڪ دور هو. ڪراچي ۾ هڪ وڏي رسڪ هوندي هُئي، ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سينٽرل ڪميٽي جي ميٽنگ لاءِ جاءِ ارينج ڪرڻ منهنجي ذميواري هوندي هُئي. اُتي سيڪيورٽي پرابلم هوندو هو ته ڪٿي ڪو ڇاپو نه

لڳي وڃي.

چام سان هڪڙي ميٽنگ رکيل هئي، اُن ميٽنگ کان اڳ ۾ مان هڪ دوست وٽ ويس جنهن مونکي *Scotch* جي وسڪي پياري. نشن ۾ دوست کان اجازت ورتي. ڊج پيو ٿئي ته چام کي خبر پوندي ته ناراض ٿيندو پر چام کيُ منهنجي عشق جي به خبر هوندي هئي ۽ نشن جي به (ٺهڪ ڏيندي). سو ان ڏينهن مون ڏاڍا پرفيوم هنيا ته جيئن جڏهن مان اسڪوٽر هلايان ته چام کي خبر نه پوي ته مان ڪا وسڪي پيتي آهي. سو اُتي پهتس مان اچا اسڪوٽر هلايو ته چام چيو "هَلُ! اڄ ته ڏاڍيون خوشبو آهن" هن پرفيوم جي خوشبو سمجهي پر مون سمجهيو هن کي وسڪيءَ جي خوشبو آئي آ، مون چيو ڪامريڊ مون وسڪي پيتي آهي (ٺهڪ ڏيندي). سو اُهو هڪ تمام *Romantic period* هو.

ان دور ۾ هلندي هلندي جيڪو مونکي *Shock* آيو جنهن جي منهنجن گهڻن دوستن کي خبر ناهي پر انور ابڙي کي خبر آهي ته اهو منهنجي *Mother* جو *Death* هو. جنهن ڏينهن منهنجي *Mother* جو *Death* ٿيو اُن ڏينهن ٿي شيون منهنجي زندگيءَ مان *Minus* ٿي ويون انقلاب، عشق ۽ شاعري. اهو هڪ ذاتي مسئلو آهي. پوءِ زماني سان اُتياسين ويٺاسين. اها بي ڳالهه آهي.

رئوف نظامانيءَ جيڪو چيو اُهو سئو سيڪڙو صحيح آ، اهو لفظ جيڪو هن نه چيو پر مان چوان ٿو. ته سنڌ جي حوالي سان *I AM CHAUVINIST* جيئن رئوف چيو ته سنڌ جو ڪلچر سنڌ جي سويلائيزيشن کي ماضي سميت انور *Impose* ڪرڻ ٿو چاهي، سڄي دنيا تي ٿاڦڻ ٿو چاهي ۽ هن اِهو به چيو ته اِها انور جي ڪمزوري آهي. اِها برابر منهنجي جذباتي ڪمزوري آهي پر اهو منهنجو *Calculated opinion* به آهي. پنهنجي نيازمنديءَ سان مان اِهو عرض ڪرڻ ٿو چاهيان ته *Whatever I feel like you know* ته مان جيڪڏهن الله هجان ۽ ڪن فيڪون جا *Powers* مون وٽ هُجن ته مان سڄي دنيا کي سنڌ بڻائي ڇڏيان.

سنڌ جي *Civilization* جو جيڪو نچوڙ آ مان هن دنيا کي اونڻ

ناهي ڇڏيان. ان ڪان وڌيڪ خوبصورت دنيا ڪاٿي ئي ڪانهي. اسان جي جاگرافي اسان جي Past يعني ويدَ سنڌو درياهہ جي ڪناري تي لکيا ويا. چئين ٿہ:

"لهر مڙيو ئي لال وهہ تئائين وترو
عطرَ ۽ انبير جا جَرَ مان اچن جال
ڪُنن گهڙي ڪالهہ سڪ پريان جي سهڻي"

دراصل جيڪا شيءِ مان هن دنيا تي ڏاڍو چاهيان اُها آهي.

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

مان سمجهان ٿو ان ڪان وڌيڪ نہ تہ ڪا انٽرنيشنل ازم آ ۽ نہ ڪا نيشنل ازم آ. اڳ ۾ تہ اهو ڏسڻو پوندو تہ هن دنيا کي اسان تبديل ڇو ٿا ڪرڻ چاهيون؟ ان ڪري تہ پنهنجي سنڌ Develop ٿئي. هر ماڻهوءَ جي دنيا پنهنجي وطن کان شروع ٿيندي آهي منهنجي دنيا سنڌ کان شروع ٿيندي اُها نہ امريڪا کان شروع ٿيندي نہ ڪنهن ٻي ملڪ کان شروع ٿيندي.

SINDH IS THE FIRST PRIORITY

سنڌ ڏاڍي destroy ٿي آهي، سنڌ کي ڏاڍو نابود ڪيو ويو آهي. پاڪستان هڪ 3rd World Country آهي ۽ ان جو ٻيو نمبر غريب صوبو سنڌ آهي ۽ سنڌ جو غريب ترين علائقو ٿر آهي ۽ ان جي Natural wealth تہ ڏسو.

We have got 200 Billion Tons of Coal in Thar,
We have got 125 square Kilometre of Granite and
We have got 100 miles of China clay only in Thar.

ٿر ۾ ايڏا Resources آهن اسان ان کي ناهي سگهون ٿا ان ۾ ڏُڪار جي گنجائش ئي ڪانهي.

ٿر جي هڪ هڪ پٽ تي چڙهي لهندوءَ تہ you will have a آهي، Unimaginable beauty يعني different panoramic scene ڪاڇو

جنهن تي ڪنياٽ لکيل آهي، Indus اُن تي گهاٽا جهنگل!

سنڌ جا جبل گهُمي ته ڏسو ان جو هڪ هڪ لَڪُ! بدر ۽ مان بيهي رهندا آهيون، اُتان جا پهاڙي سلسلا، ڪارو ڪيرٿر Lucky hills Range ۽ روهڙيءَ وارا Hills توهان هڪ هڪ جبل ۾ وڃو اوهان جي دل چوندي گاڏي کي بريڪ هڻي اُن جي وڊيو فلم ٺاهجي Still Camera جي پيٽي ناهي! انڊس ڊيلٽا ۾ Innumerable creeks آهن. ان جي هڪ هڪ Creek ۾ ويندئو ته اوهان بيهي رهندؤ .You will space bound

مان جڏهن امريڪا ويس ته انهن کي چيم "اوهان وٽ هفتي ۾ ٽي ڏينهن مينهن ٿو پوي اهي ٽِي ڏينهن مينهن هفتي ۾ اسان وٽ پوي ته اوهان جي امريڪا سنڌ سان نه پُڄي سگهي- اسان جي سنڌ ايڏي حسين آهي ۽ اُتي جيڪڏهن هفتو مينهن نه پيو وسي ته اُتان جي زمين ڦاٽي پوي، چيم ته اوهان جي زمين به Desert آهي جيڪڏهن مينهن نه وسي ته. اسان هڪ ته Environment جي حفاظت نه ٿا ڪيون، وڻ نه ٿا پوکيون. مون انهن کي چيو ته مان سنڌ مان اچان پيو جتي ٽن سالن کان مينهن جي ڦُڙي نه پئي آهي. سو اسان تي ته الله به ڪاوڙيل آهي ۽ پنجاب به ڪاوڙيل آهي، اوهان تي پئي راضي آهن يعني اُتان جي ڪنهن به نديءَ جو پاڻي نه ٿو روڪيو وڃي. مون اُتي جي Washington Post ۾ Stories پڙهيون، اُتي به هتان وانگر tail end جو مسئلو آهي، اُتي به disputes آهن پر There is rule of Law, Nobody can take your water share پر هتي ته انڌير نگري آهي. سو جيستائين شائونسٽ سنڌي هجڻ جو تعلق آهي ته اهڙا طعنا مون انگريزي پريس ۾ به گهڻا ٻُڌا آهن. هڪ ته تاريخ جيڪا مونکي هن مختصر زندگيءَ ۾ ملي اُن منهنجي ڏاڍي Help ڪئي، اُن ۾ منهنجي توري به Efforts وڏي ثابت ٿي.

سنڌي ادبي سنگت جو ڪم به عشق وانگي ڪيوسين، هڪڙي انڊر گرائونڊ ميٽنگ ۾ جام ساقي هجي اُن ۾ شمشيرالحيدري، تاج بلوچ ۽ مونکي گهرايو ويو. نون سالن کان سنڌي ادبي سنگت جون اليڪشن نه ٿيون هُجن. ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ جام ساقيءَ چاهيو پئي ته

اُن کي Revive ڪجي. مان نوجوان هئس، پاسي ۾ وينو هئس شمشير ۽ تاج پنهي کان چام پُڇيو ته سنگت کي ڪيئن Revive ڪجي- شمشير چيو سائين اِها Revive نه ٿي ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته اينٽي ون يونٽ موومينٽ ختم ٿي چُڪي آ. هاڻي ڪو انسپائريشن پوئنٽي نه بچيو آهي جنهن اشوءَ تي اوهان ماڻهن کي به جمع ڪري سگهو، سو اِهو ممڪن ناهي، تاج کان پُڇيائين ته تون ٻُڌاءِ! تاج چيو سائين اِهو Possible ناهي ڇاڪاڻ ته دوستن جا جيڪي رويا آهن اِهي سڀ هڪ جاءِ تي اچي نه ٿا سگهن. اُن دور ۾ تاج ڪراچي سنگت جو سيڪريٽري ۽ مرڪز جو جوائنٽ سيڪريٽري هوندو هو. چام آخر ۾ مونکان پُڇيو انور تون ٻُڌاءِ؟ مون چيو سائين بلڪل ٿي ويندو يعني هڪڙو Blindly ۽ پاڳل پڻي وارو جواب ته هڪڙي شيءِ ڪرڻ آ ته ڪري وجهنداسين، مسئلو ئي ناهي، يعني ان وقت جيئن شمشير چيو ته ڪا انسپائريشن نه بچي آهي ته سنگت کي Revive ڪرڻ جو مقصد ڇا سياسي هو؟ ادبي نه هو؟ جي سوال جو جواب ڏيندي انور چيو بلڪل ادبي هو، چام جو مقصد اِهو نه هو ته سنگت کي توهان سياسي پليٽ فارم ٺاهيو. ان چيو ادبي سنگت کي Revive ڪيو. ون يونٽ جي فرنٽ تي به اديب هُئا، روح رهاڻ هو. سنڌ جي سياست جي رهبري هينئر تائين ته سنڌي ادب ڪئي آهي اڳتي هلي ڏسنداسين جڏهن اِها سياستدانن ڪئي. اها ادبي شاونزم به اٿو ان تي ڪيترا سياستدان ڪاوڙيا آهن.

جيئن هن وقت سنڌي صحافت آهي، هن وقت سنڌ جي قومي حقن لاءِ واحد مورچو سنڌي پريس آهي، ان تي به ڪيترا Professional politicians ناراض ٿيندا آهن ته توهان ايئن چو ٿا چئو؟ اسان چوندا آهيون، اسان اِهو چونداسين چو ته صحافت ڪانسواءِ هينئر اهڙو ٻيو ڪو به مورچو ڪونهي. هن وقت Wenguard توهان ناهيو Wenguard هينئر سنڌي پريس آهي. چام ساقيءَ کي مون چيو ته اِهو ٿي ويندو، مرڪزي سنگت به آرگنائيز ڪنداسين ۽ ڪراچي سنگت ته مان ٿو ڪيان اوهان تاج بلوچ کي چئو- تاج تي اصل مان سلطاني گواهه ٿي بينس (ٺهڪ ڏيندي)

تاج کي چيم سنگت منهنجي حوالي ڪر هن چيو ٺيڪ آهي. مون چيو مرڪز جو منهنجو ٺيڪو آ. ڪم شروع ڪيوسين ان دور ۾ بدر ابڙو، هدايت منگي ۽ ثريا مخدوم مونسان گڏ *Active* هوندا هُئا. ايئن اسان جيڪو *Campaign* هلايو سون ان جو نتيجو 83 واريون *Elections* ٿيون. ان ۾ منهنجي جيڪا *Candidature* هئي سا ظاهر آهي *Communist party* هُئي ۽ ٻيا جيڪي ٻه گروپ هئا سائين جي ايم سيد ۽ پليجي وارا اِهي *United* ٿي اسان جا مخالف ٿي بيٺا. اليڪشن مهل رشيد ڀٽي، تاج ۽ مان وينو هئس. سو ڪُوڙا ووٽ اچڻ شروع ٿيا هڪ ته ماڻهو نوڙي ووٽ پيا ڏين ته پاسي مان ريوالور پيو نظر اچي جنهن تي رشيد ڀٽي پيو چئي ته اڙي اِهو ريوالور ته ڏِڪيو، ووٽ ڏيڻ وارا علي نواز "الف انب" سان پيا لکن ته رشيد ڀٽي پيو چئي ته هي اديب آهن جن کي علي نواز لکڻ به نه ٿو اچي. ايئن رشيد ڀٽي چڙون وينو ڪائي نيٽ چڙي چئين انور اجا ڏسين ٿو وينو بائيڪاٽ نه ٿو ڪرين؟ مون چيو سائين مان بائيڪاٽ ڪيئن ڪيان؟ مون ته اِها *Campaign* ئي *Elections* ڪرائڻ لاءِ هلائي هُئي، نتيجي ۾ هنن صرف 24 ووٽ مونکان وڌيڪ کنيا. اليڪشن هارائي سين، جيڪا *Charge* هُئي اُها. اسان تاج جوئي کي ڏيندي چيو اسان کي اليڪشن جا نتيجا قبول آهن چاڪاڻ ته اسان سنگت جي *Reorganization* ۾ *Interested* آهيون عهدي ۾ *Interested* ناهيون. توکي سنگت جي پارت هُجي. هاڻي پوئين سال ڪاوش پاران سَنگت واري مذاڪري ۾ تاج جوئي جي ان جملي کي مان ڏاڍو *Enjoy* ڪيو جڏهن هن چيو ته سنگت جو وڏي ۾ وڏو جيڪو *Problem* آهي سو آهي ان جا جُڙتو يونٽ. سو مان چيو ته ادا ان جي ابتدا ته تو پاڻ ڪئي هُئي (ٽهڪ ڏيندي).

ٻيو مونکي عرض اِهو ڪرڻو آهي ته ڪميونسٽ پارٽي کان منهنجي دُوري ڪهڙي ڳالهه تي ٿي، اِها هڪ اندر جي ڳالهه آهي جنهن تي رئوف نظاماڻي به ناراض آهي ۽ ٻيا دوست به ناراض آهن. اِهو ٿيو ته پارٽي ٽٽڻ جي ڪري ۽ سنڌي *National Question* واري مسئلي تي *Politically*، پر اصل منهنجي دل جيڪا خراب ٿي اُها ڪهڙي ڳالهه تي

ٿي.
پٽائي صاحب چيو ته:

مٿهن جنهين جي مون ڏٺو مُنهن ميهار جو
اٿم ساهه سنئون سو ڪيئن گهڙو گهوريان.

يعني جنهن گهڙي جي آسري مان ميهار سان ملان ٿي اُن مان هٿ ڪيئن ڪڍان؟ مونکي ڪميونزم جي دري ڏيکاري سوڀي گيانچندائي، امام علي نازش سان هر مهيني منهنجي ميٽنگ ٿيندي هُئي ۽ اُهو هر ميٽنگ ۾ مونکان پڇندو هو ته "همارا بديرا ڪامريڊ ڪيسا هي؟" ڇو ته امام علي نازش جا سوڀي سان اختلاف هوندا هُئا. سوڀو جيڪو Inactive ٿيو هو سو جمال نقوي ۽ امام علي نازش جي روين ڪري ٿيو هو پر سوڀو تمام فضيلت وارو ماڻهو هو ان جي واتان مون اهڙا گُٿا لفظ ڪڏهن به نه ٻُڌا پر امام علي نازش سدائين مونکي چوندو هو "همارا بديرا ڪامريڊ ڪيسا هي؟" مونکي ڪميونزم جي راهه ڏيکارڻ وارا ٻه ماڻهو هُئا هڪ سوڀو ۽ ٻيو ڄام ساقي. ڄام ساقي ڪان وڏي Struggle مون ذاتي حيثيت ۾ ڪڏهن به نه ڏٺي، پاڪستان ۾ پنڻ ۽ پنجابي به ڪميونسٽ هُئا پر مون ڄام ڪان وڏو فائيٽر نه ڏٺو، ڄام کي مان هيرو سمجهندو هُئس، ڄام جي هاڻي به مان تمام گهڻي Respect ٿو ڪيان ڇو ته ڄام جن مرحلن مان گذريو آهي، ڪير ٻيو هُجي هان ته ٽڪريون ٽڪريون ٿي وڃي هان. هن وقت هو Disable ماڻهو آ ۽ هڪ Disable ماڻهوءَ تي کهڙي ميار. I still respect him as a very great man –
مونکي اِها به خبر آهي ته ڄام ڪميونسٽ دوستن جا دَر وڃي ڪڙڪايا آهن ۽ جڏهن هو نڪتا ته هو تبليغي جماعت وارن سان بيٺو هو سو ماڻهو ڄام کي ايئن ڏسي ڇريا ٿي پيا آهن.

سو امام علي نازش جڏهن سوڀي خلاف ڳالهائيندو هو ته اندر ۾ ڪميونزم تان منهنجو ارواح ختم ٿيڻ لڳو پر پنهنجي ضمير ۾ مان سمجهان ٿو ته "جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي" ڪان وٺي اڄ تائين Ideologically ڇو ته ضمير ته هر ڪنهن جو ذاتي مسئلو آ، جيڪڏهن

مونکي سڪون سان ننڊ ٿي اچي ته ان ڪري جو منهنجو ضمير صاف آهي جيڪي ماڻهن جون Perceptions آهن ان جو Formation پنهنجو ٿيندو آهي مون ڪڏهن به ان ۾ Discontinuity محسوس نه ڪئي آهي - مونکي اندر ۾ ايئن محسوس ٿيندو آهي- باقي رهيو سوال اِهو ته هڪڙو ماڻهو ڪُتي جي قبر تائين چڙهي سگهي ٿو ڪير بُني به نٿو چڙهي سگهي، ڪو نارا ٿر جبل چڙهي سگهي ٿو ڪنهن جو وس ڪيترو ڪنهن جو ڪيترو ٿي سگهي ٿو. پر Ideologically ۽ Intellectually ضمير جي حوالي کان اُها جيڪا Per suit آ سا اِها ئي آهي ته هيءَ دنيا جنهن کي اسان بدلائڻ ٿا چاهيون ان جو سبب اِهو ئي آهي ته سنڌ ان ۾ خوشحال رهي، ان ڪري سنڌ منهنجو Greatest Concern آهي، اهو نه ته سنڌ تي احسان آهي نه ڪنهن ٻي تي احسان آهي جيڪڏهن احسان آهي ته پنهنجي وجود تي احسان آهي.

اسان جا جيڪي نئين ٽهي جا لکندڙ آهن انهن کي منهنجي رُڳي صلاح اِها آهي ته جيئن پتائي صاحب چيو ته:

"عشق ساڻ اُناءِ پير پرين جي پار ڏي.

پرين ڏي جيڪو وڃجي اُهو پرپور عشق سان وڃجي ٻيو ڪو به Consideration نه هُجڻ گهرجي. مونکي Publicity نه وڻي آهي ماڻهو چون ٿا هينئر وايومنڊل تبديل ٿيو آ هينئر جيڪڏهن توهان Peoples party ۾ وڃو پوءِ بينظير وزيراعظم ٿيندي توهان وزير ٿيندو. ماڻهو Political Affiliations سان Planning هلائيندا آهن. اسان عشق ڪيو آ عشق انڌو هوندو آ، ڪهاڙين هيٺان اچي ڪارو تي ڪُسجي ويندو آ. اسان جي ڀهراڙيءَ جون عورتون پنهنجي محبوب کي چونديون آهن مڙس ماڻهو آن ته نڪري اچ مان به هٿن کي ميندي لائي نڪران ٿي وڏ ۾ وڏ ڪهاڙين هيٺان اچي مرنداسين ٻيو ڇا ٿيندو؟ سو Death is no Problem هن سڄي ڪائنات جي Context ۾ هيءَ ته ڪا life ئي ناهي، سو ان ۾ ڪهڙا ڪمپرومائيزز ڪرڻا. ماڻهو پنهنجي ضمير سان هلي جيترو هلي سگهي.

ڀٽائي جو جيڪو حوالو آهي ان جوالي سان مان عرض ڪيان ته اسان سنڌي اِهلِ ڪتاب آهيون ۽ ان ڪتاب جو نالو شاهه جو رسالو آهي. هن رسالي ۾ ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته ڀٽائي جي شاعريءَ جو مقصد عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ راز ۽ نياز کي بيان ڪرڻ آهي پيو ڪو ان ۾ مواد ئي ڪونهي. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته قرآن شريف جو عربي مان سنڌي ترجمو ڪري مسلمانن کي سمجهائڻ ته اسلام ڇا ٿيندو آهي. الله ڇا ٿيندو آهي، صحيح راهه ڪهڙي آهي. الله کي ڪيئن حاصل ڪبو آهي اِهو بيان ڪرڻ رسالي جو مقصد آهي. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته نه هن جي شاعريءَ جو مقصد ته اهو آهي ته سنڌي لئنگويج کي ڪيئن ٺيڪ ڪجي، ان جو گرامر ڪيئن ٺاهجي، ان جا *Phonetics* ڪيئن ٺاهجن، ان شاعريءَ ۾ *Instrumental Music* ڪيئن وجهجن. سنڌي لئنگويج جي *Linguistic Development* ڪيئن ڪجي. ڇڻ ان کان وڌيڪ رسالي ۾ ٻي ڪا ئي شيءَ ئي ڪانهي. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته سنڌ کي *Total Document* ڪرڻ هن ماڻهوءَ جو مقصد هو. ڪڏهن ڪڏهن لڳندو آهي ته نه هي ته ڄڪو *Underground* تحريڪ جو ماڻهو هو جيڪو ماڻهن کي سمجهائڻ پيو چاهي ته:

ڪي سُمهي ڪي جاڳُ ڪاءَ اڏروو انُ
ته جا مورت تنهنجي من تنهن مُشاهدو ماڻئين.

سو سائين پرينم تنهنجا پارَ ڪهڙا ڇئي ڪهڙا ڇوان. مونکي لڳي ٿو ته هي ڪتاب جنهن جو نالو رسالو آهي ان ۾ سنڌي ماڻهوءَ کي هن ڪائنات ۾ رهڻ لاءِ جيڪا *Total Philosophy* کپي اُها موجود آهي ۽ اهڙي انداز ۾ موجود آهي جيڪا هو ٻي ڪنهن ٻوليءَ ۾ سمجهي ئي نٿو سگهي ڇاڪاڻ ته هڪ ته اِها هن جي پنهنجي ٻولي آ جنهن ۾ هن کي سمجهايو ويو آ پيو ته هن ايڏي *Poetic* ايڏي ۽ *Artistic* ايڏي *Impressive* انداز سان سمجهايو آ جو ان ۾ ته هو *Unsurpassed* آهي، اهڙو *Art of Expression* هن وقت تائين پيدا ئي نه ٿيو آ. ڀٽائي جي معاملي ۾ ٻه اوهان مونکي شائونست ڇئي سگهو ٿا ڇو ته شاعر ۽ فلاسافر ته دنيا ۾ پيا ٻه موجود آهن.

سنڌ جاگرافيائي ۽ تاريخي طور پنجن يونٽن جي هڪ فيڊريشن آهي

٭

سائين قلندر شاهه لڪياري صاحب، سائين خدا ڏنو شاهه صاحب ۽ ٻيا محترم دوست جيڪي اسٽيج تي ويٺا آهن ۽ انهن کان به محترم اُهي دوست جيڪي هي مشاعرو ٻڌڻ آيا آهن.

مونکي واقعي اعزاز محسوس ٿيو جڏهن مان هتي لاڙ سنڌ جي شاعري ٻڌي، اسان جيڪي اُتر جا ماڻهو آهيون، جنهن جي نه اهڙي ٻولي سُريلي نه اهڙو لهجو تُز جهڙو سنڌ جي لاڙ جي ماڻهن جو آهي ۽ انهن جي شاعري جيڪا هن مشاعري ۾ پيش ڪئي وئي اُها واقعي عوامي قسم جي شاعري هُئي، اسان جيڪي پڙهيا ڪڙهيا پني تي اکر لکي شعر جوڙيندا آهيون ڏن ڪي پنهنجا شعر به ياد ناهن هوندا، منهنجو ته وري اوچتو هِتي اچڻ ٿيو آهي سو مان پنهنجو ڪو شعر پاڻ سان ڪڻي به ڪو نه آيو آهيان، آخر ۾ اوهان کي يادگيري طور ڪجهه سٽون پڙهائيندس. پر هن موقعي تي جيڪا سڀ کان وڏيڪ ڳالهه مونکي محسوس ٿي آهي سا اِها ته ملير بچايو تحريڪ هن وقت علامتي طور تي "سنڌ بچايو تحريڪ" ٿي چُڪي آهي، مارئي جو ملير هن وقت اسان کان ليي ڪو نه ٿو. تازو سنڌ جي ڪجهه سيلاني دوستن ۽ سڄاڻ محققن سان ٿر وڃڻ ٿيو ته اُتي اسان هنن کان پڇيو ته مارئي جو ملير ڪاٿي آهي، اُتي اسان کي خبر پئي ته هن وقت ٿر جو اهڙو ڪو به خطو ناهي جنهن کي "ملير ڪوٺيو وڃي، آخر ۾ اسان هنن کي چيو پلا سڄي ٿر ۾ ملير نالي ڪا شيءِ اوهان وٽ آهي ته اسان کي ٻڌايو ويو ته سواءِ ڀٽائي صاحب جي شعر جي جنهن ۾ هن ملير کي ڳايو آهي ٻي ڪا اهڙي شئي ناهي پر بعد ۾ ٿر جا ماڻهو هڪڙو

اجرڪ ڪٽي آيا انهن چيو تہ هن کي اسان "مليرو اجرڪ" ڪوٺيندا آهيون. سو مارئي جو ملير هينئر جاگرافيائي لحاظ کان نظر نہ ٿو اچي ۽ سسئي جو ملير (لائينڊيس لڳن کي مليران ميندي) اُهو آهي جنهن ۾ اسان هينئر ويٺا آهيون پر ان کي ڪلاچيءَ جي ڪُن وارو مانگر مڇ ڳڙڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي جڏهن تہ سنڌ جي صديون پراڻي تهذيب شاهد آهي تہ سنڌو ماٿري جي تهذيب سنڌو درياهہ ٺاهي آهي. سنڌو درياهہ هماليہ جبل تان لهي ٿو، اٽيهہ هزار فٽ جي بلنديءَ تان ۽ اُتان لهي سمنڊ جي سطح سان گڏجي جنگي سرپٽڻ سان پنهنجون ٻہ ڇاڙون ٺو ٺاهي ۽ پوءِ سوين ۽ هزارين ڇاڙون ٺاهي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. اُهو سنڌو درياهہ جنهن جا جيڪڏهن پاڳا چئبا تہ هڪڙو جابلو پاڳو اُتاهينءَ تان لهي ٿو اچي، اُن ڪانپوءِ سنڌ ۽ پنجاب جي ميداني علائقن مان گذري ٿو ۽ ان ڪانپوءِ ڊيلٽا ٺاهي سمنڊ سان ملي ٿو. ان لحاظ کان ڏٺو وڃي تہ سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جو تَتُ ۽ جوهر لاڙ ۽ ڊيلٽا ۾ موجود آهي. ان لاڙ ۽ ڊيلٽا کي اترين علائقن پنجاب ۽ ٻين تہ نظرانداز ڪيو پر سنڌ بہ ان کي ان حساب سان نظر انداز ڪيو جو جنهن وقت سکر بئراج، گڊو بئراج ۽ ڪوٽڙي بئراج ٺهيا تڏهن ڳاڙهن چانورن جو فصل گهٽجي ويو ۽ پوءِ ختم ٿي ويو. پلو مڇي ختم ٿي وئي، تمر جا وڻ ناس ٿي ويا. سکر بئراج ٺهيو جنهن کي بہ سنڌ جو وڏو ڪرشمو ٿو چئجي.

It is the largest Irrigation system of the world

اهو دنيا جو وڏي ۾ وڏو آبپاشي نظام آهي، پر ان جي ٺهڻ سان وچولي سنڌ جا زميندار موٽا ٿيا ۽ لاڙ سنڌ تباهہ ٿي ويو.

مان ذاتي طور سمجهان ٿو تہ سنڌ جاگرافيائي ۽ تاريخي طور تي پنجن يونٽن جي هڪ "فيڊريشن" آهي:

1- ڪوهستان سنڌ جو جبل جو علائقو اُن جا ماڻهو اُتان جو لهجو، اُتان جي پوشاڪ، اُتان جي *Anthropology* اُتان جو *Folk*، اُتان جي *Music* مختلف.

2- اهڙي طرح سان ساموندي پٽي، ڊيلٽائي علائقو. "اسين ماڻهو لاڙ جا

درياهه جي پڇاڙ جا."
انهن جي اُتي ويٺي مختلف.
3- ان ڪانپوءِ ٿرا ٿر مختلف.
4- ڪڇ.
5- ڪاڇو.

اِهي سنڌ جا پنج مختلف جاگرافيائي يونٽ آهن. جيڪڏهن سنڌ کي سياسي طور تي متحد رهڻو آهي ته انهن پنجن ئي جاگرافيائي يونٽن ۽ انهن ۾ رهندڙ ماڻهو ۽ انهن جي علائقن جو هڪ جيترو خيال رکڻو پوندو. ان جي حفاظت ڪرڻي پوندي، ايئن نه ته اُتر سنڌ جي زميندار کي موٽي ڪرڻ لاءِ اوهان بئراج ٺاهيو ته جيئن لاڙ تباهه ٿي وڃي، توهان ٿر ۾ سنڌو درياهه جو پاڻي نه موڪليو. سنڌ جي سياسي حيثيت کي اڌ صدي گذري آهي. پر ٿر کي اسان نظر انداز ڪيو آهي.

جيستائين ملير جو تعلق آهي ته اُهو سسئي جو ملير، ان بابت شاعرن، اديبن ۽ محققن کي ريسرچ ۽ کوجنا ڪرڻ کپي ڇاڪاڻ ته ملير اهڙي ئي هڪڙي وادي آهي تهذيبي طور تي جهڙي سنڌو درياهه جي ماٿري آهي، جهڙي سنڌو درياهه جي ماٿري آهي، جهڙي منڇر جي تهذيب آهي. اهڙي ئي ملير جي هڪڙي *Independent* تهذيب آهي. هن وقت اسان ڪراچي ۾ رهون ٿا ڪراچي ٻن ندين تي ٺهيل آهي هڪڙي ملير ندي ۽ ٻي لياري ندي ۽ ڊيلٽا علائقي جي جيڪا ساڄي هٿ جي ڪاري آهي ان تي ڪراچيءَ جو شهر جڙيل آهي ۽ سيرَ ڪريڪ جيڪا اوير ۾ کاٻي هٿ تي آهي ان جو ڪاٻو پاسو هندوستان ۽ ساڄو پاسو سنڌ ۾ آهي. هيڏانهن منوڙو ڪريڪ ۽ هوڏانهن سيرَ ڪريڪ. اِهو آهي ڊيلٽا جو مُنهن ان ۾ پهرين ڪريڪ تي ڪراچي وينل آهي، درياهه جي ڇاڙ تي. ابراهيم حيدريءَ ۾ اسان مهاڻن کان پُڇيو سين ته "اوهان هن سمنڊ کي درياهه چو ٿا ڪوٺيو؟"، هنن ٻڌايو ته "اسان وڏن کان ٻڌو آهي هو ان کي درياهه ڪوٺيندا هئا ڇاڪاڻ ته تنهن زماني ۾ مشينون ۽ انجڻيون ٻيڙين کي ڪو نه هونديون هيون ۽ پوءِ هو ٻڌائن پيا ته پنهنجي سانير ۾ هو جيترو به

اندر پئي ويا هنن کي رڳو منو پاڻي پئي مليو ڇاڪاڻ ته پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ 1947ع کان اڳ ۾ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ 150 ايم اي ايف پاڻي وهندو هو. ايم اي ايف يعني ملين ايڪڙ فوٽ کي اسان جو ڀهراڙيءَ جو ماڻهو جيڪڏهن نه سمجهي ته هو صرف اِهو سمجهي ته 150 گلاس پاڻي جا 1947ع کان اڳ ۾ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ وهندا هئا ۽ هن وقت صرف 3 گلاس پاڻيءَ جا هيٺ وهن ٿا. ڪاڏي 150 گلاس ۽ ڪاڏي ٽي گلاس! ۽ پنجاب جو دانشور ۽ صحافي جڏهن اخبار ۾ لکي ٿو ته چئي ٿو ته ڪوٽڙيءَ کان هيٺ جيڪو پاڻي وهي ٿو سو ضايع ٿئي ٿو، اِهو جيڪو سمنڊ ۾ پاڻي وڃي ٿو سو ڪنهن ڪم جو ناهي ان ڪري ان کي بند ڪيو ۽ ضايع ٿيندڙ پاڻي کي جمع ڪرڻ لاءِ ڪالا باغ ڊيم ٺاهيو. انهن کي اِها خبر ناهي ته پنج هزار چورس ڪلوميٽرن جي علائقي جو اِهو ڊيلٽا آهي جنهن ۾ لکين ماڻهو ٿا رهن جنهن ۾ تمر جا وڻ آهن جنهن ۾ ڳاڙها ڇانور آهن جنهن ۾ پلو هو، جتي هڪڙي تمام وڏي ڪائنات پلجي ٿي ان کي چون ٿا ته اِهو پاڻي ضايع ٿو ٿئي جيڪو ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ وڃي ٿو. ان ڪري ملير کي بچايو، سنڌ کي بچايو، سنڌو درياهه کي بچايو ۽ منهنجي خيال ۾ هن وقت ڀِٽائي واري اُها ساڳي علامت آهي،

اُهو ساڳيو ڪلاچيءَ جو ڪُن اُهو ساڳيو مانگر مڇ
دريائي ڏار جن وڏي وڻ جدا ڪيا
تن سڪن ڪهڙي سار ته ڪي وڻا مينهن ملير ۾

انهن مهاجر دوستن کي ڪهڙي خبر ته اسان ڪاٿي وڻا آهيون.

سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ بيشمار دفعا چيو ويو آهي ته سنڌي ۽ مهاجر سنڌ جو اٽوٽ انگ آهن، مهاجر اسان جا سائين آهن، اسان جا پائر آهن پر پائپي اِيئن ڪا نه هلندي آهي ته ڳئون ڀنهي پائرن جي آهي، ڏهي اسان ٿا وجئون باقي پيو حصو اوهان کٽو- يا ٽالپرن وانگر رُڳو مڇن کي هٿ هنيون ۽ گرڙي ڪيون ويٺو هجي. ايئن ڪم نه هلندو. منهنجي خيال ۾ سائين خدا ڏني شاهه صاحب جيڪا تحريڪ شروع ڪئي آهي اُها علامتي طور تي سڄي سنڌ کي بچائڻ جي تحريڪ آهي. مان ڪين نماڻي گذارش

ڪندس ته هو ٿورو اڳتي وڌي اچا ان تي ٿوري ريسرچ ڪن، ملير تي ڪي ڪتاب ڇپائڻ گهرجن. ملير کي ڳولي لهڻ کپي، ملير جي تهذيب کي نمايان ڪرڻ کپي. اڄڪلهه چاهي ته اسان سنڌيءَ ۾ لکون ٿا، سنڌيءَ ۾ پڙهون ٿا، پاڻ ٿا لکون، پاڻ ٿا پڙهون، اسان کي دنيا کي ان ۾ ملوث ڪرڻ کپي، يعني هن وقت به جيڪو معلوم ٿيو آهي ته ڪالا باغ ڊيم کي جيڪا ٿوري گهڻي شهه آئي آهي اُها بين الاقوامي ماحولياتي تنظيمن ڏني آهي جن دنيا تي پريشر وڌو آهي ته هنن کي ڪالا باغ ڊيم لاءِ پيسا نه ڏيو چاڪاڻ ته ڏهه ارب امريڪي ڊالرن سان ڪالا باغ ڊيم ٺهڻو آهي اوترا پيا پاڪستان وٽ آهن ئي ڪو نه جيڪڏهن ٻاهران پيسا ملندس ته ڊيم ٺاهيندا نه ته ڪو نه ٺاهي سگهندا ته بهتر اِهو آهي ته اسان اهڙي ڪنهن ٻولي ۾ سڄي دنيا آڏو پنهنجو درد پيش ڪيون. دنيا ۾ اهڙا ڪيئي ماڻهو ۽ ادارا آهن جيڪي اسان جو درد محسوس ڪري سگهن ٿا ۽ اُهي پريشر وجهن ته جيئن اسان جو ملير بچي پئي ۽ اسان جي سنڌ بچي پئي. هاڻي پنهنجي شاعريءَ جو هڪڙو مصرو ياد آيو آهي جيڪو اسان جي ڏکن جي ڇڻ هڪڙي ڪهاڻي آهي ته اسان جڏهن پاڻ کي ئي اچا نه سمجهيو آهي ته اِسان سنڌ کي ڪيئن سمجهنداسين ان کي ڪيئن بچائينداسين.

اي چنڊ پٽائي کي چئجان
ٿا ماڻهو توکي شاهه چون
۽ تنهنجي راڳ رسالي کي
ٿا آيت سمجهي ڪنڌ هڻن
تون ڪيڏو ڏور هليو ويو آن
اي چنڊ پٽائيءَ کي چئجان!

رزاق آباد مشاعري ۾ ڪيل تقرير

سنڌي صحافت ۽ ان جا مسئلا

اوهانجي پيشي (صحافت) ۽ اوهانجي مسئلن جي اسانکي خبر آهي. ايڊيٽر جي حيثيت ۾ منهنجا پيا ٻه سنگتي آهن. فقير محمد لاشاري به ايڊيٽر آهي، بدر ابڙو به ايڊيٽر آهي، عبدالرحمان نقاش سلام ڪوٽ ۾ ويٺو آهي پر مان سمجهندو آهيان ته اهو اسان سڀني کان قابل ايڊيٽر آهي ۽ اتي ويٺو آهي. ان جي صلاحيتن کان اسين واقف آهيون.

اسان سڀني جا مختلف پسمنظر (*Back grounds*) آهن، اتفاق سان منهنجو بئڪ گرائونڊ توهان (پروگرام ۾ ويٺل صحافين) جهڙو آهي. لاشاري صاحب به صحافت جي شروعات هلال پاڪستان کان ڪئي. سب ايڊيٽر ٿيو. مئگزين جو انچارج ٿيو ۽ يونين جو پريزيڊنٽ ٿيو. بدر ابڙو جيل مان نڪتو، سب ايڊيٽر ٿيو، ٽئين نمبر صفحي جو انچارج ٿيو ۽ هن انٽيلڪچوئل قسم جا مضمون لکيا پر مان صحافت ۾ اوهان وانگر رپورٽر ٿي گهڙيس. ڪڏهن چار پئسا ملندا هئا. ڪڏهن نه ملندا هئا، ڪڏهن سکر مان خبرون موڪليوسين ۽ ڪڏهن لاڙڪاڻي مان. هينئر مان جڏهن اخبار (عوامي آواز) جو ايڊيٽر ٿي ويٺو آهيان. ته مونکي اندازو آهي ته عيوضي يا نمائندو خاص طور تي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ رهي جيڪو ڪم ڪري ٿو، اهو ڪيڏو ڏکيو آهي. ان جو مونکي احساس آهي.

اوهان هڪ مشڪل دور مان گذري رهيا آهيو، هڪ ڏکئي ماحول ۽ سماج ۾ پريشر ۾ ويهي سنڌ جي تاريخ قلمبند ڪيو ٿا. توهانکي جس آهي. پر توهانتي اها به وڏي جوابداري آهي ته توهان *Objectively* (حقيقت جي بنياد تي) جيئن شين کي ڏسو ذاتي خيال انهن تي اثر انداز ڪرڻ کانسواءِ رپورٽ ڪيو ۽ اها جوابداري ذهن ۾ رکو ته اوهان وٽ سنڌ جي امانت آهي. قلم هجي، ڪاغذ هجي، تاريخ هجي يا واقعو هجي ان ۾

خيانت ڪرڻ جي ڪا گنجائش ڪانهي. باقي اوهانجا جيڪي مسئلا آهن، تن جي لاءِ اسين به وڙهڻ لاءِ تيار آهيون. جنهن لاءِ سڄي سنڌ جي صحافين کي به منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي، اهي منظم ڪيئن ٿا ٿين؟ ان لاءِ سياستدانن کان به مدد وٺڻ گهرجي. ان لاءِ هر ان ماڻهوءَ کان مدد وٺڻ گهرجي، جيڪو اسانجي مدد ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ڪي ويهه صحافي ڪنهن جاءِ تي جمع ٿين ٿا ۽ ڪين سمهڻ لاءِ چار سوڙيون ڏنيون وڃن ٿيون يا ڪو ماني کارائي ٿو ته ان کان به مدد وٺڻ گهرجي. سيني کي پاڻ ۾ گڏڻ لاءِ صلاح ۽ بحث جي به ضرورت آهي. سنڌي پريس جيڪا هينئر انڊسٽري بڻجي چڪي آهي ان اڳيان بيشمار مسئلا آهن. چون ٿا ته ان انڊسٽريءَ جي اڳي کان حالت وڌيڪ خراب آهي. اها اميد ڪرڻ ۽ مدد ڪرڻ کپي ته اها انڊسٽري انهن مسئلن تي قابو پائي ۽ اهي اخبارون بند نه ٿينديون ۽ انهن خطرن کان ٻاهر نڪري اينديون.

اسان توهان سڀ ۽ ٻيا جيڪي سنڌ جو ڪيس وڙهون پيا، پنهنجي حال آهر ان سلسلي ۾ ڪجهه ڪريون. اسان ايڏا وڏا تيس مار خان ڪو نه آهيون. اسان هاڻي ايڏا وڏا نعرا هڻڻ ڇڏي ڏنا آهن. هينئر اسانجي *Ambition* مري ويئي آهي. ڇاڪاڻ ته ڪلهه جيڪي ڌاڙيون هنيوسين، اُهي اسانجي اڄ هينئر ڏاڍي پوائنٽي *Shape* ۾ موجود آهن. وڏي ڳالهه ڪرڻ کان هاڻي پڻ ٿو ٿئي، انڪري خاموشيءَ سان ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي.

ڪراچي پريس ڪلب جون چونڊون ٿين ٿيون، مختلف پئنل بيهن ٿا، جڏهن اسان اٺ سنڌي ووٽر سيني پئنلس کي ڏسئون ٿا ته اهي اندر ۾ سڀ ايم ڪيو ايم جي سوچ جا لڳن ٿا ۽ اسان ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ ڪانسواءِ اُتا هليا ٿا اچون. جڏهن ته اسانجو ووٽ به ڪا فيصلي ڪُن – اهميت ڪو نه پيو رکي. ڪراچيءَ ۾ بلاول هائوس ۾ – اسان ڪيٽرن جي سامهون بينظير ڀٽو ڪامران خان کي چيو هيو ته، "تم تو ايجنسيون ڪا آدمي هو". جڏهن ان تي حملو ٿو ٿئي ته سڄي ملڪ ۾

هڙتال ٿئي ٿي، جڏهن ته ظفر عباس جيڪو پروگريسو آهي، ان تي قاتلاڻو حملو ٿو ٿئي ۽ هو سڌوسنئون ان ۾ ايم ڪيو ايم ڪي ملوث ٿو ڪري ته ان حملي خلاف ڪا به هڙتال نه ٿي ٿئي، اهڙي صورتحال ۾ سنڌي صحافين جي منظم ٿيڻ جي ضرورت آهي.

5 نومبر 91ع تي پريس ڪلب ڏوڪريءَ پاران انور پيرزادي جي مانَ ۾ ڏنل آجياڻي ۾ ڪيل تقرير جو هڪ حصو

سنڌ ۽ پيٽائي

ڪراچي جي قديم سنڌي وسندي پيپري ۾ سنڌ ليڪچرس فورم پاران "سنڌ ۽ شاهه" بابت محترم انور پيرزادي کان ليڪچر ڪرايو ويو. ليڪچر کان پهرين انور صاحب ڪمپيوٽر تي پٽ جا فوٽو ڏيکاريا ۽ شاهه جا ڪلام پڙهايا- بعد ۾ هن ليڪچر ڏيندي چيو ته فورم جوڙڻ جي خاص ڪاوش آهي نه ته هن وقت اهو ماحول ئي ناهي جنهن ۾ اهڙا جاڳرتا ڏيندڙ ۽ اتساهيندڙ پروگرام ٿي سگهن. ۽ اهڙيون ثقافتي سرگرميون ٿي سگهن. جڏهن آمريڪا جو ڪنڌ ڪو نه ڳوليو ويو هو تڏهن به سنڌي ماڻهو سڌريل هئا پوءِ سنڌو تهذيب جو زوال شروع ٿيو اهو اڃا به جاري آهي. ڪروڙين سال اڳ زمين جا ٻه حصا هئا. ڏکڻ قطب ۽ اتر قطب. ڏکڻ قطب جي يڪ پاٽي ۾ ڪري اتر قطب ڏانهن ترڻ شروع ڪيو. هن حصي جو اتر واري حصي سان ٽڪر ٿيو. زمين جا پٽي ٽڪرا پاڻ ۾ ٽڪريا ان کي هماليا جبل چئجي ٿو. جبل جا پيا به سلسلا آهن. انهن ۾ ڪير ٿر وارو سلسلو به شروع ٿيو. هي سلسلو انهيءَ ڌماڪي جي سلسلي ۾ پيدا ٿيو. سال ۾ 5 سينٽي ميٽر هماليا جبل مٿي وڌي ٿو. اسان وٽ جيڪو سلسلو شروع ٿيو اهو اڃا جاري آهي. هن وقت جيڪا بدحالي آهي اها انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي. اسان جي سماج ۾ مڪمل طور شعور اڃا اک نه کولي آهي. اهڙين حالتن ۾ لال بخش پنهور (ليڪچر ڪرائيندڙ) جهڙا ماڻهو پيدا ٿين ٿا. جيڪي پنهنجيون ذميواريون محسوس ڪندي سماج ۾ پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪن ٿا. هي پيٽائي جي هن بيت مثل هجن ٿا ته:

ڪنول پاڙون پاتال ۾، ڀنئور ڀري آڪاس
محبت سنديون ڳالهڙيون رازق آنديون راس

تنهن عشق کيْ شاباس، جنهن محبتي ميڙيا
اڄ جي دور ۾ اُها عورت ڪاري آهي. جنهن کي پٽائيءَ "سهڻيءَ" جو روپ ڏنو، عشق جو سرٽيفڪيٽ ڏنو، انهي کي اڄ انتهائي نفرت وچان قتل ڪيو وڃي ٿو. اهڙين حالتن ۾ لال کي اهڙا پروگرام ڪرائڻ تي جس هجي. شل لڳاتار انهيءَ سلسلي کي هلائي سگهي ڇو ته هن نفسا نفسي واري دور ۾، هن مفاد پرستي واري دور ۾، هن هڪٻئي کي پاڻ کان پري ڪرڻ واري دور ۾ جڏهن سنڌ جي معاشي ۽ اقتصادي حالت ڪمزور ٿي وئي آهي. سنڌوءَ ۾ پاڻي ناهي، سنڌ بنجر ٿي وئي آهي. پاڻي نه هجڻ ڪري سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ لڏپلاڻ جو سلسلو جاري آهي تنهن ۾ اهڙا پروگرام ڪرائڻ وڏي همت جي ڳالهه آهي.

آمريڪا ۾ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ سنڌيءَ کان پڇيو ته "توهان جي عظيم تهذيب هوندي هئي پر اها ڪهڙي ڪم جيَ جيڪا آرين کان پاڻ کي بچائي نه سگهي، آريا آيا، پاڻ سان گڏ هٿيار کڻي آيا". هن جواب ۾ چيس ته : "اسين مهذب ماڻهو آهيون هو وحشي هيا، هو خون وهائڻ پيا چاهين اسين اهو عمل نه پيا ڪري سگهون." هن شاهه ڪريم بلڙي واري جو مثال ڏيندي چيو ته هو پنهنجي ٻني ۾ هر ڪاهي رهيو هو ته اتي چار ماڻهو آيا. پهرين پاڻي جهنگ ڏانهن وهايو ويو، پوءِ ڏاند چوڙيا ويا وري پعد ۾ کيس چماٽون هنيون ويون پر پوءِ به هو ماٺ ۾ رهيو. ڪانئس ماٺ ۾ رهڻ جو سبب پڇيو ويو ته هن کين چيو ته توهان جهنگ ڏانهن پاڻي وهايو مون سمجهيو نيڪ ماڻهو آهيو، مان مفاد پرست آهيان پنهنجي ٻني ۾ پاڻي وهائي رهيو آهيان. اوهان جهنگ ڏانهن پاڻي انڪم وڌائڻ لاءِ وهايو آهي. اوهان ڏاند چوڙيا مون سمجهيو اوهان کي جانورن تي ڪهل آئي. اوهان چماٽون هنيون مون سمجهيو اهي اوهان مون کي احساس ڏيارڻ لاءِ هنيون." سو مهذب ماڻهو پنهنجي ۽ وحشي ماڻهو پنهنجي طريقي سان سوچي ٿو. اڻ سڌريل ۽ ٻوڪڙو قومون ٻين علائقن کان لڏ پلاڻ ڪري سنڌو ڪناري تي رهندڙ تهذيب سانْ رچي ويون. تهذيب جو وهڪرو اتر کان ڏکڻ طرف آهي. درياهه جي پڇاڙ جا ماڻهو مهذب ٿين ٿا، ٻولي ٺيٺ انهن جي آهي، جيڪا پٽائي جي آهي سنڌو جي پڇاڙ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿي

وچي اتر ۾ سنسڪرت، اترادي ٻولي سنسڪرت ڪان متاثر آهي. ڪجهه وقت پهرين "درياءِ سنڌ" جو نالو تبديل ڪري "درياءِ پاڪستان" ڪيو پئي ويو. درياءِ سنڌ معني سنڌوءَ جو پاڻي، انجو نالو تبديل ڪري درياءِ پاڪستان رکڻ جو مقصد اهو هو ته جيئن پنجاب سنڌ جو پاڻي بي ڌڙڪ کڻي سگهي. هنن جاهلن کي اها خبر ناهي ته اصل ۾ سنڌ تي اهو نالو درياهه جي ڪري پيو. سنسڪرت ۾ آهي ته "سپت سنڌو معني ستن درياهن جو اڳواڻ" پنج پنجاب جي درياهن جو، هڪ ڪابل ۽ هڪ سرسوتي جو. هند سنڌ مان پيدا ٿيو. آريا آيا ۽ مهين جي تهذيب تي حملو ڪيائون ۽ پوءِ هنن ئي هندو ڌرم ٺاهيو، سنڌ هندو ڌرم ڪان اڳ جي آهي. ڀٽائي جي شاعري ۾ پاڻي کي گهڻو پوڄيو ويو آهي.

جنين ڪارڻ مون، تڙ ڪچاڙيا پوڄيا (شاهه)

ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ نديءَ ڪنڌ جي سمورن مذهبن جو نچوڙ آهي- اها سنڌس طريقت آهي. ڀٽائيءَ جيڪا ڳالهه ٻولي، لفظن ۽ سنگيت سان سمجهائي اها ڳالهه ڪو پيو نه ٿو سمجهائي سگهي. ڀٽائي جي شاعري ۾ ايشيا جو سمورو فلسفو آهي. ڀٽائي جڏهن پنهنجي شاعري کي ڪراڙ ڍنڍ ۾ ڦٽو ڪيو ته سنڌس فقير پريشان ٿي ويا، تڏهن مائي نعمت کي گهرايو ويو جنهن ڀٽائي جي شاعري ٻڌائي. هي اهو شاعر آهي جنهن کي ماڻهن پنهنجي سيني ۾ سانديو. اسان کي گهرجي ته اسان ڀٽائي جي رسالي جو مطالعو ڪريون، سنڌس رسالو پنهنجي گهر ۾ رکون. اسان کي سنڌس رسالي مان رهنمائي ملي ٿي. موجوده ڇڪ ڇڪان واري دور ۾ ڀٽائي جي شاعري ۾ ڇوٽڪاري واري واٽ نظر اچي ٿي. گوبند مالهي پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ لکي ٿو ته "ڪيس ماءُ چيو ته هو جڏهن به پريشان ٿئي، ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه اچي ته هو به ڪتاب پڙهي. هڪڙو ڀٽائي جو رسالو ٻيو بابا گرونانڪ جو". ڀٽائي جو هي اهو ڪتاب آهي جيڪو اسان جي دردن جو درمان آهي. سال ۾ 365 ڏينهن ٿين ٿا پر پٽ تي ميڙ جا 453 اهڙا موقعا اچن ٿا جتي ڀٽائي جو ڪلام خاص طور تي ڳايو وڃي ٿو. ڀٽائي جو راڳ سنڌس فقير تنبوري تي ڳائن ٿا. اهو اسان کي ٻڌڻ گهرجي. ڀٽائي جو تفصيل سان مطالعو ڪرڻ سان خبر پوندي ته سنڌس انسان ئي سڀ

ڪجهه آهي. هن وڏيڪ ليڪچر ڏيندي چيو ته مهرباني ڪري ڀٽائي جي رسالي سان هٿ چراند ڪرڻ بند ڪئي وڃي. گربخشاڻي سندس رسالي مان هڪ بيت ڪڍيو ته هي بيت ڀٽائي جو ناهي وري علامه آءِ آءِ قاضي سندس رسالي مان پورو سر ڪيڏارو ڪڍيو ته هي سُرُ ڀٽائي جو ناهي. ڀٽائي جي بيتن کي سندس رسالي مان ڪڍڻ بند ڪيو وڃي، توهان جو ڇا وڃي ڀٽائي جي طريقت سان. توهان ڪير ٿيندا آهيو سندس بيت رسالي مان ڪڍڻ وارا مهرباني ڪري ڀٽائي جي رسالي ۾ مُداخلت ڪرڻ بند ڪئي وڃي. توهان سندس رسالي مان رهنمائي وٺو باقي سندس رسالي سان هٿ چراند نہ ڪريو. اسان ڀٽائي جو هر شعر:

ٽـتـي ٿـڏي ڪـاهـہ، ڪـانـهـي ويـل وِيـهـڻ جـي
مـٿـان ٿـئـي اونـداهـہ، پـيـرُ نـہ لـهـيـن پـريـن جـو.

ٻن سٽن جو پڙهندا آهيون پر مون کي هڪ اڻ پڙهيل مير بحر ڀٽائي جو هي شعر ڪجهه وڌيڪ بندن ۾ پڙهي ٻڌايو. اهي آهن ڀٽائيءَ جا پارکو! اسان کي ڏاهو، محقق، شارح نہ چيو وڃي. اسين ڀٽائي جا شاگرد آهيون نہ شارح آهيون ۽ نہ وري پارکو.....!

سوالن جي سلسلي ۾ جڏهن جاويد منگيءَ پڇيو تہ اصل رسالو ڪهڙو آهي نون تہ ڪهڙو رسالو وٺون؟ تنهن جي جواب ۾ انور پيرزادي چيو تہ "منهنجي خيال ۾ گنج وٺو ۽ ٻانهي خان شيخ جو. غلام حيدر ابڙو پاران ڪيل سوال تہ سر ڪيڏارو ڀٽائي جو ناهي" جي جواب ۾ چيو تہ "سر ڪيڏارو ڀٽائيءَ جو آهي". ڀٽائيءَ رڳو ڪربلا تي ناهي لکيو پر سنڌ ۾ جيڪي بہ جنگيون وڙهيون ويون آهن ڀٽائي انهن تي بہ لکيو آهي. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ کي سندس رسالي مان سر ڪيڏارو نہ ڪڍڻ گهربو هو- اياز جاني، اشفاق چنڙ بدر ڀٽو ۽ ٻين پاران ڪيل سوالن جا جواب پڻ انور پيرزادي پاران ڏنا ويا. انهيءَ دوران سنڌ ليڪچرس فورم جي باني ڪار لال محمدَ پنهور آيل سيني مهمانن جا ٿورا مڃيا.

رپورٽ: لال محمد پنهور

درِ حضور ڀٽ ڌڻي



ڀٽ شاهه تي مور فقير جي ڪافي ۾ انور پيرزادي
پاران رکيل "وزيٽر بڪ" ۾ لکيل تاثر ۽ ايف آءِ آر

جا عمر! تو مُل عيد،
سا مون سُوءَ ورتي سومرا،
وئي ويچارن وسري،
خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارو ملڪ ملير جا. (پٺائي)

پر اسان روزن واري عيد ڪرڻ ڳوٺ پيا وڃون، ڪراچيءَ کان هتي ڀٽ شاهه تي سيني سنڌين جي دل کي ڇڪيندڙ هڪ چقمق آهي، سا هتي وٺي آئي آهي، منظور (مارفاڻي) کي ڊاڪٽر حليم ٻگهڻي کي، ظهور احمد چانڊيو کي، سندس پياري ننڍڙي عميق جيتري ڀٽ شبير احمد کي ۽ مون کي.

رات پٺائي صاحب جو سلام ڪيو سين، تنبوري تي راڳ ٻڌو سون ۽ ڏٺو سون ته درگاهه جو هڪ خادم هڪ نوجوان ڇوڪريءَ ۽ هڪ نوجوان ڇوڪرَي جا پلوَ پاڻ وٽ جهلي پٺائي صاحب جي مقبري جي دروازي ڏي منهن ڪيو ڪجهه گهريائين پئي.

مون چيو: خبر ناهي هن اڻڄاتل نوجوان ڇوڪريءَ جي اندر جي آس پٺائي صاحب پوري ڪري به سگهندو، الائي نه!

منظور چيو: پٺائي صاحب آهي ئي زائفن جو پاسو نسو وس ڪندو!

- بهرحال رات گذري وئي، ڏينهن ٿي ويو، پر صبح جو ساڳي جاءِ تي ويٺل انهيءَ آسروند ڇوڪريءَ جي نگاهن ۾ رات کان به وڌيڪ اوسيئڙو هو جيڪو منظور چواڻي ڪو ڳُرو ئي ڪري سگهي ٿو.

سو اسان ته وڃون ٿا ڳوٺ عيد ڪرڻ، عاشق ڄاڻن پٺائي ڄاڻي.

26-01-1998

ايف آءِ آر درِ حضور: ڀٽ ڌڻي

جمعو: 1-مئي 1998ع
شام جو ڇهين وڳي

جنوريءَ جي 26 تاريخ ڀٽائي صاحب جو سلام ڪرڻ آيا هئاسون. وري گذريل حج واري عيد جي ٻئي ڏينهن آيا سون ۽ وري اڄ هتي پيتا ڏيڻ آيا آهيون.

مون سان گڏ اختيار ڀٽو ۽ بشير ميمڻ (انجنيئر اسٽيل مل) گڏ آهن. بشير ميمڻ رستي تي چوي پيو ته، "ڀٽائي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو پيغمبر آهي"، اختيار چئي ٿو ته، "ڀٽائي معرفت ۽ حقيقت جو ڌڻي آهي"، مون چيو ته، "ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي پر ڀٽ شاهه سيني سنڌين جي روحاني گاديءَ جو هنڌ آهي."

گذريل عيد جي ٻئي ڏينهن جڏهن آياسين ته مون سان گڏ ڊاڪٽر بشير (ڳوٺ وارو) مخدوم خالد حسين ۽ ثناءُ الله شيخ هئا. مان ۽ ڊاڪٽر بشير رات رهياسون، ٻيا دوست ڪراچيءَ موٽي ويا، رات جو وائيءَ وارو راڳ ٻڌو سون، ڀٽائي صاحب جي مزار تي جڻ ميلو لڳو پيو هو، هائي ته ڀٽ تي هر ڏينهن ئي ميلو آهي، ڀٽ ڌڻيءَ جا راڳي سڄ لهڻ سان تنبورو ڇيڙين ٿا ۽ پرهه ڦٽيءَ تائين ڳائين ٿا، پوءِ جڏهن سنين ۽ شيعن جون هڪٻئي ڪانپوءِ ٻه ٻانگون اچن ٿيون، تڏهن تنبورا هيٺ رکن ٿا پوءِ وري تنبورا تائي سُر مارئي جو داستانُ پڙهن ٿا:

پرهه ڦٽندي ڦال، وڌم ويڙهيچن لئه.

سو گذريل عيد جي ٻئي ڏينهن جڏهن اسان آياسين ته هتي مور فقير ڪو نه هو، جو هو ڳوٺ ويل هو. مور فقير ڪي ڀٽ ڌڻي هت نوڪري ڏني آهي، ته هو سنڌس ياترين جي شيوا ڪري، ان ڪري عيد

جي موقعي تي هن جي غير حاضري اعتراض جوڳي هئي. اها ٻي ڳالهه ته مور فقير جي غير حاضري ۾ هتي اسان جي ڏاڍي شيوا تي ۽ استاد ڪتيءَ اسانجي ڏاڍي خدمت ڪئي- پر پوءِ پٽائي صاحب جي راڄ ۾ هڪ قانوني شهريءَ جي حيثيت ۾ اسانجو اهم فرض ٿئي ٿو ته اهڙي ايف آءِ آر پٽ ڌڻيءَ جي عدالت ۾ داخل ڪئي وڃي پوءِ ڀلي جيڪو مالڪ آهي، مور فقير کي ڀلي ڇڏي يا ڏئي- سو اسان پٽ ڌڻيءَ جي عدالت ۾ اهو ٻاڌائيندا سين، ته هتي پٽ اهڙن ماڻهن کي نوڪر ڪري رکي جيڪي سندس ياترين جي شيوا ڪن.

۽ هوڏانهن مور فقير، جيڪو هن وقت موجود آهي، سو پنهنجي ليکي ٻاڌائي رهيو آهي ته ڪو هن کي لکي ڏئي ته هو پٽ ڌڻيءَ جي دربار ۾ ايف آءِ آر ڪنرائي ته، هن کي ثقافت کاتي ۾ 8 سال ٿي ويا آهن پر اڃا تائين هن کي پڪو نه ڪيو ويو آهي، هن جو خيال آهي ته اهو ڪم مان ئي ڪري سگهان ٿو.

سو هاڻي ڏسون ٿا ته، پٽ ڌڻيءَ جي عدالت ڪهڙو ٿي فيصلو ڪري، اڳ ۾ مور فقير تو پڪو ٿئي يا هن جي خلاف درج ڪرايل ايف آءِ آر تي هن کي سزا ٻڌائي ٿي وڃي. اهڙو ڪو به فيصلو ڪرڻ جو مجاز رڳو پٽ ڌڻيءَ کي ئي آهي!!

ايف آءِ آر درِ حضور: پٽ ڏٽي

مهين جي دڙي لڳ ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ واري فقير يار محمد پيرزادي جو لاڏاڻو!

تاريخ: 23 جولاءِ 1998ع خميس جو ڏينهن
وقت: 2 وڳي 50 منٽ
جناح اسپتال ڪراچي
دفن: درگاهه، سخي شاهه جمال، ڳوٺ ٻلهڙيجي لڳ مهين جو دڙو ضلعو لاڙڪاڻو، سنڌ

صوفين جي لاءِ موتُ پلي ته "ملاقات" هجي، وصال هجي، پر اسان جو ڇا ٿيندو؟

عدالت سڳوري انساني همدرديءَ جي بنياد تي انصاف ڪري پنهنجو فيصلو ڏئي ته، آخر اسان ڪهڙو گناهه ڪيو هو جو اسان کي اهڙي سزا ڏني وئي؟

عدالت اسان کي اهي سيئي ڳوڙها واپس وٺي ڏئي جيڪي هن ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايل جوابدار "ملائڪ حضرت عذرائيل جي خوني هٿ وهايا آهن!!!"

عدالت اسان کي فقير يار محمد پيرزادو جيئرو ڪري ڏئي، حضرت عذرائيل کي ڪو به حق ناهي ته هو اڇي محبتي ماڻهن ۾ ورهين جا وڇ وجهي، عدالت اسان کي فقير يار محمد ايئن جيئرو ڪري ڏئي جيئن شِو ڀڳوان، ڳڻيش بابا کي ٻيهر جيئرو ڪيو هو.

چنڇر 29 آگسٽ 1998ع
12 وڳي رات

مخدوم خالد حسين، انور پيرزادو، ثناءُ الله شيخ، بشير ميمڻ، صمد شيخ، لالو اختر، لطف الله سولنگي ۽ حنيف لاشاري اڄ هتي پِٺائي صاحب جي نگريءَ ۾ سوالي ٿي آيا آهيون.

هتي ڀٽ شاهه تي، پِٺائي صاحب جي حضور ۾ روزانو تنبوري جو وائيءَ وارو راڳ ٿئي ٿو جنهن ۾ پِٺائي صاحب جا بيت پڙهجن ٿا. هتي هاڻي روزانو ميلو آهي، ماڻهو جيڪب آباد کان ننڍي ۽ ٿر سميت هر علائقي کان هتي اچي روحاني سڪون حاصل ڪن ٿا.

هتي ڀٽ شاهه تي جيڪو به ياتري اچي ٿو سو پِٺائي صاحب جو مهمان آهي ۽ پِٺائي صاحب هتي جنهن مهمانوازيءَ جو بندوبست ڪيو آهي ان لاءِ هن مختلف ماڻهو مقرر ڪيا آهن جيڪي هن (پِٺائي) جي ياترين جي شيوا ڪندا آهن، مور فقير اهڙو هڪ پِٺائي جو خدمتگار آهي جنهن جي ڊيوٽي آهي پِٺائي صاحب جي ياترين جي شيوا ڪرڻ.

مور فقير بنيادي فقير آهي، هن سنڌ جي مشهور ڳوٺ پلهڙيجي لڳ موهن جو دڙو (ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ هڪ صوفياڻي اوتاري تي حضرت انسان جي شيوا ڪرڻ جو تجربو حاصل ڪيو آهي ۽ هاڻي جڏهن هن کي سنڌ ڪلچر کاتي پاران ڀٽ شاهه تي ٽيوب ويل آپريٽر طور مقرر ڪيو ويو آهي تڏهن چڻ ته هو پِٺائي صاحب جي مقامي انتظاميا جو آفيسر آهي ۽ هن جو ڪم آهي، سنڌس علائقي ۾ ايندڙ پِٺائي صاحب جي سوالين، عاشقن ۽ مستن جي شيوا ڪرڻ.

مور فقير حضرت انسان جي شيوا کي الله جي عبادت تصور ڪندو آهي، هي فقير سنڌ جي صوفي مت جو هڪ اهڙو متوالو آهي، جنهن فلسفي کي شيوا جي عملي شڪل ڏئي پنهنجي اندر جي الله تعالي کي مطمئن ڪري ورتو آهي!!!!

ڪيئن ريجهايان توکي،
ڪيئن پرچايان توکي،
ڏس ڪو ڏانءُ!!!
(- ڀڳت ڪنورام)

ايف آءِ آر درِ حضور: پيٽ ڏٽي

حج جي رات – ڇنڇر 20 مارچ 1999ع

پٽائي صاحب! سنڌين جي مها گروءَ جي حيثيت ۾ اوهان جي حضور ۾ هن ڪان اڳ ايف آءِ آر-1 فقير يار محمد جي وصال تي حضرت عذرائيل خلاف درج ڪرائي وئي هئي.

هيءَ ايف آءِ آر پنهنجي ۽ انهن ڪتن خلاف آهي جن جي ارهه زورائي ۽ اپهرائي سبب روڊ حادثو ٿيو ۽ مان موٽر سائيڪل تان هيٺ ڪري زخمي ٿي پيس. مون ڪتن کان اڳ ڪڏهن چاهيو پر مونکي ڪتن جي ڊوڙ ۾ تيزيءَ جو اندازو نه هو. بهرحال موٽر سائيڪل ۽ ڪتا پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويا ۽ اسان (پيو اصغر ڪاسائي) ڦٿجي پياسين. حادثي ۾ ڪجهه به ٿي سگهي ٿو!

سو مهاگرو! اوهان انڪوائري ڪري ڏسو ته اوهانجي منشا ڪانسواءِ اهڙو امڪاني فيصلو ڪنهن ڪيو ۽ ڇو ٿيو؟ ها، پر جي اها اوهان جي منشا آهي ته پوءِ بسم الله......

باقي مان ته چاهيندس ته مان جيئرو هجان ۽ ڪڏهن ڪڏهن مهيني ماسي، ڪراچيءَ جي چٽ ڪٽائيءَ واري زندگي مان پالهو ٿي پٽ شاهه اچي اوهان جي آخري آرامگاهه تي روحاني ۽ جسماني ٽڪ لاهيان.

اهو منهنجو بنيادي حق آهي، جنهن جي حفاظت اوهانجي دربار جي ذميواري آهي. انهيءَ بنيادي حق جي تلفي قانون ٽوڙڻ جي برابر ٿيندي. حادثو ان لاقانونيت جو نتيجو هو، جنهن جي نتيجي ۾ موت به واقع ٿي سگهي پيو. ان ڪري اهڙي لاقانونيت خلاف فوري قدم کنيو وڃي.

اوهانجي جي "نيچرل لا" جي روشنيءَ ۾ انصاف جو طالبو!!!

پتائي صاحب!
سيني سنڌين جا گُرو!
سنڌي شاعريءَ جا ديوتا!

تنهنجي 1999ع واري ميلي ۾ لاڙ ۽ ساموندي پٽيءَ وارا ماڻهو اچي نه سگهيا، ڇاڪاڻ ته سنڌن علائقي ۾ ساموندي طوفان 19 ۽ 20 مئي قيامت آڻي ڇڏي آهي، ان ڪري ميلي جي پهرينءَ ڏمال تي خدشو هو ته شايد ميلو ئي ڪو نه پربو، پر وچين ڏمال تي ماڻهو الائي ڪيڏانهن کان آيا ۽ ميلو پرجي ويو.

سنڌي ماڻهو هونئن ئي غريب آهن، پنهنجي پئسي سان سياحت ڪري نه ٿا سگهن جڏهن ته ڪراچيءَ جا مهاجر گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ ٻه ٽي دفعا ٻارن ٻچن سميت ڪينجهر اچن ٿا، پر هتي تنهنجيءَ نگري ۾ ڪا ٻي شيءِ انهن کي وٺي ٿي اچي.

"ڏکي توءِ ڏڪار، توڻي وسن مينهڙا"

تنهنجي هن ميلي تي نه اچي سگهندڙن ساموندي پٽي جي مارجي ويل ماڻهن لاءِ اسان اوهان جي نگريءَ ۾ هن بيت سان تعذيت ڪئي آهي:

نه ڪنهن ماريا جنگ ۾،
نه ڪنهن سُورَ ٻَرَي،
رُنان ڪيئن ڪري؟
مادر ملاحن ڪني!!!

31 ڊسمبر 1999ع
رات جا 12
۽ ٻئي لمحي ۾
1 جنوري 2000ع

هن وقت سال 1999ع جي ٻه پڇاڙي تي آهي، صديءَ جي ٻه پڇاڙي تي آهي. (1899ع کان 1999ع تائين) ۽ هزاريءَ جي ٻه پڇاڙي تي آهي، هزاري هڪ هزار سال کي چئجي ٿو، يعني 1 جنوري 2000ع تي هڪ هزار نَوُ سو نوانوي سالن واري عيسوي هزاري ٻه پوري ٿي.

سو اڄ سال ٻه پورو ٿيو، صدي ٻه پوري ٿي ۽ هڪ هزار سالن وارو سلسلو ٻه پورو ٿيو.

مختلف قومن ۽ ملڪن هن موقعي تي سوچڻ شروع ڪيو ته گذريل هزار سالن ۾ سندن وٽ وڏي ۾ وڏو ڪهڙو ماڻهو پيدا ٿيو؟ يعني انهن وٽ گذريل هزاريءَ جي عظيم شخصيت ڪهڙي آهي.

ان تي سنڌي ماڻهن ٻه سوچيو ۽ طئي ڪيو ته گذريل هڪ هزار سالن دوران سنڌ جي تاريخ جي وڏي ۾ وڏي شخصيت سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي.

۽ پوءِ طئي ٿيو ته نئين هزار سالن واري دور جي ابتدا ۾ اڇو ته ڀٽائيءَ ڏي هلون ۽ هن کان رهنمائي وٺون ته ايندڙ هزار سالن ۾ "سنڌ ايجنڊا" ڇا هجڻ گهرجي، آخر سنڌ جي مسئلن جو حل ڪيئن نڪري، سنڌ جي حڪمرانن، سياستدانن ۽ دانشورن کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ - سنڌ جي مسئلن تي رهنمائي ڪو اهڙو شخص ڪري سگهي ٿو جيڪو سنڌ کان مڪمل واقف هجي، جيڪو سنڌ جي درد کي محسوس ڪندو هجي، جيڪو سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت، سنڌ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ تي دسترس رکندو هجي.

ڀٽائي سنڌ-جو واحد عالم آهي جيڪو سنڌ جي مختلف حصن ۾ ڳالهائجندڙ ٻولي ڄاڻي ٿو، نه ته هر سنڌي پنهنجي پنهنجي عَلائقي جي

ٻولي ڄاڻي ٿو، سنڌ جي جبلن ۾ رهندڙ ماڻهو ٿر جي ماڻهن جي ٻولي نہ ٿا ڄاڻن ۽ ساموندي پٽيءَ تي رهندڙ ماڻهو جبل جي ٻوليءَ کان واقف ناهي، پر رسالي ۾ سيني لهجن جو ذڪر موجود آهي ۽ ان سان گڏ ٿر، جبل، ساموندي پٽي، ڪڇي ۽ ڪاڇي جي ثقافت پڻ رسالي ۾ موجود آهي.

سو پٽائيءَ ٿر تي ٽي سُر لکيا: مارئي، سارنگ ۽ ڍُهر.

هنن سرن ۾ ٿر جي سموريءَ مسئلي تي سوچي ويچاري پٽائي صاحب ٿر جي مسئلي جو حل هيئن پيش ڪيو:

"قادر ڪرين ڪرمَ، تہ اُنِ جي وطن تي وَسَ ٿئي".

سو واقعي ٿر جي مسئلي جو اصل حل وسڪارو آهي، باقي سرڪاري يا غير سرڪاري امداد ٿر جي ڏڪار جي شدت ڪنهن حد تائين گهٽائي سگهي ٿي پر ڏڪار مان سُڪار پيدا ڪري نٿي سگهي.

"سائينم سدائين ڪرين متي سنڌ سُڪار"

۽ سُڪار صرف وسڪاري ڪانپوءِ ئي ايندو آهي.

سو پٽائي صاحب جيئن ٿر جي مسئلي جو حل ٻڌايو ايئن هن کان سنڌ جي مسئلي جو حل معلوم ڪرڻ لاءِ هت آيا آهيون.

سنڌ ۾ گذريل پنجن سالن کان مينهن نہ وسيو آهي، جبل سڙن ٿا پيا، ٿر ۾ ڏُڪار آهي، پيلن ۽ ڪولهين جو 75سيڪڙو ٻچا ٻارا ڍور ڍڳا چڏي لڏپلاڻ ڪري سنڌ جي سرسبز بئراج علائقن ڏانهن هليو ويو آهي، گذريل پنجن سالن کان سنڌو درياءَ ۾ ٻوڏ نہ آئي آهي، جنهن ڪري ڪچي ۾ بہ ڏڪار آهي، جبلن تي مينهن نہ پوڻ ڪري ڪاڇي ۾ بہ ڏڪار آهي، سنڌو ۾ پاڻي ڪونهي، جڏهن تہ ڊيلٽا کي سنڌوءَ جي مٺي پاڻيءَ ۽ سمنڊ جي کاري پاڻيءَ جو ميلاپ ۽ مڪسچر گهرجي ۽ ان جو بئلنس گهرجي، هن وقت ان پاڻيءَ ۾ اها مڇي موجود ناهي جنهن جو جياپو مٺي ۽ کاري پاڻيءَ جي ميلاپ ۾ ٿئي ٿو، پلو مڇي ان ڪري سنڌ ۽ سنڌو درياءَ مان ذري گهٽ غائب ٿي ويو آهي، جبل ۾ جيڪي پاڻيءَ جون نديون وهنديون هيون انهن جي ترن ۾ کوهيون کوٽي تر جا ماڻهو پاڻي پيئن ٿا.

سارنگ کي سارين، ماڻهو، مرگهه، مينهيون،
آڙيون ابر آسري، تارا تنوارين،
سپون جي سموند جون، نئين سِر نهارين،
پلر پيارين، تہ سنگهارن سکُ ٿئي.

پر پيتائي صاحب! نيٺ سنڌ جو ڇا ٿيندو؟
"قادر ڪرين ڪرمُ،
تہ اُنِ جي وطن تي وس ٿئي".

مور فقير جو مڪانُ،
ڀٽ شاهہ،
ضلعو حيدرآباد سنڌ

ڪئناڊا مان، جڏهن زاهد مخدوم سنڌ ۾ آيو ته هن جي وڏي خواهش هئي ته هو، سنڌ جي روحاني گادي جي ياترا ڪري.

اڄ هن سان گڏجي هت پهتا آهيون، اسان جو دوست مير محمد ڪوڪر به گڏ هو. پٺائي صاحب جو سلام ڪيو سون، ٽڪ ئي لهي ويا. اڳي آيا سون نئين سال جي پهرين ڏينهن ته چڻ ملينيم جا ٽڪ لهي ويا هئا. وري به من تي جيڪي ٽڪ جا ور چڙهي ويا هئا، سي لهي ويا.

Feb.15,2000

پٺائيءَ تي حج

اڳي، چون ٿا ته، لاڳيتو ملهايو ويندو هو. چون ٿا ته غوث بهاول حق جو گادي نشين هڪ دفعي پٺ شاهه تي آيو ۽ اچي پنهنجن مريدن کي چيائين ته جيڪي ماڻهو مڪي شريف تائين سفر نه ڪري سگهن، سي هتي اچن ته چڻ ڪين حج جو ثواب ملندو. يعني اهو ايئن آهي ته چڻ حج جو فريضو سرانجام ڏنو ويندو آهي.

قلب اندر ڪعبو ڏٺوسين،
مڪي وڃڻ ڪهڙو ضرور!؟

بهرحال حج جي موقعي تي عام ماڻهو وڏي تعداد ۾ پٺائيءَ جي مزار جو طواف ڪندي ست پيرا ڦيرا ڏيندا آهن.

ان تي جماعت اسلامي جي رسالي "تڪبير" هڪ تحرير ۾ جهڙوڪر مطالبو ڪيو ته "پٺائي جو حج"، بند ڪرايو وڃي ڇاڪاڻ ته اتي بت پرستي ٿئي ٿي ۽ ٻيو ته حج صرف مڪي ۾ ٿيندو آهي.

نوٽ: اربع 15 مارچ 2000ع تي به جيڪو حج پٺ شاهه تي ڪيو ويو سو به چڻ ميلو هو. مزار ۾ داخل ٿيڻ وارن مڙني جاين مان گذرڻ لاءِ انتظار ٿي ڪرڻو پيو. 10 وڳي ڏاري جڏهن پٺائيءَ جا فقير تنبورا کڻي آيا ته سندن ويهڻ لاءِ خالي جاءِ نه هئي، ڪجهه ماڻهو اٿيا، تڏهن فقير ويٺا ۽ وائي ڳاتائون.

حَجُ (ذوالحج جي ائين تاريخ)
حج جي رات
اربع، 15 مارچ، 2000ع
(رات جو 12 وڳي لکيل)

"جيڪي ڪم بندو ڪري، سو مڙوئي ڏوهه،
تون پارس، آءٌ لوهه، سَچين ته سون ٿيان".

سو اسانﷺ جا ڏوهه به ايترا آهن جيتري حياتي، چون ٿا ته حج ڪرڻ سان ماڻهوءَ جا ڏوهه ڏوپي ويندا آهن، سو اسان سوچيو ته هلو ڀٽ تي ٿا هلون، حج ڪري، ڏوهه ڏورائي ٻيهر ڏوهه ڪرڻ لاءِ ماحول هموار ڪري موٽي ايندا سين.

هتي اڄ حج واري ڏينهن جي رات هئڻ سبب درگاهه تي وڏي رش آهي، پري پري کان ماڻهو بسن، ننڍين گاڏين ۽ بس سوارين جي مدد سان ڀٽ شاهه تي پهتا آهن، مزار جي آڳر ۾ ڀٽائيءَ جي فقيرن کي جاءِ نه ٿي ملي ته ويهي دنبورن تي رسالو پڙهن.

عورتن جو تعداد، مردن کان مٿي ٿي نظر آيو، ڳوٺن جي پوسٽ مان نڪري مزارن تي مردن سان گڏجي زيارت ڪندي هو اندر جي آزادي پڻ محسوس ڪن ٿيون ۽ ٻيون عورتون پاسون باسن ٿيون ۽ پنهنجن دردن جو درمان تلاش ڪن ٿيون.

ڀٽائي صاحب جي نگريءَ ۾ هن ڪافيءَ جو فقير، مور فقير هن دفعي ڪراچي هلي ٿو، پنهنجي علاج لاءِ، هن کي مثاني ۾ تڪليف آهي، سو مور فقير ۽ مان عيد ڪراچيءَ ۾ ٿا ڪيون.

جا عمر! تو مُل عيد، سا مون سُوءَ ورتي سومرا،
وئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سِڪڻ ڪيا شهيد، مارو ملڪ ملير جا.

پرين مَ ڪٿي پانهڙي، پرهه مَ ڪٿي پاندُ،
آءٌ پنهنجو ڪاندُ، لوڪان لڪي رانئيان.

واهه گرو! واهه!

مون ميلي جي ويزا گهري، مون کي آمريڪا جي ويزا ڏني وئي، آمريڪا، جتي "رِنڪو" ٻٽائيءَ جي شاعري پڙهي پڙهي پاڻ کي "رنڪو چري" چئي رهي آهي ۽ رنڪو جنهن جو چوڻ هو "منهنجي حياتيءَ جي پيشي، ڀٽ شاهه تي ڪکاهِين جهوپڙي ۾ گذرندي" ۽ هن چيو ته، "مونکي ٻٽائي جي بيتن جا سنڌي لفظ ۽ اچار ته سمجهه ۾ نه ٿا اچن، پر سٽن اندر لفظن جي جيڪا موسيقي ٻڌي رهي آهيان، ان تي اچرج اٿم، سوچيان ٿي، هي وڏو شاعر آهي!!"

۽ رات جيڪا سُر مارئي جي آخري داستان سان گڏ پرهه جو پلاند ڪٿي تاريخ تي وئي آهي، ۽ ڏينهن جيڪو عاشقن کي ڏنب ڏئي رهيو آهي.

۽ هي آهن عام سنڌي ڳوٺاڻا جن جون زالون آسون ڪٿي آيون آهن، ٻٽائي پُٽُ ڏي! ٻٽائي قرض لاهه! ٻٽائي، مرض لاهه! ۽ ڪو اندر ئي اندر ۾ ڪيهه ڪري چوي ٿو: "روسامو ڪري ويل محب ملاءِ!!"

ٻٽائي ڪنهن جي ٻڌي، ڪنهن جي ٻڌي! سنڌ جي ٻڌي، سنڌو درياءَ جي ٻڌي، سنڌين جي ٻڌي يا رِنڪوءَ جهڙين انهن غير سنڌين جي ٻڌي جيڪي پرپٺ مٽس عاشق ٿي پيون آهن!!

نوٽ: آمريڪا جي گاديءَ واري شهر واشنگٽن، ڊي سي ۾ ڪانگريس لئبريري نالي دنيا جي وڏي ۾ وڏي لئبريري ۾ ٻٽائي تي گهٽ ۾ گهٽ 300 ڪتاب رکيا آهن.

صبح جا 7
16-9-2001

ايف آءِ آر درِ حضور: پٽ ڏٺي

حضرت عزرائيل خلاف، جنهن چون ٿا ته آچر 28 مارچ 2004ع تي شام جو سوا پنجين وڳي ڌاري منهنجي وڏي پٽ زبير جو ساهه ضبط ڪيو ۽ هو اسان کان هميشه جي لاءِ وڇڙي ويو هيو.

ڦوڙائي فراق جو، قدر ڪونجڙين،
پيو تن مائرن، پٽ جنين پرڏيهه ويا.

واقعي زبير جي ماءُ ڇڻ ته اندر ۾ اڌ ٿي پئي هئي. مونکان وڏي عمر جي عورت، جنهن کي 1995ع کان ذيابيطس جي تڪليف هجي ۽ سال کن کان دل جي تڪليف به هجي، بلڊ پريشر جو عارضو هجي ۽ ڊپريشن ۾ رهندي هجي، تنهن لاءِ هي جهٽڪو ڇڻ ته زلزلو هو.

پيءُ جي حيثيت ۾ مان محسوس ڪري رهيو هوس ته، هي انياءُ آهي. پٽ ان لاءِ ڄڻبا آهن ته اهي پيئرن کي ڪُلهو ڏين، ساميءُ اندر انهن کي لتڙ ڏين ۽ هنن کان پڇيو وڃي ته "پٽهين جي جنازي نماز پڙهايون؟" هيءُ سوال جڏهن مونکان پڇيو ويو ته اوچنگارن کان علاوه مون وٽ پيو ڪو جواب ڪو نه هو.

امداد چانديو (پراڻو ڪميونسٽ ساٿي ۽ هاڻي لطيف يونيورسٽي خيرپور جو آءِ آر ۾ اسسٽنٽ پروفيسر) جڏهن تعزيت ڪرڻ آيو ته چيائين، "جيل ۾ ڪيس کي منهن ڏيڻ دوران هڪ ڪراڙي عورت کان پڇيوسون ته، "امان مرڻ جي سڌي مند ڪهڙي آهي؟" جواب ڏنائين، "ابا، ٻچا جوان ٿين ۽ پنهنجن پيرن تي بيهن ته ماءُ پيءُ لاڏاڻو ڪري وڃن ته جيئن پنهنجن ٻچن جو سور اکين سان ڏسي نه سگهن."

وائي وڃيم شال، ڪنن سين ڪين سڻان،
جي پلو ڪري پال ته اکين سين انڌو ٿيان.

ڪي واقعا اهڙا ٿين ٿا جو دل ٿي چوي ته جيڪر انهن جو زبان سان ذڪر به نه ڪجي، نه انهن بابت ڪا خبر ڪنن سان ٻڌجي ۽ نه اکين سان اهڙا منظر پسجن.

زبير جو اوچتو، اڻ منڊائتو ۽ حيرت ۾ وجهندڙ موت اهڙو ئي جهوريندڙ هاڃو هو، هڪ خوفناڪ حادثو هو ۽ اڳتي هلي زندگي پر ناسور ٿي پچرندڙ زخم هو، جنهن جو ڪو به علاج نه آهي.

زبير نه رڳو منهنجو وڏو پٽ هو پر چڻ منهنجو هڪ جيڏو دوست پڻ هو ۽ اسان ٻئي ڇٽا پنهنجي گهر ۾ گڏجي ويهي پيئندا هئاسين. سو جڏهن پيءُ پنهنجي پياري پٽ کي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ۽ ٻلهڙيجيءَ جي قديم قبرستان جي پيرزادن واري پاڙي ۾ مماتيءَ جو هڪ نئون گهر اڏيو ته پيءُ، پٽ کي چيو، "زبيرا! منهنجو انتظار ڪجاءِ، گڏجي شرابن طهورا پيئنداسين."

ماڻهو تعزيت لاءِ اچن پيا، مونکي "قدرت جي قانون"، "الله بادشاهه" ۽ تقدير جا سبق سيکاري رهيا هئا ۽ صبر ڪرڻ جي تلقين ڪري رهيا هئا.

صبر ۽ شڪر ڪي، آءٌ ڇا ڪندي،
آهيان جنهن سندي، سو ته گهرجي ساڻ مون.

مون ڪراچيءَ ۽ ٻلهڙيجيءَ ۾ ماڻهن کي چيو، "ٻيلي اوهان جون اهي ڳالهيون ڪنهن به ريت مونکي آٿت نه ٿيون ڏين."

"ڄا اسلامان اڳي هئي، سا سڻائون ٻانگ" واري پيتائيءَ جي سٽ مونکي لڳندو آهي ته، سنڌي ماڻهن جي تاريخ قلمبند ڪرڻ واري مقصد سان لکي وئي هئي.

ڀٽائيءَ جا ڀنگِي

چنڇر 17 جولاءِ 2004ع

هاڻي وقت اچي ويو آهي ته:
جڏهن ڀٽائي صاحب جي درگاهه جي صفائي اوقاف کاتو نه ته
ڪري،
ڀٽ شاهه ڪلچرل ڪميٽي نه ٿي ڪري،
سنڌ ثقافت کاتو نه ٿو ڪري،
حيدرآباد انتظاميا نه ٿي ڪري،
ته پوءِ:
اهو ڪم ڀٽائي صاحب جا عاشق ڪن:
"عشق ساڻ اُناءِ، پير پرينءَ جي پار ڏي".

تجويز:

هر مهيني، جمعي رات، چوڏهين جي رات ۽ روزانو ڀٽائي جو ڪو عاشق 24 ڪلاڪ ٻهارو هٿ ۾ کڻي ڀٽائي صاحب جي مزار جو ڪو به حصو ٻهاري وجي ۽ پٺي ڏينهن واپس گهر هليو وڃي.

اهڙن 30 ماڻهن جي لسٽ ٺاهي وڃي ته جيئن روزانو ڀٽائي صاحب جي اڱڻ تي صفائي جو ڪم ٿي سگهي.

ڀٽائي جي اهڙن عاشقن کي "ڀٽائي جا ڀنگِي" ڪوٺيو.

مور فقير جي ڪافي ۾ لکيل

سيٽن لاءِ سفر

وٺيم ويل سڀ ڪنهين - پٽائي

لاڙڪاڻا گزيٽيئر جي ايڊيٽنگ جو ڪم لاڙڪاڻي ۾ ويهي 1 آگسٽ 2004ع کان شروع ڪيم. سيپٽمبر مهيني ۾ "27 رجبي" نالي عيد ٿيندي آهي. اها رات معراج جي هوندي آهي. معراجُ، طالب ۽ مطلوب يا عاشق ۽ معشوق جي ميلاپ کي چئبو.

اها رات ڪراچي (گلشنِ حديد A-64, Ph-I) واري گهر ۾ ڪرڻ جي سانگي آچر تي شام جو ڪراچي آيس. سومر ۽ اڱارو اتي رهي، اربع تي لاڙڪاڻي لاءِ واپسي جو سفر شروع ڪندي ڀِٽَ تي ترسي پياسين. مان ۽ محمدؔ علي پناڻ، هو اڱاري ڏينهن صبح جو ڪراچي آيو هو.

حديد مان شڪارپور ڪوچ (ايئرڪنڊيشن) ذريعي 11 وڳي صبح روانا ٿيا سون. گاڏي ڪندبو جي پيٽرول پمپ تي بيهڻ سبب 1-45 p.m تي ڀٽ شاهه جي موريءَ تي پهتي.

مور فقير جي ڪافيءَ تي اچي "يا علي مدد" ڪئي سين ته ڏسون ته برادي قمبرائي شهر کان ماني کڻايون اچي پيو. اسان کي ڏسي حيرت وچان چيائين ته مون به ان ڪري ئي ماني پئي آندي ته ڪو نه ڪو مسافر ضرور هوندو جو هٿ ونڊائيندو.

هوڏانهن تاڏل تيار، هوڏانهن وزهه تيار، ڏکڻ ڇوٽ، پٽائيءَ جي نگري.

واٽ تي محمد علي جي موبائيل (0300-3414407) تي انور ابڙي ڪراچي مان فون ڪئي، "ڪٿي پهتا آهيو؟"، هن پڇيو، "ڪوٽڙي پل مٿا گذري رهيا آهيون، "هيٺ سنڌو جي سُڪل پيٽ مان واري اڏامي رهي آهي"، محمد علي جواب ڏنو.

هن دفعي برادي صاحب اسان (محمد علي پناڻ ۽ مون) کي پٽائيءَ

جا ٻه اهم Monuments گهمايا.

1- شاهه جو ڪنڊو ۽

2- "سياڻن جو مُقام"، جتي پٺائي صاحب جي ٻن پائرن (عبداللطيف ولد شاهه حبيب ۽ عبدالرشيد ولد شاهه حبيب) جون تُربتون ڏيکاريون.

هتي لطيف جي والده صاحبه جي به مزار آهي.

شاهه جو ڪنڊو "عجيب وڻ" هو.

ان کان علاوه "ڀٽائي جي کوهي"، "ٻيبرڻ جو مقام"، به ڏٺو سون.

اهڙي طرح خميس ڏينهن سج لٿي کانپوءِ ڀٽ شاهه کان لاڙڪاڻي لاءِ روانا ٿياسون حيدرآباد واري طرف کان.

اربع 15 سيپٽمبر 2004ع رجب 29، 1425 هه

ڀٽ تي ميلو

قلندر شهباز جي مِيلي جي موٽ

ڏينهن: اڱارو، 19 شعبان 1425 هجري

5 آڪٽوبر، 2004ع

ڀٽ شاهه جي عام ماڻهن کان مليل معلومات مطابق قلندر شهباز جي سيوهڻ واري ميلي جي وچين ڏمال واري ڏينهن شام جو قلندر جي ميلي جي موٽ ڀٽائيءَ تي ٿي.

نتيجي ۾ ڀٽ شاهه تي ڇڻ ته ميلو هو.

پنجاب ۽ سرحد جا گهڻا ماڻهو ڀٽائيءَ جو درشن ڪرڻ لاءِ هتي آيا، دنبوري چوڪ کان مزار تائين ماڻهن جي منڍين جو سمونڊ هو.

انور ابڙي
جو
موبائيل فون تي
Important Message
To Muhammad Ali Pathan
"ڀِٽائيءَ کي دانهن ڏجان تہ ....
سورُ اڄا تازو آ ...."

مٿين پيغام جو هيٺيون
جواب موڪليو
ويو:
"اندر اِيءَ اهنج،
سانديڄ سُکائون ڪري." (ڀِٽائي)

ڀٽ شاهہ
خميس (يعني جمعي رات)،
7 آڪٽوبر 2004
رات جا 10:30 pm

پٽ تي ميلو

(جمعي جو ڏينهن، لاهوت لامڪان جي موٽ)
خميس، 28 آڪٽوبر 2004، 14 رمضان 1425 هه

اڄ سچل جو ميلو آهي، 14، 15 ۽ 16 رمضان تي، چنڊ جي چوڏهين تن جاين تي ملهائي پئي وڃي: اڏمر سلطان، درازا ۽ پٽ شاهه. سنڌ ۾ چنڊ جي چوڏهين هندو ۽ مسلمان ماڻهن جي درگاهن ۽ مندرن ۾ ملهائي ويندي آهي. "چوڏس" هندن جي مندرن ۾ باضابطه طور ملهائي ويندي آهي.

پر پٽ تي چنڊ جي چوڏهين سان گڏ جمعي رات به هئي ۽ لاهوت جي موٽ سبب ميلو متل هو.

مان ۽ لطف پلهڙيجي ڪان درياءُ ٽپي سڀيون آياسين، جتان هنگورجا پهچي پٽ لاءِ بس ورتي سون، ڳوٺ ڪان 12 وڳي ٽڪري پٽ تي 8 وڳي پهتاسون، سڀين ۾ پين ڳوٺ جي دوستن کي ڇڏيوسين جيڪي درازا ويا.

اُبر چندا پس پرين، تو اوڏا مون ڏور
سڄڻ سُتا ولهه ۾، چوتا پري ڪپور
پيرين آءٌ نه پڄني پابل ڏني نه پور
جنهن تي چڙهي اسور سنجهي سڄڻ سيتيان.

پروگرام مطابق سياڻي جمع تي ذرازا ويندا سين جتي وچين ڏمال جي رات هوندي، چنچر تي وچين ڏمال ڏسي رائيپور ۽ هنگورجا رستي سڀيون پهچي ڪرائي، جي اسڪوٽرن ذريعي ڪچي ۾ پيرزادن جي زمينن تي رهي پوندا سين.

جنم ڏڻ

61st Birthday

Jan 25, 2005

زندگي جو نئون سالُ
ڀٽائيءَ جي پيرن کان
شروع ٿئي، تہ ڀيو
ڇا گهرجي، ان
مان گهٽ ۾ گهٽ
ٽي وڏا فائدا آهن:
سنڌي ٻولي ڏانُ
اڃ لڳي ٿي، گهر
ڇڏي علم جي تلاش
۾ سيلاني ٿيڻ جو درسُ مليو ٿو ۽
"سُکن واري سڌ"
ڇڏي ڏکن جي حوالي
ٿيڻ جي
سکيا ملي ٿي.
باقي ڀٽائي صاحب
جي طريقت اوکي
آ، "اڄ آ ديسي
مَرُ سيان مري سيکو".

Jan 24, 2005

عاشقن جو عالمي ڏينهن

Valentine Day Or Lover's Day

14 فيبروري ڪي دنيا ۾ عاشقن جو عالمي ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي، هن موقعي تي عشق ڪندڙ عاشقن جا اشو اٿارڻ گهرجن، جيئن "سهڻي"، يا اڄ جون "ڪاريون".

۽ اهڙي فرياد ڪرڻ جي جاءِ سڀ کان مناسب ڀٽ شاهه آهي، جيڪو سنڌ جي وڏي ۾ وڏي عاشق –ڀٽائي– جو آخري آرامگاهه آهي.

ان تي تحقيق ٿيڻ گهرجي ته ڀٽائي جو ڪردار "عاشق"، ڪهڙي قسم جو انسان آهي.

"عاشق ته عزازيلُ، پيا مڙيوئي سڌڙيا"، هي فيلسوفياڻي ڳالهه آهي، ڀٽائي جو جيئرو جاڳندو عاشق وارو وڏي ۾ وڏو ڪردار "سهڻيءَ" جو آهي.

سياري، سيهه رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن،
هلو ته پڇون سهڻي جا ڪَرَ ڇاڻي تينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، ميهار ئي من ۾.

ڀٽائي شايد عشق جو وڏي ۾ وڏو سرٽيفڪيٽ پنهنجين سمورين سورمين مان چڻ سهڻيءَ کي ڏنو آهي "جا ڪر ڇڇاڻي نيهن"، جو لقب ڏنو آهي، ڀٽ تي رسالي واري تنبوري تي راڳ دوران "سهڻي جي دعا" سڀ کان وڏي دعا آهي.

هڏهن هوءَ مُئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيڻا ٿيا،
ته ڪر ڪين سُئي، جيئن سير نه گهڙي سهڻي.

وجانِ ڪِينَ ورِي، هوند رکي چنئي رهني پوان،
دونهينءَ پاسي دوست جي، ماڳهين پوان مرِي،
وصالان فراق جِي، سُڃيءَ ڳالهه ڳري،
تيلاهين ترِي، منهن ڏِسيو موتي وجان،

يا اهو عاشق اچوڪي عورت آهي جنهن کيُ عشق ڪرڻ جي الزام ۾ اڦُت قتل ڪري "ڪاري" ڪوٺيو ويندو آهي.
يتائي جو عاشق زهر پياڪ، سِرُ ڏِيڻ ۾ ويرم نہ وجهندڙ ڪردار ۽ وغيره وغيره.

"تون پلي پِٽَ تان تي آءُ، پر جنهن ڏينهن پاڻ ملنداسين، اهو ڏينهن Lover's Day هوندو."

Sun, Feb 13, 2005

پٽ تي حاضري

جمعو، 4 مارچ 2005
رات جا 11

مان ۽ محمد علي پنهور لاڙڪاڻي مان 12 وڳي نڪتاسين ۽ دادو -مورو پل ٽپي شام جو 6:30 وڳي پٽ تي پهتاسون.
مان طارق پيرزادي سان سندس والد جي وفات تي تعزيت ڪرڻ لاءِ ڳوٺ آيو هوس.

مور فقير جي ڪافي

ايف آءِ آر درِ حضور: پٽ ڏٺي

حضرت عذرائيل خلاف، جنهن منهنجي زال نالي تاج خاتون جو دم جمعي ڏينهن 22 اپريل 2005ع تي صبح سويل 1:45 وڳي قبضي ڪيو. اسان سندس مڙهه ڪٽي ڳوٺ پهتاسون، زيد، آسٽريا جي ويانا يونيورسٽيءَ ۾ پريشان ٿي ويو ۽ زندگيءَ جي هڪ نئين منزل سامهون اچي وئي، جنهن بابت خبر ناهي ته اڳتي ڇاهي؟

سال اڳ پٽ تي قلندر شهباز جي ميلي جي موٽ هئي، هن سال (2005) ۾ 18 آڪٽوبر تي لاهوت جي موٽ هئي، لاهوتي 9 رمضان تي شاهه نورانيءَ جو ميلو ڪري 13 رمضان تي پٽ تي پهتا، اها چوڏس جي رات هئي، پٽ تي ٻه ميلا هئا، پر مون کي نصيب نه ٿيا، مان ڪراچي مان اچي نه سگهيس، اڄ 23 آڪٽوبر تي آيو آهيان، محمد علي پٺاڻ مون سان گڏ آهي.

23 آڪٽوبر 2005



انور پيرزادو هڪ جديد پڻائيسٽ ۽ سنڌ جو عاشق هو. سنڌ جي هر ٽڪر پٽر ، لاڙ وچولي، ڪاڇي، اتر ڪوهستان، ڪراچي جي سر سر سان پيار ڪندڙ ۽ ان لاءِ مهاڏو اٽڪائي بيهندڙ ماڻهو هو. هو روشني جو سفير هو انڪري هنڪي هر قسم ۽ هر سطح جي جهالت، ڪٽرپڻي پوءِ اهو مذهبي هجي يا نظرياتي، ساڃي هجي يا ڪاٻي، نسلي هجي يا ذاتي يا قومي، انور انکي هڪ وڏي نانهن سان ترڙيندو هو. هو چڻ ته پنهنجن وِيچارن ۾ هوا جي سخت مخالف ڏيئو ٻاري ويٺل شخص هو. هو واحد سنڌي شاعر ۽ صحافي هو جنهن اڳوڻي اوبر پاڪستان (هاڻوڪي بنگلاديش)، بلوچستان ۽ سنڌ ۾ فوجي آپريشنن خلاف لکيو.

مونکي لڳندو آ انور سنڌ ڄائو ۽ سنڌ جي ڪوجنا واري رل پن ۾ هڪ ٻيو رچرڊ برٽن هو. هو شخص ٻه پنهنجي دور جي سنڌ بابت پنهنجن مشاهدن جو ”انور پيرزادو“ هو. پر انور سنڌ کي رچرڊ برٽن نه پر سسئي ٿي ڪري جهاڳيو هو. انور ۽ انور جي لکڻين جي جيڏي اڄ لوڙ آهي اوتري شايد اڳ ٻه هئي چو ته هو پڻائي جي سر رامڪلي جهڙو، مومن جي دڙي جو ماڻهو، اڏوتي، اڙٻنگ، صوفي، لاڪوفي، مذهبي انتهاپسندي ۽ بنيادپرستي جو ڪٽر مخالف سنڌي ليکڪ ۽ انسان دوست فنڪار هو. مٿي هاڻو ماڻهو جنهنکي انور پيرزادو سڏين ٿا ٿهڻ ۾ صديون لڳنديون آهن.

حسن مجتبيٰ

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي دِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي دِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٿ جٿ جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪائي ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)